رضی اللہ تعالیٰ عنہ

حضرت بلال

مولانا محمد قاسم سومرو

بسم اللہ الرحمن الرحیم

حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه

مولانا محمد قاسم سومرو

مهراڻ اڪيڊمي

كتاب نمبر پنجاسي

نالو ڪتاب	:	حضرت بلال رضي الله عنه
ليکڪ	:	مولان محمد قاسم سومرو
ڇپائيندڙ	:	مهراڻ اڪيڊمي
ڪمپوزنگ	:	اسٽار ڪمپيوٽر ڪمپوزرس شڪارپور
ڇاپو پهريون	:	جولاءِ 1996 ع
ڇاپو ٻيو	:	فيبروري 1997 ع
ڇاپو ٽيون	:	جون 2003 ع
تعداد	:	1100

قيمت =/56 رپيا

ملڻ جا هنڌ:

مهراڻ اڪيڊمي واڱٽودر شڪارپور

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

فهرست

پنهنجي پاران ۸
ٻه اکر ۹
مقدمو ۱۱
ڪعبة الله تي ابرهي جي چڙهائي ۱۳
ابرهي جي تباهي ۱۵
ابرهي جي پاڻيجي ۱۶
حمامہ خلف وٽ ۱۹
رباح خلف جو ڪمدار ۲۴
حمامہ رباح وٽ ۲۶
خيالن ۾ ڦيرو ۲۷
خلف ۽ رباح جي ملاقات ۲۹
بلال اميہ جو غلام ۳۳
هبل بت ۳۴
بلال هبل آڏو ۳۶
بلال شام جي سفر تي ۳۸
راهب بحيرا ڪير هو؟ ۴۰
خواب جو تعبير ۴۱
بلال جي خيالن ۾ وڳوڙ ۴۲
اسلام جو سج اڀري ٿو ۴۵
پهريون مسلمان ۴۷
حضرت بلال رضہ جو اسلام آڻڻ ۴۷
شرڪ کان بيزاري ۵۲
حضرت بلال رضہ تي چغلي ۵۴
حضرت بلال رضہ تي آزمائش ۶۱
اميہ ۽ ابوجهل ۶۷

مشرڪن جي ڪنورائپ	٦٨
حضرت بلال رضہ تي سخت آزمائش	٦٩
غلاميءَ مان آزادي	٧١
ڏک سک ۾ ساٿي	٧٥
مشرڪن جو معاهدو	٧٦
امير ۽ غريب ۾ برابري	٧٧
مشرڪن جون ٽوڪون	٨٠
بهشت ۾ حضرت بلال رضہ جي هلڻ جو آواز	٨٢
هجرت جو حڪم	٨٣
حضرت بلال رضہ هجرت ڪري ٿو	٨٦
حضرت بلال رضہ بخار ۾	٩٠
حضرت بلال رضہ ۽ حضرت ابو رويحہ	٩٢
حضرت بلال رضہ ۽ بانگ	٩٣
عام اعلان ۽ حضرت بلال	١٠٢
بدر جي جنگ	١٠٧
انتقام	١١٣
حضور صلي الله عليه وسلم جن جو خزانچي بلال رضہ	١١٧
حضور صلي الله عليه وسلم جن جو دربان بلال رضہ	١٣٤
استادي	١٤٣
سرداري ۽ سروري	١٤٣
حضرت بلال رضہ ڪي مبارڪ	١٤٤
حضرت بلال رضہ ڪي پارت	١٤٤
ٽي ڪارڙا حبشي	١٤٥
مڪي ڏانهن	١٤٦
حضور صلي الله عليه وسلم جن جو خواب	١٤٧
هند جو خواب	١٤٧
حضرت بلال رضہ مڪي ۾	١٤٩
حضرت بلال رضہ ڪعبي ۾ اندر	١٤٩
حضرت بلال رضہ ڪعبي جي ڇت تي	١٥١
حضرت بلال رضہ جي ياءُ جي شادي	١٥٤

حضرت بلال رضہ جي شادي ١٥٥
لبيڪ اللھم لبيڪ ١٥٦
حضرت بلال رضہ ڏي شينھن جا سلام ١٥٧
حضرت بلال رضہ کي صدمو ١٥٨
حضور جن جي وفات ١٦١
بانگ ڏيڻ کان انڪار ١٦٣
جهاد جي طلب ١٦٤
حضرت بلال رضہ جي فضيلت ١٦٦
ٻيهر جهاد لاءِ تياري ١٦٩
بيت المقدس جي فتح ١٧٠
بيت المقدس ۾ بانگ ١٧١
حضرت بلال رضہ جي شڪايت ١٧٢
حضرت خالد رضہ جي معزولي ۽ حضرت بلال رضہ ١٧٢
حضرت بلال رضہ ۽ قسطنطنيہ ١٧٥
حضرت عمر رضہ سان اختلاف ١٧٧
حضرت بلال رضہ کي ڏوراپو ١٧٨
حضرت بلال رضہ جي وفات ١٨١
ڪتاب جا ماخذ ١٨٢

پنهنجي پاران

الله جي سچي رسول، پنهي جهانن جي رحمت صلي الله عليه وسلم فرمايو ته "منهنجا صحابي تارن جيان آهن، توهان جنهن جي به پيروي ڪندؤ ته هدايت جي واٽ ملندي."

هن ڪتاب ۾ سڄوري سٽ جي هڪ ساٿي، اسلامي تاريخ جي نامياري شخصيت، حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه جي زندگي جو احوال ڏنو ويو آهي.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جي هن عاشق صادق، اسلام جي شروعاتي دور ۾ ايمان آندو ۽ مڪي ۾ مشرڪن پاران رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ اصحاب ڪرام تي ٿيندڙ ظلم جو خاص نشانو بڻيو، مٿس بي انتها ظلم ڪيو ويو. ڪيس تتل واري تي ليٽايو ويو، مڪي جي گهٽين ۾ گهليو ويو، پر "احد" "احد" جي صدا ڪانسواءِ پيو اڪر به وات مان نه نڪتس. اصحاب ڪرام ۾ حضرت بلال رضه جو تمام مٿاهون درجو آهي. خليفة المسلمين حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت بلال رضه کي "يا سيدي" "اي منهنجا سائين" چئي سڏيندو هو.

اهڙي پلاري هستي جي پاڪ زندگي تي ڪتاب ڇاپائيندي نهايت خوشي ٿئي ٿي ۽ اڪيڊمي لاءِ اعزاز ٿا سمجهون.

ڪتاب جو مصنف مولانا محمد قاسم سومرو سنڌ جو ڄاتل سڃاتل عالم آهي. سندس گهراڻو دين جي تبليغ، ديني تعليم جي فروغ ۽ اشاعت ۾ تمام گهڻو مشهور آهي. وٽن ڪنڊياري ۾ هڪ وڏو ڪتب خانو آهي، جنهن ۾ ڪتابن جو وڏو ذخيرو اٿن. مولانا محمد قاسم سومرو جنهن عقيدت، محبت ۽ پاڀوهه مان رسول الله صلي الله عليه وسلم جي محبوب صحابي جي سيرت لکي آهي، اها پڙهندڙ کي اکر اکر مان تمندي نظر ايندي. ٻولي به واهه جي ڪم آندي اٿس.

شال الله پاڪ ههڙي نادر ۽ ملهائتي سوکڙي تي ڪيس جهجهو اجر عطا ڪري ۽ سندس علم ۾ اجا به واڌارو ڪري.

قمر ميمڻ
سڪريٽري
مهراڻ اڪيڊمي

ٻہ اکر

نحمده ونصلي عليٰ رسوله الکريم

تحقيق نبوت جو سلسلو نبي اکرم ﷺ تي ختم ٿيو، پر نبوت جو روح ۽ ڪمال قرآن حڪيم جي صورت ۾ پوءِ بہ باقي رهيو، جنهن کي سندن سچن ساٿين ڪٺي دنيا کي قرآني انقلاب جو پيغام پهچايو. هنن بزرگن کي قرآن حڪيم "وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّاۤءُ عَلَي الْكُفَّارِ" جي وصف سان ياد فرمائي ٿو، جنهن جو مطلب آهي تہ الله جي رسول محمد ﷺ جا ساٿي قرآني انقلاب جي منڪرن مٿان سخت آهن، ٻئي هنڌ انهن مان ڪن کي "والسابقون الاولون من المهاجرين والانصار" جي لقب سان ياد فرمايو آهي. حضرت بلال رضہ بہ انهن مان هڪ هو.

حضور اکرم ﷺ جن تحقيق الله جا رسول هئا ۽ سندن صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين وري رسول اکرم جا رُسل ۽ سندن پروگرام ۽ پيغام قوم کي پهچائيندڙ هئا. اهوئي سبب آهي جو شارع عليه السلام سندن حق ۾ "اَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِاَيِّهِمِ اقْتَدَيْتُمْ اِهْتَدَيْتُمْ" (منهنجا ساٿي ۽ اصحابي (هدايت ۾) ستارن وانگر آهن، انهن مان ڪنهن جي بہ ڪڍ لڳندؤ ۽ پيروي ڪندؤ تہ اوهان هدايت ۽ سڌي واٽ لهندؤ) ارشاد فرمايو آهي.

قرآن مقدس ۽ سنت نبوي قوي شاهد آهي تہ خاتم الانبياء محمدرسول الله ﷺ جي ساٿين ۽ صحابين کي جيڪا اسلام جي انقلابي امانت ڏني وئي ان کي انهن بلڪل سچائي ۽ صداقت سان نباهيو ۽ ادا ڪيو. اهوئي سبب آهي جو ٿورڙي مدت ۾ اسلام جو پيغام عرب جي حدود ڪان وڏي پري پري ملڪن تائين پهچي ويو ۽ وڏين شهنشاهيتن کي ڊاهي پٽ تي ڦٽو ڪيو. تڏهن اصحاب ڪرام مان ڪنهن هڪ جي مخالفت يا سندن قائم ڪيل نظام تي

تنقيد قرآني تعليم جي بنھ منافي ۽ اسلام جي بيخ ڪني ٻي مترادف آهي. الله پاڪ مسلمانن کي ان کان بچائي.

سنڌي ادب ۾ ٻارهين ۽ تيرهين صدي هجريءَ ۾ ديني ادب هزارن صفحن جي صورت ۾ ملي ٿو پر اهو پراڻي صورت خطي ۽ اڳوڻي لهجي ۾ هو. اهي ڪتاب گهڻو ڪري بمبئي ۾ ڇپيل هئا جيڪي هاڻ ناپيد آهن. ضرورت آهي تہ سنڌيءَ جهڙي قديم ٻوليءَ کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ ديني ادب جي عام اشاعت ڪئي وڃي. خاص ڪري پيغمبر عليه السلام جي صحابين سڳورن جي ڪارنامن ۽ سيرت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سندن احوال ۽ تذڪرا لکيا ۽ شايع ڪيا وڃن. منهنجي دوست مولوي محمد قاسم صاحب سومري جس لهڻي جو هي ڪتاب حضرت بلال رضہ جي سوانح تي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي.

مولوي صاحب موصوف ساهتي جو رهاڪو آهي، ان ڪري سندس زبان سنڌيءَ ۾ سند جي حيثيت رکي ٿي. عبارت صاف ۽ سٺي، الفاظ عمدا ۽ ٻاجهارا ڪتب آندا ويا آهن، ان سان هن ڪتاب جي نہ رڳو ديني اهميت آهي، پر ادبي اهميت بہ آهي، اميد تہ اسان جا سنڌي نوجوان ۽ اديب هن ڪتاب مان چڱو لاڀ پرائيندا. آمين

غلام مصطفيٰ قاسمي
٢ - ٧ - ١٩٨٤ع
٣ - ١٠ - ١٤٠٤هہ

مقدمو

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّيْ عَلٰي رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ وَعَلٰي آلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ. اما بعد

صحابن سڳورن جي محبت مسلمانن جي ايمان جو هڪ حصو آهي. ڇو ته حضرت رسول الله ﷺ جن جو پاڪ فرمان آهي ته جن مسلمانن صحابن سڳورن سان محبت رکي، انهن ڄڻ مون سان محبت هئڻ سبب ساڻن محبت رکي ۽ جن صحابن سان دشمني ۽ بغض رکيو، انهن ڄڻ مون سان بغض هجڻ سبب ساڻن وير رکيو.

صحابن سڳورن جو مان ۽ مرتبو تمام مٿانهون آهي، ڇو ته هنن کي ايمان سان گڏ جيڪا حضور ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿي هئي، اڄ اسان ڪٿي لک لٽي وجهون پر اهڙي زيارت نصيب نه ٿي سگهندي.

صحابن سڳورن جي پاڪ حياتيءَ جي احوالن ۾ اسان مسلمانن لاءِ ڪيئي سبق آهن. سندن رهڻي ڪهڻي، سندن اٿڻي ويهڻي، سندن اخلاق ۽ عادتون، سندن معاملات ۽ عبادات جي احوالن ۾ اسان لاءِ حياتيءَ گذارڻ جو هڪ نمونو آهي. تڏهن ته حضور ﷺ جن فرمايو ته اهو طريقو بلڪل صحيح ۽ سڌو آهي جنهن تي آءٌ ۽ منهنجا صحابي سڳورا هلن ٿا.

انڪري جيترو ٿي سگهي صحابن سڳورن جي پاڪ زندگيءَ جي احوالن کي انسانن آڏو آڻجي. جيئن سڀ مسلمان صحابن سڳورن جي دين خاطر ڏنل قربانين ۽ سٺل سختين کي ڏسي، پاڻ به دين اسلام سان وفادار ٿي رهن ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري پيغمبر ﷺ جي صحيح تابعداري ڪري سگهن.

....

ذوالحج ١٣٩٦ هه جي هڪ شام جو مڪه مڪرمه جي محله مسفله مان مونکي هڪ ڪتاب "بلال مؤذن رسول الله" هٿ آيو. ڪتاب جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ هو، پر مونکي ان ڪتاب جي لکڻيءَ ڏاڍو متاثر ڪيو. خيال آيو ته جيڪر

هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو هجي. پنهنجي ڳوٺ واپس اچي فرزند نورچشم مولوي محمد ادريس کي اهو ڪتاب ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنم. ان اجا ڪجهه صفحا ترجمو ئي مس ڪيا ته، مون وٽ مولوي حافظ منظور احمد صاحب سومرو جن گهمڻ آيا ۽ ڪتاب جي ترجمي متعلق مشورو ڏنائون ته بهتر ته ائين ٿيندو جو ان موضوع تي مفصل ۽ نئين طرز سان هڪ مستقل ڪتاب لکيو وڃي. مولوي صاحب جن جو اهو مشورو مونکي به پسند آيو ۽ مون پنهنجي استاد حضرت مولانا الحاج حافظ عبداللطيف ميمڻ صاحب جن کان گهربل تاريخ جا ڪتاب وٺي هي ڪتاب حضرت بلال بانگو، لکڻ شروع ڪيو. جيڪو لکجي اڄ پورو ٿيو. آءٌ الله تعاليٰ جي در دعاگو آهيان ته هن ڪتاب کي مسلمانن لاءِ فائديمند بنائي. آمين

محمد قاسم ولد محمد ادريس سومرو
ايم - اي عربيڪ
قاسميه لئبرري، پوسٽ آفيس ڪمالديرو
وايا ڪنڊيارو ضلع نواب شاهه - سنڌ
٢ ذوالحج ١٤٠٣هه
١٠ سيپٽمبر ١٩٨٣ع

ڪعبة الله تي ابرهہ جي چڙهائي

حضرت رسول الله ﷺ جن جي ڄمڻ کان، ڇهہ مهينا اڳ، يمن ملڪ جي بادشاهہ ابرهہ "اشرم" ڪعبة الله تي ان لاءِ ڪاهہ ڪئي جيئن هو ڪعبة الله کي ڊاهي ان جي وجود کي ئي ختم ڪري ڇڏي.

ابرهہ کي اها سوچ ان ڪري آئي، جو هن سمجهيو پئي تہ جيڪڏهن ڪعبة الله هوندو ئي نہ، تہ پوءِ ماڻهو لاچار ٿي، سندس نصرانيل قليس (گرجا) جي زيارت لاءِ ايندا ۽ ان جا طواف ڪندا. (اها گرجا ابرهہ يمن ملڪ جي صنعا شهر ۾ ٺهرائي هئي.)

ابرهي سوچيو پئي تہ سندس نصرانيل گرجا جڏهن تہ سونهن ۾، نزاڪت ۾، گلڪاريءَ ۽ چٽساليءَ ۾، نقشي نگار ۾ ڪعبة الله جي جاءِ کان وڌيڪ آهي، تہ پوءِ ماڻهو اجا بہ ڪعبة الله جي زيارت لاءِ ڇوٿا وڃن؟

ابرهو نڪتو تہ وڏي ٺٺ ٺانگر سان هو، لشڪر، هاٿي، گهوڙا، اٺ، هٿيار، پنو هار گڏهئس. پر دوست احباب، مٽ مائٽ، گهر جا ياتي بہ پاڻ سان گڏ ڪنيا هئائين. اهو رکو ان ڪري تہ جيئن هو ڪعبة الله کي ڊاهي،شهر مڪي ۾ خوشي ڪندي هڪ وڏو جشن ملهائي سگهي.

ڪعبة الله بہ آخر خدا جو گهر آهي ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي نشاني آهي ان جا حمايتي جيئن اڄ ڪروڙين اربين آهن، تيئن ان وقت بہ سندن ڪمي ڪانہ هئي.

ابرهي بادشاهہ اجا پنهنجي ملڪ يمن جي سرحد پارئي نہ ڪئي هئي، تہ سندس مقابلو يمن جي هڪ امير ذونفر ئي ڪيو، پر هارائي ويئو. اجا ٿورو اڳتي وڌيو، تہ سندس وڏي لشڪر جو مقابلو نفيل بن حبيب خثعميءَ ڪيو، پر ان بہ هار کاڌي.

طائف وارن تہ وچان جواب ئي اهو ڏنو تہ اسان جو ڪعبو لات آهي، ڪعبة الله سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟ ۽ ڪعبة الله جي مجاورن قريشين بہ

پاڻ ۾ ابرهي سان مقابلي ڪرڻ جو ست نہ ساريو ۽ مڪو شهر خالي ڪري جبلن ۾ لڪي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

پر مڪي شهر کي خالي ڪرڻ کان اڳ قريشي گڏجي سڀ، عبدالمطلب جي قيادت ۾ ڪعبة الله ۾ اچن ٿا ۽ گڏجي روئندي دعا گهرن ٿا. اي الله سائين تون اسان جي ڪمزوريءَ تي رحم ڪر، ڪعبة الله جي تون حفاظت ڪر، ڪعبي جي دشمن ابرهي کي تون تباهہ ۽ برباد ڪر.(١)

ان وقت ڪعبة الله ۾ ان جي چوڌاري ڪيئي بت رکيل هئا. هبل بہ هئو، عزيٰ بہ هئو، اساف هئو، نائلہ هئي، ٻيا تہ ٺهيو پر اتي حضرت ابراهيم عليه السلام جي شڪل تي ٺهيل بت بہ هئو. مطلب تہ چوطرف بت ئي بت هئا. چوطرف شرڪ ئي شرڪ هئو. پر شايد ان وقت جا مشرڪ بہ وڏن وڏن معاملن ۾قاسڻ وقت اڪيلي رب کي ٻاڏائيندا هئا. چو تہ سمجهندا هئا تہ نيڪن بزرگن جا بت بہ ننڍا ننڍا ڪم ڪاريون تہ ڪري سگهندا هوندا. پر وڏا ڪم الله تعاليٰ کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ نہ ڪري سگهندو.

تڏهن تہ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي.

فَإِذَا رَكِبُوا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ. (٢) ۽ جڏهن (مشرڪ) ٻيڙيءَ ۾ چڙهن ٿا تڏهن الله تعاليٰ کي پڪارين ٿا،ان لاءِ دين کي خالص ڪندي.

علامہ ابن ڪثير ان آية جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ؛

ثُمَّ اَخْبَرَ تَعَالٰى عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ اِنَّهُمْ عِنْدَ الْاِضْطِرَارِ يَدْعُوْنَهٗ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ. فَهَلَّا يَكُوْنُ هٰذَا مِنْهُمْ دَائِمًا. (٣) پوءِ الله تعاليٰ مشرڪن بابت ٻڌايو تہ اهي سخت پريشانيءَ وقت تہ اڪيلي الله کي سڏين ٿا ۽ شرڪ نٿا ڪن. ڪاش جيڪر هميشه ائين ڪندا رهن.

مطلب تہ مڪي جي قريشين ابرهي سان لڙڻ جو پاڻ ۾ ست نہ ساريو ۽ جتي ٻچڻ ناهي پهہ اتي ٻچڻ ڪم وريامن جوءِ پهاڪي تي عمل ڪري، مڪي کان نڪري، پاسائتو جبلن ۾ وڃي لڪا.

---

(١) بدايہ والنهايہ ۽ سيرت ابن هشام (٢) سوره عنڪبوت

(٣) تفسير ابن ڪثير جلد ٣

ابرهي جي تباهي

ابرهي جو ارادو نا پاڪ هو، هن کي ڪعبة الله سان حسد هئو، هو ڪعبة الله جي عزت ڏسي سڙي رهيو هو. ڪعبة الله کي ڍهرائڻ لاء صبح جو اٿيو، لشڪر تيار ڪرايائين ۽ دل ئي دل ۾ خوش بہ ٿي رهيو هو تہ وڏيڪ ڪير مقابلو بہ نہ ڪندو ۽ نہ ڪير هٽ ڪان ئي جهليندو. سولائيءَ سان ڪعبي کي ڍاهي، مزي مزي سان جشن ملهائي، جهٽ وطن ورندو. پر بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب ٻي سنواري، وانگر الله تعاليٰ قريشين جي دعائن کي ڪٿي قبول فرمايو.

سمنڊ واري طرف ڪان، ننڍڙن پکين جا ولر آيا، هڪ هڪ پکيءَ کي ٽي ٽي پٿريون مسور جي داڻي جيڏيون هيون. ابرهي جو لشڪر وڏوهئو، تہ پکين جو ولر بہ وڏو هئو. پکين اچڻ سان ابرهي جي لشڪر تي پٿرين جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو.

ماڻهن ۾ رڙيون ڇيخون شروع ٿي ويون. هاٿين جي ڪنجهڪار هڪ پاسي، تہ گهوڙن جي هڻڪار ٻئي پاسي، انن جي رڙاٽ ٽئين پاسي. چوڌاري نفسانفسيءَ جو عالم هئو. هر هڪ سپاهيءَ توڙي عملدار کي رڳو پنهنجو پاڻ ئي ياد هئو ٻيو ڪير بہ نہ. نہ پاءُ نہ پائٽيو، نہ دوست نہ سنگتي. بچايو بچايو جو شور تہ گهڻو هو، پر ڪير ڪنهن جي سار لهي. ڪير ڪنهن کي ياد ڪري.

گهڻا تہ اتيئي ڍيري ٿي پيا ۽ ڪن ڏنو ڪڙين تي زور. ڪعبو تہ هنن کي ياد ئي نہ رهيو. ورتائون يمن جو رستو.

خود ابرهي تي جڏهن پٿرين جو مينهن پيو، تڏهن سندس هٿن جون آڱريون ڇڻڻ لڳيون. اتان رت جي بدران گند ۽ پونءِ وهڻ لڳو. ان هوندي بہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر اچا يمن جي سرزمين تي پهتو ئي مس تہ سندس ڇاتي ڦاٽي پئي ۽ مري ويو. (١)

ڪعبي جي مالڪ پاڻ ڪعبي جي حفاظت ڪئي. قريشي غار حراءَ ٻين مٿانهين جاين تان ڪعبة الله تي ابرهي جي ٿيل چڙهائي جو نظارو ڏسي رهيا هئا. سي بہ دشمن جي اهڙيءَ تباهيءَ تي ڏاڍا خوش هئا، جو تہ نہ لشڪر وڙهيا، نہ جنگ ٿي، نہ هٿيار زيان ٿيا، نہ ويڙهہ وڙهاند ٿي. مطلب تہ اهڙو

---

(١) البدايہ والنهايہ ج ٢

مبارڪ ڏينهن قريشن ۽ خثعمين شايد ڪڏهن نہ ڏٺو هو. (١)

قريشي ۽ ٻيا ماڻهو جبلن تان لهي ابرهي جي لشڪر جو ڇڏيل سامان سڙو، هٿيار پنوهار، ٻچيل گهوڙا ۽ اٺ سهيڙڻ لڳا. بچي ويل ماڻهن کي قيد ڪرڻ ۽ غلام بڻائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. جنهن کي جيترو سامان هٿ اچي يا جيترو ڪٺي سگهي، اوترو ڪٺي وڃي.

ان سامان ۾ ڇا نہ هئو؟ سڀ ڪجهہ هئو. ابرهي جو لشڪر تہ رڳو پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ هئو. اهڙي وقت ۾ هنن کي قيمتي سامان تہ ٺهيو پر، پنهنجا پيارا ساٿي ۽ گهر جا ڀاتي بہ ياد ڪونہ هئا.

انڪري قريشن کي گهڻو سامان، سونا زيور، چانديءَ جا سڪا، خنجر ۽ تلوارون، ڍالون ۽ زرهون، اٺ ۽ گهوڙا، عورتون ۽ غلام هٿ آيا. (٢)

ابرهي جي ڀاڻيجي

انهن سامان سهيڙيندڙن ۽ مال ميڙيندڙن ۾ سُحيم نالي هڪ شخص بہ آهي جيڪو ان ميدان مان سامان ميڙيندي ٿورو هيڏي هوڏي چڪر لڳائي ٿو. اوچتو سندس نظر هڪ ڏاچيءَ ۽ ان تي رکيل ڪَجائي تہ پوي ٿي. جنهن ڏاچيءَ کي هڪ ڪارو حبشي غلام هيڏي هوڏي ڪاهي ڦيرائي رهيو آهي. ان ڪَجائي جي چوڌاري تمام سهڻي ريشمي ڪپڙي جو پلويڙو ڏنل آهي. (٣)

اهو حبشي غلام هو نئِن تہ طاقتور، تندرست، جانٺو جوان آهي، پر هڙي اوچتي ابابيلن واري حملي سبب ان جا حوصلا بلڪل خطا آهن. اڳ ۾ ئي يمن کان مسافري ڪري آيو هو. ان ڪري ٿڪل ٽٽل هو. ويتر هن نئين مصيبت سبب صفا وائڙن وانگر هيڏي هوڏي گهمي ڦري رهيو هو. هن کي اهو حوصلو بہ نہ رهيو هو جو يمن جو صحيح رستو ڪٺي هٿ ڪري، ان سان هلي سگهي.

هو اجا پاڻ کي اهوئي ابرهي جو غلام سمجهي، ائين ابتيون سبتيون وکون ڪٺي رهيو هو، ڄڻ پنهنجن آقائن جي حڪم جي تعميل پئي ڪيائين. حالانڪ ان جا سردار تہ ابابيلن هٿان مري ڳري چڪا هئا. پر ان غلام جي دل مان سالن جو غلاميءَ وارو ڀوت اجا نہ لٿو هو.

جيئن آمريڪا جي هڪ مشهور ليکڪ مسٽر آرٿر هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ:

---

(١) وعدالحق (٢) وعدالحق (٣) وعدالحق

آمريڪا جي مشهور شهر نيو يارڪ جي عجائب گهر ۾ هڪ هاٿي اهي، جو پنهنجي عمر جو گهڻو حصو اتي گذاري چڪو آهي، ۽ لوهه جي ڳرن زنجيرن سان ٻڌل هڪ ئي جڳهه تي چپ چاپ بيٺو آهي.

هڪ ڏينهن پيلبان کي ان هاٿيءَ تي ترس اچي ويو، ۽ ان جا زنجير کولي ان کي آزاد ڪري ڇڏيائين. پيلبان سمجهيو پئي ته ويچارو هاٿي آزاد ٿي ويو ۽ باغ جي احاطي ۾ آزاديءَ سان گهمندو ڦرندو پر اهو هاٿي ان جاءِ تان ذرو به هيڏي نه چريو. هميشه وانگر اتي جو اتي بيٺو رهيو. ڇو ته غلاميءَ جي عادت ان هاٿيءَ تي غالب ٿي وئي آهي. ۽ انهيءَ جي دل ۽ دماغ ۾ غلاميءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه جذبو نه آهي. تڏهن ته پاڻ کي زنجيرن جي کلڻ جي باوجود به اڃا ٻڌل ٿو ڀائين. (١)

هوڏاڇيءَ وارو غلام به ان غلاميءَ واري احساس سان، ڏاچيءَ کي ڪڏهن هڪ پاسي ڪاهي وڃي ٿو ڪڏهن ٻئي پاسي. اهڙي حالت ۾ سُحيم جي نظر، ان ڏاچي تي ۽ ان تي رکيل ڪجائي تي پوي ٿي ۽ ڪجائي تي ٽنگيل ريشمي پردن، ۽ پردن تي لڳل چمڪندڙ موتين کي ڏسندي ئي هن جو وات پاڻي پاڻي ٿي وڃي ٿو ۽ نيزو (ڀالو) هٿ ۾ ڪري ان ڪاري غلام ڏي وڌي ٿو. غلام اڳيئي ملول ۽ مايوس، وائڙو ٿيڪندو پئي وتيو، تنهن سُحيم جي منهن ۾ سونهن ڏسي ماٺ مِيٺ ۾ ڏاچيءَ جي مهار سحيم جي حوالي ڪرڻ ۾ ئي چڱائي سمجهي. پاڻ به سحيم جي هر اشاري جي انتظار ۾ آهي.

سحيم، غلام کان ڏاچي جي واڳ وٺي، ان کان پڇي ٿو ته: هيءَ ڏاچي ڪنهنجي آهي ۽ ان ۾ ڪير چڙهيل آهي؟

غلام اڌوري سڌوري عربيءَ ٻوليءَ ۾ سحيم کي ٻڌائي ٿو ته: هن ڪجائي ۾ ابرهي جي ڀاڻيجي آهي.

سحيم دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش آهي. ان ڏاچيءَ کي ۽ غلام کي پاڻ سان وٺيو پنهنجي گهر موٽي ٿو. دل ۾ سوچيندو اچي ٿو ته مال غنيمت ۾ هي سامان، ڏاچي ۽ هي غلام، قيمتي ڪجائو مون لاءِ ڪوڙ آهي. باقي ابرهي جي ڀاڻيجي، سوان شهزاديءَ جي لائق آءٌ نه آهيان. ٻئي ڪنهن قريشي سردار کي ڪٽي سوکڙي ڪري ڏيندس. ڀلا آءٌ ماٺهو جهنگلي، اهڙيءَ شهزاديءَ جي

---

(١) ماهنامه معارف سنڌي ماه اپريل ١٩٣٦ع

منهن تي نهي سگهندس؟

سحير انهن سوچن ۾ غرق، خوشيءَ خوشيءَ سان پنهنجي گهر موٽي ٿو. ۽ حبشي غلام به ساڻس اچي رهيو آهي. پنهنجي گهر پهچي ڏاچيءَ کي هُشائي غلام کي حڪم ڏئي ٿو ته هو ڏاچيءَ تان ڪجائي کي لاهي هيٺ رکي. غلام سحير جي حڪم مطابق ڏاچيءَ تان آهستگيءَ سان ڪجائو لاهي، زمين تي رکي، پاڻ ٿورو پر پرو نظرون جهڪائي بيهي رهي ٿو.

سحير اٿيو ۽ ڪجائي جي ويجهو اچي آهستي آهستي، ڪجائي کي ڍڪيل پلويڙي جو هڪ پاسو هٽائي، اندر ڏسي وري ساڳيءَ طرح اهو پلاند ورائي ٿو ڇڏي. سندس منهن تي خوشيءَ جا نشان ظاهر ٿي وڃن ٿا. دل ئي دل ۾ چوي ٿو ته خدا جو قسم! اها نينگري ته حمامہ آهي. (۽ عربي ٻوليءَ ۾ حمام هڪ شريف النسب عورت کي چئبو آهي. (١)

هڪ طرف سُحير مرڪي ٿو، کلي ۽خوش ٿئي ٿو. پر ٻئي پاسي يمن جي شهزادي حُمامہ گهبرايل آهي، مايوس آهي. سندس حيادار سرمگين اکيون هيٺ ڪتل آهن. خوف ۽ هراس سبب سندس ساهہ مٺ ۾ آهي. سندس اکين مان ڳُتيءَ جا ڪوسا ڳوڙها هڪ ٻئي پٺيان ٽم ٽم ڪري، ڪري رهيا آهن. آخر سندس سڀ مٽ مائٽ ڪاٿس هميشه لاءِ ڌار ٿي ويا هئا. ويچاري حمامہ جيڪا ڪالهہ هڪ شهزاديءَ ابرهي جي ياڻيجي جي حيثيت سان وڏي لاڏڪوڏ سان وڏي عيش عشرت سان سينگاريل ڪجائي ۾ چڙهي تفريح جي ارادي سان آئي هئي، اها اڄ پراون ماڻهن جي هٿن ۾ ٻانهي بنجي بي وس ويٺي آهي. اڄ به سندس اکين مان لڙڪ نہ وهن تہ ڪڏهن وهن؟

سحير ٿوري گهڙي ترسي، ڪجائي جي چئو طرف وارو پردو پري ڪري، حمامه کي ٻاهرنڪرڻ لاءِ چوي ٿو ۽ حمامہ کي بي اختيار روئندو ڏسي، دلداري ڏيندي چوي ٿو.

پياري ڏيءَ! تون گهبراءِ نہ. تون هاڻ منهنجي نياڻي آهين. ڪوبہ فڪر نہ ڪر. آءٌ توکي وس آهر سکيو رکندس. توکي پنهنجي ٻچن وانگر رکندس، ڳُتي نہ ڪر. ائين دلداريون ڏيندو، سحير حمامه کي پنهنجي زال وٽ وٺي اچي ٿو. ۽ ان کي بہ پارت ڪندي چوي ٿو تہ: حُمامه کي سنيءَ

---

(١) المنجد

طرح رهائجانءِ. ڇو تہ اسان جي قبيلي ۾ تہ هن شهزادي جي لائق ڪوبہ نہ آهي، البت قريشي سردار هن جي لائق ٿي سگهن ٿا. (١)

سحيم، حمامہ ۽ غلام کي گهر ڇڏي وري بہ ميدان طرف ويو ٿو. جتي ابرهي جو لشڪر تباهہ ٿيو هو. جيئن پيو بہ سامان سڙو هٿ ڪري سگهي. ڀلا انسان جو پيٽ بہ ڪڏهن ڀرجڻ جو آهي؟ ان کي تہ فقط قبر جي مٽي ڀريندي ۽ ان کان اڳ ماڻهوءَ کي گهٽي کان گهٽي جو حرص سدائين بکيو بنائي رکي ٿو.

حمامہ خلف وٽ

سحيم ڪجهہ وقت حمامہ کي پنهنجي گهر ۾ پنهنجن ڀاتين وانگر رهائي ٿو، پر پوءِ حمامہ کي وٺي قريش جي هڪ پاڙي بنو جمح جي هڪ سردار خلف بن وهب وٽ پهچي ٿو. ان وقت خلف پنهنجي پوک جي سار سنڀال لاءِ پنهنجي سرات ديهہ وارين ٻنين تي هئو. اتي بہ هن جو هڪ گهر ٺهيل هئو، جتي هو پنهنجن ڀاتين سميت ويجي هفتن جا هفتا رهندو هئو.

سحيم اتي پهتو، اٺ کي ٻاهر هشائي وهاريائين، پوءِ اڪيلو خلف سان مليو. خلف سحيم جي تمام سٺي خوش مرحبائي ڪئي. خوش خير و عافيت کان پوءِ خلف کي سحيم چوي ٿو:

سحيم:- اي بني جمح جا پوٽار! توهان کي خبر آهي تہ مون اڄ توهان لاءِ ڪهڙي سوکڙي آندي آهي؟

خلف:- ضرور ڪا سٺي سوکڙي هوندي، تنهنجي آندل سوکڙي ڪا گهٽ هوندي؟

سحيم:- سائين! مون توهان جي خدمت ۾ ابرهي جي ڀاٽيجي حمامہ آندي آهي. ابرهو ڪمبخت تہ ڪعبة الله شريف کي ڍاهڻ لاءِ آيو هو، پر الله تعاليٰ ان کي ذليل ۽ خوار ڪري تباهہ ڪيو. سندن ڇڏيل غنيمت جي مال مان مونکي ابرهي جي ڀاٽيجي هٿ آئي آهي. اسان جي قبيلن ۾ تہ ڪوبہ ان شهزاديءَ جي لائق نہ آهي. ان ڪري مون حمامہ کي توهان لاءِ سوکڙيءَ طور آندو آهي. ڇو تہ ڪعبة الله جا خدمتگار بہ توهان آهيو ۽ حمامہ شهزاديءَ جي لائق بہ توهان ئي آهيو.

---

(١) وعدالحق

خلف:- ابرهي جي ياٺيجي آندي اٿئي؟

سحير:- هائو سائين ! ابرهي جي ياٺيجي.

خلف:- سندس نالو ڪهڙو ٻڌايئي؟

سحير:- سائين ! مائٽن جو تہ الائي ڪهڙو نالو رکيل اٿس. باقي آءٌ سو ان شهزاديءَ کي حمام پيو سڏيان.

خلف:- سحير ! پوءِ ٻڌاءِ تہ ڪيترا پئسا وٺندين حمام جا؟

سحير:- پوتار ! تنهنجا ۽ منهنجا پراڻا دوستاڻا لاڳاپا آهن. ڪيتري زماني کان وٺي منهنجي توهان سان دعا سلام آهي. آءٌ تنهنجو هڪ ادنيٰ خادم آهيان. آءٌ ٻانهيءَ حمام کي وڪڻڻ ڪونہ آيو آهيان، پر توهان کي سوکڙي ڪري ڏيڻ آيو آهيان.

خلف:- مهرباني تنهنجي پيارا دوست توکي جس هجي.

خلف تحفو تہ قبول ڪيو. ۽ دل ۾ سوچي تو تہ هنن ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جا تحفا قبول ڪجن ٿا، پر موٽ ۾ ان کان ٻہ وڌيڪ بدلو ڏيڻو پوندو آهي. اهڙين سوچن ۽ ويچارن ڪندي، حمام کي وٺي پنهجي گهر ڇڏي اچي ٿو ۽ موٽي وري ٻہ سحير سان ڪچهريءَ ۾ ويهي ٿو رهي.

خلف:- سحير تو تہ وڏو قرب ڪيو تنهنجا احسان تہ لاهڻ جا نہ آهن. شايد آءٌ ڳائي ٻہ نہ سگهان. پر ....

سحير:- سائين پر جو مطلب ڇا؟

خلف:- سحير ! ابرهي ڪعبة الله تي چڙهائي ڪئي، هو ڪعبة الله کي ڊاهڻ آيو هو، اسين وري جبلن ۾ وڃي لڪاسين. هنن کي تہ الله تعاليٰ تباهہ ڪيو، پر اسان ڪعبي پاڪ جو حق ادا نہ ڪيو، ان ڪعبة الله جي مجاوريءَ سبب اسان کي دنيا عزت جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. پر جڏهن ڪعبي تي ڏکيو ڏينهن آيو تہ اسان لِڪڻ جي جاين ڳولڻ ۾ پورا هئاسون.

ڪيترا سال ڪعبة الله جي مهابي عزتون لڌيون سين، اسان کي ان جي مهابي ڪيئي سوکڙيون پاکڙيون مليون. ڪعبي جي مهابي ڪيئي نذرنياز مال متاع ڪماياسين، اسان کي گهربو هو تہ ڪعبة الله جي حفاظت لاءِ لڙون ها، پوءِ مرون ها تہ ڀلي مرون ها. پر نيمڪ ملهايون ها. اهو ويچار ۽ ارمان نہ رڳو منهنجي دل ۾ آهي پر سيني قريشن جي دل ۾ رهندو. مرڻ گهڙيءَ تائين

ڪعبة الله آڏو مياري آهن.

پلا يمن جي سردار ذونفر به ته ڪعبة الله جي حفاظت لاءِ ابرهه جو مقابلو ڪيو نه؟ نفيل بن حبيب خثعمي به ته ڪعبة الله جي بچاءَ لاءِ ابرهي سان سامهون ٿيو نه؟ پوءِ ڪٿي هن سان ماٺهو تورا هئا. شڪست ڪاڌائون اهي پئي ڇٽا ڪعبة الله جا مجاور به ڪونه هئا. ان هوندي به هنن ڪعبة الله لاءِ قرباني ڏني، پر اسان ڪجهه به نه ڪيو.

خير ! اهو ارمان اڳيئي منهجي دل ۾ حد ڪان وڌيڪ هئو ۽ اڄ تو ابرهي جي پاٽيجي مون وٽ آئي ڇڻ انهن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيو آهي. سُحيمر ! تو ائين سمجهيو هوندو ته آءٌ حمامه ڪي وٺي ڏاڍو خوش ٿيو هوندس. پر ! توکي خبر هجي ته ابرهي سان نه لڙي سگهيا آهيون ته هاٿي حمامه سان گهٽ نه ڪندس. ان کي ذليل ڪندس، ان کي مڪي جي حرم ۾ پير رکڻ نه ڏيندس. پلا ڪعبي جي دشمن سان اسان گڏجي ڪيئن رهنداسين ۽ جڏهن ته الله تعاليٰ ڪعبة الله جي حفاظت ڪندي ابرهي کي مڪي جي شهر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ته هيءَ به آخر ان ابرهي جي پاٽيجي آهي. آءٌ به ان کي مڪي شريف ۾ وٺي نه ويندس.

سُحيمر: اي اميرِ ۽ ابي جا پيءُ ! افسوس ! جيڪڏهن مون کي اڳ ۾ اهڙي خبر هجي ها، ته توهان شهزاديءَ لاءِ ائين انتقام سان سوچيندا، ته آءٌ بڪ ڏڪ تي به حمامه کي پاڻ وٽ رکان ها ۽ هيڏي ڪڏهن به نه آڻيان ها. اهڙي ڪعبة الله سان توهان کي سچي محبت هئي ته پوءِ توهان کي گهربو هو ته ابرهي جي لشڪر سان وڙهو ها. سِر ڌڙ جي بازي لڳائي ڏيو ها، پوءِ فتح شڪست الله تعاليٰ جي هٿ آهي.

ڪين، ڪري هڪڙو لوڙي پيو ۽ نانگ نڪري ويو ليڪو پيو ڪٽجي. اي دوست! آءٌ توهان جي ان خراب خيال سان متفق نه آهيان. پر جيڪڏهن توهان جي ڪاوڙ هرو پرو به حمامه تان نٿي لهي ته پوءِ مون کي موٽائي ڏيو ته آءٌ هن کي واپس وٺي وڃي پنهنجي ٻچن سان رهايان.

خلف:- سحيم ! گهڻا افسوس ڪندين، پر آءٌ هاٿي اها ٻانهي توکي به موٽائي نه ڏيندس. ڇو ته تون انکي سڪيو رکڻ گهرين ٿو ۽ آءٌ حمامه کي ڇيڇلائڻ ۽ تنگ ڪرڻ چاهيان ٿو. آءٌ جيسين جيئرو آهيان، حمامه کي آزاد

تيڻ نہ ڏيندس. هو ٻانهي ٿي رهندي، تنگيءَ ۾ رهندي. هوءَ دشمن جو اولاد آهي ۽ آءٌ تولاءِ بہ ان کي پسند نٿو ڪريان. گهٽو ڪري تہ آءٌ حمامہ پنهنجن ڏنارن کي ڏيندس تہ هن کان ٻڪرين چارائڻ جو ڪم وٺن.

ائين ڇٽي خلف ان موضوع کي اتي ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن جون ٻيون ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳي ٿو.

سحيم جا ٻہ ٻہ ويا تہ ڇهہ بہ ويا. آيو هو سگهڻ وٺڻ لاءِ پر ڪن ڪپائي موٽيو. يعني آيو تہ هئو حمامہ لاءِ رئيس خلف وٽ سڪ ڳولڻ، پر هو حمامہ کي ڏکن جي آڙاهہ ۾ اماڻي واپس وريو.

خلف سحيم کان موڪلائي هارين نارين کي ڪم ڪار سمجهائي شام جو پنهنجي گهر موٽيو تہ ڏنائين تہ سندس زال (اميہ جي ماءُ) منهن سڄايو ويٺي آهي. خلف ڪجهہ پڇي ٿو تہ جواب خاموشيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو مليس. زال جي اها روش ڏسي، خلف زور تي ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. نيٺ اميہ جي ماءُ سڀ ڪو ٻريندي ڳالهايو.

اميہ جي ماءُ:- اول تہ ٻڌاءِ تہ ان نوجوان ٻانهيءَ کي گهر ۾ ڇو آندو اٿئي؟

خلف:- (پنهنجي زال ام اميہ کي چيڙائيندي) ان ڇوڪريءَ کي تون ٻانهي ٿي سڏين. هيءَ تہ ابرهي بادشاهہ جي ڀاڻيجي آهي. هوءَ شهزادي آهي، ان جي سٺي سار سنڀال لهجانءِ، ان جي سٺي طرح خدمت چاڪري ڪجانءِ ۽ هن کي سکيو رکجانءِ.

اميہ جي ماءُ:- (روئندي ۽ منهن تي ٻہ ٽي چنبا هڻندي) آءٌ ٻن ڏيانس، آءٌ ٻاهہ ڏيانس، آءٌ ويهي ڪعبة الله جي دشمن جي خدمت ڪريان؟ ۽ انهن کي سکيو رکان؟ هاءِ منهنجا نصيب، هاءِ منهنجا ڀاڳ، هاءِ منهنجي قسمت.

خلف:- (زال کي پرچائيندي) اميہ جي ماءُ ! تون روءُ نہ، ايڏو ڏک نہ ڪر. مون تہ توسان ڀوڳ پئي ڪيا. توکي خبر هجي تہ قسمت ان ڇوريءَ جي ڦٽي آهي. گهٽيٽي ڏينهن سڪن ۾ رهي آهي. مون کي اڃان سحيم اها ٻانهي ڏني هٿي تہ مون ان کي منهن تي ئي چيو هو تہ: آءٌ حمامہ کي سڄي عمر ڏکن ڏولائن ۾ رکندس. اي اميہ جي ماءُ تون ڏسندينءَ تہ آءٌ ڪيئن ٿو

ان کان ٻڪريون چارايان؟ تو مونکان پڇيو آهي. آءُ ٻه ڪيئن چاهيندس ته ؛ ڪعبة الله جا دشمن سک سان رهن. پر تون ته وري ٻوڳن کي ساڀيان سمجهي ويٺين.

اميه جي ماءُ:- اي منهنجا خاوند ! ائين ڪا دلداري ڏي. اڳهاڙو ته تو منهنجو اڌ هنياءُ ٻاري ڇڏيو هو. چڱو جيڪڏهن تون حمام کي ائين ڏکيو رکڻ چاهين ٿو ته پوءِ ڪٽي منهنجي حوالي ڪريوس، پوءِ ڏسو ته آءُ ڪيئن تي ان کي تنگ ڪريان ۽ ڪيئن تي ان کي مزو چکايان.

خلف:- آءُ ته ان کان به وڌيڪ ڏکي ڳالهه سوچي چڪو آهيان. منهنجي مرضي آهي ته سرات ڏيهه ڀر جيڪي به منهنجا ڏنار ٻڪريون چارين پيا، حمام انهن کي ڏيان، ته پلي هڪ ڏڻ ٻڪرين جو هن کي به چارڻ لاءِ ڏين. جيئن پٿرن تي هلي ته پتو پويس. گهٽي ڏينهن پالڪين ڀرچڙهي آهي.

، **اميه جي ماءُ:-** منهن جي ته مرضي آهي ته حمام کي ڪٽي منهنجي نوڪرياڻي ڪري رکو.

خلف:- ائين ڪڏهن به نه ٿيندو. ڇو ته تون ڪڏهن هت زمين واري گهر ڀر ۽ ڪڏهن مڪي واري گهر ڀر. ابرهي وارن کي الله مڪي ڀر اچڻ ڪونه ڏنو ۽ آءُ ابرهي جي ياٽيجيءَ کي مڪي ڀر اچڻ ڪيئن ڏيندس؟ حمام کي ٻڪرارن جي حوالي ئي ڪندس.

اميه جي ماءُ:- (خوش ٿيندي) اي قريش جا سردار توهان سچ پچ ته عزت جي لائق آهيو. توهان واقعي سرداريءَ جي لائق آهيو. توهان کي واقعي ڪعبي سان محبت آهي ۽ محبت ڇٽبو به ان کي آهي. (١)

(١) وعدالحق

رباح خلف جو ڪمدار

خلف کي هوندن ته ٻن ديهن ۾ زمين آهي ۽ ٻنهي جاين تي سندس ٻڪرين جا ڌڻ چرندڙ آهن ۽ سرات ديهه ۾ جيڪا خلف جي زمين آهي اتي سندس ڪمدار رباح نالي هڪ حبشي ڪارو غلام آهي. رباح ڪمدار جي عمر ان وقت ٢٠ سال کن مس ٿيندي، ڏاڍو ذهين، هوشيار، قوت ۽ چالاڪ محنتي ۽ ايماندار آهي. رباح جي ايمانداري ڏسي خلف ان کي غلاميءَ کان آزاد ڪري ڇڏيو آهي. ۽ سرات ديهه جي زمينن ۽ ٻڪرين جو سمورو انتظام به رباح جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. خلف ٻئي ڏينهن رباح کي پاڻ وٽ گهرائي، ان سان ڳالهائي ٿو.

خلف:- (مرڪندي) رباح ! توکي خبر آهي ته تنهنجي ملڪ جي (١) بادشاهه جي امير زادي ڪالهه مونکي هٿ آئي آهي ۽ تون اڄڪلهه ئي پنهنجي قوم جي فردن جي گستاخيءَ ۽ لچائيءَ کان واقف آهين ته ڪيئن نه هنن اسان جي ڪعبي تي چڙهائي ڪئي. ان ڪري منهنجي مرضي آهي ته ان شهزاديءَ کي ٻڪرين چارڻ لاءِ مقرر ڪجي. جيئن ڪجهه ڏک ڏسي، تڪليفون ڏسي ته پتو پويس. توکي به ان ڪري گهرايو اٿم جيئن حمامه ابرهي جي ڌيءَ تنهنجي حوالي ڪريان، ته تون هن کان سخت تڪليف جهڙو ڪم وٺين، جيئن هوءَ ذليل ٿئي.

رباح:- منهنجا يوتار ! پوءِ اجا ڇا جو انتظار آهي؟ ٺيڪ آهي. توهان کي معلوم هوندو ته منهجي حوالي جيڪو به ڪم ڪندا آهيو اهو آءٌ پنهنجو ئي سمجهندو آهيان. توهان جو حڪم ٿئي ۽ هيءَ بندو چون چران ڪري. ائين ڪڏهن به ٿيو آهي ڇا ؟

---

(١) يمن ۽ حبش تي ان وقت هڪ ئي حاڪم هوندو هو. حبش جي بادشاهه نجاشي جي طرفان ئي ابرهو يمن تي حاڪم مقرر ٿيو هو.

خلف:- مون ٻہ تڏهن تہ توکي گهرايو آهي نہ تہ ڪمدار تہ ٻين ڏيهن ۾ ٻہ منهنجا هئا. پر توکي مون ان ڪري ئي تہ گهرايو جو تنهن جي جفاڪشي ۽ دانائيءَ کان آءٌ واقف آهيان، هاڻي تون ڀلي حمام کي وڃي وڃ. انکي ڏنارن وارا ڪپڙا ڀرائي رڍن يا ٻڪرين جو هڪ ڏڻ ڏينس تہ وڃي ان کي چاري.

رباح:- سائين منهجو هڪ عرض آهي، تہ: ائين چئي ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش ٿي وڃي ٿو.

خلف:- چوءَ ڇا ٿو چوڻ گهرين؟

رباح:- (سچو پڳهر جي وڃي ٿو) سائين! منهنجي ڪوتاهہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اها امير زادي ٻڪرين چارڻ سان ايترو ذليل نہ ٿيندي جيترو .... ائين چئي وري هڪي ماٺ ڪري ويهي ٿو رهي.

خلف:- چوءَ ڇا ٿو چوين ...... جيترو ....؟

رباح:- سائين! توهان کي خبر هوندي تہ آءٌ حبش جو نہ تہ ڪو امير آهيان نہ وري ڪو امير زادو. پر آءٌ عام ماڻهن وانگر هڪ معمولي ماڻهو آهيان، منهن جي رڳن ۾ حبش جو رت آهي بالفرض آءٌ نہ ابرهي جي سامهون هجان ها، تہ شايد هو مونکي پنهنجو نوڪر رکڻ بہ پسند نہ ڪري ها. ان ڪري حمام جي ٻڪرين چارڻ کان بہ وڌيڪ ذلت ان ۾ آهي تہ ...... ائين چئي رباح خاموش ٿي ويو. نرڙ تي پگهر نڪري اچيس ٿو.

خلف:- چوءَ! ڇو چپ ٿي وئين؟ مون تنهنجي مطلب کي سمجهيو آهي. تنهنجي مرضي آهي تہ ان امير زاديءَ جو نڪاح توسان ڪيو وڃي. ان سان هن کي سڀ کان وڌيڪ ذهني تڪليف پهچندي؟

رباح: ائين سائين! جيڪڏهن واقعي توهان ان امير زاديءَ کي سندس مرتبي تان ڪيرائڻ چاهيو ٿا ۽ ان کي حقير ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ ائين ئي ڪريو. مون جهڙي ڪاري حبشيءَ سان شهزاديءَ جو نڪاح نہ رڳو حمام جي توهين آهي پر سندس سڄي خاندان جي ذلت آهي ۽ ائين ڪرڻ سان ڇڻ حبش جي اميرن جو نڪ ڪپجي پوندو.

خلف:- (مرڪندي)چڱو رباح تنهنجي صلاح مونکي بہ وڻي.

حمام جو توسان نڪاح ٿيو. ڀلي تون پنهنجي زال کي پاڻ سان وٺي

ويجان. (١)

حمام رباح وٽ

هو نئن ته سچي حياتيءَ ۾ رباح خلف سان اهڙي چالاڪي اڳ ۾ ڪڏهن به ڪانه ڪئي هئي. پر اڄ رباح کي اهڙي سوچ ان ڪري آئي جو هو خلف جي ناپاڪ ارادي کي پر کي ويو هو، ته ڪيئن نه حمام کي تنگ ڪرڻ چاهي پيو ۽ ان بي گناهه حمام کي رڳوان ڪري ٿو ڏکيو رکڻ چاهي جو هوءَ ڪمزور آهي نه ته ساڳيو خلف سندس مامي ابرهي جي آڏو نه پئي آيو. جيڪو اصل ڏوهاري هئو.

پر اڄ رباح دل ۾ سوچي ڇڏيو آهي ته جيسين وس هلندو تيسين پنهنجي اباڻي ملڪ جي شهزاديءَ کي ڏک ته ڇا پر مايوس ٿيڻ به نه ڏيندس. ۽ اهڙي ارادي رباح کي مجبور ڪيو آهي ته خلف سان چالاڪي سالاڪي ڪري ڪنهن به نموني حمام کي وٽانئس آزاد ڪرائي.

رباح جڏهن پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب ٿي ويو، تڏهن خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. شام جو حمام کي وٺي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پهچي ٿو. ڪيس پنهنجي غريباڻي جهوپڙيءَ ۾ رهائي، پنهنجي وٽ آهر حمام کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ نهايت همدرديءَ سان پيش اچي ٿو. ان جي ايتري عزت ڪري ٿو، جيتري هڪ ادنيٰ غلام پنهنجي مالڪ جي ڪندو آهي. رباح جي اها ڪوشش آهي ته حمام کي سدائين ڪلندو ۽ مرڪندو ڏسي. حمام کي هو پنهنجي زال نه پر مالڪياڻي سمجهي ٿو، سڄو ڏينهن ان جي خدمت چاڪري ۽ دل بهلائڻ جهڙي ڪچهري ڪري، رات جو جهوپڙيءَ ۾ حمام کي آرامي ڪري، پاڻ ٻاهران محافظن وانگر ستو پيو آهي.

جيتوڻيڪ حمام رباح جي جائز گهر واري آهي، سندس نڪاح ۾ٻڌي زال آهي. پر، رباح ان کي رڳو ان ڪري هٿ نٿو لائي جو هن کي هو شهزاديءَ پاڻ کي پرائو بدهگير نوڪر سمجهي ٿو. پاڻ کي حمام جي لائق ئي نٿو سمجهي.

حمام رباح وٽ آئي ته نهايت ذلت ۾ مبتلا ٿي هئي. ڳتيءَ ۾ ڳرندي

---

(١) وعدالحق

آئي هئي ته الائي چا ٿيندو؟ مون کان ٻڪريون چرنديون الائي نه؟ حمام رباح جي هر حڪم کي لبيڪ چوڻ لاءِ آئي هئي. پر ان جي ابتڙ جڏهن حمام رباح جي جهوپڙيءَ ۾ پنهنجي وڏي عزت ۽ احترام ڏٺو، پنهجي سٺي خاطر تواضع ڏٺي، رڳو محبت ۽ همدردي ڏٺي، تڏهن وڃي ڪجهه اطمينان جو ساهه کنيائين. سندس پريشاني آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳي. سندس مونجهه مُرڪ ۾ مٽجڻ لڳي.وقت گذرڻ سان حمام جي دل ۾ نوجوان رباح جي لاءِ محبت به پيدا ٿيندي وئي.

مطلب ته هاڻي حمام ڏکن جا ڏينهن وساري نهايت خوشيءَ سان مرڪندي ۽ ڪلندي وقت گذارڻ لڳي. ۽ رباح جي نيڪيءَ جو بدلو حمام به نهٺائيءَ ۽ نماڻائي سان ڳالهين ڪرڻ سان ڏيڻ لڳي.

۽ رباح به ڏاڍو خوش هئو. ڇو ته هن پنهنجي ملڪ جي هڪ شهزاديءَ کي خوش رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ حمام جي دل مان احساس ڪمتري لاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو.

رباح منڍ کان وٺي اهو پڪو ارادو ڪيو هو، ته هو اميرزاديءَ حمام سان سدائين ائين ئي وقت گذاريندو جيئن هڪ ادنيٰ غلام پنهنجي اعليٰ خاندان واري مالڪياڻيءَ جي اڳو صرف خدمتگار ٿي گذاريندو آهي. ۽ دل ۾ سمجهي پيو ته سندس حمام سان نڪاح ته رڳو خلف کي دوکي ڏيڻ لاءِ هئو ۽ اهو ته هڪ بهانو هئو. جيئن ڪنهن طريقي سان حمام خلف جي چنبي کان آزاد ٿي سگهي. ان ڪري ڪيترن هفتن مهينن تائين ته رباح جي دل ۾ اهو وهم به نه آيو، ته ڪو حمام سندس زال آهي. اڳيئ رباح جو هڪ ڪم هئو رڳو خلف جي زمين ۽ مال جي سنڀال ڪرڻ ۽ هاڻي هن تي به ڪم هئا، زمين جي سنڀال سان گڏ حمام جي خدمت چاڪري ڪرڻ ۽ دل بهلائڻ.

جيتوڻيڪ خلف جي نظر ۾ رباح ۽ حمام پاڻ ۾ زال مڙس آهن. پر رباح ان رشتي کي وساري رڳو خادم مخدوم واري تعلق تائين اڪتفا ڪئي هئي.

خيالن ۾ ڦيرو

جڏهن حمام جي دل ۾ هي خيال ڦرڻ لڳا ته هُمڙي ڏکئي وقت ۾ رباح مون لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي؟ جيتوڻيڪ هو هڪ حبشي غلام هئو. پر اڄ ته

هو آزاد آهي ۽ آءٌ غلاميءَ ۾ گرفتار ۽ اهڙين حالتن ۾ رباح کان وڌيڪ ٻيو ڪير آهي جيڪو منهنجو ائين قدر ڪري، خوش رکڻ جو اونو رکي؟

تڏهن حمام جي دل ۾ رباح لاءِ به محبت پيدا ٿي پوي ٿي. ۽ اها محبت وڌندي ان حد تائين پهچي ٿي، جو حمام کي رباح جي هڪ منٽ جدائي به ورهيه ٿو لڳي. هو چاهي ٿي ته رباح منهنجو خادم نه پر خاوند ٿي رهي ۽ آءٌ ان جي پيرن جي پٽي ٻڌجي رهان.

اکين ۾ ٿي ويهه، ته چپر واري ڏڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ ڏسان نه ڪو ٻيو.
(شاهه)

پر رباح جيڪو شروع ۾ ارادو ڪري حمام کي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وٺي آيو هو ان کان ڪيئن هٽي؟ هو پاڻ ۾ اهڙي جرأت ڪيئن پيدا ڪري، جو هڪ اميرزادي جي لائق پاڻ کي سمجهي؟

هلندي هلندي حمام جي دل ۾ وسوسا پيدا ٿين ٿا ته شايد رباح مغرور آهي جو مون کي پاڻ جهڙو نٿو سمجهي. عشق است هزار بدگماني، يعني گهڻي محبت ۾ ڪيئي وهم گمان پيدا ٿي پوندا آهن.

نيٺ حمام اهڙن جذبات جي وهڪرن ۾ لڙهي وڃي ٿي. سندس طبيعت ۾ ڪجهه ڦيرو اچي وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ملول ۽ مايوس گذارڻ لڳي ٿي. پنهنجي ڪل خوشيءَ کي وساري، ماٺ ميٺ ۾ گذارڻ لڳي ٿي. سندس طبيعت ۾ ڪجهه چڙ پيدا ٿي پوي ٿي. حمام جي ان چڙ ۽ مايوسي کي ڏسي رباح ويچارو دل ئي دل ۾ سوچي ٿو ته مون کان الائي ڪهڙي ڪوتاهي ٿي آهي؟ شايد خدمت پوري نه ڪري سگهيو آهيان؟ رباح کي انهن ڳڻتين ڪندي ڪو گهڻو وقت نه گذريو هو، جو حمام پنهنجي جذبات جو اظهار ڪري وجهي ٿي.

حمام:- تنهنجون مهربانيون رباح! تون تمام سٺو سلوڪ هلئين پر افسوس جو منهنجو توکي ڪو به خيال نه آهي ....

رباح:- (نهايت عاجزيءَ سان) حمام! ڇو ڀلا؟ مون کان ڪهڙي ڪوتاهي ٿي آهي. جيئن تون حڪم ڪرين ٿي، آءٌ ائين ڪرڻ ۾ خوشي ئي محسوس ڪندو آهيان. مون کي به تنهنجو خيال نه آهي ته ٻئي ڪنهن کي

هوندو؟

حمامہ:- توکي اها تہ خبر آهي نہ رباح ! تہ تون آزاد آهين ۽ آءُ ٻانهي ....؟

رباح:- نہ، نہ ـ ائين نہ سمجھہ حمامہ ! آءُ بہ تہ غلام هوس، ايا ٻہ سال کن مس ٿيا آهن جو آزاد ٿيو آهيان.

حمامہ:- خير! اڄ تون آزاد آهين، ۽ آءُ اڄ ٻانهي آهيان، ۽ آزاد هر حال ۾ ٻانهن کان درجي ۾ مٿي آهي. پوءِ آءُ اهو نٿي سمجهي سگهان تہ تنهنجي هيءَ عاجزي ۽ احساس ڪمتري ڇو آهي؟ آءُ سمجهان ٿي تہ، اڳتي آزادي شايد منهنجي نصيب ۾ ئي نہ آهي. ان کان سواءِ توئي تہ خلف کان گهر ڪري مونکي نڪاح سان پاڻ وٽ آندو هو نہ؟

رباح:- توکي مٺيان نہ لڳي حمامہ، مون اهو نڪاح وارو مطالبو رڳو انڪري ڪيو هو،جيئن توکي ڏکن ڏاکڙن کان پري رکي سگهان ۽ ان بهاني کان سواءِ، مونکي ٻيو ڪوبہ چارو نظر نہ پئي آيو.

حمامہ:- آءُ ائين ڪونہ ٿي چوان تہ ائين تو ڇو ڪيو؟ تنهنجون ڪيئي مهربانيون. ٻر آخر آهيان تہ تُنْهِنْ جي .... پوءِ ايترا ويڇا ڇو آهن؟ ايئن چئي حمامہ پنهنجون نظرون شرم کان زمين ۾ کپائي ڇڏي ٿي. ٻئي طرف رباح جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي زمين تي ڪرن ٿا. ان ڏينهن ڇڻ حمامہ انهن ڳرن فرقن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي، جيڪي رباح ۽ هن جي وچ ۾ محسوس ڪيا پئي ويا.

حمامہ ۽ رباح ٻئي ڏاڍو خوش هئا. ٻنهي جي دلين مان احساس ڪمتري ختم ٿي چڪو هو ۽ ٻنهي جي وچ مان فرق وارو فراق پري ٿي چڪو هو. هو پاڻ ۾ يڪجان دو قالب بنجي چڪا هئا.

خلف ۽ رباح جي ملاقات

خلف پنهنجي ٻنين ٻارن جي سنيال لاءِ چڪر لڳائيندي، هڪ ڏينهن سرات ديهہ واري ٻنيءَ تي آيو. پنهنجي ڪمدار رباح جي محنت، ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. سڀ ڪم مرضيءَ مطابق پورو هو. اَنُ جام، مال سوڪو، زمينون سٺيون ڪمايل، مطلب تہ سڀ ڪم ٺيڪ ٺاڪ هئو. ان ڏينهن خلف خوش ٿي ۽ رباح کي سندس سٺي ڪارڪردگيءَ سبب، انعام ۾

ڪجھ اٺ ۽ ڪجھ ٻڪريون ۽ ڪجھ زمين جي پيداوار ڏئي ٿو. ۽ خلف، رباح کي خوش ڏسي مذاق ڪندي پڇي ٿو .

خلف:- رباح ! هت تہ ويھہ! ٻڌاءِ تہ توهان ٻنهي مان سَنڌِ ڪير آهي؟ ڪيترو وقت گذري چڪو آ هي جو تون حمامہ سان نڪاح ڪري ان کي پاڻ سان وٺي آيو آهين. پر توسان ڪو ننڍڙو ٻارڙو نظر ڪونہ ٿو اچي؟

رباح خلف جي واتان سنڌ جو اکر ٻڌي دل ئي دل ۾ چڙ محسوس ڪري ٿو ۽ خلف کي ڪوبہ جواب ڪونہ ٿو ڏئي.

خلف:- (وري بہ کلندي ۽ مذاق ڪندي پڇي ٿو) ٻڌاءِ رباح ڇا ڳالھہ آهي، توهان ٻنهي ۾ ڪير .... ؟

رباح:- (ڪاوڙ مان) توهان جو ان ۾ ڇا ويو؟

خلف:- رباح ! ان ۾ چڙڻ جي ڪهڙي ڳالھہ آهي. تون تہ ڪٿي آزد آهين. پر حمامہ تہ منهنجي ٻانهي آهي. ان جي ٻُڌتي مونکي نہ ٿيندي تہ ڪنهن کي ٿيندي؟

رباح:- (چڙمان) سائين ! اهي غلاميءَ وارا مهڻا مونکي نہ ڏيو.

خلف:- آءٌ مهڻو تہ ڪونہ ٿو ڏيان. مان تہ دوستانہ لهجي ۾ توکان حال احوال ٿو پڇان. تون اجايو ٿو آپي کان ٻاهر نڪرين.

رباح:- افسوس جو مون کي اڄ ٿو معلوم ٿئي تہ حمامہ توهان جي ٻانهي آهي. ۽ ان جو اولاد بہ توهان جو سدائين ٻانهو ٿي رهندو.

خلف:- (عجب مان) ڇٻو تہ توهان کي اولاد بہ آهي؟

رباح:- ها سائين ها! اسان کي هڪ پٽ آهي.

خلف:- يلا حمامہ سان ڪيئن ٿو وقت گذري؟ مون وٽ تہ ڇٽي آيو هئين تہ آءٌ حمامہ کان مال چارائيندس. ان کي تڪليف ۾ رکندس، ڪيئن ياد آهي نہ اهو وقت؟

رباح :- سائين ! ڪجھہ دل ۾ ويچار تہ ڪريو. حمامہ هڪ شهزادي هئي، پر بدقسمتيءَ سان توکي هٿ اچي وئي ۽ ٻانهي ٿي وئي. وري ان کي مون جهڙي ڪاري حبشيءَ سان پرڻايو ويو. اول تہ حمامہ اهڙيءَ ذلت کي مجبوراً برداشت ڪيو، پر پوءِ هوءَ ان رشتي تي خوش ٿي وئي ۽ ان رشتي کي هوءَ پنهنجو ڀاڳ سمجھڻ لڳي. هاڻي آءٌ ان مصيبت زده شهزاديءَ تي ڪهڙا

ويهي ظلم ڪريان؟

خلف:- (ڪجهہ مايوس ٿيندي) ڇٻو تہ غلاميءَ سبب توهان ۾ نهي مان، مانَ ۽ مرتبي وارو فرق ختم ٿي ويو آهي؟

رباح:- (مرڪندي) سائين ائين تہ واقعي آهي غلامن ۾ ڪهڙو اوچ نيچ جو فرق؟ اهڙا فرق تہ ماڻهن پاڻ ۾ هٿ ٺوڪيا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ڪو پاڻ ڪي امير ٿو چوائي تہ ڪوئي فقير، ڪو پاڻ ڪي صاحب ٿو سمجهي تہ ڪو عاجز، ڪو پاڻ ڪي طاقتور ڏاڍو مڙس پائي ٿو تہ ڪو ڪمزور ۽ بيوس لاچار. خدا ڄاڻي تہ اهڙو انڌير الائي ڪڏهن ختم ٿيندو ۽ مساوات جي روشني الائي ڪڏهن چمڪندي؟

خلف:- تنهنجو عقل تہ ٺيڪ آهي نہ رباح؟ اهي ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين، ڪهڙي اونداهہ ڪهڙي روشني؟

رباح:- سائين ! منهنجو عقل ٺيڪ آهي. ڏسو نہ ڀلا ! انسان تہ سڀ انسان،پوءِ اهو انڌير نہ آهي تہ ڀيو ڇا آهي؟ جو هڪڙا ٻين کي پاڻ جهڙو ئي نہ سمجهن، نہ تہ اصل ۾ اخلاقن ۽ عادتن ۽ عملن سبب ئي ماڻهن ۾ فرق هجڻ گهرجي. باقي ذات پات سبب پئسي ڏوڪڙ سبب انسانن ۾ فرق. اهو تہ ظاهر ظهور انڌير آهي، ۽ ويهي ڏسجو تہ اهڙو انڌير نيٺ ڍهندو.

خلف:- (هڪ ٽهڪ ڏيندي) رباح ! تون ڳالهيون تہ شاعرن واريون پيو ڪرين. اهڙيون ڳالهيون مونکي الائي ڇو÷ نٿيون وڻن؟ قريش نيٺ قريش ٿيندا، ٻيون هلڪيون ذاتيون انهن سان برابر ڪيئن ٿي سگهن ٿيون؟

چڱو ! رباح ! انهن ڳالهين کي ڇڏ، ٻڌاءِ تہ پنهنجي جو نالو ڇا رکيو اٿئي ۽ مهانڊا ڪهڙا اٿس.

رباح:- سائين ! توهان کي اهڙيون ڳالهيون نہ وڻن تہ نہ وڻن پر ياد رکجو، اهڙو زمانو اجهو آيو ڪي آيو. جو انسان ذات جي برابري جو آواز اٿندو ۽ منجهائن اوچ نيچ جا ويڇا وسرندا. ٿي سگهي ٿو تہ تون ۽ مان بہ اهڙو سونهري زمانو ڏسون. پر جيڪڏهن تنهنجا منهنجا ڏينهن پڄي آيا ۽ مري وياسين تہ اهڙو زمانو تنهنجو پٽ اميہ ۽ منهنجو پٽ بلال تہ ضرور ڏسندا.

خلف:- اهڙيون بيڪار ڳالهيون منهن جي آڏو نہ ڪر. انهن جي ٻڌڻ لاءِ مون وٽ ٽائيم ڪونهي. آءٌ تنهنجي محنت سان ڪيل ڪم کان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مون اڳيم قسم کنيو هو تہ حمامہ کي ڪڏهن بہ آزاد نہ

ڪندس. نہ تہ اڄ آءُ حمامہ ۽ تنهنجي پٽ بلال کي آزاد ڪري ڇڏيان ها، پر قسم سبب هاڻي ائين نٿو ڪري سگهان. باقي تنهنجي پگهار اڄ کان وٺي وڌايان ٿو.

رباح:- ڇگو ٿيو سائين ! متان حمامہ کي آزاد ڪيو اٿو؟ ڇو تہ هوءَ توهان سان جنگ لڙڻ آئي هئي. جيڪي لڙڻ وارا ماڻهو هئا انهن کي توهان ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو. وڃان لڪڻ جون جايون ڳوليندا پئي وتيا ۽ هاڻي توهان وٽ سموري ڏوهہ جي ڏوهارڻ آهي تہ حمامہ ئي آهي. ارمان آهي. ڪير ڪري ڪير ڀري؟

خلف:- اڄ تہ رباح ! ڏاڍو فيلسوف ٿو نظر اچين. ڇگو وڃ ۽ وڃي پنهنجي ڪم ڪار سان لڳ، پر ...... ٻڌ ......اڳتي اهڙيون فلسفيانہ ڳالهيون ٻين آڏو متان ڪرين. انهن سان تو کي نقصان رسندو. (۱)

رباح ۽ حمامہ ڪافي عرصي تائين نهايت مٺ محبت سان پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن گذارن ٿا. هر تقدير تي راضي. ٿوري تي صبر ۽ جهجي تي شڪر ڪندا رهن ٿا. ڪين اولاد بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي هڪ پٽ بلال جيڪو اڳتي هلي بلال بانگي جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ ٻيو پٽ خالد نالي سان اٿن جيڪو پڻ اسلام جي دولت سان نوازجي وڃي ٿو. سندن نياڻي بي بي غفران بہ حضور جن تي ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي هئي.

رباح ۽ حمامہ تہ خير خوبيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪري راهہ رباني وٺي وڃن ٿا، ۽ پٺيان پنهنجي اولاد کي خلف جي ٻنين جي سنڀال لاءِ ڇڏي وڃن ٿا. هوڏانهن خلف بہ پنهنجي حياتي پوري ڪري مري وڃي ٿو ۽ پٺيان اُميہ ۽ اُبي بہ پٽ ڇڏي وڃي ٿو.

رباح ۽ خلف تہ سوجهري وارو وقت ڪونہ ڏٺو. پر ٻنهي جي اولاد کي اهڙو متبرڪ نظارو ڏسڻ ۾ آيو. رباح جي اولاد سڀاڳ وارو پاسو اختيار ڪيو. حضرت رسول الله ﷺ جن جي شفقتن ۽ مهربانين ۾ رهي جنتي بنيا.

ٻئي طرف خلف جي اولاد نڀاڳ وارو پاسو اختيار ڪري حضور ﷺ ۽ سندس آندل دين اسلام جي مخالفت ڪري پاڻ کي دوزخ جي آڙاهہ ۾ اڇليو.

ذات نہ آهي ذات تي جو وهي سولهي،
آريون ابوجهن جو، سڀڙ چام سهي،
جو راءِ وٽ رهي، تنهن جڪي تان نہ ٿئي.
(شاهہ)

---

(۱) وعدالحق

بلال اميہ جو غلام

مڪي جي ماڻهن جي حياتي بس ائين راند روند وانگر بي مقصد پئي گذري. رات ڏينهن رڳو ڳائڻ وڄائڻ، نشن پتن، عيش عشرت ۾ گذارن ٿا. هنن کي هن حياتيءَ جي خبر آهي. ان جي ٿاهر ٿوهر لاءِ سوچڻ چاهن ٿا. رات ڏينهن، جهڙ مينهن ۾ هن حياتي جي سٺي گذارڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ چاهن ٿا، پر آخرت کان بلڪل نا واقف آهن. مڪي وارا مرڻ کي مڃين ٿا، پر مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ ۽ حساب ڪتاب کي نٿا مڃين. هنن جي حياتيءَ جو مقصد رڳو ڪائڻ پيئڻ، ڪيڏڻ ڪڏڻ آهي. هو ڪمائڻ ته چاهن ٿا پرحلال ۽ حرام جو فرق نٿا چاهي سگهن، هو اولاد کي ڄڻڻ ۽ نپائڻ ته چاهن ٿا. پر انهن تي شفقت ۽ رحم ڪرڻ نٿا چاهن. الله تعاليٰ جون نعمتون ته حاصل اٿن پر ان الله جي وحدانيت (هيڪڙائي) جي چاهڻ کان صفا ڪورا آهن.

ڪو هبل جو پوڄاري آهي ته ڪو عزيٰ آڏو آڻ مڃيو، مٿو ٽيڪيو ويٺو آهي. ڪو اساف کان دعا گهري رهيو آهي، ته ڪو نائلہ آڏو سڪائن باسڻ ۾ مشغول آهي. مطلب ته مڪي جي مشرڪن جو ڏينهن به ائين بي فائدو گذري ٿو ته سندن رات به ائين بي مقصد گذري ٿي.

اهڙن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو صبح اجا مس شروع ٿئي ٿو. سج ڪني ڪڍي. مڪي جي بزارين تي روشنيءَ جا ڪرڻا پون ٿا. آهستي آهستي شهر ۾ چهل پهل ٿيندي وڃي ٿي. هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم تي وڃڻ جي تياري ۾ رڌل آهي. ايتري ۾ خلف جو پٽ اميہ وڏيون وڪون ڪڍندو ڪعبة الله شريف ڏانهن اچي رهيو آهي. سندس پويان هڪ ڊگهي قد وارو نوجوان سنهي جسم ۽ هلڪڙن ڳلن وارو گهاٽن ۽ گهنڊيدار وارن، ٿلهن چپن وارو ماڻهو، يعني اميہ جي پيءُ جي ملڪيت مان ڪيس حصي ۾ آيل غلام، رباح جو پٽ بلال اچي رهيو آهي.

جڏهن اُميه جي نظر ڪعبة الله تي پوي ٿي تڏهن ڪعبہ جو ادب ڪندي آهستي آهستي هلي ٿو. ۽ پنهنجي پويان ايندڙ بلال کي سڏ ڪري چوي ٿو.

اُميہ:- بلال .... او بلال ....

بلال:- جيءُ چوان.

اميہ:- آءُ سمجهان ٿو تہ گذريل سال وانگر، هن سال بہ توهان جو سفر سٺو ڪامياب ٿيندو. تون هوئڻ بہ يلي ياڳ وارو ماٺهو آهين. مون تہ ٻڌو آهي تہ ٻيا ماڻهو بہ ان ڪوشش ۾ آهن تہ واپار لاءِ پنهنجو سامان سڙو تنهنجي قافلي سان گڏ موڪلين. جيئن اهي بہ گهڻو نفعو ڪمائي سگهن، پر .... پر بلال! جيڪڏهن توهان جو سفر ڪامياب نہ ٿيو تہ پوءِ ....

بلال:- (اميه جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي) سائين ائين نہ چئو. سٺائي وائي ڪيو، اسان جو سفر سٺو ڪامياب ٿيندو. وڏو نفعو ٿيندو، جيئن پرَ سال ٿيو هو ۽ اسان جو قافلو بہ چاڻ تيار ٿيو.

اُميه:- اسان جي خاندان مان توسان ڪير بہ گڏ نہ هوندو. سموري ذميواري تنهنجي هوندي. ڦڙتائيءَ سان هلجانءِ. سامان سوچي سمجهي نيڪال ڪجانءِ.

ائين ڳالهيون ڪندي ڪعبة الله ۾ پهچن ٿا، جتي چڱن مڙسن جي ڪچهري اڳ ۾ ئي لڳي پئي هئي.

اُميه:- چڱو بلال تون سفر جي باري ۾ هبل بت وٽ وڃ ۽ ان سان مشورو ڪر، تہ سفر تي وڃڻ گهرجي ڪين نہ؟ ۽ هَبل وٽان ٿي، مون سان هت هن ڪچهريءَ واريءَ جاءِ تي اچي ملجانءِ.

بلال:- حاضر، ائين ئي ڪريان ٿو. (١)

هبُل بُت

هڪ دفعي حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي هڪ صحابيءَ اڪثم بن الجون الخزاعيءَ کي سڏي فرمايو تہ اي اڪثم مون (معراج واري رات) عَمروبن لحيٰ بن قمعہ کي دوزخ ۾ ڏٺو، سندس آنڊا پيٽ کان ٻاهر نڪتل هئا ۽ عمرو انهن کي گهلي رهيو هو. ۽ عمرو بن

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

لحيٰ (١) صفا تنهنجي مهانڊي هئو. (٢)

حضرت اڪثم رضي الله عنه پڇيو ته سائين ! آءٌ جو اُن دوزخيءَ جي مهانڊي آهيان ته مونکي ڪو نقصان ته ڪونه پهچندو . پاڻ فرمايائون ته هر گز نه. هو ڪافر آهي ۽ تون پڪو مسلمان آهين. (٣)

حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اهو عمرو بن لحيٰ ئي هيو جنهن سرزمين حجاز ۾ حضرت اسماعيل عيله السلام جي توحيد واري دين کي بگاڙي اتي بت آندا.

عمرو بن لحيٰ مڪي کان سفر ڪري شام پهتو. اتي هن عماليق قوم جي ماڻهن کي ڏٺو ته اهي بتن جي پوڄاڪري رهيا هئا. عمرو بن لحيٰ انهن پوڄارين کان بتن جي باري ۾ پڇيو، جن ٻڌايس ته اسان بتن جي پوڄا پاڻ ڪندا آهيون، انهن کان مينهن وسائڻ لاءِ دعا گهرندا آهيون ته مينهن وسندو آهي ۽ ٻين معاملن ۾ به انهن کان مدد گهرندا آهيون، ته هو اسان جي مدد ڪندا آهن.

عمرو بن لحيٰ انهن عماليقي پوڄارين کان هڪ بت گهريو. جيئن هو اهو بت ڪٺي حجاز جي زمين ڏي اچي ۽ اتي به بتن جي پوڄا شروع ڪرائي. عماليقي پوڄارين عمرو کي هڪ بت پٿر جو ڏنو جنهن جو نالو هبل هئو. عمرو بن لحيٰ اهو بت آڻي مڪي ۾ ڪنهن جاءِ تي کوڙي ماڻهن کي هبل جي پوڄا ڪرڻ ۽ هبل جي عزت ڪرڻ جو حڪم ڪيو. (۴)

حجاز ۾ بتن جي پوڄا هبل سان شروع ٿي پر ان کان پوءِ به جيڪي بت مڪي ۾ ٺاهيا ويا ۽ کوڙيا ويا اهي سڀ هبل کان ننڍا هئا. اڳتي هلي هبل کي ڪعبة الله جي وچ ۾ کوڙيائون. جيڪو ڳاڙهي عقيق جهڙي پٿر مان ماڻهوءَ جي شڪل تي ٺهيل بت هيو. جنهن وقت عمرو بن لحيٰ هبل بت قريش وٽ ڪٺي آيو هو ان وقت هبل جو سڄو هٿ ڀڳل هو. پوءِ قريشي ڪاريگرن هڪ سون جو هٿ ٺاهي اُن ڀڳل هٿ واري جاءِ تي لڳايو هو ۽

---

(١) عمر اڪر جي پٺيان واو ايندو ته عين کي زبر ڏئي عَمرُ پڙهبو. جيڪڏهن واو نه ايندو ته عين کي پيش ڏئي عُمرُ پڙهبو.

(٢) عمرو بن لحيٰ جو مهانڊو هي هيو. قد جو ڇوٽو، رنگ ڳاڙهو، اکيون شيريون.

(٣) سيرة ابن هشام جلد اول (۴) سيرت ابن هشام جلد اول

مشرڪن هبل جي هٿ ۾ ڪجهہ تير ڏنا هئا جن سان ڪٽا وجهندا هئا.

بلال هبُل اَڏو

اميہ جي حڪم سان بلال هبل وٽ پهچي ٿو. پر هن جي پهچڻ کان اڳبر ئي، هڪ مرد ۽ ان جي زال، پنهنجي هڪ ٻار کي هنج تي کنيو ان لاءِ بيٺا آهن، جيئن هبل فيصلو ڏئي تہ ڇا اهو هنج وارو ٻار واقعي ان مرد جو صحيح پٽ آهي ڪين نہ؟ ٻنهي زال مڙس جي چوڏاري رونشي ڪوڏين جو چڱو خاصو ميڙ ان انتظار ۾ بيٺو آهي، جيئن ڏسن تہ هبل ڪهڙو ٿو فيصلو ڏئي. بلال بہ في الحال تہ انهن ماڻهن سان بيهي سموري ڪارروائي ڏسندو رهي ٿو.

هڪ طرف هبل جو مجاور ڦڙتيءَ سان تيرن هلائڻ (ڪٽن وجهڻ) ۾ مشغول آهي، تہ ٻئي طرف اهو مرد ۽ عورت ٻئي سخت پريشانيءَ ۾ بيٺا آهن، تہ متان ٻار جو نسب صحيح نہ نڪري ۽ لوڪ آڏو لڄي نہ ٿيڻو پوي، البت مرد کان وڌيڪ پريشاني ان پوڇارڻ مائيءَ کي آهي. ٻنهي جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا هڪ ٻئي پٺيان نهي ۽ ٽمي رهيا هئا. سندن منهن جو رنگ هر هر مٽجي رهيو هو. هبل جي مجاور تيرن کي ڦيرائي هڪ تير ڪڍي پڙهڻ لڳو تير تي لکيل هو "منڪم" (معنيٰ تہ اهو ڇوڪرو توهان ٻنهي مان آهي) مجاور اهو تير وارو اکر ٻين ماڻهن کي ڏيکاريندي انهن ٻنهي مرد عورت کي مبارڪ پڻ ڏئي ٿو. اهڙي واڌائي ٻڌندي ئي مرد جو منهن خوشيءَ سبب ٻهڪي پيو. عورت بہ خوش تہ ڏاڍو ٿي، پر مڙس کي ڏوراپي واري نظر سان ڏسندي اشارن سان چڻ چئي رهي هئي تہ، ڏٺئي خاوند! اسان جي الہ ڪيئن نہ حق جو فيصلو ڏنو، تون خواهہ مخواہ مون تي الزام مڙهين پيو، پر نيٺ سَتيءَ جتيءَ جو سيل شرم الہ هبل ثابت ڪيو.

ان ڪٿي کان پوءِ ٻيا ماڻهو تہ ڇڙو ڇڙ تي ويا، پر مجاور وٽ بلال اڃا بيٺو رهيو. ڇو تہ هو آيوئي هبل کان فيصلو ڪرائڻ هو، تہ هو سفر تي وڃي يا نہ ؟

بلال آهستي آهستي هبل جي مجاور جي صفا ويجهو اچي ٿو. ڪجهہ نذرانو آڏو رکندي، دل جو احوال ٻڌائي ٿو. آءٌ اميہ جو غلام بلال آهيان. اسان شام ملڪ ڏي سفر لاءِ سانباها پيا ڪريون. هي ٿورو گهڻو نذرانو بہ

آندو اٿس، ان لاءِ ته جيئن اسان تي هبل شفقت جي نظر وجهي ۽ اسان جي سفر حضر ۾ سنڀال ڪري، اسان جو سفر خير خوبيءَ سان پورو ٿئي. مهرباني ڪري مونکي هبل کان توهان پڇي ڏيو ته ڇا آءٌ ان تيار ٿيل قافلي سان شام وڃان يا نه؟

مجاور اول ته نئين آيل گراهڪ (بلال) تي هڪ سرسري نظر وجهي ٿو. ۽ سوچي ٿو ته هي ته ڪٿي غلام آهي پر موڪليو ته اميرَ اٿس. اهو ته سٺي آسامي آهي. هن مان ڪجهه سبيل ڪڻ تيل نڪري سگهي ٿو. اهو سوچيندي بلال جا ڏنل پئسا ڪيسي ۾ سانديي، تير ڦيرائيندي ڪجهه هٿ ناٽ ڪندي، ڪيڏ ڪيڏندي، هڪ تير ڪڍي ٿو ۽ بلال کي ٻڌائي ٿو ته: بابا ! سفر تي نه وڃجانءِ ڇو ته هن تير تي لکيل آهي "لا" معنيٰ نه. يعني سفر ٺيڪ نه آهي.

بلال، اهو ٻڌندي ئي ڏاڍو مايوس ٿي ويو. ڀلا سفر جي هيڏي تياري ۽ هيڏو شوق ۽ هبل وري چوي ٿو ته سفر نه ڪر، بلال منجهي بيهي ٿو رهي ته ڇا ڪري؟ ڪڏهن سوچي ٿو ته هبل جي فيصلي کي ڪڏ ۾ هڻي سفر تي هليو وڃان، ته ڪڏهن ٻي ڪا اٽڪل سوچي ٿو. پر اجان ڪنهن به فيصلي تي پهتوئي ڪونه ته هبل جي مجاور ڳالهايو. ابا! ڳڻتيون ڇو ٿو ڪرين آءٌ ٿو توکي صلاح ڏيان، تو لاءِ بهتر ائين ٿيندو جو تون اله هبل آڏو ٻيهر ڪجهه نذرانو رک. من هبل توتي راضي ٿي پوي ۽ توکي سفر جي اجازت ڏئي. بلال ائين ڪيو ۽ هن کي مجبوراً ائين ئي ڪرڻو پيو ڇو ته هن کي ٻي ڪا اٽڪل في الحال سمجهه ۾ به نه پئي آئي.

مجاور ٻئي دفعي به نذراني وارا پسا وٺي اڳين پئسن سان گڏ هٿيڪا ڪري. وڏي هوشياريءَ سان تيرن کي هلائي هڪ تير ڪڍي ٿو. تير تي لکيل اکر تي نظر وجهي، بلال کي ٻڌائي ٿو ته: ابا مبارڪ هجئي، هبل توتي راضي ٿيو آهي. اجهو هي ڏس، هن تير تي لکيل آهي "نعم" معنيٰ هائو يعني تون ڀلي سفر تي وڃ. بلال في الحال ته ڏاڍو خوش ٿيو. پر وري سوچڻ لڳو ته هڪ دفعو هبل ناڪار ڪئي ۽ هڪ دفعو هاڪار. اهو به پڪو فيصلو نه ٿيو. ان ڪري وري به ڪجهه پئسا ڪڍي مجاور کي ڏيندي چوي ٿو. ته سائين اجهو ! هي نذرانو وٺو ۽ ٽيهر به ڪٿو وجهي ڏسو.

مجاور ڏاڍو خوش ٿيو. پئسا ڪيسي ۾ رکي، تيرن کي هلائي ساڳيو تير

ھاڪارو وارو ڪڏي بلال کي ٻڌائي ٿو، ته بابلا ! تون پلي سفر تي وڃ. هبل توکي خوشيءَ سان موڪل ڏئي ٿو. چڱو ! سڀ سٺايو. بلال ته خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. ڇو ته هو بناروڪ ٽوڪ جي سفر تي وڃي سگهيو پئي ۽ هبل جو مجاور به ڏاڍو خوش هو جو هڪ ئي گراهڪ ٣ دفعا هن جي کيسي کي گرم ڪيو هو. بلال هبل وٽان نڪري سڌو اميه سان انجام ڪيل جاءِ تي ملي ٿو ۽ کيس سفر متعلق وڏل ڪٽن جي پيرائتي خبر ڏئي ٿو. (١)

بلال شام جي سفر تي

قريش جي واپار وارو قافلو مڪي کان ٻاهر نڪتو. قافلو جيئن ته تمام وڏو هئو، ان ۾ ڪيئي واپاري ۽ واپارين جا عيوضي ۽ انهن جا غلام، قافلي سان ويٺا هئا، ان ڪري قافلي کي رخصت ڪرڻ لاءِ ڪيئي شهري نڪري ٻاهر آيا. ان قيمتي سامان واري قافلي کي روانو ڪري، تيسين بيهي ڏسڻ لڳا. جيسين انن جي قطار نظرن کان غائب ٿئي .

قافلي جي حفاظت لاءِ ڪيئي محافظ گهوڙن تي چڙهيل، هٿيار پنهوار ٻاتل، چڪرن لڳائڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ڪي ماڻهو قافلي جي منڍ ۾ ، ڪي انن جي قطار جي پويان ۽ ڪي محافظ وري پاسن سان هلي رهيا هئا ۽ بلال به انهن ماڻهن سان گڏ آهي جيڪي قافلي جي آڏو آڏو هلي رهيا آهن.

بلال رڪي رڪي سريلي آواز سان ڪجهه شعر ۽ سفر جي موافقت وارا بيت، ڏوهيڙا جهونگاري پيو. ۽ پنهنجي مٺڙي سرسان ڳايل عربي شعرن سان ۾ پاسي وارن کي ڏاڍو لطف پئي وٺرايائين.

> ڪندي پنڌ پهاڙ جو مادر آءُ مئي،
> پر ڪڏهن ڪانه سئي ، ته ڪاسگهي ملي سڄٽين.
> (شام)

ڪڏهن پاڻ ۾ پيون زماني جون ڳالهيون به ڪندا پئي آيا. پر جڏهن به بلال الو ميان جو آواز آلا پيو پئي، ته سيئي مسافر پنهنجون پيون ڪچهريون ڇڏي هن جي سريلي آواز ٻڌڻ لاءِ خاموش ٿي پئي ويا.

قافلو هلندي هلندي، هڪ ڏينهن سانجهيءَ مهل اچي شام ملڪ جي

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

هڪ شهر وٽ پهتو. شهر جي ٻاهران انهن جو سامان سڙو لاٿو ويو. ڪي مسافر ڪاڏي پيتي جي تياريءَ ۾ لڳي ويا ۽ ڪي انهن ۽ گهوڙن جي گاهه هٽ ڪرڻ لاءِ هيڏي هوڏي جهوتون ڏيڻ لڳا ۽ ڪي وري سامان وٽ چوڪيدار بنجي ويهي رهيا. انهن چوڪيدارن ۾ ابوبڪر بن ابي قحافه به آهي ۽ بلال سامان سڙو ناهي رکي ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ سوچي رهيو هو، ته ابو بڪر رضه سڏ ڪري بلال کي پنهنجي پر سان ويهاري چوڻ لڳو.

بلال! تنهنجو سر ته واهه جو آهي. مونکي اڳ ۾ ته خبر ئي ڪانه هئي ته ڪو تون ايڏو سريلو ڳائيندو به آهين. يار! تو اصل سفر جو ٿڪ ئي لاهي پٽي ڇڏيو. سر سنو به هڪ قدرتي ڏات آهي. اسان اڳ ۾ به شام جي سفر تي ايندا آهيون. پر پنڌ ڏاڍو گهٽو نظر ايندو آهي ۽ هن دفعي تنهنجن سريلن ڪلامن ۽ ڪافين، بيتن ۽ ڏوهيڙن جڻ مفاصلوئي گهٽائي ڇڏيو. ان ڏينهن ئي حضرت ابوبڪر بلال سان ايترو گهرو ٿي دوستانه ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي، يا هيئن ڪٿي چئجي ته ٻنهي جي دوستي ان ڏينهن کان ئي شروع ٿي هئي.

صبح ٿيندي ئي قافلي وارن سودو سلف کپائڻ شروع ڪيو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ سمورو سامان کپائي ڇڏيائون ۽ قريشي قافلي وارا ائين محسوس ڪري رهيا هئا، جڻ هميشه کان هن دفعي هنن کي وڏيڪ نفعو حاصل ٿيو هو. واپسيءَ کان اڳ ڪجهه اتان جون شيون خريد ڪري موٽڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويا. صبح سوير قافلو مڪي ڏي هلڻ لاءِ روانو ٿئي ها. پر سج اڀرڻ کان اڳيئي ابي بڪر بن ابي قحافه رضه قافلي وارن کي ترسايو. جيئن هو اڃا ڪم ڪار لاهڻ لاءِ ٿورڙو وقت رهندو. اتي بلال کانئس پڇي ٿو.

ٻلال:- دوست وري ڪيڏانهن سنبريا آهيو. ڇا ڪو رات ۾ ئي ڪم ياد آيو اٿو ڇا؟

ابوبڪر:- هيڏي هن طرف هڪ بحيرا نالي راهب آهي. ان ۾ ڪم اٿم ٿورو ان وٽان ٿي اچان، ته اڄ جو اڄ ئي هلون ٿا.

بلال:- ڇو؟ ڀلا ٻيو ته خير آهي نه؟

ابوبڪر:- مڙئي خيرآهي. ان راهب کان ڪا ڳالهه پڇڻي اٿم.

ٻلال:- اهڙي ڪا مخفي ڳالهه آهي ڇا؟ ۽ وري اها ڳالهه توکي ياد به رات آئي آهي؟

ابوبڪر:- مون اڄ رات هڪ خواب لڌو آهي. ان خواب جو تعبير راهب کان پڇندس.

بلال:- پوءِ ڀلا هڪ ڪان به ڇٽا چڱا آهيون. آءٌ به هلان ۽ ڏسان ته ڪهڙو آهي راهب. ڪين ڪا مخفي ڳالهه آهي ۽ اهڙو خواب آهي جو مون کي ٻڌائڻ جهڙو نه هجي؟

ابوبڪر:- اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي تون ڀلي هل. ٻئي ڇٽا گڏجي راهب ڏي روانه ٿين ٿا.

راهب بحيرا ڪير هو؟

اڳئين زماني ۾ شام ملڪ ۾حو ران نالي هڪ ضلعو هو. ان ضلعي ۾ هڪ گرجا هئي، جيڪا موصل کان شام ويندڙ وڏي رستي تي هئي. ان گرجا ۾ بحيرا نالي هڪ عيسائي مذهب جو وڏو عالم رهندو هو. هو نه رڳو عالم هئو، پر با عمل زاهد عابد پڻ هئو. ان کي وڏڙن کان توريت ۽ انجيل جا تمام پراڻا نسخا مليل هئا. هو نجوميت جي علم جي سٺي ڄاڻ رکندو هو. عيسائي هجڻ جي باوجود حضرت عيسيٰ عليه السلام کي خدا، يا خدا جو پٽ ڪري ڪو نه مڃيندو هو. پنهنجي گرجا کان ٻاهر گهٽ نڪرندو هو. قريش جا قافلا شام ڏي ويندي اتان لنگهندا هئا ۽ راهب سان ملڻ گرجا ۾ ويندا هئا ته بحيرا انهن کي توحيد جي تبليغ ڪندو هو.بتن جي پوڄا کان جهليندو هو. ان راهب جو هڪ شاگرد مذهب نالي به هئو ۽ ڪجهه سال ته ان وٽ حضرت سلمان فارسي به پڙهڻ لاءِ رهيو هو. (١)

اهو بُحيرا راهب ساڳيو آهي جنهن رسول الله ﷺ جن جي سندن شام واري سفر وقت دعوت ڪئي هئي. جنهن وقت رسول الله ﷺ جن جي عمر مبارڪ ١٢ سال کن هئي ۽ پاڻ پنهنجي چاچي ابوطالب سان گڏ شام جي سفر تي ويا هئا. جڏهن قافلو بحيرا جي گرجا وٽان لنگهندي گهڙي کن ساهي پٽڻ لاءِ رستي جي ڪپ تي ترسيو هو ۽ بحيرا هڪ عجيب نظارو ڏسي گرجا کان ٻاهر آيو هو ۽ سڄي قافلي وارن سان ڪيڪار ۽ خوش مرحبائي ڪري سندن دعوت جهلي هئائين. (٢)

---

(١) محمد رسول الله ص ٥٦

(٢) سيرت ابن هشام جلد اول

حضرت ابوبکر رضہ ۽ حضرت بلال ٻئي ڄڻا گڏجي صبح جو ساجهر ئي ان بحيرا راهب وٽ پهچن ٿا. خوش خير و عافيت کان پوءِ گفتگو شروع ٿئي ٿي.

راهب:- ابا ڪريو خبر ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

حضرت ابوبڪر رضہ :- سائين مون رات هڪ خواب ڏٺو ته: هڪ نهايت روشن ۽ چمڪندڙ چنڊ مڪي معظمہ جي مٿان ايري، سيني جاين کي روشن ڪري رهيو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ، اها سموري روشني سميٽجي، منهنجي گهر ۾ آئي آهي. (١)

ان خواب جو تعبير پڇڻ آيا آهيون.

راهب بُحيرا:- تون ڪٿان آيو آهين؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- مڪي شريف کان.

راهب:- تون ڪهڙي قبيلي مان آهين؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- آءُ قريش قبيلي مان آهيان.

راهب:- تون ڌندو ڪهڙو ڪندو آهين؟

حضرت ابو بڪر رضہ:- آءُ واپار ڪندو آهيان.

راهب:- جيڪڏهن الله تعاليٰ تنهنجي خواب کي سچو ڪيو ته پوءِ تنهنجي قوم مان هڪ نبي پيدا ٿيندو ۽ تون ان پياري پيغمبرجو سندس حياتيءَ ۾ ئي وزير ٿي رهندين ۽ ان جي رحلت کانپوءِ تون ان جو خليفو مقرر ٿيندين.

بلال:- (راهب کان سوال ڪندي) سائين اهو نبي ڇا ٿيندو آهي؟

راهب:- اهو الله تعاليٰ طرفان پيغام آڻيندو آهي. ۽ الله تعاليٰ ان کي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليندو آهي.

بلال:- ڇا ان کي هُبل موڪليندو ڪين لات، عزيٰ ڪين اساف ڪين اجا ڪو ٻيو، ڪعبي ۾ رکيل الٰهن مان الله ان کي موڪليندو؟

راهب:- بلڪل نہ، ان پيغمبر کي زمين ۽ آسمانن جو پيدا ڪندڙ الله تعاليٰ موڪليندو. هي هبل ۽ عزيٰ وغيره تہ ماڻهن ٺاهيا آهن. اهي الله ٿورو ئي آهن.

---

(١) ازالة الخفا صہ ٢٢

بلال:- ڀلا اهو نبي سڳورو ڇو ايندو؟

راهب:- نبي سڳورو ماڻهن کي اڪيلي الله جي عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏيندو ۽ مِٽين مائٽين کي ڳنڍڻ جو حڪم ڪندو. هو بتن کي ڀاڃ به ڀڃندو ۽ ڀڃڻ جو حڪم به ڪندو.

بلال:- (گهٻرائجي حيرت مان) ڇا هو انهن سمورن بتن کي ڀڃڻ جو حڪم ڪندو جن کي ماڻهو پنهنجو حاجت روا سمجهن ٿا؟

راهب:- هائو هو سڀني بتن کان مڪي شريف کي پاڪ ڪندو. حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت بلال رضہ ٻئي ڄڻا راهب کان موڪلائي واپس قافلي ۾ اچن ٿا. قافلي وارن کي اڳيئي هنن ٻن جو انتظار هو. سو جلدي ئي قافلو مڪي ڏانهن واپس وريو. (١)

بلال جي خيالن ۾ وڳوڙ

شام جو سفر پورو ڪري قافلو مڪي ۾ پهتو. هر ڪو قافلي وارو گهر وڃڻ کان اڳ ڪعبة الله ڏانهن اچي ٿو. جيئن ڪعبي ۾ رکيل بتن جو شڪريو ادا ڪري. سندن عقيدي مطابق بتن جي دعائن سان هنن جو سفر ڪامياب ۽ نفعي وارو ٿيو هو. ڪي اهڙا به هئا جيڪي بتن آڏو اچڻ کان اڳ ئي پنهنجي گهرن ڏانهن راهي ٿين ٿا. پر بلال جيڪو هبل جي موڪل سان سفر تي ويو هو. اهو هبل آڏو شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو ڪعبة الله ڏانهن اچي ٿو. هو به ٻين سان گڏ بتن آڏو بيٺو شڪرانو ادا ڪرڻ لڳو. پر اڄ هن جي دل کي اهو اطمينان، اهو سڪون حاصل نہ آهي، جيڪو، اطمينان هو اڳ ۾ بتن آڏو بيهندي محسوس ڪندو هو. بلال زبان سان تہ هوريان هوريان شڪرانہ جا اکر اچاري ٿو. پر اڄ هن جي طبيعت ۾ اها عاجزي ۽ نمستي ۽ بتن لاءِ اها عزت نہ آهي، نہ وري هن کي اڄ بتن لاءِ اڳئين وانگر خوش اعتقادي ئي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن بلال ٻين ماڻهن جي عاجزي ۽ بتن آڏو آه و زاري ۽ نماڻائي ڏسي دل ۾ خيال ڪري ٿو تہ اڄ مونکي الائي ڇا ٿيو آهي؟ متان منهنجي ان بي رخيءَ کي ڏسي بت مون تي ناراض نہ ٿي پون ۽ مون کي ماري نہ وجهن؟ يا منهنجو ڪو عضوو نہ ڀڃي وجهن. آءٌ جو بتن کان دل ۾ باغي

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

ٽيندو ته وچان متان پيو کو نقصان نہ ڪن؟

پر وري پاڻ سنڀالي سوچي ٿو تہ هي تہ اسان جهڙن ماڻهن جي هٿ جا ٺهيل بت آهن. اهي پنهنجي حفاظت بہ نہ ڪري سگهندا. هو اڃا اسان جا محتاج آهن. وري راهب وارا اکر ياد ڪري سوچي ٿو تہ جڏهن الله جو موڪليل نبي هتي ڪي ايندو، ان وقت هو پنهنجي حفاظت ڪرڻ کان بہ عاجز هوندا. تہ پوءِ مون کي ڪيئن نقصان رسائي سگهندا؟

بلال جو نفس بلال کان سوال ڪري ٿو. هي هيترا سارا راڄ ماڻهن جا، بتن کي پوڄين ٿا، اهي سڀ چريا آهن ڇا؟ هي ڪو اڪيلو آهي ڇا؟ جيڪو بتن جي آڏو بيهي ٿو؟ اهڙو خيال بلال جي دل ۾ اچي ٿي مس ٿو تہ پاڻ کي پاڻهي جواب ڏئي ٿو. ماڻهو تہ هُوَئين بہ رَونشي ڪوڏيا هوندا آهن. مڪڙا جو پين کي بتن جي اڳيان جهڪيل ڏسن ٿا تہ پوءِ ريس تي هوبہ جهڪيو پون ٿا. نہ تہ انهن پوڄارين وٽ بتن جي عزت احترام لاءِ ڪو دليل نہ آهي.

بلال وري سوچي ٿو تہ: آءٌ تہ پرائو بدهگير غلام،منهنجو پيءُ بہ غلام هئو ۽ منهنجي امڙ بہ ٻانهي هئي. آءٌ تہ ڇٽيوئي بتن واري ماحول ۾ ويو آهيان. هتي تہ ڪٿي هبل ۽ عزيٰ آهي پر جيڪڏهن بالفرض نانائي ۽ ڏاڏاٽي ملڪ حبش ۾ هجان ها تہ اتي ٻيا ڪي معبود هجن ها پيو ڇا؟

اهي وهمو لوڙيندو، بلال ڪعبي مان نڪري اميہ وٽ پهچي . واپار وارو سمورو سامان اميہ جي حوالي ڪري پاڻ پاسي تي بيهي نماڻائيءَ سان ڪنڌ هيٺ ڪري ٿو، جڻ انتظار ۾ هئو تہ اجهو ٿو اميہ يا ڪو ان جو ياتي بلال جو شڪرانہ ادا ڪري ۽ هن کي رڳي زبان جي شاباس چوي. ڇو تہ آخر بلال هيڏي ساري سفر تان موٽيو هو. ۽ چڱي خاصي نفعي سان موٽيو هو.

پر اميہ ۽ اميہ جا ياتي نئين آيل سامان جي ڏسڻ ۾ ڳولا ڦولا ۽ ونڊڻ ورهائڻ ۾ ايڏو تہ مشغول ٿي ويا، جو بلال تہ هتي ڪي ياد بہ نہ آيو. ۽ ڪنهن بہ بلال کي شاباس جا ٻہ اکر نہ چيا جن سان بلال جو سفر وارو ٿڪ لهي ها، خوش ٿئي ها.

بلال اميہ وارن وٽان ڏڪايل ٿي ٻاهر نڪتو. ٿورو پر پرو ويهي وهم ولوڙڻ لڳي ٿو. ڪاش آءٌ بہ آزاد هجان ها. ڪنهن جو غلام نہ هجان ها. هاڻي تہ رڳو پرائي وس آهيان، جڏهن ڪو حڪم ٿئي هو پورو ڪري. ۽ ان

ڪان سواءِ هن لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ آهي. بلال سوچي ٿو. تہ شايد سڄي حياتي ائين ئي گذارڻي پوندي جو پنهنجي مالڪن جي ڪن سان ٻڌان ۽ سندن زبان سان ڳالهايان. سندن معبودن جي پوڄا ڪريان. سدائين سندن ٻيلپو ڏيندو رهان. صحيح يا غلط هجي. ها ۾ ها، ملائيندو رهان. انهن غمن ۾ غلطان ۽ ڳڻتي ۾ منجهيو ويٺو آهي، تہ اوچتو وٽس ڪجهہ قريشي نوجوان اچن ٿا ۽ بلال کي ڪجهہ سريلي راڳ ٻڌائڻ لاءِ منٿون ڪنَ ٿا.

بلال جي دل ڳائڻ تي اصل ڪانہ ٿي وري، ڇو تہ اڄ هن سڄو ڏينهن ڳڻتين ۾ گذاريو هو. راڳ بہ تہ خوشين سان ٺهندو آهي. پر قريشي نوجوان ان ضد تي آهن تہ بلال جو راڳ اڄ ضرور ٻڌندا. ان ڪري هو گڏجي سڏجي بلال کي منٿون ڪرڻ لڳن ٿا. بلال ! ائين نہ ڪر هيترا ڏينهن تون مسافريءَ تي هئين. اسان پيا تنهنجي سُر لاءِ سِڪون. چڱو ! ڪوهڪڙو ڪلام ئي ٻڌاءِ ضرور. نہ تہ اسان بہ سڄو ڏينهن هت تو وٽ ويٺا هونداسون، گهر ئي ڪونہ ويندااسون.

بلال مجبوراً ڪن تي هٿ رکيو ۽ ڪجهہ ڏوهيڙا ڳائڻ شروع ڪري ٿو. پر هن دفعي هو غمن وارا بيت، ڏکن وارا ڏوهيڙا ۽ ڳڻتين وارا گيت ڳائي ٿو. اهڙن درديلن ڪلامن چوندي بلال جي اکين مان ڳوڙها مسلسل جاري هئا. ٻڌندڙ نوجوانن جي دل تي بلال جي ڳائڻ ڏاڍو اثر ڪيو. ٻلا بلال جو سُر سريلو ۽ گيت غمن وارا اکين مان ڳوڙها ڳڙيل ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڳايائين بہ دل جي گهراين مان پئي. سو سيني ٻڌندڙن جي بت جا وار ڪانڊارجي رهيا هئا ۽ سندن دل تڙپي رهي هئي.

سکر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسـايـم وڏڦـڙا ، مـٿي مارُئين مـينهن،
واجهائي وصال کي، تيس تهوارون تيئن،
نـير مـنهنجو نـينهن، اجاري اڄو ڪـيو.
(شاهہ)

اسلام جو سج ابري ٿو

ننڍڙو سلمہ بن سلامہ انصاري (١) پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ مٿان چادر تاڻيو ستو پيو هو. سندس پرسان عربن جي ڪچهري هلي رهي هئي. ايتري ۾ هڪ يهودي ان ڪچهري ۾ پهچي ٿو. ۽ ڪچهريءَ ۾ ڳالهين ٻولهين ڪندي چوي ٿو:

يهودي:- هتان جڏهن ماڻهو مري ويندو آهي ۽ قبر ۾ پوريو ويندو آهي تہ ان ڪان ملائڪ سوال جواب ڪرڻ ايندا آهن.

ٻيا عرب:- ڇڏ يار! اهڙيون (ڏاڻي جي ڳن جهڙيون) ڳالهيون نہ ڪر. مردي مان ساهہ ئي نڪريو وڃي. پنهنجو هٿ پير ئي چوري ڪونہ ٿو سگهي سو اهو وري اٿي ملائڪن سان ڳالهائيندو؟

يهودي:- الله جي آڏو ڪهڙي دير آهي. جيڪو ٻهريائين پاڻيءَ جي ڦڙي مان ساهوارو انسان بنائي سگهي ٿو اهو ٺهيل انسان ۾ رڳو ساهہ چو نہ وجهي سگهندو؟. ۽ اهو حساب ڪتاب نہ رڳو قبر ۾ ئي ٿيندو. پر هڪ ڏينهن اهڙو بہ اچڻو آهي جنهن ۾ اڳيان پويان، ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، جوان ۽ جهور سڀ اٿي الله تعاليٰ جي اڳيان بيهندا ۽ پنهنجي عملن جي باري ۾ حساب ڪتاب ڏيندا.

ٻيا عرب:- الائي اسان چريا ٿيا آهيون، الائي تنهنجو عقل ڪم نٿو ڪري. مٿا بہ ڪڏهن موٽيا آهن. مُردا قبر ۾ اچا هڏا ٿيو ٿا وڃن. ڪڏهن تہ هڏا بہ ڳريو ٿا وڃن. سو اهي هڏا وري اٿي بيهندا ۽ حساب ڪتاب ڏيندا. ڇڏ هاڻي اهڙين ڳالهين کي ٻيون ڪي زماني جون ڳالهيون ڪر.

يهودي:- هينئر توهان کي منهنجين ڳالهين تي عجب ٿو لڳي. پر هن وقت تہ اهڙيون نشانيون بہ ڏسڻ ۾اچن پيون جو اجهو ٿو مڪي ۾ هڪ قريشي نبي ظاهر ٿئي ۽ قبر قيامت جون وڏيڪ ڳالهيون توهان کي ٻڌائي. آءٌ

---

(١) سلمہ بن سلامہ بن وقش الانصاري، بدري صحابن سڳورن مان آهي.

سمجهان ٿو تہ توهان پوءِ تہ قبر ۽ قيامت کي مڃيندؤ؟

ننڍڙو سلمہ چادر جو پلاند هٽائي ان يهوديءَ ڏي عجب مان نهاري ٿو.

يهودي:- (سلمہ کي ڏسندي) پر توهان ۽ اسان جي عمر ايڏي ٿي الائي اڳيئي مري وڃون. باقي هي نينگر تہ ان نبيءَ جو ديدار ضرور ڪندو.

حضرت سلمہ بن سلامہ فرمائي ٿو تہ: بس ٿورا ڏينهن ئي گذريا تہ الله تعاليٰ پنهنجي پياري ٻانهي حضرت محمد ﷺ کي نبي ڪري موڪليو ۽ الله جي قدرت جو اسان جا سڀ ڀاتي تہ حضور جن تي ايمان آڻي مسلمان ٿيا. ۽ اهو يهودي مسلمان نہ ٿيو ۽ بي نصيب رهيو. (۱)

اهڙيون پيشنگوئيون نہ رڳو اهو اڪيلو يهودي ٻڌائي رهيو هو پر ان وقت جا سڀ عيسائي عالم بہ پنهنجن مذهبي ڪتابن کي ڏسي ماڻهن کي ٻڌائيندا وتندا هئا تہ اجهو اهو زمانو تمام ويجهو اچي ويو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جو آخري نبي دنيا کي شرڪ ۽ ڪفر کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ظاهر ٿيڻو آهي.

حضرت سلمان فارسيءَ کي عموريہ واري راهب بہ ائين ٻڌايو هو ۽ ڪراڙو زيد بن عمر بن نفيل بہ ڪعبة الله جي ڀرسان ويهي ماڻهن کي اها ڳالهہ ٻڌائي رهيو هو. ۽ يهودي عالم ابن الهيبان بہ اهڙيون ڳالهيون ڪندو وتندو هو.

نيٺ هڪ ڏينهن ڏيهہ تان ڏچو لٿو. يهودي عالمن ۽ عيسائي راهبن جون توريت ۽ انجيل ۾ پڙهيل پيشنگويون ظاهر ٿيون. مظلومن جون آهون اگهيون. جيئري ئي دفن ٿيندڙ ڌيئرن جون دانهون قبول پيون. يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي عمر مبارڪ جڏهن ۴۰ سال تي تڏهن سچا خواب ڏسڻ لڳا ۽ جڏهن سندن عمر مبارڪ چاليهہ سال ٦ مهينا اٺ ڏينهن ٿي، تڏهن سندن مٿان غار حرا ۾ پهريون وحي اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ کان وٺي مَالَمْ يَعْلَمْ تائين نازل ٿيو. (۲)

---

(۱) سيرة ابن هشام جلد اول، اسدالغابہ في معرفة الصحابہ جلد ٻيو - ۽ محمد رسول الله ﷺ صفحو ۸۴ (۲) محمد رسول الله ﷺ

پهريون مسلمان

نبوت جو پهريون وحي رمضان شريف جي هڪ سومر ڏينهن صبح جو سوير نازل ٿيو. ان وقت ئي حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي گهر آيا. پنهنجي رفيقه حيات بي بي خديجة الڪبريٰ سان اها وحي واري ڳالهه ڪيائون ته بي بي صاحبه ان ڳالهه ٻڌڻ شرط مسلمان ٿي پئي ۽ ان ڏينهن ئي شام جو حضور جن اها وحي واري ڳالهه حضرت ابوبڪر رضه سان ڪن ٿا. اهو به اها ڳالهه ٻڌندي ئي يڪدم مسلمان ٿي پوي ٿو. ٻئي ڏينهن حضرت علي ڪرم الله وجه جن به حضور ﷺ جن جي وحي نازل ٿيڻ واري ڳالهه ٻڌي مسلمان ٿئي ٿو حالانڪ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي عمران وقت صرف ڏهه سال هئي. (١)

حضرت ابوبڪر رضه الله عنه جن جي اسلام آڻڻ سان حضور ﷺ جن کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. تڏهن پاڻ سڳورا ٻين ماڻهن آڏو گهڻو ڪري فرمائيندا هئا ته: اي انسانو! آءٌ سيني انسانن ڏي رسول ٿي آيو آهيان. جڏهن آءٌ اها ڳالهه ڪندو هوس تڏهن توهان چوندا هئو ته ڪوڙ ٿو ڳالهائين. ۽ ان وقت به ابوبڪر رضه چوندو هو ته بلڪل سچ ٿا فرمايو. (٢)

حضرت بلال جو اسلام آڻڻ

سيدالڪونين سرور ڪائنات ﷺ جن جي نبوت جي اعلان کي ٿورو وقت ئي مس گذريو ته رات جي خاموشيءَ ۾ بني تيم قبيلي جي پاڙي مان هڪ گهر جو ڪڙو لٿو. در کليو. هڪ ڀوري رنگ وارو، ڏٻري جسم وارو، هلڪن ڳلن وارو، ماڻهو ان گهر مان نڪري ٿو. پنيان در جي طاق کي ورائي بند ڪري ٿو ڇڏي. آهستي آهستي هلي ٿو. وک وک سنڀالي کڻي ٿو. ته متان ڪڙڪو نه ٿئي ۽ ڪو ڀڄي نه، ته هن نما شام مهل ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

(١) بذل القوة (١) صحيح البخاري

وکون کٺندو جُمح وارن جي پاڙي ۾ اميہ بن خلف جي اوطاق جي آڏو پهچي ٿو ۽ اوطاق جو دروازو بند ڏسي هيڏانهن هوڏانهن ڪادري ڳولي ٿو. اوچتو سندس نظر هڪ دريءَ تي پوي ٿي. اندر ليئو پائي ڏسي ٿو تہ ڪيس اميہ جا سڀ نوڪر چاڪر گهري ننڊ ۾ ستل نظر اچن ٿا. هن جي مرضي تہ ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي ڳولڻ ۽ ان سان حالي حوالي ٿيڻ تي آهي. پر ان فڪر ۾ آهي تہ ان کي سڏ ڪري تہ ڪيئن ڪري؟ڇو تہ ائين سڏ ڪرڻ سان، ٻين ستلن جي جاڳي پوڻ جو پوءِ هوس نيٺ ٻيهي ٻيهي آهستي سڏ ڪري ٿو.

بلال ! او بلال ! ....

ان سڏ ڪرڻ سان هن جي بت ۾ سيسراٽي نڪري وڃي ٿي ۽ ڪجهہ خوف بہ محسوس ڪري ٿو. ۽ دل ۾ پريشان بہ آهي تہ جيڪڏهن هن ڪمهلي وقت ۾ ڪنهن ماڻهوءَ هن کي هن پرائي پاڙي ۾ ڏٺو، تہ ڇا سمجهندو؟ اهو سوچي اصل پوئتي موٽڻ جو ارادو ڪري ٿو. پر جنهن ارادي سان هو گهران نڪتو هو ان کي پورو نہ ٿيندو ڏسي دل جهلي ڪجهہ ڏاڍيان ٻيهر سڏ ڪري ٿو.

بلال ! او بلال! ....

سڏ ڪري خاموش ٻيهي انتظار ڪري ٿو تہ هن جو آواز بلال تائين پهتو يا نہ؟ ايتري ۾ ڪنهن جي اچڻ جي آهٽ ٻڌي ٿو ۽ سندس ساهہ جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. ٿڌي رات هوندي بہ هن جي جان پگهرجي وڃي ي ٿي. اوطاق جي دروازي کلڻ جو چيڪاٽ ٻڌي، دريءَ کان پري ٿي دروازي ڏانهن وڌيو. پر ڏٺي تعاليٰ کي دل ۾ ٻاڏائيندو اچي ٿو تہ شال اهو در کولڻ وارو ماڻهو بلال ئي هجي ۽ ٻيو ڪو نہ هجي.

هن جي دعا اگهامي وئي هئي. چنڊ جي مختصر چانڊوڪيءَ ۾ سڃاتائين تہ دروازو بلال ئي کوليو آهي. پر بلال جيڪو اڃا ڪچي ننڊ ما اٿڻ سبب اکيون ٽمڪائي رهيو هو، سامهون بيٺل ماڻهوءَ کي ڇتائي ڏسي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ طبيعت ۾ ڪجهہ ڇڙ محسوس ڪري ٿو تہ آويلو ڪنهن اچي اٿاريو آهي؟ نيٺ سڃاڻي پوءِ پڇي ٿو.

بلال:- اڙي ! دوست ابوبڪر آهين؟ هن مهل جو ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ائين چوندي ڪجهہ اوطاق کان پر پرو بہ هلن ٿا.

ابوبڪر رضہ:- ضرور ڪو ڪم هوندو. تڏهن تہ توڏي هن مهل پنڌ ڪيو اٿر. نہ تہ ننڍ تہ مون کي بہ ڏاڍي پئي اچي.

بلال:- ڇا اهڙو ڪو ڪم آهي جو سياڻي تائين بہ نہ پيو ترسي سگهين؟ رات بہ ڏسو تہ باقي ڇا وڃي بچي آهي؟ نيڙو بہ ڪٿي وڃي پهتا آهن؟ ڏاڍي تڪليف ڪئي اٿو.

ابوبڪر رضہ:- آءٌ تہ ڪٿي سياڻي تائين بہ ترسان ها پر ڳالهہ اهڙي آهي جو تنهنجي رئيس اميہ جي آڏو، يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي آڏو توکي ڇئي نہ سگهان ها. ان ڪري پنهنجي منهن ڳالهائڻ جو هي تائير سٺو سمجهيم

بلال:- ڇوءِ ڀلا آهي تہ خير؟ ڇا ڳالهہ آهي؟

ابوبڪر رضہ:- مالڪ سائينءَ سڀ خير ڪيو آهي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن امت جو نبي سڳورو عليہ الصلواة والسلام ظاهر ٿيو آهي.

بلال:- (حضرت ابوبڪر رضہ جي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي) هن امت جو نبي؟

ابوبڪر رضہ:- هائو هن امت جو نبي عليہ الصلواة والسلام.

بلال:- اهو ڪير آهي نبي؟

ابوبڪر رضہ: حضرت محمد بن عبداللّٰه ٠

بلال:- دوست توهان ڪيئن سمجهيو تہ هو نبي آهي؟

ابوبڪر رضہ:- مون جڏهن ٻڌو تہ حضرت محمد ﷺ نبوت جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ توحيد جي تعليم ڏئي ٿو، تڏهن آءٌ پاڻ وٽس ويس ۽ چيم تہ سائين ! آءٌ جيڪو ماڻهن کان ٻڌان ٿو تہ توهان کي نبوت سان نوازيو ويو آهي، اهو سچ آهي؟ تہ پاڻ فرمايائون هائو. مونکي منهنجي پالڻهار ماڻهن ڏي خوشخبري ڏيندڙ ۽ عذاب الٰهيءَ کان ڊيڄاريندڙ نبي ڪري موڪليو آهي. وڌيڪ ٻڌايائون تہ آءٌ پنهنجي ڏاڏي ابراهيم عليہ السلام جي دعا آهيان ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي بشارت آهيان ۽ پنهنجي امڙ جو خواب آهيان .

بلال:- پوءِ توهان ڪٿي سندس بيعت ڪئي؟

ابوبڪر رضہ:- هائو مون ڏٺو تہ ساڻن دوستي ۽ سنگت ۾ سالن جا سال گذاريا اٿر، پر ڪڏهن ڪين ڪوڙ ڳالهائيندي ڪونہ ڏٺو اٿر. سوچيم تہ جيڪو ماڻهو دنياوي معاملن ۾ ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهائي، سو الله تعاليٰ تي ڪوڙ ڪيئن هڻندو؟ سو آءٌ تہ سندس نبوت جي اعلان ٻڌندي ئي بنا ڪنهن روڪ

ٹوڪ جي سندس هٿ تي بيعت ڪري سندن سيڪاريل ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيو آهيان.

بلال:- ڪجهہ تہ سوچيندا ها ! جاچ جوچ ڪرين ها تہ هو اهڙي نبوت جي دعويٰ ڪنهن دنياوي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ تہ نٿو ڪري؟

ابوبڪر رضہ :- آءٌ جيترو حضرت محمد ﷺ کي سڃاڻان ٿو اوترو ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪين نہ سڃاڻندو هوندو. تو دنياوي نفعي جي ڳالهہ ڪڍي آهي، پر توکي خبر هوندي تہ هو پنهنجي گهر واري بي بي خديجہ رضي الله عنها جي ملڪيت سان اڳ ۾ ئي مالا مال آهي ۽ قريش جي هڪ شريف ۽ اعليٰ خاندان جو فرد آهي.

بلال :- ڀلا چوي ڇا ٿو؟

ابوبڪر رضہ:- چوي ٿو تہ هنن گونگن پٿر جي جڙتو بتن جي پوڄاپاٺ ڇڏي، حقيقي مالڪ، آسمانن ۽ زمين جي خالق جي عبادت ڪريو. هو چوي ٿو تہ پنهنجي هر معاملي ۾ اڪيلي الله کي سڏيو. ان کان ئي مدد گهرو، ان جي ئي عبادت ڪريو، ان مالڪ جو قرب حاصل ڪريو، هڪ ٻئي ۾ مٺ محبت وارو ماحول پيدا ڪريو، نياڻين کي جيئري نہ پوريو. مطلب تہ سندن تعليم ۾ دنيا جي ڀلائي آهي تہ آخرت جي بہ. سندن تعليم مطابق امير غريب، وڏيري نوڪر ۾ ڪو فرق نہ آهي. الله تعاليٰ وٽ سڀ هڪ آهن. البت ايمان ۽ عمل سبب انسانن ۾ فرق ٿي سگهي ٿو.

بلال ڪنڌ هيٺ ڪيو ڪجهہ ڏي بہ پيو ۽ سوچي بہ پيو. ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ بلال ڪنڌ مٿي کڻي ٿو.

بلال :- پوءِ تنهنجو ڇا خيال آهي؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- اهڙو پاڪ دين قبول ڪر ٻيو وري ڇا؟

بلال:- ائين نئون دين قبول ڪريان بنا سوچڻ ويچارڻ جي؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- بلال ! مون تہ ڄاڻيو پئي تہ ان نئين دين جي ظاهر ٿيڻ ڪري تون مون کان بہ وڌيڪ خوش ٿيندين. ڇو تہ اسلام مطابق امير ۽ غريب ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آهي. صرف لڇڻن ۽ پرهيزگاريءَ سبب ئي انسانن ۾ فرق ٿي سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ هي بہ سوچ تہ ماڻهن ڪيترا ڪٺي پنهنجا خدا بنايا آهن. هاڻي ٻڌاءِ تہ انهن ايترن سارن معبودن جي عبادت ڪرڻ چڱو، ڪين اڪيلي معبود الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ڀلو؟

ٻلالا تون سوچيندين ڇا ؟ سوچ تہ ظاهر لڳي پئي آهي. ۽ ايمان تہ چئبو بہ ان کي آهي جو پنهنجون سموريون سوچون ڇڏي ان پياري پيغمبر جي ھدايل الاهي دين تي هلجي.

ٻلال:- آءٌ قريش جي مشرڪانہ دين ۽ اسلام کي هڪ جهڙو تہ سمجهان ئي ڪونہ ٿو. اجان بہ جڏهانڪر شام جي سفر کان موٽيو آهيان. تڏهانڪر انهن هٿنو ڪين الاهن کان آءٌ بيزار ٿيو وينو آهيان. پر دوست ! توکي خبر هوندي تہ نفس کي پنهنجو پراڻو دين جنهن جي نڏيڻ کان وٺي عضون کي عادت پئجي وئي آهي ائين ڇڏڻ ڪيترو نہ ڏکيو ٿو لڳي. توڙي ڪٿي دين اسلام آهي بہ بهتر.

حضرت ابوبڪر رضہ:- بلال ! اهڙي ڳالهہ قريشي تہ ڪري سگهن ٿا ڇو تہ سندن آبن ڏاڏن جي بتن جي پوڄا جي مخالفت شروع ٿي چڪي آهي. پر تون اهڙو عذر نٿو ڏئي سگهين. ڇو تہ هي بت هبل ۽ عزيٰ ۽ اساف ۽ نائلہ تنهنجي ابن ڏاڏن جا بت تہ آهن ئي ڪونہ. وڏ ۾ وڏ تنهنجي رئيس اميہ جا بت آهن. سوتون ڇو ٿو انهن لاءِ ايتري ڳڻتي ڪرين؟

ٻلال:- بتن جي ڳالهہ نہ آهي انهن کي تہ آءٌ اڄ ئي ٺنگ کان جهلي ٺڪر ٺڪر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر ....

حضرت ابوبڪر رضہ:- پوءِ باقي تون ايترو پريشان ڇو ٿو ڏسجين؟ وڏيڪ وهمن کي نہ ولوڙ. ڇؤ تہ اَشْهَدُ اَن لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ و اشهد ان محمدا عبده ورسوله.

ٻلال:- (گهڙي کن وري بہ چپ ۾ رهي ڏڪندڙ آواز سان چوي ٿو) اَشْهَدُ اَن لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ.

حضرت ابوبڪر رضہ :- (پنهنجي ڪاميابيءَ تي نهايت خوش ٿيندي) چڱو ٻلال ! آءٌ سڀاڻي تنهنجو انتظار ڪندس. تون منهنجي گهر وٽ اچجانءِ تہ پوءِ گڏجي پنهنجي پياري پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن وٽ هلنداسين جيئن تنهنجي ملاقات ۽ بيعت ساڻن ڪرائي ڇڏيان. (١)

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه کان

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

موڪلائي، پنهنجي گهر راهي ٿئي ٿو. ۽ بلال رضہ بہ اوطاق ۾ موٽي اچي ٿو. پير آهستي آهستي ڪٽي ٿو. جيئن ڀيو ڪو اميہ جو نوڪر جاڳي نہ پوي ۽ اجائي پڇا ڳاڇا نہ ڪري. پر فڪيهہ اميہ جو غلام جيڪو بلال رضہ جي اٿڻ ڪان وٺي جاڳيو پئي. ان بلال رضہ جي اچڻ سان ئي پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. بلال رضہ کي مجبوراً پيرائتي ڳالهہ ڪرڻي پئي ۽ الله جي قدرت جو فڪيهہ بہ دين اسلام جو ڀڏي مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويجي ٿو ۽ ڀئي ڏينهن واند ڪائيءَ جي وقت ڀئي ڄڻا حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر وٽ پهچن ٿا. ۽ اتان ٽئي ڄڻا گڏجي رسول الله ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿين ٿا، ۽ حضور جن جي ديدار سان مشرف ٿي دل ۾ هڪ خاص قسم جي ايماني قوت ۽ لطف محسوس ڪن ٿا. (١)

هڪ روايت ۾ آهي تہ هڪ دفعي عثمان بن عبدالله حضرت رسول الله ﷺ جن ڪان پڇيو تہ: تنهنجا پيروڪار ڪهڙا ٿيا آهن؟ تڏهن حضور ﷺ جن فرمايو تہ حر وعبد يعني ابابڪر ۽ بلال. مطلب تہ حضرت بلال ٻانهن مان سڀ ڪان اول مسلمان ٿيو. (٢)

شرڪ ڪان بيزاري

حضرت بلال رضي الله عنه جيڪو هاڻي اسلام جي دولت سان نوازجي چڪو هو، شرڪ ۽ ڪفر ڪان بيزار بنجي چڪو هو. صبح جو سوير ٻاڪ ڦٽيءَ مهل اميہ جي اوطاق مان نڪري ٿو. وضو ڪري ڪعبة الله جو رستو وٺي ٿو ۽ ڪعبه آڏو ايترو تہ سوير پهچي ٿو جو مڪي جا ٻيا ماڻهو اتي اجان پهتائي نہ آهن. ڪعبي وٽ تہ چا پر ٻين جي گهرن جا در بہ ڪونہ کليا آهن. حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه ڪعبي جي چوڌاري نظر ڊوڙائي، پر ڪيس ڪابہ پهر نظر نہ آئي. اڪيلو حضرت بلال اڪيلي ڪعبة الله جو طواف ڪري ٿو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيندو هلي ٿو تہ آءُ اڳي ڪيڏو نہ چريو هوس جو ٻتن جي پوڄا ڪندو هوس،انهن جي آڏو جهڪندو هوس، انهن ڪان خير ۽ برڪت جي اميد رکندو هوس،حالانڪ ٻت ڪهڙو خير پهچائيندا هئا؟ انهن ۾ تہ رڳو شرئي شر آهي، انهن ۾ تہ رڳو شرڪ ئي شرڪ آهي.

اهي دل ۾ دليل ڊوڙائيندي، حضرت بلال رضہ طواف بہ ڪري پيو ۽

(١) بذل القوة (٢) اتحاف الوريٰ با خبار ام القريٰ

ڪڏهن ڪڏهن زبان سان بہ چوي پيو تہ: آءُ اڳي بلڪل اڻ ڄاڻ هوس، مون کي اڳ ۾ اها خبر نہ ڪانہ هئي تہ اهڙا وهمي ۽ شرڪيہ عقيدا رکو انهن مجاورن گهڙي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ لاءِ ٺاهيا آهن. هنن ماڻهن کي بي طاقت پٿرن ڪان ڊيڄاريو آهي. هنن ماڻهن جي دلين مان الله تعاليٰ جو ڊپ ڪڍي، سوين ڪوڙا ڊپ سيڪاريا آهن.

پر افسوس جو ماڻهو بہ اهڙا مت موڙها آهن، جو مجاورن جي هٿ ناٽ ۽ چالبازين کي صفا حق سمجهيو ويٺا آهن. ماڻهن جي اکين تي ۽ دلين تي اهڙا ڪي پردا چڙهيل آهن، جو ڪا سڃاڻپ نٿي نٿا رکن. ائين چوندي حضرت بلال رضہ طواف ڪان پوءِ هبل بت جي آڏو اچي ٿبو ۽ چؤ طرف نظرون ڊوڙائي ٿو تہ: ڪو ڪيس ڏسي تہ ڪونہ رهيو آهي. ۽ جڏهن پڪ ٿيس تہ ڪوبہ پوڄاري اجا نہ پهتو آهي. تڏهن هُبل کي مخاطب ٿي حضرت بلال رضہ ڏاڍيان چوي ٿو:

اي هبل ! تون صفا عاجز ۽ نڪمو آهين. توکي ماڻهن اجايو ڪٺي پوڄڻ شروع ڪيو آهي. ڀلا جنهن ڏينهن تنهنجو اهو هٿ ڀڳو هو. ان ڏينهن تون ڪٿي هئين. جڏهن تون پنهنجي هٿ جي بہ حفاظت نہ ٿو ڪري سگهين، تڏهن تون پوڄارين جي حفاظت ڪيئن ڪري سگهندين؟ تون تہ اجا ماڻهن جو محتاج آهين. جو ماڻهن توکي سون جو هٿ ٺاهي، تهنجي ڀڳل هٿ جي جاءِ تي لڳايو آهي. آءُ توکي تہ چماٽ هڻان تہ تون ڇا ڪندين؟ آءُ تنهنجي منهن ۾ ٿڪ هڻان تہ تون ڇاڪري سگهندين؟ ائين چوندي حضرت بلال رضيَ الله عنه پوئتي نهاريو ۽ پڪ ڪيائين تہ اجا ڪو بہ پوڄاري ڪونہ پهتو آهي. پوءِ هبل جي منهن ۾ ٿڪ هٽي ڪڍي ٿو. ۽ صفا ڏاڍيان چوي ٿو تہ: چڱو ! ڏسان تہ تون مونکي ڇا تو ڪرين. اي عاجز هبل ! هنيئر تہ توکي وهنجارڻ ۽ سينگارڻ وارن جي ڪير ڪان آهي. پر اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن توکي هيٺ ڪيرايو ويندو ۽ ذليل ڪيو ويندو، توکي ڀڃي ڀورا ڪيو ويندو.

حضرت بلال رضي الله عنه ائين بتن تي ڪاوڙ سٽيندو، ڪعبة الله ڪان ٻاهر نڪتو ۽ دل ۾ يقين ڪيو ويٺو هو تہ هن کي ڪنهن بہ پوڄاريءَ ڪونہ ڏٺو آهي. پر نہ ڄاڻ تہ اتي ڀين بتن جي اوٽ ۾ هڪ مشرڪ لڪيو ويٺو هو. جنهن حضرت بلال رضي الله عنه جي هر ڪارروائيءَ کي ڏٺو پئي ۽ هن جي

هر لفظ کي ٻڌو پئي. اميہ وٽ چغلي هڻڻ لاء پاڻ کي ظاهر ڪرڻ ان مهل مناسب نہ پئي ڄاتائين. (١)

حضرت بلال رضہ تي چغلي

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي ڪوشش سان نہ رڳو حضرت بلال ۽ فڪيهہ رضي الله عنهما مسلمان ٿيا، پر سندن تبليغ ۽ اڻ ٿڪ محنت سان ٻيا بہ ڪيترا نوجوان مسلمان ٿيا ۽ ٿيندا پئي ويا. ڏينهن جو واپار وڻج ۽ رات جو دين اسلام جي تبليغ لاء ماڻهن وٽ وڃڻ، سندس مشغلو ٿي پيو.

ڪنهن رات بني زهره وارن جي پاڙي ۾ ويو تہ تبليغ ڪري ١٩ سالہ نوجوان سعدبن ابي وقاس ۽ ٣٠ سالہ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنهما کي مسلمان ڪري موٽيو. وري ٻي رات بني اميہ وارن جي پاڙي ۾ ويو، تہ سندس تبليغ سان ٣٤ سالہ حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنہ مسلمان ٿي پيو. ٽين رات بني سعد وارن جي قبيلي ڏانهن ويو تہ ١٢ سالہ نينگر زبير بن العوام کي مسلمان ڪري موٽيو. چوٿين رات بني تيم قبيلي وارن جي پاڙي ۾ ويو تہ سندن اثرائتي تبليغ سان حضرت طلحہ بن عبيدالله مسلمان ٿي پيو. مطلب تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۽ ٻين مسلمانن جي محنت سان، روزبروز مسلمانن جو تعداد ويو ٿي وڌندو. ٻئي طرف مڪي جي مشرڪن کي اها ڳالهہ پسند نہ پئي آئي . ڪجهہ وقت تہ هو، اندر ئي اندر ۾ اسلام جي ان ترقي کان ڳرندا ۽ ڪامندا رهيا، پر نيٺ هنن جي اندر واري اوهر ظاهري صورت اختيار ڪئي، مشرڪ هڪ ٻئي سان گڏجاڻيون ڪرڻ لڳا، ميٽنگيون ڪوٺائڻ لڳا تہ، ان نئين دين اسلام کي ڪهڙي طرح متايو وڃي ۽ ان سيلاب کي ڪيئن روڪيو وڃي؟

ان سلسلي ۾ اميہ بن خلف هڪ ڏينهن پنهنجي گهران نڪتو، دل ۾ چڙ ۽ منهن ۾ سونهہ پيل اٿس، هي ارادو ڪري ٿو نڪري، تہ وڃي ابولهب ۽ ابوجهل، عُتبي ۽ شيبي ۽ ٻين قريشي سردارن سان صلاح مشورو ڪري اچي، تہ ڪيئن پنهنجن خدائن جي عزت جي حفاظت ڪن ۽ ابي ڏاڏي واري دين کي (جيڪو اسلام جي خطري سان ويڙهبو ٿو وڃي) ڪيئن بچائجي. جيڪي هن وقت تائين مسلمان ٿي چڪا آهن، انهن سان ڪيئن پڄجي ۽ جيڪي

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

ماٺهو اڳي اسان کي سائين سائين ڪري، پيرين پئي ادب سان ملندا هئا ۽ هاڻي مسلمانن جي پر چار سبب لفٽ ئي نٿا ڏين، انهن کي ڪيئن زير بار ڪجي؟ وغير وغيره.

اميہ گهر کان نڪري چند وکون ئي مس ڪنيون تہ هن جون نظرون سامهون ويندڙ سندس پراڻي دوست حضرت عبدالرحمان بن عوف تي پيون ٿيون،ڪجهہ تڪڙيون وکون کڻي، جڏهن ايترو ويجهو ويو، جتان سمجهيائين تہ منهنجو دوست سڏ ٻڌي سگهندو تڏهن سڏ ڪري ٿو.

اوعبد عَمرو .... او عبد عمرو ! (١)

حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ عبد عمرو نالي سان سڏ ڪرڻ ڪري اميہ کي ڪوبہ جواب نٿو ڏئي، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري بنا واجهائڻ جي اڳتي وڌندو رهي ٿو.

اميہ سمجهي ٿو تہ شايد منهنجي دوست منهنجو سڏ نہ ٻڌو آهي. ان ڪري ڪجهہ تڪڙو تڪڙو هلي حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ کي وڌيڪ ويجهو ٿي وري سڏ ڪري ٿو.

او عبد عمرو ! مان توسان آهيان.

حضرت عبدالرحمان رضہ پوئتي نهاري ئي ڪونہ ٿو. جيتوڻيڪ سمجهي بہ ٿو تہ اميہ مون کي ئي سڏي ٿو.

اميہ ايجان بہ تڪڙو هلي حضرت عبدالرحمان رضہ جي ڪلهي تي هٿ رکي پاڻ ڏي متوجہ ڪري ٿو.

اميہ:- يار! توکي بہ انهن جو پاسو لڳي ويو آهي ڇا؟ جو ايڏو مغرور ٿي ويو آهين؟

حضرت عبدالرحمان رضہ:- ڪهڙن جو پاسو ٿو چوين؟

اميہ:- (حضرت) محمد بن عبدالله وارن جو، پيو ڪنهن جو؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ تون بہ شايد اباڻي دين کان ڦري ويو آهين. ڪيڏانہ سڏ ڪيا اٿمانءِ، پر تو هڪ بہ سڏ جو جواب ئي نہ ڏنو. اهڙو پڪو ٿي ويو آهين؟

---

(١) حضرت عبدالرحمان بن عوف جو نالو مسلمان ٿيڻ کان اڳ عبد عمرو (معنيٰ عَمرو جو ٻانهو) هئو. پر مسلمان ٿيڻ کان پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن سندس نالو عبدالرحمان رکيو هو.

حضرت عبدالرحمان رضہ:- تون سڏ ۽ تہ ائين پيو ڪرين نہ "عبد عمرو عبد عمرو" اهڙي مشرڪانہ نالي سان آءُ توکي ڪيئن سڏ ڏيان؟ توکي خبر نہ آهي ڇا؟ تہ منهنجو نالو اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن عبدالرحمان رکيو آهي. هاڻي مون کي عبد عمرو نالي کان نفرت آهي. اڳتي مونکي عبدالرحمان نالو وٺي سڏ ڪندو ڪر. پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿو آءُ توکي پهرئين سڏ سان جواب ڏيان.

اميہ:- مار .... اها ڳالهہ آهي. پر اهو نالو عبد عمرو تہ توتي پٺهين عوف رکيو هو. مون تہ ڪونہ رکيو اٿئي. پيو تہ نالي ۾ ڇا هي ؟ عجب آهي جو توکي تنهنجي پيءُ جو رکيل نالو نٿو وڻي. جڏهن تنهنجا پيءُ ماءُ چريا هئا، جن تنهنجو نالو عبد عمرو رکيو هو.

حضرت عبدالرحمن رضہ :- چريا هئا يا سياڻا. اها خبر الله کي آهي. ۽ هونئن تہ نالي ۾ ڇا هي، پر جنهن نالي ۾ ٻانهپ جي نسبت الله تعالىٰ کان سواءِ ٻئي ڏي ڪيل آهي ان ۾ شرڪ جي بوءِ آهي ۽ اهڙي نالي کان منهنجي پياري حبيب حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن کي نفرت آهي تہ اسان بہ اهڙن نالن کان بيزار آهيون. ڇو تہ هڪ مسلمان لاءِ ضروري آهي تہ حضور جن جي محبت پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ساري جهان کان وڌيڪ رکي . آءُ پنهنجي پيءُ ماءُ جي عقل ۽ سمجهہ کي رسول الله ﷺ جن جي حڪم تان قربان ڪريان ٿو. ان ڪري مونکي اڳتي عبد عمرو نالي سان نہ سڏيندو ڪر. نہ وري آءُ توکي ان نالي سڏڻ سان جواب ئي ڏئي سگهندس.

اميہ:- اڄ يار تو وڃائي ڇڏيو. پر ٻي تہ ڳالهہ ٻڌ ! توکي جيڪڏهن عبد عمرو نالي کان نفرت آهي، مونکي وري عبدالرحمان نالو نٿو وڻي. آءُ رحمان کي سڃاڻا بہ ڪونہ (١) ۽ توسان منهنجي پراڻي دوستي بہ آهي. انڪري توسان ڳالهائڻ کان مڙي بہ ڪونہ سگهندس. منهنجي صلاح آهي تہ نڪو آءُ توکي عبد عمرو ڪري سڏ ڪريان، نڪو عبدالرحمان ڪري سڏ ڪريان. وڃان ڪو ٻيو نالو ڏس جنهن سان آءُ توکي سڏيندو ڪريان.

---

(١) قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ وَاِذَا قِيلَ لَهُمُ اسْجُدُوا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوا وَمَا الرَّحْمٰنُ، معنىٰ (جڏهن مڪي جي مشرڪن کي) چيو وڃي ٿو تہ رحمان کي سجدو ڪريو تڏهن چون ٿا تہ اهو رحمان آهي ڇا؟

حضرت عبدالرحمان رضہ:- چگو تون مونکي اڪيلي عبدالله نالي سان سڏ ڪندو ڪر. ڇو تہ اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن کي اهي ٻئي نالا عبدالله ۽ عبدالرحمان ڏاڍا پسند آهن.

اميہ:- بس .... بس ..... اهو نالو ئي نيڪ آهي. پر ٻڌ تہ سهي. اها توهان جي پڪائي ۽ اهو توهان جو نئون دين، هلندو ڪيترا ڏينهن؟ بس چار ڪوڏر ابوجهہ هٿ آيا اٿو تہ سمجهو ٿا تہ هاڻي جڳ جا والي ٿي ويا آهيون .

حضرت عبدالرحمٰن رضہ:- دين اسلام قيامت تائين هلندو، انشاء الله تعالىٰ سڄي دنيا ۾ اهو پيغام پهچندو. ۽ ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ آهي. پر اهو تہ تون بہ ڏسين ٿو تہ: ڏينهون ڏينهن مسلمان وڌندا وڃن ٿا. تون بہ اجايو ٿو ضد ڪرين چگو ان ۾ اٿئي تہ مسلمان ٿي پوءِ نہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين.

اميہ:- آءُ پڇتائيندس ڪين. توهان پڇتائيندؤ؟ اسان توهان جو بلو ڪريون ٿا. پوءِ خبر پوندي تہ مسلمان وڌن ٿا ڪين موڙگو پٺا ڏئي ڀڄي ٿا وڃن؟

حضرت عبدالرحمٰن رضہ:- چگو ڏسنداسين. تہ ڪير ٿو ڀڄي؟ مطلب تہ ٻئي ڄڻا ڪچهري ڪندا هلندا رهن ٿا. اميہ حضرت عبدالرحمان رضہ کي اسلام آڻڻ ۽ ابي ڏاڏي واري دين کي ڇڏي ڏيڻ تي ٽوڪي رهيو هو ۽ حضرت عبدالرحمان رضہ اميہ کي دين اسلام جون خوبيون ٻڌائي مسلمان ٿيڻ جي تلقين ڪري رهيو هو. هر هڪ پنهنجي پنهنجي مذهب تي مضبوط آهي. ائين ڳالهيون ڪندي هڪ مشرڪ جي اوطاق وٽ پهچن ٿا تہ: اميہ حضرت عبدالرحمان کان موڪل وٺي، ان اوطاق ۾ هلندڙ ڪچهريءَ ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ حضرت عبدالرحمان رضہ اڃا ڪجهہ اڳتي هلندو رهي ٿو. شايد ان کي حضور ﷺ جن جي ديدار ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وڪون ڪٽيون آهن.

اميہ مشرڪن جي ڪچهريءَ ۾ پهتو. پر ان ڪچهريءَ ۾ هن کي ابوجهل نظر ڪونہ ٿو اچي. باقي ٻيا مشرڪن جا رئيس جام ويٺا هئا. ڪچهريءَ جو موضوع "اسلام ۽ مسلمانن جو وڌندڙ تعداد" آهي. ڪي مشرڪ حضرت رسول الله ﷺ جن تي ٽوڪ مسخري ڪن ٿا ۽ ٻيا وري ڪل ڪچڪو ڪن ٿا. پر معلوم ائين ٿي رهيو آهي جڻ مشرڪ ڦڪي ڦڪي ڪل ڪلن پيا. ڇو تہ هنن کي دل ۾ تہ پڪ آهي تہ هي اسلام جيڪو ڏينهون

ڏينهن وڌندو ٿو وڃي، اهو هڪ ڏينهن اسان جي عزت کي خاڪ ۾ ضرور ملائيندو. اسان جي معبودن کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيندو. اسان جي سرداريءَ کي کوکلو بنائي ڇڏيندو. غريبن مسڪينن کي اسان کان باغي ۽ بي پرواهه بنائي ڇڏيندو.

ان ڪري مشرڪ ڪڏهن ظاهري ڪل ڪلن ٿا ۽ ڪڏهن پاڻ ۾ صلاحون، مشورا به ڪن ٿا ته ڪيئن مسلمانن کي تنگ ڪن جيئن هو اسلام کان بيزار ٿي وڃن ۽ وري موٽي هبل جا پوڄاري بنجي وڃن. هرڪو مشرڪ وٽ آهر صلاح ڏئي ٿو. پر جڏهن اميه سوچي سوچي ڪا اٽڪل ہڌائي ٿو، تڏهن ان ڪچهريءَ ۾ ويٺلن مان هڪ مشرڪ اٿي بيهي ٿو.

مشرڪ:- تون ته ماٺ ڪر اميه! تنهنجو غلام بلال نئي مسلمان آهي تو ان کي اڄ تائين ڇا ڪيو آهي؟ جو هت اسان کي خوش ڪرڻ لاءِ وينو ٿو ڦتاڪا ڇوڙين، ڳالهه اهو ماٺهو ڪري جنهنجي منهن تي پوي.

اميه:- (منهن ۾ سوڄ وجهندي، اکين کي ڦوٽاريندي) ان لاءِ تو وٽ ڪهڙو دليل آهي ته مسلمان ٿيو آهي؟

مشرڪ:- اکين ڏٺو اٿم ايا ڪهڙي پڪ ڏيانءِ؟

اميه:- متان ائين نه هجي؟ ڏٺل کي وري به ڏسجي.

مشرڪ:- مون ڪيترا دفعا هن کي محمد (ﷺ) جي پٺيان هلندي ۽ انهن سان ويهندي ڏٺو آهي.

اميه:- ڪڏهن ڏٺو اٿئي؟

مشرڪ:- وڏيڪ مون کي ڪول نه، مون ايا ڪجهه ہيو به ڏٺو آهي.

اميه:- اها به ڳالهه ڪر نه: ته ڇا ڏٺو اٿئي؟

سيني مشرڪن جو اڳ ۾ ڪنڌ هيٺ هو، پر هاڻي سڀ ان مشرڪ ڏي ڏسڻ لڳا ته الائي ڪهڙو ٿو نئون انڪشاف ٿئي.

مشرڪ:- آءٌ هت ہڌائي نٿو سگهان، زبان تي ڳالهه آڻڻ ڏکي ٿي لڳي.

اميه:- ڪٿي ڳالهه ڪر ته ڇا ڏٺو اٿئي؟ خواهه مخواه ڪٿي سڄيءَ ڪچهريءَ کي منتظر بنايو اٿئي، ڪين توبه مڙئي رعب پئي رکيو.

مشرڪ:- هرو ڀرو ہڌڻ ٿا چاهيو ته آءٌ ہڌايان ٿو، تنهين ڏينهن آءٌ ساجهر سوير ڪعبي ۾ ويس. ۽ گهڙيءَ کان پوءِ بلال به آيو آءٌ به لڪي

بينس، ان جي ڪارروائي ڏسڻ. ڏئر تہ بلال هبل کي گاريون ڏيندي ان جي
منهن ۾ ٿڪ هٽي چوي پيو تہ ڏسان تہ تون پٿر جو بت مونکي ڇا ٿو
ڪرين؟

سڀ مشرڪ چون ٿا: اڙي ڳار پويس ڪا هبل جي مار پويس ! حد
ڪري ڇڏ يائين اسان جي وڏي الہ هبل جي ڏاڍي بي عزتي ڪئي اٿس. بس ان
کي هبل هاڻي سنئين لگين نہ ڇڏيندو. رت نہ وهايائين تہ اهائي ڳالهہ آهي.

اميہ:- (وڏي رڙ ڪندي) سچ ٻڌاء بلال ائين ڪيو ۽ تو اکئين ڏٺس ۽ تو
ائين ڇڏي ڏنس؟

مشرڪ:- هائو هبل جو قسم مون پاڻ ڏٺو مانس پر مون کان هيو
هٿن ۾ ڪجهہ ڏاڍو نہ تہ اتيئي دسيانسِ ها. پر هاڻي بہ ڳالهہ پري ڪانہ
آهي. تنهنجي غيرت ڏسنداسين.

اميہ وڏيڪ ان ڪچهريءَ ۾ ويهي نہ سگهيو ۽ ڇرڪ ڀري اٿيو. سڌو
بلال وٽ پهچڻ لاء رستو وٺي ٿو ۽ ڪجهہ ٻڙ ٻڙ بہ ڪندو هلي پيو، تہ بلال
نيٺ منهنجو غلام آهي ائين منهنجي موڪل ڪان سواء هو اسلام ڇو آڻي
سگهندو؟ هن کي ڪهڙي طاقت آهي جو اسان جي الاهن جي ائين بيعزتي
ڪندو وتندو.

اميہ اڃان ڪجهہ وکون کنيون تہ سامهون ابوجهل ملي ويس.

ابوجهل:- (اميہ جي منهن ۾ ڪاوڙ جانشان ڏسي) اي دوست
ڪيڏانهن پيو وڃين؟ ڪنهن تي ڏمر آهي؟

اميہ:- بس يار ساجهر آيو تہ توسان ڪچهري ڪرڻ هوس پر تون
هُئين ڪونہ. ٻيا ماڻهو تہ ڪچهريءَ ۾ ڪوڙ ويٺا هئا. اتي فلاڻي ٻڌايو تہ
منهنجو غلام بلال مسلمان ٿي ويو آهي سو ان تي ڪاوڙيو پيو وڃان.
ڇاڪجي؟ نوجوانن تہ وڃائي ڇڏيو آهي.

ابوجهل:- خبر تہ واقعي ڇڙ ڏيارڻ جهڙي آهي. رک هبل تِي، عزيٰ
ڪندو تہ اها خبر بنهہ ڪوڙي هوندي. هُبل سائينءَ کان ڦرندو تہ ڦربو. پوءِ
هڙ ويس باقي ڇا بچيس؟

اميہ:- پر يا ر آءٌ بہ هيترو ضرور چوندس تہ اسان بہ تہ اڄ سوڌو
ڪريون ڪجهہ ڪونہ ٿا، روز بروز مسلمان وڃن ٿا وڌندا. ابن ڏاڏن جي

دين کي ڇڏيندا. سيڪو ماٺ ڪريو تماشائي بنيو وينو ٿو ڏسي. آخر اهڙي ماٺ هلندي ڪيستائين؟ ائين ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ ماڻهو اسان جي دين کان ڦري ويندا پيو ڇا؟

ابوجهل:- چگو ! ان لاءِ پوءِ سوچينداسين. آءٌ به هينئر ڪجهه تڪڙو آهيان. في الحال ته تون وڃي بلال کي تنبيهه ڪر. پر سزا ڏيڻ ۾ ڪابه رڪ رڪان نه ڪجانءِ. اهڙي مار ڏجانس، جو ٻيلي ته ٻيا سبق سکن، ٻيلي ته انهن صابين (١) کي خبر پوي ته هبل ۽ عزيٰ جي مخالفت ائين آسان نه آهي. (٢)

اميه:- اهائي ته ڳالهه آهي جو اسين ائين ماٺ ڪيو ويٺا ڏسون ۽ اسلام جو سيلاب وڃي ٿو وڌندو. پر اڄ تون ڏسندين ته آءٌ ڪهڙي ٿو ڪارروائي ڪريان؟ بلال جو وس آهي جو اسان جي دين جو مخالف ٿيندو. جي مسلمان ٿيندو ته رهندو ڪٿي؟

ابوجهل:- چگو ! رک هبل تي سڀ سٺائي.

اميه:- ائين چوهه ڇنڊيندو پنهنجي اوطاق تي پهچي ٿو. معلوم ٿئيس ٿو ته بلال اندر ڪوٺيءَ ۾ آهي. اميه ڪوٺيءَ ۾ اندر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. پر درجي ٻاهران بيهي اول ته معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته بلال اندر ڪري ڇاتو؟

ان وقت حضرت بلال رضي الله عنه قرآن شريف جون ڪي آيتون پڙهي رهيو هو. جيئن ته حضرت بلال رضه جو سُر اڳيئي مٺو هئو ۽ هو قرآن شريف جون آيتون پڙهي به قرأت ۽ سُر سان رهيو هو. ان ڪري اميه گهڙي ڪن ڪوٺيءَ جي ٻاهران بيهي ٻڌي ٿو. ان سان گڏ سوچي به ٿو، ته بلال چوي ڇا پيو؟ شعر به ڪونه ٿو پڙهي ڏوهيڙا به ڪونه ٿو چوي راڳ به ڪون ٿو ڳائي. آخر ڇا ٿو پڙهي؟ نيٺ اميه سمجهي وڃي ٿو ته هي اهو ڪلام پڙهي ٿو، جيڪو محمد ﷺ ماڻهن کي پڙهائيندو آهي. هاڻي ته اميه کي پڪ ٿي وڃي ٿي ته بلال واقعي ڦريل آهي. واقعي هو هبل، لات ۽ عزيٰ کي ڇڏي، مسلمان ٿي چڪو آهي.

---

(١) مشرڪ ان وقت مسلمانن کي "صابي" معنيٰ دين کان ڦريل، سڏيندا هئا. جهڙي طرح حضرت ابراهيم عليه السلام کي بتن ڀڃڻ سبب ٻاپي (ظالم) چيو ويو هو. ۽ اڄ به ڪو مسلمان شرڪ جي مخالفت لاءِ ٻانهن پتوڙي ٿو ته انکي ڦريل سڏيو وڃي ٿو.

(٢) بلال مؤذن الرسول ﷺ

حضرت بلال رضہ تي آزمائش

اميہ حضرت بلال رضہ جي واتان قرآن شريف جون آيتون ٻڌي، آيي کان ٻاهر نڪري ويجي ٿو. بلال رضہ واري ڪمري ۾ اندر گهڙڻ لاءِ هڪ زوردار لت ٺڪاءُ ڪري ٿو ۽ دروازو ڪلندي ئي اندر گهڙي ٿو.

حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه گهبرائجي اٿي بيهي ٿو. اميہ ڪي ڪاوڙيل ڏسي سمجهي ويجي ٿو تہ منهنجو ڇپايل راز ظاهر ٿي پيو آهي. پر همت هارڻ جي بدران بهادر ٿي بيهي ٿو. سزا ملڻ جي تہ پڪ اٿس، پر سوچي ٿو تہ الائي ڪهڙي سزا ملندي؟ اميہ جا ٻيا نوڪر چاڪر اوطاق جي اڱڻ تي پاڻ ۾ سُس پُس ڪري رهيا آهن. ڪوچوي ٿو تہ: بلال مري ويو. ڪو چوي ٿو تہ: ڀلا ڪنهن چيس تہ ٻتن سڳورن جي مخالفت ڪر. ڪو چوي ٿو تہ ڀلي تہ ڦيهہ مليس گهٽائي ڏينهن پوتار (اميہ) دادلو ڪيو اٿس.

اميہ:- (ڪڙڪيدار آواز ۾) بلال ! اهو ڇاپئي پڙهيئي؟

حضرت بلال رضہ:- مون الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام پئي پڙهيو؟

اميہ:- ڪهڙو الله ؟ هبل ڪين عزيٰ، لات ڪين منات؟

حضرت بلال رضہ:- مون قرآن شريف پئي پڙهيو. جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي پياري ٻانهي حضرت محمد ﷺ تي نازل ڪيو آهي.

اميہ:- بند ڪر بڪواس. پياري ٻانهي پياري ٻانهي. مٺو ڪٿي ڪاڏو اٿئي.

حضرت بلال رضہ:- جيڪڏهن پڇين ٿو تہ آءٌ صحيح ٿو ٻڌايانءِ، ڪو منهنجو جواب غلط آهي ڇا؟

اميہ:- اهو ڪهڙو الله آهي جيڪو ڪلامَ ٿو نازل ڪري؟

حضرت بلال رضہ:- اهو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ۽ ٻي ساري مخلوق جو پالڻهار آهي، ۽ سڄي ڪائنات جو خالق آهي.

اميہ:- بند ڪر زبان ....

حضرت بلال رضہ :- (اميہ جي حڪم کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي) اهو الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي نفعو نقصان ان جي هٿ ۾ آهي. هميشہ آهي ان کي ڪڏهن بہ فنائي نہ آهي.

اميہ:- ڇا تون اسان جي الٰهن کان ڪافر ٿي ويو آهين؟ ۽ تو هڪ

جادوگر جي چوڻ تي هلي، هبل سڳوري جي بي ادبي ڪئي آهي؟

حضرت بلال رض :- آءٌ ڪافر ڪونہ ٿيو آهيان. البت مونکي منهنجي پالڻهار اسلام جي سڌي راهہ نصيب ڪئي آهي.

اميہ :- (ڪاوڙ ۾ آپي کان ٻاهر نڪرندي حضرت بلال رضہ کي هڪ زوردار چماٽ وهائيندي) نالائق ! تون منهنجو غلام آهين توکي بہ اهو دين رکڻو پوندو جيڪو منهنجو آهي. توکي بہ منهنجن اللهن کي پوڄڻو پوندو. ڏسان تہ ڪيئن ٿو تون اسان جي دين کان پري ٿين؟

حضرت بلال رضہ :- اهو تہ آءٌ بہ سمجهان پيو تہ منهنجو جسم واقعي توهان جو غلام آهي، انکي توهان سزا بہ ڏئي سگهو ٿا پر تون بہ يقين ڄاڻي ڇڏ! تہ منهنجو ضمير، منهنجو عقل، منهنجي دل، آزاد آهي. ان تي ڪڏهن بہ تنهن جي حڪومت نہ هلي سگهندي نہ هلي سگهندي.

رئيس ! تون يقين ڪري ڇڏ تہ ڪيترين بہ طاقت سان، ڪيتري بہ سزائن سان، ڪيترين بہ سختين سان، ڪهڙن بہ ظلمن سان منهنجي اعتقاد ۽ ضمير کي ڦيرائي نٿو سگهين،آءٌ ساهہ صدقي ڪري سگهان ٿو پر دين اسلام تان هٽ نٿو ڪئي سگهان.

اميہ :- بلال ! مڙي وڃ . چڱائي ٿو چوانءِ. ورنہ تہ تنهنجو اهو روح جنهن کي محمد ﷺ ڪاري خراب ڪري ڇڏيو آهي تنهنجي جسم کان ڌار ڪري ڇڏيندس.

حضرت بلال رضہ :- رئيس ! تون ڪوڙ ٿو هڻين. منهنجي روح کي منهنجي آقا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن ڪاريو ڪونہ آهي پر سڌاريو ۽ سنواريو آهي.

اميہ :- تون منهنجو غلام آهين، منهنجو حڪم مڃڻ توتي لازم آهي.

حضرت بلال رضہ :- خالق ۽ مالڪ جي مرضيءَ جي ابتڙ مخلوق جو حڪم مڃڻ حرام آهي.

ٻاهر اوطاق جي اڱڻ تي بيٺل نوڪر هڪ ٻئي کي چئي رهيا آهن تہ : جٽ کي ڪٺئي تي ڪٺي. رئيس جي ٿو سامهون ٿئي. شايد ڪل ڪٺي تي اٿس. ڪيڏي نہ لئہ بيٺل هٺس پر اڄ هڙ وڃائي ڇڏيائين.

اميہ :- اڙي شيديءَ جا پٽ توکي ڪنهن پڙهيا وڌا آهن ڇا؟ مون کي

لات ۽ عزيٰ جو قسم، آءٌ ڏاڍو ڏکيو ماڻهو آهيان.

حضرت بلال رضہ:- توڙي منهنجي جسم کي سَنڌ سَنڌ ڪري وڍيندين تہ بہ انشاء الله منهنجي جسم جي ذري ذري مان احد احد جو آواز ٻڌندين.

امير:- (نصيحت جو طريقو ٿورو مٽائيندي نرمي ڪندي) بلال! اڳي تہ تون ڏاڍو چٺي دار هوندو هئين. آءٌ بہ توکي ڏس تہ پنهنجي ياتين وانگر ڪارائيندو پياريندو آهيان. وس آهر ڪپڙا بہ توکي اهڙائي وٺي ڏيندو آهيان، پر اڄ توکي ڇا ٿي ويو آهي، جو نيمڪ ٿي نٿو ملهائين؟

حضرت بلال رض:- رئيس! اهي ڪاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جا مهڻا نہ ڏي، تو اهي مونتي ٿورا ڪونہ ڪيا آهن. پر منهنجن خدمتن ۽ محنتن سبب پٺي ڏنا آهن. ۽ اڄ بہ مونکي تنهنجي سٺن کاڌن ۽ مهانگن ڪپڙن جي محتاجي نہ آهي. مونکي يقين آهي تہ آءٌ جيڪڏهن پنهنجي خالق جي رضا خاطر بکيو بہ رهيس ۽ هڻ ڏکيو بہ رهيس، تہ مونکي ان تکليف جي عيوض ٻہ الله سائين، اهڙي ڪشادي جنت عطا ڪندو جنهنجون نعمتون اڻ کٽ هونديون ۽ انهن نعمتن جي پٺيان ڪير ڏوراپو ۽ مهڻو بہ نہ ڏيندو.

امير:- محمد ﷺ توکي اهوئي سبق ڏنو آهي؟

حضرت بلال رضہ:- هائو اهوئي سبق.

امير:- چڱو هاڻي ڏسندس تہ تون ڪيستائين تو ان سبق تي ثابت رهين؟

حضرت بلال رضہ:- انشاء الله جيسين ساهہ سرير ۾ هوندو تيسين ثابت قدم رهندس. انشاءالله

امير:- چڱو ڏسنداسين.

حضرت بلال رضہ:- پلي ڏسجانءِ. ۽ دل ۾ دعا گهري ٿو: اللّٰهُمَّ ثَبِّتْ قَدَمِي عَلٰى طَاعَتِكَ. (اي الله سائين مون کي تون پنهنجي اطاعت تي ثابت قدم رکجانءِ)

امير ٻين نوڪرن کي (جيڪي ٻاهر اڱڻ ۾ بيٺا آهن) سڏ ڪري حضرت بلال رضہ ڏي اشارو ڪري حڪم ڏئي ٿو تہ هن ڪافر جا ڪپڙا لاهي پراڻا ٽڪڙين جهڙا ڪپڙا پارايوس. هٿن ۾ ٻيڙيون وجهوس. پلي تہ خبر پوندس تہ

اميه سان سامهون ٿيڻ ڪيڏو نه ڏکيو اهي.

حضرت بلال رضہ:- (نوڪرن ڏي نهاريندي جيڪي اڳ ۾ هن جا گهاٽا دوست هئا) ترسو ! آءٌ پاڻهين ٿو توهان کي اميه جا ڪپڙا لاهي ڏيان. آءٌ پراڻن ڪپڙن ۾ ئي خوشي محسوس ڪندس. اجهي هي اٿو منهنجون ٻانهون، ٻلي وجهون ٻيڙيون.

اميه جڏهن ڏسي ٿو، ته منهنجي ان ڀهرئين حملي جو ڪوبه خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو. تڏهن چڙ وڌي ويس ٿي ۽ ڏندن کي ڪرٽيندي هڪ رسو ڪٺي حضرت بلال رضہ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ٿو ۽ حضرت بلال رضہ کي ڪڙڪيدارآواز ۾ چوي ٿو ته: بلال ! توکي منهنجي ڪاوڙجي خبر نه آهي. ڏاڍو ڏکيو ٿيندين. مونکي سوچي سمجهي جواب ڏي نه ته ....

حضرت بلال رضہ:- بس اهو منهنجو سوچيل جواب آهي، ان سوچ کان مٿي ٻي سوچ مونکي سجهي ئي نه ٿي. (۱)

اميه اوطاق کان ٻاهر نڪري محلي جي ٻارن کي سڏ ڪري ٿو. وري اندر اچي حضرت بلال رضہ تي ڪاوڙ سٽيندي ان جي ڳچيءَ ۾ وڌل رسي کي سٽ ڏئي حضرت بلال رضہ کي هيٺ ڪيرائي ٿو. تيسين ٻارن جو چڳو خاصو ولر اوطاق ۾ مڙي وڃي ٿو. اميه ان رسي جو ڇيڙ، ٻارن کي ڏيندي چوي ٿو. ٻارو ! هي وٺو رسو. هن بلال کي مڪي جي گهٽين ۾ گهليو (۲) جيئن هبل جي دشمن کي خبر پوي ته الاهن جي مخالفت آسان نه آهي.

افسوس ! جڏهن ڪو جانور مري ويندو آهي تڏهن ان مئل جانور کي ٻه ٽنگ ۾ رسو وجهي گهلي ٻاهر ڦٽي ڪيو ويندو آهي. پر هت جيئرن جاڳندن انسانن کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ان ڪري گهليو ٿو وڃي جو هن اڪيلي الله تي ايمان آندو آهي.

مشرڪن جي ڇورن کي به لڳو رونشو. سو انهن حضرت بلال رضہ کي گهلي اوطاق کان ٻاهر ڪڍي، گهٽين ۾ آٽي ڦرڻ لڳا، رونشي تي مڪي جا ٻيا ٻار به گڏ ٿيندا ويا. چڳو خاصو جلوس بنجي ويو، حضرت بلال رضہ کي گهليندا به وڃن پيا، ته غلط سلط نعرا به هڻندا پئي ويا. هڪڙا چون پيا هُبَل ٻيا چون پيا زنده باد. هڪڙا چون عُزيٰ. ٻيا چون جيئي جيئي. هڪڙا چون

---

(۱) بلال مؤذن الرسولﷺ (۲) بدايه والنهايه ج ۲

لات. ٻيا ڇون سدا جيئي. اهڙي قسم جا نعرا هڻندا. مڪي جي گهٽين ۾ هلڻ لڳا.

ٻارن جي لڙ ۽ شور تي گهرن مان ماڻهو نڪري پيا. پر ڪم ڪار ۾ رڌل ماڻهو به هن قسم جو شور ۽ نعرا ٻڌي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ان مجمعي ۾ پهچندا پئي ويا. ۽ هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪن ٿا، ته ڇا ٿيو آهي؟ هي هيترا ماڻهو ڇو مڙيا آهن؟ هي نعرا ڪهڙي سوڀ سبب هڻيا ٿا وڃن؟

مجمع ۾ بيٺل ماڻهن مان جنهن کي ڪا ٿوري گهڻي خبر هئي ان پڇندڙ ماڻهن کي ٻڌايو پئي ته ٻيو مڙئي خير آهي. اميه جو غلام بلال آهي، اهو هبل کان ڦريو آهي، عزيٰ جو مخالف ٿيو آهي، لات جو منڪر بڻيو آهي. ابي ڏاڏي واري دين کان باغي ٿيو آهي. بس جنهن به اها روئداد ٻڌي پئي، تنهن حضرت بلال تي رحم ڪرڻ بدارن ائين پئي چيو ته: پوءِ اجان جيئرو ڇڏيو اٿوس. هڻي تلوار ڪريوس پورو.

اهو جلوس جڏهن گهٽيون لتاڙيندو ڪعبة الله جي پرسان آيو تڏهن مشرڪن جي نعرن جو آواز زوردار ٿيندو ويو. جلوس ۾ شامل ڇوڪرن ۽ ماڻهن جي مرضي هئي ته بلال کي هبل ۽ عُزيٰ بتن جي آڏو گهليو وڃي. جيئن اهي بت پنهنجي دشمن کي گهلبو ڏسي خوش ٿين ۽ اسان تي مِهر جي نظر وجهن.

حضرت بلال رضي الله عنه، سچي واٽ، احد، احد (اڪيلو الله اڪيلو) اچاريندو پئي آيو. سندس مٿي مبارڪ جون چتيون لٿيون. سندس پٺي مبارڪ پٿريلي زمين تي گسڻ ۽ رهڙجڻ سبب رتو رت ٿي پئي . سندس پيرن جون ڪڙيون گهلجڻ سبب ڦٽجي پيون. پر هي مجاهد عزم جو پڪو، ايمان جو سچو سيني تڪليفن کي وساري احد ، احد چوندو پئي آيو.

سڄو ڏينهن مشرڪن جي ڇوڪرن حضرت بلال رضه کي گهليو هو ۽ شام جو اهي ٿڪجي چڪا هئا.ڪجهه بک به لڳي هئن، ان ڪري بلال کي وٺي اميه جي حوالي ڪر ي سڀ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏي موٽن ٿا. هوڏانهن حضرت بلال رضه جي زخمن ۾ سور محسوس ٿئي ٿو پر انهن کي وساري، دل ۾ احد، احد چئي رهيو آهي.

هڪڙو سر حبيب کي ڏيندي لڄ مران،
هــجن سر گهڻا ته واري واري ڏيان. "شاهه"

اميہ دل ۾ سوچي ٿو تہ اڄ بلال سان اهڙي ٿي آهي جو اسلام کان توبہ تائب ٿي ويو هوندو. پر حضرت بلال رضہ شام جو اميہ جي ڪچهريءَ ۾ ويهي ٿي ڪونہ تہ ۽ اميہ ۽ انجي ٻين مشرڪ نوڪرن سان ڳالهائڻ بہ پسند نہ ٿو ڪري. ۽ سيني ڪان پاسائتو ويهي دل ئي دل ۾ الله تعالىٰ جو ذڪر ڪري رهيو آهي. اميہ حضرت بلال رضہ جي واتان توبہ ۽ آڻ ميڻ جا اکر ٻڌڻ لاءِ ونس هلي وڃي ٿو.

اميہ:- بلال ! ڏي خبر؟ آهي مزو ڪيئن؟

حضرت بلال رضہ:- احد، احد (يعني الله هڪ آهي)

اميہ:- چئبو تہ اڃو ڪي هيڏي جٽ ۽ تعديءَ سان بہ تون نہ سڌرئين.

حضرت بلال رضہ:- احد، احد .....

اميہ:- اي شيديءَ جا پٽ هرو ڀرو مونکي چيڙاءِ نہ، احد نہ چوءُ. بس آهي ئي هڪ الله باقي ٻيا هيترا سارا الله جيڪي اسان جي وڏن جا معبود آهن سب ڪُتا. اسان جا وڏڙا ڪي چريا هئا ڇا؟

حضرت بلال رضہ:- احد ... احد.....

اميہ:- عزىٰ جو قسم آءٌ توکي قتل ڪرائي ڇڏيندس نہ تہ مونکي هرو ڀرو چيڙاءِ نہ.

حضرت بلال رضہ:- احد .... احد ....

اميہ چڙي حضرت بلال رضہ جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ٿو ۽ گهٽي ڏيڻ جي ڪري ٿو. پر جلدي ئي حضرت بلال رضہ جي ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي چوي ٿو. نہ نہ .... آءٌ توکي ائين قتل نہ ڪندس، ڇو تہ پوءِ تون مرڻ کان پوءِ ٻين تڪليفن کان ڇٽي ويندين. ان ڪري توکي ماربو پر ڇچلائي ڇچلائي ماربو. ائين چئي اميہ حضرت بلال رضہ کي ڇڏي پنهجي جاءِ تي وڃڻ لاءِ روانو ٿئي ٿو.

حضرت بلال رضہ:- احد، احد .... ڪاش جيڪڏهن خبر هجيم ها تہ ٻئي ڪنهن اکر سان ان کان وڌيڪ چڙو ٿا تہ آءٌ اهو اکرئي چوان ها. جڻ زبان حال سان چئي رهيو هو:

باطل سے دبنے والے اے آسمان نہیں ہم،

سوُ بار کر چکا هے تو امتحاں همارا،
توحيد کي امانت سينوں ميں هے همارے،
آ ساں نهيں مٹانا، نام و نشاں همارا.

اميہ ۽ ابوجهل

ڪجهہ ڏينهن تہ اميہ حضرت بلال رضہ کي ڪيترن قسمن جون تڪليفون ڏيندو رهيو، ۽ هو صبر ۽ استقلال سان سهندو ۽ برداشت ڪندو رهيو. جڏهن اميہ ڏٺو تہ سندس سخت ڪان سخت سزائون بہ بلال کي زير بار نٿيون ڪري سگهن، تڏهن صلاح مشوري لاءِ غنڊا گرديءَ جي رئيس ابوجهل وٽ پهچي ٿو. اتي ڏسي ٿو تہ حضرت عمار ۽ ان جي پيءُ حضرت ياسر ۽ ماءُ بيبي سُميہ رضہ تي عذاب شروع آهن. ڪڏهن مار، ڪڏهن رسن سان ٻڌڻ،ڪڏهن مٿي ٽنگڻ وغيره وغيره ڏسي ٿو. اميہ انهن سزائن جي نمونن کي ڏسي پاڻ بہ اهڙا طريقا سکي ٿو. پر وري بہ پنهنجي مايوس دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ابوجهل ڪان پڇي ٿو.

اميہ:- يار! مون تہ هن نئر بلال کي ڪيترن قسمن جون سزائون ڏنيون آهن، پر مجال جو ڪٿي ڪو اثر ٿئيس. آءٌ هن کي ماري ماري ٿڪجي پيو آهيان. منهنجي هٿن ۾ لقون پئجي ويون آهن. پر اهڙي نڊڪ کي ڪو اثر ئي ڪونہ ٿو ٿئي. مون هاڻي سوچيو آهي. تہ اصل بلال کي ماري ڇڏيان. ڇو تہ: نہ جيئرو هوندو نہ هبل جي مخالفت ئي ڪندو.

ابوجهل:- متان متان. ماري ڇڏڻ جو تہ سوچ بہ نہ. ڇو تہ ڪمزور کي مارڻ، معنيٰ پنهنجي شڪست جو اقرار ڪرڻ.

اميہ:- پوءِ ڀلا نيٺ ڇا ڪريان؟ آءٌ وڏيڪ تہ ڪري بہ ڪجهہ نٿو سگهان. نہ وري هن جي احد ..... احد لفظن کي سهي ٿو سگهان.

ابوجهل:- ڪمال آهي يار! هو سزا سهڻ سان نٿو ٿڪجي، تون سزا ڏيڻ سان ٿڪجي ٿو پوين. تون پيو سزائون ڏينس.

اميہ:- ڪيستائين؟

ابوجهل:- جيستائين هو اسلام ڪان ڦري وري ساڳئي دين ۾ اچي وڃي.

اميہ:- مون بہ چار ڏينهن جڳ ۾ گذاريا آهن. پر هن شيديءَ جي پٽ جهڙو ضدي ۽ نئر مون ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺو. بس هڻ تہ ڪٿو آهين، وارو معاملو

آهي. آءٌ سزائون تہ ڪيترن ڏينهن ڪان پيو تو ڏيانس پر مرض بڑهتا گيا جوں جوں دوا ڪی. جيئن تئن تيئن وڌ.هن تي تڪي جو بہ اثر ڪونہ ٿو ٿئي.

ابوجهل:- ائين صفا نااميد نہ ٿيءُ پاڻيءَ ڪان اڳ ڪپڙا نہ لاهہ.

اميہ:- آءٌ تہ ڪٿي نااميد بہ نہ ٿيان پر هيترن ڏينهن جي تجربي ڪرڻ سان آءٌ تہ پڪ سمجهيو ويٺو آهيان تہ بلال ڪو نہ سڌرندو.

ابوجهل:- چڱو آءٌ پاڻ ايندس پوءِ ڏسجان تہ ڪيئن ٿو بلال ڪان سچي ڪرايان.مون عمار، ياسر جي پٽ ڪان ٺي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪيترا اڪر هبل جي ساراہ ۾ ۽ (حضرت) محمد ﷺ جي مخالفت ۾ چورايا آهن.نہ تہ پهريائين هو بہ ائين بلال وانگر نڙ هئو پر... مار بہ پيچي ٿي. (١)

اميہ:- تون ڀلي اچ،منهنجي اکين تي پر ....

ابوجهل:- ڀلا جيڪڏهن بلال جي واتان اسلام ڪان بيزاريءَ وارا اڪر تون پاڻ ٻڌين تہ پوءِ مڃيندين؟

اميہ:- چڱو آءٌ تنهنجو سڀاڻي انتظار ڪندس.

مشرڪن جي ڪنوراءپ

ان زماني ۾ مشهور هئو تہ مڪي جا ماڻهو رحمدل ۽ مهمان نواز آهن،

---

(١) حضرت ابن عباس رضہ ڪان روايت آهي تہ جڏهن حضرت عمار رضہ جي پيءُ ۽ ماءُ ڪي مشرڪن اسلام آڻڻ سبب تڪليفون ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ باقي بچيل حضرت عمار رضہ ڪي بہ مختلف سزائون ڏيندا رهيا. هڪ ڏينهن بنو المغيره جي مشرڪن حضرت عمار رضہ ڪي هڪ کوهہ ۾ وجهي غوطا ڏياريندي ڪفر جي اکرن چوڻ لاءِ مجبور ڪيو پئي ۽ حضرت عمار رضہ وڏيڪ غوطن کائڻ جو ست نہ ساري ڪافرن جي مرضيءَ مطابق اسلام ڪان بيزاريءَ جا اکر ڳالهايا. ماڻهن جڏهن حضور ﷺ جن ڪي اها ڳالهہ ٻڌائي. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ عمار ڪڏهن ڪان چوٽيءَ تائين ايمان ڪامل آهي هن جي گوشت ۽ رت ۾ بہ ايمان آهي. هوڏانهن حضرت عمار رضہ بہ روئندو حضور جن وٽ حاضر ٿيو ۽ مجبوريءَ سبب چيل اکرن جي ڪين خبر ڏنائين. اهو بہ ٻڌايائين تہ سندس دل ۾ ايمان آهي. حضور ﷺ جن حضرت عمار رضہ جا ڳوڙها بہ اگهن پيا ۽ فرمائين پيا تہ: پوءِ ڪونهي وري بہ مجبور ڪن تہ تون زبان سان اهڙا اکر ڳالهائي جان ڇڏائيندو ڪر. (تفسير مظهري اِلَّامَنْ اُکْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّ بِالْاِيْمَانِ آيہ جو تفسير)

مظلومن جاحمايتي آهن. انڪري جو هن حلف الفضول واري معاهدي ۾ قسم کنيو آهي تہ هميشه مظلوم جي حمايت ڪندا رهندا. ته سگهي ٿو تہ مڪي وارا رحمدل هجن. پر الائي ڪنهن تي رحم ڪائيندا هئا؟

مڪي شريف يعني امن واري شهر ۾ ئي تہ حضرت ياسر کي ڇنگهن ۾ رسو وجهي مشرڪ مٿي ٽنگيندا هئا. اتي ئي بي بي سميہ کي ٻن ائن سان ٻڌي ٻنهي ائن کي هيڏي هوڏي هڪلي بي بي صاحبہ کي ٻہ اڌ ڪري شهيد ڪيو ويو هو. اتي ئي حضرت صهيب روميءَ کي ٽانڊن تي سمهاريو ويندو هو. اتي ئي حضور ﷺ جن کي عقبہ بن ابي معيط ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي گهٽا ڏنا هئا. اتي ئي حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت زبير بن العوام کي تڏي ۾ ويڙهي دونهون ڏنو ويندو هو. ۽ اهي من مستيون ڪيون بہ ظاهر ظهور ويندي ئون هيون.

انهن مسلمانن مظلومن تي نہ ڪير رحم ڪندو هو، نہ ڪير ڇڏائيندو هو. پوءِ بہ مڪي جا مشرڪ رحمدل بہ باقاعدي سڏبا هئا.

صبح جو اٿندي هرڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار لاءِ سوچيندو آهي تہ اڄ دڪان کولڻو آهي يا اڄ هر ڪاهڻو آهي، يا مزدوريءَ تي وڃڻو آهي، پر جڏهن کان وٽي مسڪين غريب حضرت عمار، ياسر، بلال ، خُبيب، صُهيب، سُميہ رضوان الله عليهم مسلمان ٿيا هئا، تڏهن کان وٽي مڪي جي مشرڪن جون سڀ سوچون ان فڪر ۾ خرچ ٿين ٿيون تہ اڄ انهن غلامن کي ڪهڙي سزا ڏجي، ڪهڙي طريقي سان انهن ڪمزورن کي تنگ ڪيو وڃي جيئن هو اسلام ۽ توحيد جو آواز ڇڏي هبل جا حمايتي ٿي پون. بس مڪي جي مشرڪن جو شڪار بہ اهو هو، تہ روزگار بہ اهو هو. سندن ڏنڊو ڏاڙي بہ اهو هو.

حضرت بلال رضہ تي سخت آزمائش

اميہ سان ڪيل انجام مطابق ابوجهل نيرن مهل اميہ جي اوطاق تي پهچي ٿو.

ابوجهل:- دوست ! ڪاٿي آهي تو وارو غلام؟

اميہ:- اجهو ٿو حاضر ڪريانس.

ڪجهہ وقت گپ شپ ۾ گذاري، حضرت بلال رضہ کي سڏين ٿا. اول

ڪجهہ سمجهائين ٿا پر هن جي ناڪار تي سندس هٿ پير ٻڌا وڃن ٿا.
ابوجهل جي حڪم سان. حضرت بلال رضہ کي ٽاڪ منجهند جو ننڍهڻ ۾ گرم پٿريلي واريءَ تي ليٽايو ويجي ٿو. هڪ گرم اُس ، ٻيو تتل واري، ڪڏهن ڪڏهن واچ جي جهولن تي اها ڪوسي واري اڏامي حضرت بلال رضہ جي اکين ۾ پوي ٿي. پر اکين کي مهٽڻ لاءِ هن جو هڪ هٿ بہ ڪليل نہ آهي. اس تي ميرو پگهر ڳڙي حضرت بلال جي اکين ۾ پوي ٿو ۽ سندس اکيون ڪُرائجن ٿيون. پر هو سڀ ڪجهہ سهي ٻڙڪ بہ ٻاهر نٿو ڪڍي.صرف رب جي رحمت ۾ اميد رکيو آلا ان نصر الله قريب (اجها الله تعاليٰ جي طرفان مدد چاڻ پهتي) پڙهندو رهي ٿو.

ابوجهل ۽ اميہ ڪجهہ وقت ڪچهري ڪري ٻئي ڄڻا اوطاق مان نڪري حضرت بلال رضہ کي ڏنل سزا جو معائنو ڪن ٿا، سندن پٺيان روشني ڪوڏين جو ڏڻ آهي. ابوجهل دل ئي دل ۾ سوچيندو اچي ٿو تہ اڄ ضرور بلال سمجهي ويو هوندو. اسلام ڪان هٿ ڪڍي ويو هوندو. رڳو ويجي ٿو ان جي واتان اسلام ڪان بيزاريءَ جا اکر ٻڌان ۽ اميہ کي بہ ٻڌرايان. ائين سوچيندي ابوجهل، بلال وٽ پهچي ويجي ٿو ۽ پڇي ٿو ...... ڪيئن بلال آهي ڪجهہ مزو؟

حضرت بلال رضہ:- احد، احد.

حضرت بلال رضہ جا اهي اکر ڄڻ ابوجهل جي منهن تي هڪ زوردار چماٽ وانگر هئا.هن جو اندر جلي ويجي ٿو ۽ لڄ سبب سندس منهن ڦري ويجي ٿو. ڪجهہ زبان سان بڙ بڙ ڪري ٿو. چوي ٿو هي شيديءَ جو پٽ ايئان آڻ نہ ميڄيندو. ائين چئي هيڏي هوڏي نهاري ٿو تہ هڪ ڳرو پٿر نظر اچيس ٿو. ماڻهن کي چئي، اهو ڳرو پٿر گهرائي ٿو ۽ ڪريل بلال رضہ جي ڇاتي تي رکرائي ٿو. اهو پٿر اهڙو ڳرو آهي جو حضرت بلال رضہ ساهہ بہ مس کڻي سگهي ٿو. اهو گرم ۽ ڳرو پٿر هن کي سخت تڪليف ڏئي ٿو. پر هو هڪ هڪ ساهہ کڻڻ سان چوي ٿو احد ـ احد ....

مشرڪ جيئن جيئن حضرت بلال رضہ جي بي ڪسي ڏسن ٿا ءِ هن جي منجهيل ڇهري کي ڏسن ٿا، يا هن جي ڪنجهڻ جي آواز کي ٻڌن ٿا. تيئن خوش ٿين ٿا، نڙن ٿا، ٽهڪڙا ڏين ٿا، ڪجڪو ڪن ٿا. هن کي پنهنجي

ڪاميابيءَ جو انتظار آهي تہ اجهو ٿو آڻ مچي. اجهو ٿو هو اسلام جي خلاف آواز اُچاري.

گهڙي ڪن رکي اميہ ۽ ابوجهل واري واري سان پنهنجو ڪن ڏئي ٻڌن ٿا تہ بلال ڇا ٿو چوي. حضرت بلال رضہ ڪڏهن ڪڏهن احد احد جو اکر چوي ٿو نہ تہ رڳو پنهنجي پالڻهار کان دعائون گهري رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي تہ:

اي الله ! جيئن تو حضرت ابراهيم عليه السلام کي آڙاهہ مان بچايو هو، جيئن تو حضرت موسيٰ عليه السلام کي سندس دشمن فرعون جي ظلمن کان بچايو هو، ائين تون پنهنجي ٻاجهہ ڪري مونکي هنن عذابن کان نجات نصيب ڪر.

اميہ:- دوست ابوجهل ! ڏنئي هن ضديءَ کي؟ الائي يار تو پٽي چيو تہ اجهو ٿو ميڙايانس؟

ابوجهل بہ پنهنجي شڪست تسليم ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهي ٿو. هن جي سمجهہ ۾ وڏيڪ ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي اچي تہ ڇا ڪري؟

خير ! ابوجهل تہ مايوس ٿي موٽي ويو ٿو. پر اميہ کي تڪليف ڏيڻ جون ڪجهہ وڌيڪ اٽڪلون بہ اچي وڃن ٿيون. جن سان هو نئين سج نئين طرح حضرت بلال رضہ کي ستائيندو رهي ٿو. (١)

غلاميءَ مان آزادي

حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ڪنهن ڪم ڪار سانگي هڪ ڏينهن بني جُمح وارن جي پاڙي ڏي اچي ٿو. هن کي ڪجهہ ماڻهن جو انبوهہ نظر اچي ٿو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ان ماڻهن جي ميڙ کي ڪجهہ ويجهو ٿئي ٿو. جيئن معلوم ڪري تہ اهي ماڻهو ڇو گڏ ٿيا آهن. اتي پهچي ٿو تہ حضرت بلال رضي الله کي هيٺ ستل ۽ مٿانئس هڪ ڳرو پٿر پيل ڏسي ٿو ۽ ڪن غنڊن کي ڏسي ٿو تہ اهي ٻاهہ ٻاري ان ۾ سيخن جا ٽڪر تپائي رهيا آهن، جيئن انهن سان بيوس بلال رضہ کي ڏنپ ڏين.

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

حضرت ابوبڪر رضي الله ماڻهن کي پري ڪندي حضرت بلال رضي الله عنه جي ويجهو پهچي ٿو. حضرت بلال رضہ جي نظر حضرت ابوبڪر رضي الله عنه تي پوي ٿي ۽ مبارڪ اکين مان ڳوڙها وهائي ماٺ ميٺ ۾ هن کي پنهنجي بي وسيءَ جو احوال ڏئي ٿو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ هيڏي هوڏي نهاري ٿو تہ اميہ تي نظر پئجي وڃيس ٿي.

حضرت ابوبڪر رضہ:- اميہ ! هن مسڪين کي ڪيستائين عذاب ڪندين؟ ڪنهن پاڻ جهڙي سان هٿ اٽڪائي ڏس. باقي هن ڪمزور کي هيترو ستائڻ تہ شرم جهڙي ڳالهہ آهي.

اميہ:- تنهن جو ڇا ويو؟ هي تہ منهنجو غلام آهي. جيسين وٽندم تيسين هن کي ڪٽيندو رهندس. تون ڪير ٿيندو آهين جو بلال جو پاسو ڪنين؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- ڪجهہ خدا جو خوف ڪر، مظلوم جي دعا عرش تي جلدي پهچندي آهي. سياڻي تون بہ ائين ئين جي هٿن ۾ اچي سگهين ٿو.

اميہ:- بلال رڳو تنهنجي ڪري ٿو تڪليفون ڏسي. ڇو تہ هن کي ڪاريو بہ تو آهي. هن کي چاڙهاڪا ڏئي مسلمان تو ڪيو آهي، هاڻي مونکي تو چوين تہ ڇو ٿو مارينس؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- مون هن کي ڪاريو ڪونہ آهي، الله تعاليٰ هن کي سڌي واٽ نصيب ڪئي آهي جو مسلمان ٿيو آهي.

اميہ:- ڇگو ! وڏيڪ منهنجي آڏو نہ ڪُڇ پنهنجي واٽ وٺيو هليو وڃ. سڄو ڏينهن وتو ٿا ماڻهن کي برغلائيندا ۽ ڪاريندا.

حضرت ابوبڪر رضہ:- منهنجي مرضي آهي تہ هاڻي ڪٿي بلال رضہ کي ڇڏيو گهڻئي ماريو اٿوس.

اميہ:- آءٌ هن کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندس جيسين هن کي آڻ ميرائي اسلام ڪان بيزار نہ ڪندس.

حضرت ابوبڪر رضہ:- اميہ ! اهي تون خواب ٿو لهين. حضرت بلال رضي الله عنہ اسلام کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو هن جي دل ۾ اسلام جو ميناج ايترو تہ ويهي ويو آهي جو مرندو مري ويندو پر اسلام نہ ڇڏيندو. تو هيترو آزمايو اٿس تہ بہ اجا تو کي پڪ نہ ٿي آهي.

اميہ:- ڀلا توکي ڪو ونڻ آيو هو ڇا؟ جو هٿ اسان جي پاڙ ي ۾ اچي

پھتو آهين. ڪين هٿ به آيو آهين ماڻهن کي برغلائڻ؟

حضرت ابوبڪر رضہ:- اميه ! تون ڪيڏو نه پليل آهين. حضرت بلال رضي الله اول الله تعاليٰ جو ٻانهو آهي پوءِ تنهنجو غلام آهي. تون جيڪڏهن هن کي عذاب ڏئي ماري ڇڏيندين ته نقصان ڪنهن کي. تنهنجي ئي ملڪيت جو زيان ٿيندو يا ڪنهن جو نقصان ٿيندو؟

اميه:- ان جيئڻ کان هن جو مرڻ ڀلو آهي، ڇا آءٌ هن کي ان ڪري ڪارايان پيارايان ته هو اسان جي الاهن کي گاريون ڏئي ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي. وري اسان جي ننڍن ٻارن کي پرچائڻ ۽ ڪيڏائڻ وارا به ته هي غلام آهن. پوءِ انهن تي به هن جو اثر چڙهندو پوءِ ته اسان جي هڙئي وئي. باقي ڇا بچيو ؟ آءٌ ته اهڙي غلام کان سخت بيزار ٿي پيو آهيان

حضرت ابوبڪر رضہ:- ڀلا وڪڻندين؟

اميه:- ها! ها! آءٌ وڪڻڻ لاءِ به تيار آهيان .

حضرت ابوبڪر رضہ:- ڪيتري وڪڻندين؟

اميه:- پنج سونيون گينيون وٺندس.

حضرت ابوبڪر رضہ:- (پنج گينيون اميه کي ڏيندي) هي وٺ پنج گينيون، ڇڏ بلال جي پچر.

اميه:- (هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي) چريا ! تون نه ڪروڌ ڪرين ها ته هڪ گيني تي به آءٌ وڪڻڻ لاءِ تيار هوس.

حضرت ابوبڪر رضہ:- اميه چريو ته تون ٿئين اچ تون هڪ سؤ سونيون گينيون گهرين ها ته به اهي آءٌ ڏئي اچ بلال کي ڇڏرايان ها. پر هڻ وڃائي ڇڏيئي. (١)

حضرت ابوبڪر رضہ حضرت بلال رضہ تان پٿر لاهي ٿو ۽ ٻئي دوست هٿ ۾ هٿ ڏئي روانه ٿين ٿا.

حضرت بلال رضہ:- دوست ! تو وڏو ٿورو ڪيو آهي جو ظالم جي چنبي کان مونکي آزاد ڪرايو اٿئي. پر ٻڌاءِ ته وري به غلام رکڻ لاءِ خريد ڪيو اٿو ڪين آزاد ڪرڻ لاءِ؟

---

(١) سيرت ابن هشام ۾ آهي ته حضرت ابوبڪر رضہ هڪ مشرڪ غلام کي ڏئي، ان جي عيوض حضرت بلال رضہ کي ڇڏايو هو.

حضرت ابوبڪر رضہ :- بلال ! تون بلڪل آزاد آهين، فڪر نہ ڪر. ٻئي ڄڻا حضرت رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿين ٿا ۽ حضرت بلال رضہ پنهنجي محبوب کي سڄي سورن، ڏکن ڏاکڙن جو حال احوال اوري ٿو. (١)

حضور ﷺ جن:- ابوبڪر! تو اڄ وڏو خير جو ڪم ڪيو آهي. مون کي بہ ان خير جي ڪم ۾ ڀائيوار ڪر، ڪجهہ رقم مون کان بہ وٺ.

حضرت ابوبڪر رضہ:- سائين مون تہ حضرت بلال رضہ کي اڳ ۾ ئي آزاد ڪري ڇڏيو آهي.

حضرت رسول الله ﷺ:- (گهڙي کن خاموشي کان پوء) الله تعاليٰ مونتي نازل فرمايو آهي تہ:

وَسَيُجَنَّبُهَا الْأَتْقَى الَّذِي يُؤْتِي مَالَهُ يَتَزَكَّى ۝ وَمَا لِأَحَدٍ عِنْدَهُ مِنْ نِعْمَةٍ تُجْزَى ۝ إِلَّا ابْتِغَاءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْأَعْلَى ۝ وَلَسَوْفَ يَرْضَى ۝

ترجمو:- ۽ جهنم کان اهو ماڻهو بچي ويندو جيڪو متقي پرهيزگار آهي ۽ پنهنجو مال پاڪ ڪرڻ لاء خرچ ڪري ٿو. ۽ ڪنهن بہ احسان جي ٿوري لاهڻ لاء ائين نٿو ڪري. پر صرف پنهنجي پالڻهار جي رضا حاصل ڪرڻ لاء خرچ ڪري ٿو. ۽ ان کي الله سائين جلدي راضي ڪندو. (٢)

حضرت عمر فاروق رضي الله جو مشهور فرمان آهي تہ ابوبڪر اسان جو سائين آهي جو تہ هن اسان جي سائين (بلال رضہ) کي آزاد ڪيو آهي.

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

(٢) تفسير مظهري ۾ لکيل آهي تہ حضرت بلال رضہ کان اڳ ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ٦ غلام آزاد ڪيا هئا.(١) عامر بن فهيره (٢) بي بي ام عميس (٣) بي بي زنيره (۴) بي بي نهديہ (۵) بي بي بنت نهديہ (٦) بني مؤمل جي هڪ ٻانهي، ۽ حضرت بلال رضہ انهن ڇهن کي آزاد ڪرائڻ کان پوءِ ستين نمبر تي آزاد ڪرايو ويو. مذڪور تفسير وما لاحد جو تفسير ٿي هيئن ڪيو آهي:بلال ولا لغيره من الغلمان. يعني حضرت ابوبڪر رضہ حضرت بلال يا ٻين غلامن کي ڪنهن احسان جي بدلي ۾ آزاد نہ ڪرايو هو.

(تفسير مظهري، جلد ڏهون)

ڏک سک ۾ ساٿي

حضرت بلال رضي الله عنه اسلام آڻي وڏا ڏک ڏٺا هئا، ڏاڍا سورسٺا هئا. ان ڪري هن وٽ اسلام جو قدر به ايترو هو. ڪافي وقت جي سِڪڻ ڪان پوءِ هن کي حضرت رسول الله ﷺ جن جي ڪچهري نصيب ٿي هئي. ڪچهري به اهڙي جو ان مان هن کي ڪو به اٿاري نه سگهي. نه وري ڪير هن کي روڪي ٿي سگهي. ڇو ته هو هاڻي آزاد هئو، ڪنهنجو به غلام نه هئو. هاڻي هن کي رڳو الله تعاليٰ جي ٻانهپ ۽ رسول الله ﷺ جن جي نوڪري ڏيڻي هئي.

سکن واري سڌ متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنين اڌ ڏونگر سي ڏوريندين.

مسلمانن جي مٿان مشرڪن جي وڌندڙ سختين ۽ تڪليفن کي ڏسندي حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجن صحابن سڳورن کي مشورو ڏنو ته: في الحال هو حبش ڏي هجرت ڪري وڃن. ڇو ته اتي جو بادشاهه اصحمه نهايت رحمدل انسان آهي، اتي مسلمان سک جو ساهه کڻي سگهندا ۽ جيسين مسلمانن کي الله تعاليٰ غلبو عطا فرمائي، تيسين حبش (۱) ۾ ٿي رهن. (۲)

سندن مشوري سان اٽڪل ۸۴ کن صحابين سڳورن حبش ڏي هجرت ڪئي جن ۾ حضرت عثمان غني رضي الله عنه ۽ سندس گهرواري رسول الله ﷺ جن جي نياڻي بي بي رقيه ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جو ڀاءُ حضرت جعفر طيار رضي الله تعاليٰ عنه به شامل هئا. پر حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه هجرت نه ڪئي ۽ رسول الله ﷺ جن سان گڏ رهڻ پسند ڪري بک ڏک تي مڪي شريف ۾ رهي پيو. هو سوچي پيو ته حضور جن کي هت ڇڏي آءٌ ڪيئن حبشن وٽ وڃي سکيو ٿي رهان. (۳)

---

(۱) حبش جو ملڪ هن وقت ايٿوپيا جي نالي سان سڏجي ٿو.

(۲) اهو حبش ڏي هجرت وارو مشورو حضور جن صحابه ڪرام کي نبوت ملڻ کان پوءِ پنجين سال رجب جي مهيني ۾ ڏنو هو.

(۳) جيتوڻيڪ جن صحابن سڳورن حبش ڏي هجرت ڪئي هئي، انهن به رسول الله ﷺ جن جي حڪم ۽ سندن مشوري سان ڪئي هئي.

آءُ ڪيئن سوڙئين سمهان مون ور گهاري سج،
مر ! اباڻن سين اڄ، ڪوءِ شربت تنهنجو سومرا.
"شاهہ"

مشرڪن جو معاهدو

مسلمانن حبش ۾ سک جو ساهہ کنيو ۽ حضرت عُمر فاروق رضي الله عنہ مسلمان ٿيو تہ مشرڪن جون وايون بتال ٿي ويون. ڇو تہ حضرت امير حمزه ۽ حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ سان مسلمانن جو عدد ويو ٿي وڌندو. مشرڪن جون ميٽنگون ٿيڻ لڳيون. صبح شام پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ لڳا. هنن کي اها ڳڻتي هئي، تہ جيڪڏهن مسلمان امن امان سان رهيا ۽ دلير دلير ماڻهو بہ منجهن شامل ٿيندا ويا تہ پوءِ ملڪ کي هبل بہ ڪونہ بچائي سگهندو. ڪن مشرڪن کي تہ ڪٽي انتظار آهي تہ عُزيٰ ۽ لات،هبل ۽ منات پنهنجن دشمنن کي پاڻهي ختم ڪري ڇڏيندا. پر ڪن کي تہ تيستائين ترسڻ بہ ڏکيو پئي لڳو .يلا هيترا ڏينهن جو بتن مسلمانن کي ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي، سي اڳتي بہ الائي ڪجهہ ڪن يا نہ ڪن؟ ان ڪري مشرڪن جي هڪ ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ تہ: اڳتي ڪو بہ مشرڪ مسلمانن يا مسلمانن جي حمايتين ۽ بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب سان، مٽي مائٽي نہ ڪري، ڪا ڏيتي ليتي نہ ڪري. پڇاڙيءِ پنهنجي دڪان سان بہ مسلمانن کي ڪا شيءِ نہ ڏني وڃي. خاص ڪري کاڌي پيتي جوُن شيون تہ بنهہ نہ ڏنيون وڃن.(١)

اهو معاهدو منصور بن عڪرمہ مشرڪ کان لکرائي ڪعبة الله ۾ ٽنگيو ويو. (٢) ان لاءِ تہ جيڪو بہ ان معاهدي جي پيڪڙي ڪندو ڪعبي ۾ رکيل بت ان کي نقصان رسائيندا.

مشرڪن جي اهڙي ظالمانہ فيصلي سبب حضرت رسول الله ﷺ جن ۽ سندن ساٿي ٽن سالن تائين ساندهہ، شعب ابي طالب ۾ جڻ قيد رهيا.

---

(١) هڪ ڏينهن ابوجهل حڪيم بن حزام کي ڏٺو تہ اهو پنهنجي پڦيءَ لاءِ ڪجهہ کاڌو کنيو پيو وڃي. ابوجهل ان کي بہ روڪي بيٺو ۽ اوڏانهن وڃڻ ئي نہ ڏنائينس.

(٢) ڪن تاريخ جي ليکڪن معاهدي لکڻ واري جو نالو بغيض بن عامر لکيو آهي. حضور جن جي بد دعا سان ان جا هٿ سڪي پيا هئا. (ڏسو سيرت ابن هشام جلد اول)

مسلمانن جي ٻارن کي به کائڻ لاءِ ڪجهه نه ملي سگهندو هو. حضرت بلال رضه به حضور ﷺ جن سان گڏ ان محاصري ۾ بند رهيو. بک سبب سندس اکيون ڏرا ڏئي ويو هيون، جسم ڪمزو ٿي ويو هو. پر هن جي ايمان کي ڪوبه لوڏو نه آيو هو.

حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا ته جيڪا تڪليف الله تعاليٰ جي رستي ۾ مونکي پهتي، اهڙي ٻئي ڪنهن کي به نه پهتي. مون تي مهينو راتين جو ته ائين به گذريو جو مون وٽ ۽ بلال وٽ اهڙي ڪابه شيءِ نه هئي جو ڪٿي ڪو ساهوارو کائي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن بلال ايترو ڪجهه آڻيندو هو جيڪو ان جي بغل ۾ لڪي سگهي.(١) مشرڪن جي ان لڪيل معاهدي کي جڏهن اڏوهيءَ کائي ختم ڪيو ۽ حضور ﷺ جن معجزانه طور تي اهڙي خبر ڏني تڏهن وڃي اهڙي بائيڪاٽ واري سختي ختم ٿي.

مڪي ۾ حج جي موسوم آئي ته پري پري جا ماڻهو ڪعبة الله جي زيارت لاءِ گڏ ٿيڻ لڳا. (٢) حضرت رسول الله ﷺ جن به پنهنجن ساٿين حضرت بلال، صهيب ۽ ٻين صحابن سڳورن کي ساڻ ڪري ٻاهرين ماڻهن کي اسلام جي تعليم ٻڌائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ نڪتا.

مشرڪ پروپيگنڊا ڪرڻ لڳا، مسلمانن خلاف زهر اوڳاڇڻ لڳا. جيئن ٻاهريان ماڻهو متنفر ٿي وڃن ۽ مسلمانن سان ملاقات ئي نه ڪن. پر ماڻهوءَ کي جيئن جهل، تيئن ڳت به ان ڳالهه تي ڏيندو آهي. حضور ﷺ جن ڪيترن ماڻهن سان مليا. سندن محنت صاب پئي. سندن تبليغ اثر ڪيو. ڪجهه ماڻهو اهڙا سلجهيل به هئا جن اسلام دين کي صحيح سمجهيو ۽ مسلمان ٿي پيا. مسلمانن جي تعداد کي وڌندو ڏسي مشرڪ نئين سج نيون انڪلون سوچين ٿا. پرروگرام ٺاهين ٿا. جيئن مسلمانن جي عزت آبرو ۽ انهن جي ٻڌي ۽ عزم کي نقصان رسائي سگهن.

امير ۽ غريب ۾ برابري

مُضر قبيلي جا ٻه رئيس اقرع بن حابس ۽ عيينه فزاري پاڻ ۾ ڪا مخفي صلاح ڪن ٿا. ڪا انڪل سوچي ٻئي ڄڻا اتي رسول الله ﷺ جن جي ڪچهريءَ جو رخ ڪن ٿا. اتي پهچي، اندر وڃڻ کان اڳ وري پاڻ ۾ مشورو ڪن ٿا.

اقرع :- ڏس ته سهي (حضرت) محمد (ﷺ) جن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺا به ته رڳو غريب آهن، بلال کي ڏسي صهيب کي ڏس، عمار کي ڏسي،

(١) البداية والنهايه (٢) اسلام کان اڳ به مشرڪ ڪنهن قسم جو حج ڪندا هئا.

خباب کي ڏس. جن کي پورا ڪپڙا بہ ڪونہ آهن. انهن سان اسلام کي کهڙي نيڪ ملندي؟

عيينہ:- اهي تہ آهن بہ هن جا خاص ماڻهو.

اقرع:- مون تہ ڏاڍو جاچي ڏٺو آهي، تہ: بلال جتي ڪٿي (حضرت)محمد (ﷺ) جن سان گڏ هوندو آهي. ان کي ڏار ڪن ئي ڪونہ، وچ ۾ ويهاريو ويٺا اٿس.

عيينہ:- هاڻي ڳالهہ اڪلاءِ تہ اندر هلون ڪين مونٽي هلون؟

اقرع:- ٺيو تہ لاچار، پر مونٽ بہ مناسب نہ آهي.هوءِ جيڪا اٽڪل سوچي آيا آهيون، اٿين تہ ڪري ڏسون.

عيينہ:- منهجي صلاح آهي تہ: في الحال اندر هلون. اتي حالي حوالي ٿي اهو مطالبو ڪنداسين تہ اسان دين اسلام جي ڪشش سبب آيا آهيون پر هنن غريبن سان گڏ ويهڻ تي دل ۾ ڏکيائي محسوس ٿئي ٿي. ان ڪري جيسين وچي طبيعت نهي تيسين اسان سان اها سهولت ڪئي وڃي، جو اسان ڪچهريءَ ۾ جڏهن بہ پهچون، تہ ان وقت هنن ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارن غريبن کي اٿاري ڇڏيو. پوءِ جڏهن اسان ڪچهري ڪري مونٽي وڃون تڏهن ڀلي اچي توهان وٽ ويهن.

عيينہ:- اهڙو اسان جو مطالبو مڃيندو سهي؟

اقرع:- ڇو نہ مڃيندو اسان جهڙا مُضَرَ جا مَهانڊا مڙس مسلمان ٿي پوندا تہ پوءِ هو هرو ڀرو غريبن کي ڇا ڪندو؟ اوڪيءَ ويل هن کي اسان جهڙا پهچ وارا رئيس ڪم ايندا ڪين اهي بي پهچ غريب؟ (١)

اٿين صلاحون ڪري حضور ﷺ جن جي آڏو پئي ڇٽا پهچن ٿا. ۽ حالي حوالي ٿيندي عرض ڪن ٿا.

سائين! توهان وٽ ڪيترن قبيلن جا ماڻهو اچن وڃن پيا. اسان ڪٿي مسلمان بہ ٿيون پر هنن مسڪينن سان گڏ ويهندي پيا ماڻهو ڏسندا تہ ڇا چوندا؟ ۽ اسان کي بہ هنن سان گڏ ويهندي دل ۾ ڏکيائي لڳي ٿي. انڪري اسان سان هڪ سهولت ٿئي، جو اسان جنهن وقت توهان وٽ اچون، تہ هنن غلامن غريبن کي هتان ڪچهريءَ مان اٿاري ڇڏيو. وري جڏهن اسان ڪچهري ڪري واپس وڃون پوءِ هي ڀلي اچي توهان وٽ ويهن.

حضور ﷺ جن:- چڱو ائين ڪريون ٿا. (حضور ﷺ جن ان وقت خيال

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

فرمايو هوندو تہ هي منهنجا پراڻا ساٿي حضرت بلال، صهيب، عمار، خبيب، فکيهہ، ابن مسعود وغيره تہ مون سان هميشه گڏ آهن جيڪڏهن گهڙي کن اهي مون کان جدا ٿيا تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ هوڏانهن هي قبيلن جا رئيس مسلمان ٿي پوندا تہ سندن پويان سندن راڄ بہ مسلمان ٿيندا .

اقرع ۽ عيينہ:- سائين پوءِ تہ ڏاڍو سٺو پر اسان کي اهڙو ڪو لکت ۾ معاهدو ڏيو تہ مهرباني.

حضور جن:- چڱو حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي گهرايو ۽ ڪاغذ بہ آڻيو! تہ لکي ڏيون.

حضرت علي رضي الله عنه ڪاغذ سميت حاضر ٿئي ٿو. هوڏانهن حضرت رسول الله جن تي وحي نازل ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. گهڙي کن جي خاموشيءَ کان پوءِ حضور ﷺ جن ڪنڌ مبارڪ مٿي ڪئي. حضرت علي ڪرم الله وجہ کان اهو ڪاغذ وٺي ڦاڙيندي، سندن مٿان نئون نازل ٿيل وحي پڙهن ٿا:(١)

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدَاوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ۝ (سورة انعام آية ٥٢)

ترجمو:- ۽ انهن صحابن کي پاڻ وٽان نہ اٿاري ڇڏيو، جيڪي صبح شام الله تعاليٰ کي ٻاڏائن ٿا ۽ هنن جو مقصد ئي الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. انهن جو حساب ڪتاب انهن کان ورتو ويندو. جيڪڏهن توهان انهن (صحابن) کي ڌڪاريندؤ تہ پوءِ وڏي نا انصافي ٿيندي. (٢)

اها آيت پڙهي حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ ۽ ٻين مسڪين صحابن کي سڏي پاڻ وٽ ويهارين ٿا. ۽ اقرع بن حابس ۽ عيينہ فزاري اٿين ئي نڪها

---

(١) تفسير ابن ڪثير جلد ٻيو

(٢) تفسير مظهريءَ ۾ اٿين بہ لکيل آهي تہ ٻهريائين مشرڪن اهو مطالبو ڪيو هو تہ غريب مسڪين صحابن کي پاڻ وٽان ان وقت اٿاري ڇڏيو جنهن وقت اسان، توهان وٽ پهچون. پر حضورصہ جن مشرڪن جو اهو مطالبو رد ڪري ڇڏيو. پوءِ هنن ٻيو مطالبو ڪيو تہ ڀلا اسان جنهن وقت اچون تہ توهان انهن غريبن وٽان اٿي اسان سان الگ ڪچهري ڪندا ڪريو. حضور جن مشرڪن جو اهو مطالبو مڃيو. ان سبب مٿين آية شريف نازل ٿي. ۽ پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي: وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ الخ:- معني:- اي نبي تون انهن صحابن سان گڏ ويهہ.

واپس موٽن ٿا. (١)

حضور انور ﷺ جن مسڪين صحابن ڪي مبارڪ ڏين ٿا ۽ فرمائين ٿا: انهيءَ الله جي تعريف جنهن مون کي توهان سان گڏجي ويهڻ جو حڪم ڪيو آهي. ان آيت نازل ٿيڻ کانپوءِ حضور ﷺ جن مسڪين صحابن سان ايترو تہ گڏ ويهندا هئا جو جڏهن صحابن سڳورن جا گوڏا حضور جن جي گوڏن کي لڳندا هئا. (٢)

سوره انعام ۾ الله تعالى فرمايو آهي تہ: اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ. معنى الله تعالى شڪر گذار ٻانهن کي خوب ڄاڻي ٿو. گهڻن مفسرن انهن شاڪر ٻانهن مان مراد حضرت بلال، عماربن ياسر، سالم، صبيح، ابن مسعود، مقداد، واقد، رضوان الله عليهم اجمعين ورتي آهي. (٣)

حضرت بلال رضہ ان آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ ڏاڍو خوش ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڇو تہ هن کي غريبي ۽ مسڪينيءَ هوندي بہ، حضور جن جو گهربل قرب حاصل ٿي چڪو هو.

الا ڏاهي مَ تيان ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

مشرڪن جون ٽوڪون

حضرت بلال ، صهيب، عمار، ابن مسعود، خباب رضوان الله عليهم اجمعين کي حضرت رسول الله ﷺ جن جو قرب ۽ ويجهو ويهڻ تہ نصيب ٿي ويو، پر مشرڪن جي مٿانئن ٽوڪ بازي بہ وڌي وئي. ڪڏهن سندن غريبي حال کي ڏسي کل ڪجکو ڪن. ڪڏهن هنن کي ڏسي هڪ ٻئي کي اکين جي اشارن سان ميڇون ڏئي چون تہ: اهي اٿئي سڌي واٽ جي دعويدارن جا حال. ڪڏهن هنن جي ڦاٽل ڪپڙن تي نظر وجهي، ٽهڪ ڏيندي هڪ ٻئي کي چون تہ: الله ڇگو سڄاتو اٿن؟ ڪڏهن بہ مشرڪ پاڻ ۾ ڪٺي مِلي وجن ۽ سندن پرسان کو غريب صحابي ان مهل اتان لنگهندو هو تہ ان کي ڏسي هڪڙو ٻئي جي هٿ کي زور ڏئي اشارن ئي اشارن ۾ چوندو هو تہ: وجئي ٿو ويري. هبل ۽ عزى بہ هنن سان گهٽ نہ ڪئي آهي.

---

(١) اقرع ۽ عيينہ ٻئي ڄڻا حضور جن جي هجرت کان پوءِ مسلمان ٿيا هئا.

(٢) تفسير مظهري (٣) تفسير مظهري

ڪڏهن تہ هو زبان سان چوڻ ڪان بہ نہ مڙندا هئا چوندا هئا تہ: عجب
آهي هنن عقل جي دشمنن تي جيڪي ان حالت ڪي بہ الله جو رضامند و ٿا
سمجهن. نہ هت سڪ ڏنائون نہ اڳتي ئي نصيب ٿيندن. هت جڏهن اهي حال
اٿن جو انگ اگهڙي نہ ليي پيٽ پنيءَ سان مليو پيو اٿن، مهل تي ماني نہ ٿي
ملين، وري ڪٽي پيچين تہ چوندا تہ الله جو ڇتَ جُهليل آهي ئي اسان تي .

مطلب تہ ان وقت مشرڪن وٽ ماحول ئي اهڙو بنجي ويو هو، غريب
صحابہ ڪرام تي روبرو ٺوڪ بازي، ڪل مسخري، طعنو ٺٺڪو، ڏاڙو ٺڪاءُ
۽ دل آزاريندڙ جملا چوڻ وغيره.وري جڏهن مشرڪ پنهنجين ڪچهرين مان
اٿي، پنهنجن گهرن ڏي اچن تہ گهرجي ڀاتين سان بہ ان موضوع تي ئي
ڪچهري ڪندا هئا. جيئن گهر جي ننڍن ڀاتين تي بہ اسلام دشمنيءَ جو اثر
ويهي.

الله تعاليٰ حضرت بلال رضہ ۽ ان جي ساٿين تي مشرڪن جي ٺوڪ
بازيءَ جو بيان ۽ ان جو رد هنن لفظن ۾ نازل فرمايو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ آمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ• وَاِذَا
مَرُّوْبِهِمْ يَتَغَامَزُوْنَ• وَاِذَاانْقَلَبُوْا اِلٰى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِيْنَ • وَ
اِذَارَاَوْهُمْ قَالُوْا اِنَّ هٰؤُلَاۤءِ لَضَالُّوْنَ• وَ مَا اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ•
فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ• عَلَى الْاَرَاۤئِكِ
يَنْظُرُوْنَ• هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَاكَانُوْا يَفْعَلُوْنَ•

بيشڪ ڏوهاري ماڻهو (مشرڪ) ايمان وارن (عمار، صهيب، خباب، بلال
۽ ٻين) تي کلون ڪن ٿا. ۽ جڏهن انهن وٽان لنگهن ٿا تہ هڪ ٻئي سان
اکيون ڀڃن ٿا ۽ جڏهن پنهنجن گهرن ڏي موٽن ٿا تڏهن بہ عجب ڪائيندا
ٺوڪون ڪندا ٿا اچن. ۽ جڏهن هنن (ايمان وارن) کي ڏسن ٿا تڏهن چون ٿا
تہ هي تہ گمراهہ آهن. حالانڪ ڪافرن کي اسان مؤمنن مٿان نگهبان ڪري
ڪونہ موڪليو آهي. ۽ قيامت ڏينهن، اهي ايمان وارا ڪافرن تي کلندا ۽ مٿي
تخت تي ويهي ڏسندا تہ ڪافرن کي سندن ٺوڪن جو بدلو پورو مليو آهي.
"سورة التطفيف" (١)

---

(١) هيون بہ ڪي آيتون حضرت بلال رضہ جي باري ۾ لٿيون آهن.
"ڏسو تفسير مظهري"

بهشت ۾ حضرت بلال رضہ جي هلڻ جو آواز

هڪ ڏينهن صبح جو ساجهرئي فجر جي نماز وقت حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه کي سڏ ڪري پڇن ٿا.

حضور انور ﷺ جن:- بلال ! اهو ڪهڙو عمل تون ڪندو آهين؟ جو رات مون تنهنجي جتيءَ جو ڪڙڪو بهشت ۾ ٻڌو آهي. آءٌ بهشت جي جنهن به طبقي ۾ ويس پئي تہ اڳيان اڳيان تنهنجي هلڻ جو آواز ٻڌم پئي. (۱)

حضرت بلال رضہ:- سائين ! ٻيو ڪو اهڙو عمل مونکي ڪونہ سُجهي باقي جڏهن بہ وضو ڪري مسجد ۾ ايندو آهيان تہ ٻہ رڪعتون (تحية الوضوء) نماز پڙهندو آهيان ۽ جڏهن بہ وضو ڀڄندو اٿم، تڏهن جلدي وضو ڪري ڇڏيندو آهيان. جڏهن بہ بانگ ڏيندو آهيان تڏهن ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهندو آهيان.

حضور ﷺ جن:- بس ان ڪري ئي تہ ائين آهي. (۲)

علامہ ابن قيم جوزيءَ ان حديث شريف تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ: هونئن تہ حضرت رسول الله ﷺ جن کان اڳ ۾ ٻيو ڪير بہ بهشت ۾ نہ ويندو. پر جهڙي طرح ڪنهن بادشاه جو ڪو خاص خادم بادشاهہ لاءِ انتظامات ڪرڻ لاءِ ان کان بہ اڳ هلندو آهي. حضرت بلال رضہ بہ حضور ﷺ جن جو خاص خادم هئو، ۽ بهشت ۾ حضور جن کان اڳ بہ ان حيثيت سان هليو پئي.

جهڙي طرح حضرت بلال رضہ حضرت رسول الله ﷺ جن جو هن دنيا ۾

---

(۱) ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ حضور ﷺ جن اها خبر پنهنجي هڪ خواب جي ڏني هئي ۽ ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ حضور ﷺ جن جاڳ ۾ بهشت ۾ وڃڻ جي خبر ٻڌائي آهي. "ڏسو فتح الباري ۽ عمدة القاري"

(۲) بخاري شريف ۽ جامع الترمذي شريف ۾ اهاحديث آيل آهي ڪٿي ائين بہ لکيل آهي تہ: حضور جن ڪڙڪو ٻڌي پڇيو تہ: اهو ڪنهن جي هلڻ جو ڪڙڪو آهي. حضرت جبرئيل عليه السلام ٻڌايو تہ: بلال جو.

بانگو هئو. ائين آخرت ۾ حضور ﷺ جن جي اچڻ جو اعلان حضرت بلال رضہ ئي ڪندو. (١)

۽ ڪن عالمن ان حديث کي هيئن سمجهيو آهي ته حضرت بلال رضہ جيڪو هن زمين تي هليو پئي اهو آواز حضور ﷺ جن بهشت ۾ پئي ٻڌو. باقي حقيقي معنيٰ ۾ حضرت بلال رضہ بهشت ۾ ڪونہ پئي گهميو. ڇو ته بهشت ۾ گهمڻ وفات کان پوءِ ئي ٿي سگهي ٿو. (٢)

حضرت بلال رضہ جڏهن بہ حضور ﷺ جن جا اهي اکر ياد ڪندو هو تہ: مون تنهنجي گهمڻ جو آواز پنهنجي اڳو بهشت ۾ ٻڌوآهي تڏهن گهڻيءَ خوشيءَ سبب ڳوڙها ڳاڙي ويهندو هو. (٣)

ان حديث شريف مان هيترو ضرور سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ حضرت بلال رضہ جيڪي الله تعاليٰ جي رستي ۾ تڪليفون برداشت ڪيون هيون ۽ سور سٺا هئا. ان جي عيوض ۾ الله تعاليٰ حضرت بلال رضہ کي حضور ﷺ جن جي اهڙي سنگت نصيب ڪئي هئي جو هو آخرت ۾ ۽ بهشت ۾ بہ ساڻن گڏ هوندو. حضور ﷺ جن جو فرمان مسهور آهي: انت مع من احببت يعني تون جنهن سان محبت رکندين ان سان گڏ اٿندين ۽ رهندين.(۴)

هجرت جو حڪم

مڪي جي مشرڪن وٽ حج جي موسم ايندي هئي تہ اصل عيد ٿي ويندي هئن. ڇو تہ ڪعبي جي مجاوريءَ سبب ٻاهريان ايندڙ زيارتي ماڻهو هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پيگر ۾ ڏئي ويندا هئا. ڪنهن گهٽو ڏنوءِڪنهن ٻڪرو ڏنو، ڪنهن ٻي ڪا سوکڙي ڏني يا وري مڪي وارن ماڻهن جو واپار بہ سٺو هلندو هو. ايترو تہ ڪمائيندا هئا جو ٻارهن مهينا وينا کائيندا هئا. پر جڏهن کان وٺي حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي نبوت جو اعلان ڪيو هو، تڏهن کان وٺي مڪي جي مشرڪن جي خوشيءَ ۾ ڪجهہ ڪٽتي بہ گڏجي پئي هئي. حج جي ڏينهن ايندي نذرن نيازن جي اڳاڙڻ واريءَ خوشيءَ سان گڏ اها ڳڻتي بہ هن کي لڳل هئي تہ متان نون آيل حاجين کي نئين دين اسلام ۽ بتن جي مخالفت واري پرچار ڪنين نہ پوي. پيو نہ تہ بہ اهي ٻاهريان ماڻهو

---

(١) حادي الارواح صہ ٨٦ (٢) عمدة القاري شرح بخاري
(٣) سيرت حضرت بلال حبشي رضہ (۴) تفسير مظهري سورة النساء

ڇا سمجهندا، تہ قريشن ۾ اها اڳين ۾ڏي ۽ پاڻ ۾ مٺ محبت نہ رهي آهي.

جيئن جيئن مسلمانن جو تعداد ويو پئي وڌندو، تيئن تيئن مکي جي قريشن جو غم ويو پئي وڌندو. اچا جڏهن مسلمانن جي تبليغ وارو آواز ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي ڪنن تي پهچي ويو ۽ اردگرد وران علائقن ۾ نئين دين اسلام جي چؤ پچؤ ٿي وئي، تڏهن قريشن جا سرڪردا مشرڪ، ابولهب، ابوجهل، عُتبو، شيبو ۽ اهڙا ٻيا حج جي موسم ۾ ٻاهران آيل ماڻهن ۾ پڙها گهمائيندا وتندا هئا تہ مسلمان ڦريل آهن، هبل ۽ عزيٰ جا مخالف آهن. انهن سان ڪو بہ نہ ڳالهائي نہ هٿ ڏئي. انهن جي ور چڙهي ويندؤ تہ اهي توهان کي ٻنهي کان بيزار بنائي، ابي ڏاڏي واري دين کان ڦيرائي ڇڏيندا. (١)

حضور ﷺ جن تي آية نازل ٿئي ٿي:

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ. معنيٰ (لڪ لڪان کي ڇڏي) ظاهر ظهور ماڻهن کي دين اسلام جو پيغام کولي ٻڌايو ۽ مشرڪن کان منهن موڙيو (يعني انهن جي ڳالهين تي ڪن ئي نہ ڌريو).(٢)

حضور ﷺ جن اٿن ٿا. ننڍي وڏي کي، امير غريب کي، چاتل اڻ چاتل کي توحيد جي تبليغ ڪن ٿا. نبوت جي يارهين سال حج جي ڏينهن ۾ پرانهن علائقن کان ماڻهو بہ مکي ۾ گڏ ٿين ٿا. حضور جن توحيد جي پر چار لاءِ نڪرن ٿا. تہ پٺي پاسي ابولهب جي سرڪردگيءَ ۾ مشرڪن جو ٽولو بہ ڪعبہ وٽ پهچي ٿو. ماڻهن جي جٿن ۾ ابولهب مسلمانن جي خلاف ۽ توحيد جي ابتڙ تقريرون شروع ڪري ٿو.

ٻئي طرف حضور ﷺ جن ڪڏهن ڪعبي جي حرم ۾ ڪڏهن مِنيٰ ۾، ڪڏهن عرفات ۾ ڪڏهن مزدلفہ ۾ ماڻهن جي جماعتن سان ملن ٿا. هنن کي حق جو آواز يعني رب جو ڪلام ٻڌائين ٿا. سندن اها محنت ڪنهن رات يا ڏينهن جي محتاج نہ آهي. تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جيءَ وانگر هلندا رهن ٿا.

هڪ چانڊوڪيءَ رات ۾ چنڊ جي ڌيميءَ روشنيءَ ۾ حضور ﷺ جن جمرة العقبة (جتي حاجي ڌهين، يارهين ٻارهين ذوالحج تي پٿريون چٽيندا آهن) وٽ ماڻهن جي هڪ ٽوليءَ سان ملن ٿا. ماڻهو ڏهہ ٻارهن آهن.يثرب

---

(١) النبي الخاتم (٢) بذل القوه

(مدينہ) کان آيل ياتئجن تا. (١)

حضور ﷺ جن:- ادا توهان ڪير آهيو؟

اهي ماڻهو:- اسان خزرج قبيلي جا عرب آهيون.

حضور ﷺ جن:- شايد توهان يهودين جا ساٿي آهيو؟

اهي ماڻهو:- هائو سائين! ائين.

حضور ﷺ جن:- توهان سان ڪا ڳالهہ ڪرڻي اٿم. ويهي ٻڌندؤ؟

اهي ماڻهو:- جوان! بيشڪ ٻڌنداسين.

ائين چئي اهي خزرجي ويهي رهن ٿا. حضور ﷺ جن بہ ويهي هنن کي دين اسلام جون ڳالهيون ٻڌائن ٿا، توحيد جو سبق پڙهائن ٿا،اسلام جي فضيلت ۽ بت پرستيءَ جو ڏوهہ هنن کي سمجهائن ٿا. حضور ﷺ جن قرآن شريف جون آيتون بہ هنن کي ٻڌائين ٿا:

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓي اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْئًا وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (٢)

ترجمو:- اي نبي ﷺ جنهن وقت توهان وٽ مومن مايون اچن ۽ توهان سان بيعت ڪن تہ شرڪ نہ ڪنديون. چوري نہ ڪنديون، زنا نہ ڪنديون، اولاد کي قتل نہ ڪنديون، بهتان نہ گهڙينديون ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ توهان جي بي فرماني نہ ڪنديون. تہ پوءِ توهان بہ انهن جي بيعت قبول ڪري انهن لاءِ بخشش جي دعا گهرو. بيشڪ الله تعالي راحمين ۽ بخشيندڙ آهي.

حضور ﷺ جن جون اهڙيون نيڪ ڳالهيون ٻڌي سهڻو ڪلام الاهي ٻڌي، خزرجي هڪ ٻئي ڏي نهارن ٿا ۽ سرٻاٽ ڪندي هڪ ٻئي کي چون ٿا تہ شايد هي اهو نبي آهي، جنهنجي باري ۾ يثرب جا يهودي عالم اسان کي خبرون ٻڌائيندا آهن. انڪري بهتر آهي تہ يهودين کان اڳيئي اسان مسلمان ٿيون. ائين صلاحون مشورا ڪندي ٻارهن ئي خزرجي ڪلمون پڙهي مسلمان ٿين ٿا. ۽ حضور ﷺ جن ڏاڍا خوش ٿين ٿا.

---

(١) اسلام کان اڳ مدينہ منوره کي يثرب سڏيو ويندو هو.

(٢) سورة ممتحنہ

۽ ٻئي سال ڪجهه ان ڪان به وڌيڪ ماڻهو يثرب ڪان مڪي حج تي اچن ٿا. ۽ ٽئين سال ان ڪان به گهڻا اچن ٿا ۽ حضور ﷺ مڪي جي ماڻهن جي روش ڪان بيزار ٿي ويا هئا ان ڪري يثرب وارن سان اهو مشورو ڪن ٿا ته جيڪڏهن مڪو ڇڏي حضور جن مدينه منوره ڏي ايندا ته خزرجي ساڻن ڪيترو ساٿ ڏيندا؟ (١)

ٻئي طرف مڪي جي مشرڪن کي اها ڪڙڪ پئجي وڃي ٿي ته ٻاهريان ماڻهو آهستي آهستي مخفي نموني سان مسلمان ٿيندا ٿا وڃن. ان ڪري پاڻ ۾ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي حضور جن کي (نعوذ بالله منها) شهيد ڪرڻ جي رٿ سوچين ٿا هوڏانهن الله تعاليٰ حضور انور ﷺ جن کي مڪي کان هجرت ڪري مدينه منوره ڏي اچڻ لاءِ حڪم عطا فرمائي ٿو.

حضرت بلال رضہ هجرت ڪري ٿو

مڪي شهر ۾ ننڍين وڏن مشرڪن جي وات تي اها ڳالهه هلي رهي هئي ته مديني جي خزرجين به ابي ڏاڏي جي دين کي ڇڏي صابيت اختيار ڪئي آهي. کي خزرجين تي ڪاوڙ ظاهر ڪندي ڏند ڪرٽين ٿا. ۽ هينيون چپ ڏندن ۾ ڏئي هنن کي مارڻ ۽ ستائڻ جون اٽڪلون سوچين ٿا. پر جئين ته خزرجي مڪي وارن کان گهڻو پري آهن ۽ مشرڪن جي مصيبتن ۾ ڦاسڻ کان دور آهن، تڏهن مجبوراً اهو فيصلو ڪن ٿا ته: چور نه ته چاڪي ئي سهي يعني اها ڪاوڙ مڪي وارن غريب مسلمانن تي سٽي وڃي.

هوڏانهن حضور ﷺ جن پنهنجي صحابن سڳورن کي سڏي ٻڌائي ڇڏين ٿا ته توهان کي الله تعاليٰ هڪ امن جو گهر ڏسيو آهي۽اتي توهان جا پيارا مسلمان توهان سان همدرد ٿي رهندا. ان ڪري آهستي آهستي مڪي کان لڏي يثرب هلڻ گهرجي ۽ حضور جن اهو به ٻڌائين ٿا ته آءُ پاڻ هجرت ڪندس ۽ توهان سان اچي مديني ۾ ملندس.

حضرت بلال رضہ جڏهن اهي اکر ٻڌي ٿو ته حضور ﷺ جن پاڻ به مڪي کي ڇڏڻ وارا آهن تڏهن گهري سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو. ڇو ته هن کي

---

(١) عقبه اوليٰ جي بيعت جو سال بذل القوه ۾ يارهون لکيل آهي ۽ ڪتاب محمد رسول الله ۾ نبوت جو ٻارهون سال لکيل آهي.

ٻہ هاڻي مجبورًا هجرت ڪرڻي ئي پوي ٿي. سوچي ٿو تہ مڪي کي ڪيئن ڇڏي؟ جڏهن تہ هو ڄاڻو بہ مڪي جي آس پاس ۾ آهي ۽ وڏو بہ مڪي جي شهر ۾ ٿيو آهي. ڪعبو بہ اتي آهي، ڪعبي جي طواف جو لطف بہ اتي آهي. هوئڻ تہ ڪٿي مڪي جي مشرڪن جي ستائڻ سبب ڪڏهن مڪي کان خفي بہ ٿيندو هجي پر هن طرح اصل لاءِ مڪي مان لڏي وڃڻ بہ حضرت بلال رضہ کي ڏکيو پئي لڳو. هو دل ئي دل ۾ مشرڪن تي خار کائي ٿو تہ آخر هو مسلمانن کي هرو ڀرو لڏڻ تي مجبور ڪن ڇو ٿا؟

حضرت بلال رضہ اهڙيون سوچون سوچيندي اٿي ٿو،ارادو ڪري ٿو تہ هڪ دفعو مڪي کي ڏسي وٺي پوءِ هجرت لاءِ نڪري مڪي جي گهٽين بزارين کي چڪر ڏيندي آخر ۾ ڪعبة الله وٽ پهچي ٿو ۽ طواف شروع ڪري ٿو. پر اڄ هو پنهنجن پيرن ۾ ڪجهہ ڳراڻ محسوس ڪري رهيو آهي. ڄڻ ڪنهن ڳڻتيءَ سبب تہ وري ٻيو دفعو طواف الائي ڪڏهن نصيب ٿيندو؟ يا تہ هي طواف سندس زندگيءَ جو آخري طواف هوندو. محسوس ائين ٿي رهيو آهي ڄڻ حضرت بلال رضہ اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڪعبة الله کان الوداع ڇئي موڪلائي رهيو آهي.

حضرت بلال رضہ ڪعبة الله جو طواف ڪري، اڃا ٻاهر نڪري ٿو تہ ڪيس سامهون حضرت عمار بن ياسر ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنهما ملي وڃن ٿا.

حضرت بلال رضہ:- بس يار! هاڻي لاچار مڪو شريف ڇڏڻو پوي ٿو، ان ڪري وڌيڪ دير ڇا جي؟ آءٌ تہ اڄ رات هجرت لاءِ هتان نڪري ويندس.

حضرت عمار رضہ:- ڪجهہ ترسين ها، تہ آءٌ بہ تياري ڪري توسان گڏيو هلان ها؟

حضرت بلال رضہ:- اسان کي اسان جي پياري حبيب ﷺ جن هجرت جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. هاڻي وري ترسڻ ڪهڙا.

حضرت سعد رضہ:- واقعي نيڪيءَ جي ڪم ۾ دير نہ ڪجي. آءٌ بہ اڄ رات توسان گڏ نڪرندس.

حضرت عمار رضہ:- چڱو يار! جيڪڏهن توهان ترسو نٿا تہ پوءِ

آءُ بہ تياري ڪري ٿو وٺان جيئن توهان سان ٿي هليو هلان. ائين ٽنهي ڄڻن جو پاڻ ۾ اتفاق ٿي وڃي ٿو تہ لوڪ ستي ٽئي ڄڻا مڪي شريف کي ڇڏي مدينہ منوره ڏي روانہ ٿي ويندا.

رات جي پاڻ اونداهيءَ ۾ حضرت بلال رضہ نڪري ٿو. آهستي آهستي وکون کڻي ٿو. جيئن ڪو مشرڪ جاڳي نہ پوي، هلندي ان جاء تي پهچي ٿو. جتي هن جا ٻہ ساٿي حضرت سعد ۽ حضرت عمار رضي الله عنهما اڳ ۾ ئي انتظار ۾ ويٺا آهن. ٽئي ڄڻا گڏجي سفر شروع ڪن ٿا. ۽ ٿوري ئي وقت ۾ مدينہ منوره ۾ پهچي وڃن ٿا. (١) حضرت براء بن عازب رضہ فرمائي ٿو تہ اسان وٽ يعني مدينہ منوره ۾ هجرت ڪندڙ مسلمانن مان سڀ کان اول حضرت مصعب بن عمير رضہ ۽ حضرت ابن ام مڪتوم پهتا هئا ۽ انهن ٻن ڄڻن کان پوءِ اسان وٽ حضرت بلال رضہ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ ۽ حضرت عمار بن ياسر رضہ پهتا. ۽ انهن کان پوءِ حضرت عُمر رضہ ۽ سندس اٺويهہ ٻيا ساٿي مدينہ منوره ۾ پهتا. (٢)

حضرت بلال رضہ جڏهن مدينہ منوره ۾ پهچي ٿو ۽ اتي هن کي ڏينهن ٻہ گذري ٿو تہ ڪجهہ اپاٽڪائي محسوس ڪري ٿو. ڇو تہ هن کي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان سواءِ هڪ ڏينهن بہ هڪ مهيني جي ڏِک ڏئي رهيو هو. ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن ايتري لاڳيتي جدائي ڏٺي بہ ڪانہ هئي. بس رات ڏينهن اهو انتظار اٿس تہ الائي ڪهڙيءَ گهڙي حضور ﷺ جن اچن ٿا ۽ پنهنجي مبارڪ چهري جي زيارت نصيب ڪرائين ٿا.

حضرت عمر فاروق رضہ الله عنه ۽ سندس اٺويهہ ساٿين وارو جٿو جڏهن مديني پهچي ٿو تہ حضرت بلال رضہ ڊوڙي وڃي ڄڻي وٽي کان حضور ﷺ بابت پڇي ٿو ۽ حضور ﷺ جن جون خبرون ٻڌي پنهنجي ڪوماٺل دل کي آٿت ڏئي ٿو. (٣)

مديني منوره ۾ اها خبر پکڙجي وڃي ٿي تہ الله جو پيارو رسول ﷺ حضرت ابابڪر رضہ جي رفاقت ۾ مڪي کان نڪري چڪا آهن، مدينہ منوره ۾ پهچڻ وارا آهن. اهڙي خبر ٻڌندي ئي مديني جي ماڻهن جو چڱو

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ (٢) بداية والنهاية ج ٢

(٣) بلال مؤذن الرسول ﷺ

خاصو هجوم شهر کان ٻاهر نڪري پوي ٿو. پر حضور جن جي دير ڪرڻ سبب واپس اچن ٿا ۽ هرروز فجر جي نماز پڙهي حضرت بلال رضہ سميت ڪيترائي ماڻهو، مکي واري رستي تي اچي ويهن ٿا ۽ ڏينهن تپي وڃڻ سبب جڏهن پٿريلي زمين ماڻهن جي پيرن کي ساڙي ٿي. تڏهن واپس پنهنجن گهرن ڏي موٽي اچن ٿا.

١٢ ربيع الاول سومر ڏينهن بہ ماڻهن جو هجوم شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ حضرت بلال رضہ بہ انهن سان گڏ آهي. ٻاهر رستي تي اچي ويهن ٿا. جيئن حضور ﷺ جن جي اچڻ سان ئي زيارت ڪئي وڃي ۽ سندن استقبال ڪيو وڃي. پر ڏينهن سخت گرم، اونهاري جي موسم. جڏهن سج متي چڙهيو ۽ وڻ ۽ پٿين جا پاڇا سُسَڻ لڳا، زمين ٻرڻ لڳي، پير سڙڻ لڳا، پگهر وهڻ لڳا، تڏهن هر ڏينهن وانگر ان ڏينهن بہ حضور ﷺ جن جي اچڻ جو اوسيڙو لاهي ماڻهو گهرن ڏي موٽن ٿا. (١) حضرت بلال رضي الله عنہ اڪيلو ئي اڪيلو ويٺو رهي ٿو. هُن جون نگاهون رستي ۾ ڪتل آهن. پر ڪجهہ وقت ويهي اهو بہ واپس مدينہ منوره ۾ اچي ٿو، ۽ سانده ويهڻ ڪري ٿڪجڻ سبب پاسو ورائي ليٽي پوي ٿو. (٢)

اوچتو مديني جي شهر ۾ هڪ ڪوٺي جي ڇت تان آواز آيو: اي مديني وارؤ ! جنهنجو توهان روزانہ انتظار ڪندا هئا اهو اچي ويو اٿو. اهو آواز هڪ يهودي جي گهر جي ڪوٺي تان اچي رهيو هو. آواز ٻڌندي ئي ماڻهن جا ميڙ نڪري پون ٿا. (٣) مديني جي گهٽين ۾ ننڍن وڏن جي وات اها وائي آهي جاء نبي الله جاء نبي الله " الله جو نبي اچي ويو. الله جو نبي اچي ويو".

حضرت بلال رضہ ٻپهريء مهل اهو آواز ٻڌو ۽ ڇرڪ ڀري اٿيو. وڏيون وکون کڻندي مديني کان ٻاهر نڪري ٿو. پر هن کان اڳ ۾ ئي رسول الله ﷺ جن جي چوڌاري ماڻهن جو وڏو هجوم گڏ ٿي چڪو هو. حضرت بلال رضي الله عنه جون تڪڙيون وکون ڊوڙ ۾ بدلجي وڃن ٿيون ۽ چوندو وڃي ٿو " هُوَ وَاللهِ رَسُولُ اللهِ هُوَ وَاللهِ رَسُولُ اللهِ " سچ پچ الله جو رسول اچي ويو. سچ پچ الله جو رسول اچي ويو.

---

(١) سيرت ابن هشام (٢) بلال مؤذن الرسولصہ

٣) سيرت ابن هشام

هاڻي حضرت بلال رضہ حضور ﷺ جن سان ملي، لڏپلاڻ واري صدمي کي وساري ويهي ٿو. (١)

حضرت بلال رضہ بخار ۾

مديني شريف جي آبهوا مڪي جي آبهوا کان ڪجهہ مختلف آهي. وري جنهن وقت رسول الله ﷺ جن ۽ سندن ساٿين مديني ۾ قدم رکيو تڏهن اتي ڪجهہ وبا جو اثر پکڙيل هو. ڪيترن صحابين سڳورن کي مديني ۾ بخار ٿي پيو. پر ڀين کي ڪجهہ هلڪو سلڪو بخار هو، حضرت بلال رضہ ۽ حضرت ابوبکر رضہ کي سخت بخار ٿي پوئي ٿو.

سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ حضرت بلال رضہ اٿي حضرت ابوبکر رضي الله عنه وٽ اچي ٿو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻوليون ڪري هن کان بخار جو درد هلڪو ڪرڻ چاهي ٿو. انهن ڳالهين ڪندي ٽيون حصو رات جو گذري وڃي ٿو. ۽ اتي ئي سمهي پوي ٿو.

حضرت بلال رضہ صبح جو اٿي ٿو پر جان ۾ ڏاڍي پيڙا، مٿي ۾ سور، بدن ۾ ڪمزوري، اکين ۾ گرمائش محسوس ڪري ٿو. مٿي تي هٿ رکي سمهي پوي ٿو. ائين ڪجهہ وقت تہ حضرت ابوبکر رضہ ۽ حضرت بلال رضہ ٻئي ڄڻا هڪ ئي جاءِ تي ٽپيا پيا هئا.

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها پيءُ کان طبع پرسيءَ لاءِ ڪمري ۾ اچي ٿي. (٢)

بي بي عائشہ رضہ:- كَيْفَ تَجِدُكَ يَا اَبَتِ (ابا ڪهڙو حال آهي؟)

حضرت ابوبکررضہ :- (ڪجهہ وقت خاموش رهڻ کان پوءِ هڪ شعر پڙهي ٿو) ان بيت چوڻ مهل سندس آواز روئڻ وانگر آهي:

كُلُّ امْرِيءٍ مُصَبَّحٌ فِيْٓ اَهْـلِهٖ
وَالْمَوْتُ اَدْنٰي مِنْ شِرَاكِ نَعْلِهٖ (٣)

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ

(٢) بي بي عائشہ رضہ جي عمر ان وقت ست ـ اٺ سال هئي، جڏهن بيماريءَ جو پڇڻ وئي هئي.

(٣) اهو شعر حنظلہ شاعر جو چيل آهي.

ترجمو :- هرکو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ بي فکر ٿي رهي ٿو، پر موت ان جي بوٽ جي ڪَهِيءَ کان به ويجهو اٿس.

بي بي عائشہ رضہ:- (حضرت بلال کان پڇندي) **ڪيف تجدڪ يا بلال ؟** (بلال بخار ڪيئن آهي؟)

حضرت بلال رضہ :- ڪنجهندي ۽ روئندي چوي ٿو.

اَلاَ لَيۡتَ شِعۡرِيۡ هَلۡ اَبِيۡتَنَّ لَيۡلَةً،
بِوَادٍ وَ حَوۡلِيۡ اِذۡخَرٌ وَّ جَلِيۡلٌ،
وَهَلۡ اَرِدَنَّ يَوۡمًا مِيَاهَ مَجِنَّةٍ،
وَهَلۡ يَبۡدُوَنَ لِيۡ شَامَةٌ وَّ طَفِيۡلٌ. (١)

معنيٰ:- ڪاش آءٌ جيڪر رڳو هڪ رات وري مڪي شريف ۾ رهان ها جتي اذخر ۽ ٻيا گاهہ جام آهن. هاءِ جيڪر آءٌ وري ٻيهر مڪي جا شامہ ۽ طفيل جبل (٢) ڏسان ۽ اتي وڃي مجنہ چشمي جو پاڻي پيان.

بي بي عائشہ رضہ:- (حضرت ابوبڪر رضہ وٽ ويهندي) ابا فڪر نہ آهي معمولي بخار آهي، مڙئي خير آهي.

حضرت بلال رضہ بخار دوران مڪي شريف کي ڏاڍو ياد ڪري ٿو جتان جي آبهوا هن کي ڏاڍي پيل آهي. هن کي مڪي شريف جون پراڻيون يادون اڏو ڦرن ٿيون، ٻاراڻپ واريون مڪي ۾ ڪيڏيل رانديون، ننڍپڻ وارا سنگتي، جوانيءَ جا ڏينهن،شام جو سفر، هبل سان ڪيل جٽ، اميہ جون ڏنل تڪليفون، آزاد ٿيڻ وارو ڏينهن، شعب ابي طالب واريون بکون وغيره وغيره ياد ڪري چوي ٿو.

اَللّٰهُمَّ الۡعَنۡ شَيۡبَةَ بۡنَ رَبِيۡعَةَ وَعُتۡبَةَ بۡنُ رَبِيۡعَةَ وَاُمَيَّةُ بۡنُ خَلَفٍ كَمَا اَخۡرَجُوۡنَا مِنۡ اَرۡضِنَا اِلٰي اَرۡضِ الۡوَبَاءِ.

معنيٰ:- اي الله تون ربيعہ جي ٻنهي پٽن شيبي ۽ عتبي ۽ خلف جي پٽ اميہ تي پنهنجو قهر نازل فرماءِ جن اسان کي مڪي جهڙي پياري سر زمين مان تڙي هن بخار واري شهر ڏي اچڻ تي مجبور ڪيو

---

(١) اهو شعر بکر بن غالب شاعر جو آهي.

(٢) شامة ۽ طفيل جبلن جا نالا آهن.

آهي. (١)

حضرت بلال رضہ جي اهڙي پٽ پاراتي واري دعا جي خبر حضرت رسول الله ﷺ جن کي پوي ٿي ۽ ان وقت ئي الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا.

اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَوْ اَشَدَّ. اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ صَاعِنَا وَفِيْ مُدِّنَا وصَحِّحْهَالَنَا وَانْقُلْ حُمَّا هَا اِلَي الْجُحْفَةِ.

اي اسان جا الله اسان جي دلين ۾ مديني جي محبت بہ ايتري پيدا کر جيتري مکي جي محبت آهي يا ان کان بہ وڌيڪ. اي الله ! اسانجي ٽوپي ۾ اسان جي پائيءَ ۾ برڪت وجهہ (يعني مديني شهر کي اسان لاءِ برڪت وارو بڻاءِ) ۽ ان جي آبهوا کي اسان لاءِ نيڪ کر (۽ موافق کر) ۽ انهيءَ مديني جو تپ (هتان ڌاري) جحفه ڏانهن موڪل. (٢)

حضرت رسول الله ﷺ جن ان دعا کان پوءِ جلدئي هڪ خواب ڏسن ٿا تہ ڪاري مائي جنهن جا وار ڪنڊڙيل پنڊر آهن. مديني شريف مان نڪري جحفہ (مهيعہ) (٣) ۾ آئي. جضور جن ان خواب جو تعبير پنهنجن صحابن سڳورن کي ٻڌائن ٿا تہ ان مائيءَ مان مراد وبا آهي، جيڪا مديني کي ڇڏي جحفہ ڏي وئي هلي. (۴)

حضرت بلال رضہ ۽ حضرت ابورويحہ رضہ

مکي کان جيڪي صحابي سڳورا هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ اچن ٿا. انهن کي في الحال تہ وڏي اٻاٽڪائي محسوس ٿي رهي هئي. ڇو تہ نئون ملڪ نئون شهر، نوان ماڻهو، نيون جايون، نوان رستا، نوان پاڙيسري، نيون گهٽيون، نوان رواج، نئون ماحول، مطلب تہ مکي وارن لاءِ هر شيءِ نئين هئي. رسول الله ﷺجن ان اوپرائپ ۽ اٻاٽڪائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن ٻن صحابين سڳورن يعني هڪ مکي ۽ هڪ مدني صحابيءَ کي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ بنائين ٿا. ڀائپيءَ جو اعلان ڪندي فرمائين ٿا: الله خاطر پاڻ

---

(١) الصحيح البخاري. (٢) عمدة القاريءَ ۾ لکيل آهي تہ ان حديث سان صوفين تي رد ٿيل آهي جيڪي چوندا آهن تہ ولي آهي ئي اهو جيڪو رب جي ڏنل تڪليف تي راضي رهي ۽ دعا ئي نہ گهري.

(٣) جحفہ هڪ واديءَ جو نالو آهي. (۴) الصحيح البخاري باب تعبير الرؤيا.

۾ ڀائر بڻجي ويو.

ان ڏينهن حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي هٿ ڪان وٺي فرمايو تہ هي منهنجو ڀاءُ آهي. (١)

حضور ﷺ جن جي ڀائپيءَ واري حڪم سان حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت خارجہ بن زيد پاڻ ۾ ڀائر ٿيا.

حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت عتبان بن مالڪ انصاري پاڻ ۾ ڀائر ٿيا.

حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ ۽ حضرت معاذ بن جبل پاڻ ۾ ڀائر ٿيا.

حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضہ ۽ زيد بن حارثہ پاڻ ۾ ڀائر ٿيا.

عبدالرحمٰن بن عوف رضہ ۽ سعد بن ربيع پاڻ ۾ ڀائر ٿيا.

حضرت بلال رضہ حضرت عبدالله بن ابي رويحہ انصاريءَ جو ڀاءُ بڻايو ويو. مطلب تہ ان ڏينهن ۴۵ مهاجر صحابن سڳورن کي ۴۵ مدنيہ وارن انصار صحابن سان ڀاءُ ڀاءُ بڻايو ويو.(٢)

حضرت بلال رضي الله عنہ ان ڀائپي کي ايترو وقت بر قرار رکيو جيسين زنده هئو. حضرت عمر فاروق رضہ جي خلافت جي دور ۾ حضرت بلال رضہ شام ملڪ ڏي جهاد لاءِ ويو هو. ۽ اتي حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه صحابن سڳورن جي ڪٽنب جو هڪ دفتر قائم ڪيو. ان دفتر ۾ نالي داخل ڪرڻ لاءِ جڏهن حضرت بلال رضہ کان پڇيو ويو تہ تنهنجو نالو ڪنهن سان لکيو وڃي. تڏهن هن حضرت ابو رويحہ جو نالو ڪٺي فرمايو تہ ان ۽ منهنجي وچ ۾ ڀائپي حضرت رسول الله ﷺ جن قائم ڪئي هئي، ان ڪري اڄ بہ آءٌ پنهنجو نالو ان سان لکرائڻ چاهيان ٿو. (٣)

حضرت بلال رضہ ۽ بانگ

حضرت رسول الله ﷺ ۽ سندن صحابہ سڳورا جڏهن مديني منوره ۾ پهچن ٿا تہ اتي بلڪل آزادي محسوس ڪن ٿا. اتي نہ ڪو نماز کان جهلڻ وارو آهي، نہ ڪو توحيد جي آواز کي دٻائڻ وارو آهي، نہ ڪوئي تڪليفن ڏيڻ وارو آهي، نہ ظاهري مخالفت ڪرڻ وارو. نماز جو اهتمام وڌي ويو، زڪواة فرض ٿي وئي، روزا فرض ٿيا،نماز باقاعده جماعت سان ادا ٿئي پئي.

---

(١) سيرت ابن هشام ۾ البداية والنهاية (٢) محمد رسول الله ﷺ

(٣) سيرت ابن هشام

پر هر وقت تي صحابي سڳورا نماز جي ٽائيم جو اٽڪل تي اندازو ڪري اچي مسجد نبويءِ ۾ پهچند اهئا. (١)

صحابن وٽ نہ گهڙي آهي نہ گهڙيال. نہ سڏ ڪرڻ وارو نہ ٻيو ڪو اطلاع جو ذريعو. ڏينهن جو تہ اجان پاڇو وغيره ڏسي وقت جو ڪاٿو لڳائي نماز باجماعت ادا ڪرڻ لاءِ پهچي پئي سگهيا. پر ڏکيائي رات جو پئي ٿي ڪنهن ڪان هڪ رڪعت گسي پئي وئي تہ ڪنهن ڪان ٻہ رڪعتون. ڪي تہ بي خبريءَ سبب جماعت سان نماز پوري ٿيڻ ڪان پوءِ ٿي پهتا. حضرت انس رضہ فرمائي ٿو تہ ڪڏهن اسان مان ڪو ماڻهو شهر ۾ وڃي ماڻهن کي نماز لاءِ سڏي ايندو هو پر اهو ڪم بہ ڪجھہ ڏکيرو هو. (٢)

هڪڙي ڏينهن حضرت رسول الله ﷺ جن فجر جي نماز ساجهرئي پڙهي، مسجد نبويءِ ۾ ويٺا ئي آهن، تہ ٻہ ٽي صحابي سڳورا اچن ٿا. انهن مان هڪڙو عرض ڪري ٿو تہ سائين ٽائيم جي خبر ئي ڪانہ پئي ،ان ڪري نماز با جماعت جي ثواب ڪان محروم ٿي وياسون.

حضور ﷺ جن اهڙي قسم جون شڪايتون ٻڌي سوچ ۽ ويچار ۾ پئجي ٿا وڃن تہ: ڪهڙي تجويز ڪجي جو نماز جي وقت جو جماعتين کي آسانيءَ سان پتو پئجي سگهي. ڪجھہ صحابي سڳورا بہ ساڻن ان سوچ ۾ شامل آهن، ڪي مشورا پڻ ڏين ٿا.

هڪ صحابي:- سائين ! منهنجي صلاح آهي تہ نماز جي وقت تي، مسجد جي پرسان هڪ وڏو جهنڊو ايو ڪيو وڃي، جئين جماعتي ان جهنڊي کي ڏسي، اچي مسجد ۾ پهچن.

حضور ﷺ جن :- بلڪل خاموش آهن، جڻ ان راءِ کي ناپسند ڪن ٿا.

ٻيو صحابي:- سائين منهنجو مشورو آهي تہ نماز جي وقت تي مسجد جي پر سان هڪ باھ جو وڏو پيڙ ٻارجي جيئن سيڪو ان کي ڏسي سمجهي وڃي تہ نماز جو ٽائيم ٿي ويو آهي.

حضور ﷺ جن:- عبادت ۾ باھہ، اهو تہ مجوسين جو شيوو آهي.

ٽيون صحابيءَ:- سائين نماز لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو آسان طريقو هي آهي جو نماز جي وقت ٿيڻ تي هڪ توتاڙو وڄائجي.ماڻهو پاڻهي آواز

(١) البداية والنهاية (٢) عمدة القاري ج ٥

ٻڌي اچي نماز باجماعت ادا ڪرڻ لاءِ پهچندا.

حضور ﷺ جن:- عبادت لاءِ سڏ يهودي توتاڙي سان ڪندا آهن. مونکي اها راءِ به پسند نه آهي.

چوٿون صحابي:- سائين پلا ناقوس وڄايون. (ناقوس ٻن ڪاٺين جو نهيل هوندو آهي ۽ اهي ٻئي ڪاٺيون پاڻ ۾ ڪرڪائبيون آهن ته وڏو آواز ٿيندو آهي.)

حضور ﷺ جن:- آهي ته اهو به عيسائين جي عبادت جوسڏ پر .... پوءِ به ناقوس ٻين کان چڱو آهي. جيسين ڪو ٻيو بلو ڪجي. (١)

حضرت رسول الله ﷺ جن مسجدنبويءَ ۾ اچن ٿا. فجر جي نماز جو ٽائيم ٿيڻ وارو آهي. ته پريان حضرت عبدالله بن زيد بن ثعلبه تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو مسجد نبويءَ ۾ پهچي ٿو. حضور ﷺ جن جي آڏو ويهي عرض ڪري ٿو.

حضرت عبدالله:- سائين ! مون اڄ رات خواب ۾ هڪ ساون ڪپڙن وارو ماڻهو ڏٺو. ان جي هٿ ۾ هڪ ناقوس هئو. مون ان کي چيو ته اي الله جا ٻانها اهو ناقوس وڪڻندين؟ ان ماڻهو پڇيو ته ڇو؟ ڇا ڪندين ناقوس کي؟ مون ان کي چيو ته ناقوس سان نماز لاءِ ماڻهن کي سڏ ڪنداسين. ان ماڻهوءَ مون کي چيو ته هي اکر چوندا ڪريو.

اَللهُ اَكْبَرُ ، اَللهُ اَكْبَرُ. اَللهُ اَكْبَرُ. اَللهُ اَكْبَرُ.
اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ، اَشْهَدُاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ.
اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ ، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ.
حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ، حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ. حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ. حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ .
اَللهُ اَكْبَرُ، اَللهُ اَكْبَرُ. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ.

حضور جن:- (ڏاڍو خوش ٿيندي) انشاءالله تنهنجو خواب حق آهي. (٢) پر تون حضرت بلال رضہ جي پرسان ويهي ان کي آهستي آهستي اهي اکر ڏسيندو وڃ ۽ هو ڏاڍيان چوندو وڃي. ڇو ته بلال جو آواز تنهنجي آواز کان

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ (٢) بانگ جي باري ۾ انهن خوابن کان اڳ حضور ﷺ جن تي بانگ متعلق وحي نازل ٿي چڪو هو. (ڏسو فيض الباري ج ٢)

گهڻو وڏو ۽ سريلو آهي.

حضرت بلال رضہ اڃا فجر جي وقت اسلام جي پهرين بانگ ڏئي رهيو هو تہ حضرت عمر فاروق رضہ تکڙو تکڙو مسجد نبويءَ ۾ حضور ﷺ جن وٽ حاضر ٿئي ٿو. عرض ڪري ٿو سائين ان الله جو قسم جنهن توهان کي حق جو نبي ڪري موڪليو آهي. مون بہ رات خواب ۾ اهي ئي بانگ وارا اکر ٻڌا آهن. رسول الله ﷺ جن نهايت خوش ٿيندي فرمائين ٿا الحمد لله. (سڀ تعريف الله تعاليٰ کي جڳائي. (١)

تاريخ جي ڪن ڪتابن ۾ هيئن بہ لکيل آهي تہ حضور ﷺ جن صحابن سڳورن سان مشوري ڪرڻ مهل ناقوس کي بہ ناپسند ڪيو هو. اڃا ڪو بہ فيصلو نہ ٿيو هو ۽ سڀ صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين ان فڪر ۾ هئا تہ ڪونہ ڪو فيصلو ٿيڻ گهرجي ها. ٻيا سڀ صحابي سڳورا تہ اٿي ويا. باقي حضرت عبدالله بن زيد اتي مسجد نبويءَ ۾ ئي سمهي پيو ۽ رات جو اهو بانگ وارو خواب ڏٺائين، جيڪو حضور ﷺ جن کي فجر مهل ٻڌايائين. (٢)

حضرت بلال رضہ بانگ ٻيهي ۽ زور دار آواز سان ڏئي رهيو هو ۽ حضرت عبدالله بن زيد رضہ حضرت بلال رضہ سان گڏ ويٺو هو ۽ بانگ وارا اکر آهستي آهستي هن کي ڏسيندو پئي ويو.

انصاري صحابن سڳورن جو اهو خيال هوندو هو تہ حضرت عبدالله بن زيد جنهن وقت بانگ وارو خواب لڌو هو ان وقت هو بيمار هئو. جيڪڏهن

---

(١) علامہ ابن ڪثير رحمة الله پنهنجي ڪتاب البداية والنهايہ ۾ لکيو آهي تہ حضرت عبدالله بن زيد انصاريءَ ان بانگ واري خواب کان پوءِ هڪ شعر چيو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ذِي الْجَلَالِ وَذِي الْاِكْرَامِ حَمْدًا عَلَى الْاَذَانِ كَبِيْرًا
اِذْ اَتَانِيْ بِهِ الْبَشِيْرُ مِنَ اللّٰهِ فَاَكْرِمْ بِهِ لَدَيَّ بَشِيْرًا
فِيْ لَيَالٍ وَالٰى بِهِنَّ ثَلَاثٌ كُلَّمَا جَاءَ زَادَنِيْ تَوْقِيْرًا

معني ان الله ذوالجلال والاڪرام جي بانگ واري ڀلائيءَ سبب آءٌ وڏي تعريف ڪريان ٿو، جو الله تعاليٰ طرفان اهڙي خوشخبري ملي جنهن سبب رسول الله صہ جن وٽ منهنجي عزت ٿيڻ لڳي، اهو خواب ٽي راتيون ڏٺم. جنهن سان منهنجي عزت وڌي وئي. ان شعر مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت عبدالله ٣ راتيون لاڳيتو اهو خواب ڏٺو آهي. (البداية ج ٣)

(٢) سيرت حضرت بلال حبشي رضہ

چاڪ چگو پلو هجي ها تہ رسول الله ﷺ ان ڪي ئي بانگو مقرر ڪن ها. (جڏهن تہ بانگ جو خواب بہ حضرت عبدالله ڏٺو هو) (١)

پر ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ حضرت بلال رضہ کي سيدالمؤذنين بانگن جو سردار ان ڪري بڻايو ويو جو هن پٿريلي گرم زمين تي پٿرجي ڳرين چپن هيٺان بہ الله تعاليٰ جو نالو احد احد پڪاريو هو ۽ اها بانگ واري نعمت ان تڪليف برداشت ڪرڻ جي عيوض ۾ هن کي نصيب ٿي ورنہ تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو فرمان ڪتاب" جمع الفوائد " ۾ نقل ٿيل آهي، جنهن مطابق پاڻ فرمايو اٿن تہ مون کي دل ۾ خيال ايندو هو تہ جيڪر آءٌ حضرت رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪريان تہ منهنجن ٻن پٽن حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله عنهما جن کي بانگو بڻائين. (٢)

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضہ الله عنها جن فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن جا ٽي بانگا هوندا هئا. (١) حضرت بلال رضہ (٢) حضرت عبدالله بن ام مڪتوم نابين صحابي رضي الله تعاليٰ عنه (٣)

(٣) حضرت ابومحذوره رضہ (۴)

پر مؤذن الرسول يعني رسول الله ﷺ جن جو بانگو رڳو حضرت بلال رضہ کي ئي سڏيو ويندو هو. جو تہ سفر ۾ يا حضر ۾ رسول الله ﷺ سان گڏ تہ حضرت بلال رضہ هوندو هو ۽ نماز جي بانگ اهوئي ڏيندو هو ۽ حضرت بلال رضہ جي غير حاضريءَ ۾ بانگ ڪڏهن حضرت ابن مڪتوم رضہ يا ابو محذوره رضہ صحابي ڏيندو هو.

حضرت رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ اهڙيون ٩ نَوَ مسجدون هيون

---

(١) سيرة حضرت بلال حبشي رضہ (٢) سيرت بلال حبشي رضي الله عنه

(٣) حضرت ابن ام مڪتوم صحابي رضہ بي بي خديجة الڪبريٰ رضہ جي مامي جو پٽ هئو ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي غير حاضريءَ ۾ ان کي مسجد نبويءَ جو ١٣ دفعا پيش امام بڻايو آهي. هو جاڄو ئي نابين هئو. سورة عبس وتولىٰ جون منڍ واريون آيتون ان جي باري ۾ نازل ٿيون. ۽ رمضان شريف جي مهيني ۾ گهڻو ڪري فجر جي بانگ حضرت ابن ام مڪتوم رضہ ڏيندو هو. ۽ جهاد جي فضيلت جون آيتون ٻڌي، نابين هوندي بہ قادسيہ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان جنگ ۾ ئي شهادت جو درجو حاصل ڪيائين (سيرت ابن ام مڪتوم رضہ) (۴) عمدة القاري ج ۵

جن جا جماعتي حضرت بلال رضہ جي مسجد نبويءَ ۾ ڏنل بانگ ٻڌي نماز با جماعت پڙهندا هئا. (١) مسجد نبوي عليٰ صاحبـــها الصلوٰة والسلام (٢) مسجد بني عمرو بن مندول (٣) مسجد بني ساعده (۴) مسجد بني عبيد (۵) مسجد بني سلمہ (جنهن کي مسجد قبلتين بہ چوندا آهن) (٦) مسجد بني زريق (٧) مسجد عفان (٨) مسجد سلم (٩) مسجد جهينہ (١)

جيتوڻيڪ مسجد قبلتين مسجد نبويءَ کان چڱي خاصي پنڌ تي آهي. پر حضرت بلال رضہ جي بانگ ان مسجد جا جماعتي ٻڌي سگهندا هئا.

تفسير ڪوثر شاهہ مردان ۾ لکيل آهي تہ ڪو ماڻهو حضرت بلال رضہ جي بانگ تان ڪلندو هو. پوءِ الله تعاليٰ ان کي باهہ ۾ ساڙيو ۽ آية نازل فرمايائين:

وَإِذَا نَادَيْتُمْ إِلَى الصَّلوٰةِ اتَّخَذُوهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ذٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ●

معنيٰ: ۽ جڏهن توهان نماز لاءِ سڏيندا آهيو تہ ان تي بہ ٺٺوليون ڪندا آهن ڇو تہ اهي بي عقل قوم آهن.

۽ تفسير مظهريءَ ۾ مٿين آية جي تفسير ۾ لکيل آهي تہ: سديءَ کان روايت آهي هڪ عيسائي مديني شريف ۾ هوندو هو. جڏهن بہ بانگي (بلال رضہ) جي واتان اشهد ان محمداً رسول الله ٻڌندو هو تڏهن چوندو هو تہ الله شال ان ڪوڙي (بانگي) کي ساڙي. هڪ رات ان عيسائيءَ جو نوڪر ٽانڊو ڪٺي گهر ۾ گهڙيو ۽ ٽانڊي جي چڻنگ وچي ڪکن کي لڳي. عيسائي ۽ سندس سڄي آکهہ ننڊ ۾ ستل هئا. باهہ ان جي سيني ياتين سميت گهر کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. (شايد ٻنهي تفسيرن وارو واقعو ساڳيو آهي)

ڪافرن (يهودين) جو هڪ وفد بانگ جي شروعات کان پوءِ حضور ﷺ جن وٽ پهتو. ۽ چوڻ لڳا تہ اي محمد اهي رڙيون ڪٿان آنديون اٿوءِ جڻ اٺ ٿو رڙاٽ ڪري. اڳين نبين تہ اڻين بانگون ڪونہ ڏياريون هيون. ان بانگ ۾ اهڙي ڀلائي هجي ها تہ اڳيان نبي سڀ ضرور اڻين بانگ ڏيارين ها. ڪافرن جي اهڙي جاهلانہ اعتراض جي جواب ۾ آية نازل ٿي: وَمَنْ اَحْسَنُ

---

(١) عمدة القاري شرح بخاري ج ١ صفحو ٢٣٦ ۽ فيض الباري جلد ٢

قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَا اِلَى اللهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ. ترجمو: ۽ ان کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو آواز سهڻو ٿي سگهي ٿو جيڪو الله ڏي سڏي (يعني بانگ ڏئي نماز لاءِ سڏي) ۽ چڱا ڪم ڪري ۽ پاڻ کي مسلمان به چوي. (سورة فصلت) (١)

حضرت بلال رضہ نماز جي هر وقت تي بانگ ڏئي حضور ﷺ جن جي حجري جي دروازي تي ويهي حضور جن جي نڪرڻ جو انتظار ڪندو هو. نماز جو وقت ٿي ويندو هو ته حضرت بلال رضہ چوندو هو الصلٰوة يا رسول الله (سائين نماز جو تائيم ٿي ويو) ائين چئي دروازي کان ڪجهه پوئتي هٽي ويهي رهندو هو. حضور ﷺ جن مصلي تي پهچندا هئا ته حضرت بلال رضہ تڪبير چوندو هو.

هر روز فجر جي بانگ حضرت بلال رضي الله عنہ بني نجار قبيلي جي هڪ مائيءَ جي گهر جي ڇت تي چڙهي ڏيندو هو. (٢) اهو گهر مسجد نبويءَ سان بالڪل مليل هوندو هو. حضرت بلال رضہ اسر جي مهل اچي ان گهر تي چڙهي اوير منهن ڪري پرهه ڦٽڻ جو انتظار ڪندو هو. پاڪ ڦٽندي هئي، ته ڪَرَ ساهي، آرس ڀڃي هيءَ دعا پڙهندو هو. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَحْمِدُكَ وَ اَسْتَعِيْنُكَ عَلٰى قُرَيْشٍ اَنْ يُّقِيْمُوْا دِيْنَكَ

معنيٰ:- اي الله آءٌ تنهنجي تعريف ڪريان ٿو. ۽ توکان مدد گهران ٿو ته قريشي تنهنجي دين جا پابند ٿي پون. اها دعا پڙهي پوءِ بانگ چوندو هو. (٣)

هڪ دفعي حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي سمجهائيندي فرمايو ته بانگ ڍرائيءَ سان چوندو ڪر. (يعني بانگ ۾ تکڙ نه ڪندو ڪر!) ۽ تڪبير جا اکر يلي تکڙا تکڙا چوندو ڪر، ۽ بانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ ڪجهه وقت ترسندو ڪر! جيئن ڪاڌي کائڻ وارو يا پاڻي پيئڻ وارو کائڻ پيئڻ کان واندو ٿي سگهي قضا حاجت وارو پنهنجي حاجت پوري ڪري (نماز تي پهچي) سگهي. ۽ پاڻ فرمايائون ته: جيسين مونکي حجري مان ايندي نه ڏسو، تيسين اٿي نه بيهندا ڪريو. ۽ فرمايائون ته پنهي هٿن جون اشهد آگريون ڪنن ۾ وجهي بانگ ڏيندو ڪر! جو ته ان سان آواز وڌو

---

(١) تفسير مظهري (٢) ان مان ثابت ٿيو ته بانگ ڪنهن مٿانهين جاءِ تي چڙهي ڏجي.
(٣) البداية والنهاية ج ٣

ٿيندو. (١)

هڪ دفعي حضرت زياد بن الحارث الصدائيءَ حضور ﷺ جن جي حڪم سان فجر جي بانگ ڏني (شايد ان مهل حضرت بلال رضہ کنهن ضروري حاجت سبب هيڏي هوڏي ويو هو) جڏهن جماعت نماز لاءِ بيهڻ لڳي تڏهن حضرت بلال رضہ هميشه جي هير وانگر تڪبير چوڻ لاءِ سِرڪيو، پر حضور ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو بانگ ڏئي، تڪبير بہ اهو ئي چوي.(٢) (جيڪڏهن بانگ ڏيڻ وارو ٻئي ڪنهن جي تڪبير چوڻ سان ناراض نٿو ٿئي تہ پوءِ ٻئي ڪي تڪبير چوڻ جائز آهي) (٣)

بانگ ڏيڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي. حديث جي ڪتابن ۾ بانگن لاءِ وڏي درجي ۽ ثواب جو واعدو بيان ڪيل آهي. مثلاً:

حضرت معاويہ رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، جو فرمايائون تہ بانگي جو ڪنڌ قيامت ڏينهن ٻين کان مٿي هوندو(٤) معنيٰ تہ: بانگو شرمساريءَ کان ڪنڌ هيٺ ڪري نہ هلندو ۽ بي خوف ٿيو پيو هلندو.

حضرت ابي سعيد الخدري رضي الله عنہ فرمايو تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو: بانگي جي بانگ جو آواز جيڪي جن يا ماڻهو ٻڌندا يا ٻيون بي جان شيون ٻڌنديون، سڀ قيامت ڏينهن بانگي جي درجي ۽ فضيلت لاءِ شاهدي ڏيندا.(٥)

بانگ جي فضيلت ۾ ٻيون بہ ڪيتريون حديثون آيل آهن.

عام طرح ماڻهو چوندا آهن تہ حضرت بلال رضي الله عنه بانگ ۾ اشهد ۾ شين نہ چئي سگهندو هو ۽ اسهد چوندو هو. ان روايت کي حضرت ملا علي قاريءَ پنهنجي ڪتاب موضوعات ڪبير ۾ (٦) ۽ امام جلال الدين السيوطيءَ الدرر المنتثره ۾ غلط قرار ڏنو آهي.

جهڙي طرح سيد الشهداء (يعني شهيدن جو سردار) حضرت امير حمزه رضي الله عنہ جو لقب آهي ۽ سيد الشيوخ اهل الجنة (يعني جيڪي ٻڍڙا بهشت

---

(١) سيرت بلال حبشي رضہ — (٢) سيرت حضرت بلال حبشي رضي الله عنه

(٣) فتاويٰ عالمگيري — (٤) مشڪواة المصابيح

(٥) مشڪواة المصابيح — (٦) سيرت حضرت بلال حبشي رضي الله عنہ

جي لائق آهن ۽ هتان وفات ڪن ٿا تہ انهن جو سردار حضرت ابوبڪر صديق رضہ عنہ جو لقب آهي ۽ سيدا شباب اهل الجنة (يعني بهشتي نوجوانن جا سردار) حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما جو لقب آهي، ۽ سيدة النساء اهل الجنة (يعني بهشتي عورتن جي سردار) بي بي خاتون جنت حضرت بي بي فاطمہ رضي الله عنها جو لقب آهي. اهڙي طرح ڪتاب حلية الأولياء ۾ لکيل آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضي الله عنہ کي سيد المؤذنين جو لقب ڏنو آهي. يعني سيني بانگن جو سردار حضرت بلال رضي الله عنہ هوندو. (۱)

---

(۱) سيرت حضرت بلال حبشي رضي الله عنہ

عام اعلان ۽ حضرت بلال رضہ

حضرت بلال رضي الله عنه نہ رڳو بانگ ۽ تڪبير ڏئي نماز لاء جماعتين کي گڏ ڪندو هو. پر ان ڪانسواء ٻيون ڪيتريون ئي خدمتون ان کي سونپيل هيون. انهن خدمتن مان هڪ هيءَ بہ هئي تہ جڏهن بہ حضور ﷺ جن کو خاص اعلان ڪرائڻ فرمائيندا هئا تہ حضرت بلال رضہ عنہ کي حڪم ڪندا هئا تہ وڏي واڪي هي اعلان ڪري، مثلاً: هر هڪ جنگ جي پوري ٿيڻ کان پوء حضرت بلال رضہ تي هيءَ ڊيوٽي هوندي هئي جو اعلان ڪندو هو تہ جيڪو ڪجهہ مال غنيمت ڪنهن سپاهيءَ کي هٿ لڳو هجي اهو سڀ آڻي حضور سيد عالم ﷺ جن آڏو حاضر ڪري جيئن پاڻ سڳورا ان مان پنجون حصو ڪڍي باقي مال مجاهدن ۾ ورهائين.

هڪ جنگ جي موقعي تي حضرت بلال رضہ اهڙو اعلان ڪيو. صحابي سڳورا سمورا ننڍ ناڙي جيڪي بہ هٿ لڳا هئن. کڻي اچي حضور ﷺ جن جي آڏو پهتا. پر هڪ ماڻهو غنيمت جي تقسيم ٿي وڃڻ کان پوء دير سان هڪ ڏاس جو رسو کڻي اچي حاضر ٿيو.

حضور ﷺ جن:- (فرمايو) تو ساجهر (حضرت) بلال رضہ جي واتان پڙهو ڪونہ ٻڌو هو ڇا؟ بلال ٽي دفعا پڙهو ڏنو هو .

اهو ماڻهو:- پڙهو تہ ٻڌو هوم. پر.......

حضور ﷺ جن:- پوء تو ان مهل رسو ڇو نہ آندو؟ (يعني تو هن وقت رسو آندو آهي جڏهن غنيمت جو سڀ مال تقسيم ٿي ويو ۽ مجاهد هيڏي هوڏي هليا ويا، هاڻي اهو تقسيم ڪيئن ڪري سگهبو؟)

اهو ماڻهو:- بس دير ٿي وئي. (ڪونہ ڪو بهانو ڏئي ٿو.)

حضور ﷺ جن:- آءٌ اهو رسو هرگز نہ وٺندس. تون ئي قيامت ڏينهن

ان کي کٿي اچجاڻ (١)

(حضور ﷺ جن ان ڪري رسو نہ ورتو هوندو جو هو منافق هوندو ۽ خيانت ڪرڻ جو ارادو ڪندو هوندو. سو بہ حقوق العباد ۾ خيانت جو خيال پئي ڪيائين.)

●

احد جي جنگ ۾ قزمان نالي هڪ منافق (جيڪو بني ظفر قبيلي وارن جو دوست هئو) مسلمانن طرفان ڏاڍي جوش جذبي سان لڙي رهيو هو. اٺ، نو مشرڪ تہ هٽي ڏيري ڪري وڌا هئائين، ڏسڻ ۾ بہ ڏاڍو روبائتو مڙس نظر ايندو هو. صحابي سڀ‍ڳورا ان کي سڃاڻن ڪونہ پيا تہ ڪو منافق آهي. باقي ان جي بهادريءَ واري ويڙهہ ڏسي حضرت رسول الله ﷺ جن کي هر هر ٻڌائن پيا تہ سائين قزمان جو لڙڻ تہ ڏسو ...... واهہ مڙس واهہ .... لڙڻ ائين ٿيندو آهي. حضور ﷺ جن فرمائين پيا تہ: پر اٿو دوزخي. (٢) قزمان جڏهن ڏکن ۽ زخمن کان چور ٿي پيو ۽ بني ظفر وارن جي پاڙي ڏي آندو ويو. تڏهن صحابي سڀ‍ڳورا قزمان کي مبارڪون ڏيندي چون پيا تہ: تو اڄ الله جي راهہ ۾ واهہ جو جهاد ڪيو. ڪفر کي سٺو ڪٽيو اٿيئي. قزمان اهو ٻڌي چئي رهيو هو تہ ڇاجي مبارڪ ڇا جو جهاد؟ خدا جو قسم آءٌ تہ رڳو پنهنجي قوم لاءِ پلاند ڪندي مڪي وارن سان لڙي رهيو هوس.

صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين فرمائين ٿا تہ: جڏهن قزمان کي ڦٽن ۾ سور وڌي ويو. تڏهن پاڻ کي پنهنجي تلوار سان ماري آپگهات ڪيائين. حضور ﷺ جن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن فرمايائون الله اڪبر اشهد اني عبد الله و رسوله. (آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ آءٌ الله تعاليٰ جو ٻانهو ۽ سچو رسول آهيان)

حضرت بلال رضہ کي سڏي فرمايائون تہ اٿي وڏي واڪي پڙهو ڏي تہ بهشت ۾ رڳو مسلمان ئي ويندا ۽ الله تعاليٰ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دين جي مدد فاجر ماڻهوءَ سان بہ ڪندو آهي. (٣)

---

(١) سيرت بلال رضہ

(٢) اهو رسول الله ﷺ جن جو معجزو هئو.

(٣) البداية والنهاية ج ۴ ۽ سيرت ابن هشام ۽ بخاري شريف

حضرت عبدالله بن عباس رضہ کان روايت آهي تہ هڪ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو رسول الله ﷺ جن وٽ آيو ۽ چيائين تہ مون (رمضان شريف جو) چنڊ ڏٺو آهي. حضور جن فرمايو تہ ڇا تون الله تعالىٰ جي هيڪڙائي مڃين ٿو. هن چيو تہ هائو سائين. وري پاڻ سڳورن ان کان پڇيو تہ ڇا تون حضرت محمد ﷺ جي رسالت بہ مڃين ٿو. ان چيو تہ هائو سائين. حضور جن حضرت بلال رضہ کي فرمايو تہ؛ ماڻهن ۾ پڙهو ڏي تہ سڀاڻي روزو رکن. (١)

●

مسلمانن جو احد جي جنگ ۾ ڏاڍو نقصان ٿيو، ستر کن مجاهد شهيد ٿيا. جن ۾ حضرت امير حمزه رضي الله عنه جهڙو جانباز بہ شامل هو. مسلمان جنگ جي ميدان ۾ ڪجهہ وقت لاءِ ٽڙي پکڙي ويا. خود ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ جن کي بہ ڏاڍي تڪليف پهتي. حضور جن جا هيٺيان ۴ ڏند مبارڪ شهيد ٿي پيا. سندس مٿي مبارڪ ۾ پاتل خُود (لوهي ٽوپلي) کي هڪ زور دار ڌڪ لڳڻ سبب مٿي مبارڪ کي بہ زخم رسيو. تان تہ اهڙو هُل بہ هلي ويو تہ نعوذ بالله حضور ﷺ جن شهيد ٿي ويا.

جيئن تہ مشرڪن جو نقصان احد جي جنگ ۾ ٿورو ٿيو هو. سندن ٢٣ کن ماڻهو مس مٺا هئا. ان ڪري مشرڪ جنگ جي ميدان کان ٻاهر نڪري موٽندي پاڻ ۾ ڦڙاڪون ۽ ٻٽاڪون هڻڻ لڳا. ڪو چئي رهيو هو تہ ڏاڍي ڪئي سون. ڪي وري چئي رهيا هئا تہ؛ اسان تڪڙ ڪري موٽيا آهيون نہ تہ سڀني مسلمانن کي ماري پوءِ موٽون ها.

حضرت رسول الله ﷺ جن احد جي جنگ کان موٽي آيا تہ مشرڪن جي انهن ٻٽاڪن بابت خبرون کين ٻڌايون ويون. ٻئي ڏينهن حضور جن وري مشرڪن جي ٻٽاڪن جي جواب ڏيڻ لاءِ سندن پيڇو ڪرڻ گهريو ۽ پڙهي ڏيڻ واري (حضرت بلال رضہ) کي پڙهو ڏيڻ لاءِ فرمايائون تہ مجاهدن ۾ هي پڙهو گهمايو وڃي تہ جن جن سپاهين احد جي جنگ ۾ شرڪت ڪئي هئي. اهي ساڳيا صحابي وري تيار ٿين تہ مشرڪن جو پيڇو ڪجي. حضور جن مجاهدن سميت حمراء الاسد جاءِ تائين مشرڪن جو پيڇو ڪيو (اها جاءِ اٺ

---

(١) مشكواة المصابيح

ميل کن مديني منور کان پريءَ آهي، پر مشرڪ ڀيهر لڙڻ لاءِ تيار نه ٿيا ۽ حضور ﷺ جن مجاهدن سميت واپس موٽي آيا. (١) الله تعاليٰ انهن مجاهدن لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي.

لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ، مِنْۢ بَعْدِ مَا اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ • اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ • "سوره آل عمران"

جن مجاهدن الله ۽ ان جي رسول جي سڏ تي جيءُ چئي ان کان پوءِ جو هنن کي تڪليف به وڏي پهتي هئي ۽ جن نيڪيءَ جا ڪم ڪيا ۽ الله تعاليٰ جو خوف رکن ٿا، انهن لاءِ وڏو اجر (ثواب) آهي. جن کي خبر ٻڌائي وئي ته ماڻهو توهان لاءِ گڏ ٿيا آهن، انهن کان ڊڄو. پوءِ به هنن صحابن (سڳورن) جو ايمان وڌيو پئي ۽ چيائون ته اسان کي الله ڪافي آهي اهو سٺو ڪارساز آهي.

حضرت ابن عباس رضہ فرمايو ته هڪ ڏينهن لشڪر ۾ پاڻي ڪونه هئو. هڪ ماڻهوءَ حضور جن کي ٻڌايو ته لشڪر ۾ پاڻي ڪونه آهي. پاڻ فرمايائون ته: ڀلا تو وٽ ڪجهه پاڻي آهي؟ ان ماڻهوءَ چيو هائو سائين. فرمايائون ته: ڪٿي اچ! هو ڪٿي آيو. حضور جن ان ٿانءَ ۾ هٿ وجهي آڱرين کي کولين ٿا ته آڱرين مان پاڻي وهڻ لڳي ٿو، پوءِ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمائين ٿا ته: پڙهو ڏئي ماڻهن کي ٻڌائي ته پاڻي موجود ٿي ويو آهي. (٢)

•

حضرت رسول الله ﷺ جن خندق واري جنگ کان واپس گهر آيا ته هٿيار لاهي غسل ڪيائون ته حضرت جبرئيل عليه السلام سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين توهان ته هٿيار لاهي ڇڏيا آهن پر مون اجا نه لاٿا آهن. حضور جن پڇيو ته پوءِ ڪيڏانهن جو ارادو آهي. جبرئيل عليه السلام ٻڌايو ته بنو قريظه جي طرف. حضرت عائشه رضي الله عنها فرمايو ته حضور ﷺ جن اهو ٻڌي ٻاهر نڪتا ۽ بانگي (حضرت بلال رضہ) کي

---

(١) تفسير ابن ڪثير (٢) البداية والنهاية جلد ٦ صفحو ٩٧

حڪم ڏنائون تہ مسلمانن ۾ اعلان ڪري تہ سڀ ٽپهري نماز وڃي بنو قريظہ ۾ پڙهن. (١)

(١) محمد رسول الله ﷺ صفحو ٣٥٨.

بـدر جـي جـنگ

مکي جي شهر ۾ صبح جو سوير عبدالمطلب جي ڌيءَ عاتڪہ ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي. سندس منهن ملول ۽ دل مايوس هئي ڇو تہ هن هڪ ڀوائتو خواب ڏٺو آهي. ان خواب عاتڪہ کي صفا ڏيڄاري ڇڏيو آهي. هُٺي ڪنهن گهرجي ڀاتيءَ سان ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ڀيئيتي ڀاءُ عباس ڏي ماڻهو موڪلي گهرائي، پنهنجي منهن ڪجهہ ڳالهائي ٿي.

عاتڪہ:- ادا ! مون رات هڪ ڏيڄاريندڙ خواب ڏٺوآهي. اصل جان مان ساهہ ئي ڇڏائي ويو اٿم. آءٌ سمجهان ٿي تہ تنهنجي قوم قريش تي ڪا مصيبت اچڻي آهي.

عباس:- خير گهر ! صبح سان وائي تہ سڻائي ڪڍ.

عاتڪہ:- آءٌ توکي خواب ٻڌايان ٿي، پر ڳالهہ ڪنهن ٻئي سان نہ ڪجانءِ . دل جو دل ۾ سانڍجاءِ.

عباس:- ڀيڻ ! ٻڌاءِ ڀلا ڪهڙو خواب آهي؟

عاتڪہ:- مون خواب ۾ ڏٺـو آهي تہ هڪ ماڻهو اٺ تي چڙهي مکي جي ٻاهران آيـو آهي، بيهي وڏي واڪـي سڏ ڪري چئي رهيـو آهي تہ: اي مکي وارؤ ٻاهر نڪرو،ٽن ڏينهن اندر نڪرو موت لاءِ ٻاهر نڪرو. ادا ڏٺم تہ ڪيترا ماڻهو ان اٺ سوار وٽ گڏجي وياآهن. ۽ اهو اٺ سوار مسجدالحرام ۾ آيو ۽ ماڻهو سڀ ان جي پٺيان آهن. هو ماڻهو ڪعبي جي ڇت تي چڙهي ساڳي دانهن ڪري ٿو. ٻاهر نڪرو،ٽن ڏينهن ۾ ٻاهر نڪرو، موت لاءِ ٻاهر نڪرو.

ساڳيو اٺ سوار ڪعبي تان لهي ابو قبيس جبل تي چڙهي ساڳي دانهن ڪري ٿو تہ ٻاهر نڪرو ..... موت لاءِ ٻاهر نڪرو. اها دانهن ڪري اتان هڪ ڳرو پٿر ڪٽي هيٺ اڇلي ٿو ۽ پٿر ڇيهون ڇيهون ٿي پوي ٿو. اهو

دڏڪو مڪي جي گهر گهر ۾ پڌجي ٿو.

عباس:- پيڻ خواب تي ايڏو مايوس ٿوروئي ٿبو آهي؟ اهڙا خواب وهمي ٿيندا آهن. بس اها ڳالهه به جيڪا مونسان ڪيئي. ٻئي ڪنهن سان خواب جي ڳالهه به نه ڪجانءِ نه ڪو وري ڪا ڳجهي ٿي ڪجانءِ.

عاتڪه:- آءُ ته ٻئي ڪنهن سان ڳالهه ڪانه ڪندس. پر تون به ڳالهه دل ۾ رکجانءِ. مڙئي خير ٿي ويندو.

عباس:- نه . نه، آءُ ٿو ٻئي ڪنهن سان اهڙي ڳالهه ڪريان؟ عباس پنهنجي پيڻ عاتڪه کان موڪلائي ٻاهر نڪري ايجان چند قدم اڳتي مس هليو ته سامهون سندس گهاٽو دوست عُتبو ملي ويس ٿو. ۽ سنگت ۾ پنهنجي پيڻ واري خواب جي سموري ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌائي ٿو. ۽ پارت ڪري ڇڏي ٿو ته ٻئي ڪنهن سان به اهڙي ڳالهه نه ڪري.

پاڻ نه پلي ڏوجهان متيان ڏيوي. عباس ڳالهه پاڻ نه سانديءِ ۽ عتبي ڪي ڳالهه نه ڪرڻ جي پارت ڪئي. پر عتبي پنهنجي پيءُ وليد سان ڳالهه ڪئي ۽ وليد ٻئي ڪنهن پنهنجي دوست سان ائين عاتڪه جو پوائتو خواب مڪي جي ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويو.

عباس ٻئي ڏينهن ڪعبي جو طواف ڪري رهيو هو ته ابوجهل سڏ ڪيس.

ابوجهل:- فضل جا پيءُ طواف کان واندو ٿين ته هت ڪچهريءَ ۾ اچجانءِ ائين هليو نه ويجانءِ!.

عباس طواف پورو ڪري مشرڪن جي متل ڪچهريءَ ۾ پهچي ٿو.

ابوجهل:- اي عبدالمطلب جا پٽ اها وري نبياڻي توهان ۾ ڪڏهن پيدا ٿي آهي؟

عباس:- چا هي؟ ڪهڙي نبياڻي؟

ابوجهل:- اڙي اها عاتڪه جيڪا خواب ٿي لهي.

عباس:- ڪهڙو خواب؟ ڳالهه ڇاهي؟ (ان وقت عباس جي گمان ۾ اها ڳالهه آهي ته خواب جي ڳالهه مون کان ۽ عُتبي کانسواءِ ٻئي ڪنهن نه ٻڌي هوندي.

ابوجهل:- يار! عبدالمطلب جي اولاد هڪ مرد کي ته نبي بنايو آهي. پر

اِي ٻه بس نه ڪين ۽ هاڻي ماين کي ٻه ٿا نبياڻيون بنائين ـ ڏس ته سهي!
هاڻي وري عاتڪه ٿي چوي ته مون خواب ڏٺو آهي ته مڪي وارا ٽن ڏينهن ۾ مرڻ لاءِ نڪرن. چڱو! هڪ ڏينهن ته خير جو گذريو آهي. باقي ٻه ڏينهن گذرن پوءِ جيڪڏهن عاتڪه جو خواب سچو نه ٿئي. ته اڄ به هڪ دستاويز تي لکائي ڇڏيندس ته عربن ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪوڙا بني عبدالمطلب آهن (١)

ان عاتڪه واري خواب کي ٣ ڏينهن به پورا نه ٿيا، ته مڪي جو هڪ ماڻهو ضمضم بن عمرو الغفاري اٺ تي چڙهي مڪي جي ٻاهران پهچي تو، وڏي واڪي اعلان ڪري تو.

قريشيو! جلد ڪريو. سيگهه ۾ ٻاهر نڪرو. ابوسفيان جي قافلي کي مسلمان ڦرين ٿا. توري به غفلت ڪندؤ ته قافلي جو خير نه رهندو. وارو ڪريو ٻاهر نڪرو، گهر ڇڏيو، پر جلد نڪرو.

مڪي وارا اهڙي اوچتي اعلان سبب ۽ ڪجهه عاتڪه جي خواب سبب في الحال ته گهٻرائي ويڻ ٿا. پر جيئن ته قريشن جي رئيسن جي مسلمانن جي متان اڳيئي ڪاوڙ گهڻي هئي ۽ اهي مسلمانن کي مارڻ ستائڻ لاءِ اڳ ۾ ئي سوچيندا رهندا هئا، تن اڳ پوءِ ته جا ڇيوئي ڪونه. تڙتڪڙ ۾ جنگ جي تياريءَ ۾ جنبي ويڻ ٿا. چوڻي آهي ته: ڪاوڙي اڳيئي ويٺي هئي ويتر آيس پيڪن جو نياپو. سو مشرڪن کي اهڙو بهانو ته گهربو هو. تن ڌام ڌوم سان لڙائيءَ جي تياري ڪئي.

مشرڪ هڪ ٻئي کي چئي رهيا هئا ته ڇا محمد (ﷺ) ۽ ان جي ساٿين اسان جي قافلي کي به ابن الحضرميءَ (٢) جي قافلي وانگر نڌ ٽڪو سمجهيو آهي ڇا؟ اسان جلدي مسلمانن کي ڏيکاريون ٿا ته قريشن جو قافلو ڦرڻ ڪيترو نه ڏکيو ڪم آهي.

چند ڪلاڪن جي پيچ ڏِڪ هڻ هٿان، وٺ وٺان ڪان پوءِ مشرڪن جو لشڪر تيار ٿي مڪي کان نڪتو. ڪن کي ته عاتڪه جو خواب ياد

---

(١) سيرت ابن هشام جلد اول صفحو ٦٠٨

(٢) عمرو بن العلاء الحضرمي هڪ مشرڪ هئو جنهن کي حضرت عبدالله بن جحش واري فوجي دستي قتل ڪيو هو. (ڏسو بذل القوه، صفحو ١١٩)

ايندي ئي دل تي ڏپ چڙهي پئي ويو. پر ڪي ڪي جوش ۾ هوش وڃايل نظر اچي رهيا هئا . جوَن ته جيڪر پَرَ هجن جو اڏامي وڃي مسلمانن جو مقابلو ڪري قافلي کي بچايون.

ابوجهل سڀ کان اڳ ۾ پئي هليو ۽ دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو ته جس ڪا انتظار تها وه ڀي آگيا يعني دو بدو لڙڻ جا ڏينهن ته اسان ڳوليا پئي. هاڻي رڳو قافلي جي حفاظت نه پر مسلمانن کي هن دنيا جي سطح تان صفا ختم ڪري موٽنداسين. بس هن حجاز سڄي کي مسلمانن جي قندي کان ڇڏائڻ کان سواءِ ائين نه موٽبو.

مشرڪن جا هڪ هزار ڪن نوجوان پوڙها يڪاپاهر نڪتا. سندن رئيس رئيس ته سڀ هليا. ابولهب کان سواءِ ڪوبه مشرڪن جو چڱو مڙس پوئتي نه رهيو. ابوجهل، عتبه، ربيعه، شيبه، اميه بن خلف، طعيمه، عاص بن هشام، نوفل، حارث، نضربن حارث، حڪيم بن حزام وغيره سڀ ٻاهر نڪتا. جن وٽي ڪي لوهي زرهه، لوهو ٽوپلو، برڇيون، ڀالاءتير، تلوارون تن تي پاتل آهن. ستن سون مشرڪن کي سواريءَ لاءِ اٺ آهن ۽ ٽن سون کي گهوڙا آهن. ڳائيندڙ عورتن جي ٽولي گڏ ڪاهي اٿن جيئن مسلمانن کي ماري مات ڪري خوشيءَ جو جشن وڏي ڌوم ڌام سان ملهائي سگهن. (۱)

اڃان نڪرن ئي مس ٿا ته هنن کي ابوسفيان جو نياپو مليو تو وڃي ته قافلو امن امان سان مڪي پهچڻ وارو آهي. جنگ جي ڪابه ضرورت نه آهي. پر ابوجهل جهڙن ضدين کي ڪٿي ڪنيو ٻيٺي هئي. تن ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ائين ئلهو واپس موٽڻ مناسب نه پئي سمجهيو.

هوڏانهن رمضان شريف ۾ رسول الله ﷺ ۳۱۳ صحابين ساٿين کي وٺي مدينه منوره کان ٻاهر نڪتا. حضرت بلال رضه به ٻاهر نڪتو . هلن ٿا هزار مشرڪن سان لڙڻ پر اٿن ڪُل ٻه گهوڙا ۽ ستر اٺ. اٺ تلوارون ڇهه يا ست زرهون، ٻيو ٿيو پلو. هٿين خالي هلڻ کان ڳ ڪجين جون ڇڙيون هٿن ۾ ڪن ٿا. (۲)

بدر جي ميدان وٽ پهچي حضور ﷺ جن ساٿين سان مشورو ڪيو ته حضور ﷺ جن؛- معلوم ٿيو آهي ته ابوسفيان جو قافلو ...

---

(۱) ڪوڪب غزوه بدر (۲) ڪوڪب غزوه بدر

نڪري چڪو آهي ۽ ابوجهل وارا وڏو لشڪر ڪاهي قافلي کي بچائڻ جي بهاني سان اچي رهيا آهن . هاڻي توهان مشورو ڏيو تہ اچا بہ ابوسفيان جي قافلي جو پيڇو ڪجي ڪين ابوجهل جي لشڪر جو مقابلو ڪجي؟ جڏهن تہ الله تعاليٰ مون کي هدايو آهي تہ فتح مسلمانن کي ئي ٿيندي، پوءِ ڪٿي ابوجهل جي لشڪر جو مقابلو ڪريو يا ابو سفيان جي لشڪر جو پيڇو ڪريو.

حضرت ابوبڪر رضہ:- ڪجهہ تقرير ڪري ٿو.

حضرت عمر رضہ:- ڪجهہ بهتر مشورو ڏئي ٿو.

حضرت مقداد رضہ:- يا رسول الله ﷺ ! جيئن الله تعاليٰ توهان کي مناسب ڄاڻائي ائين ئي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان توهان جي هر هڪ حڪم تي جيءُ چونداسين. خدا جو قسم تہ اسان بني اسرائيل جي لشڪر وانگر نہ ٿينداسين جن حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو هو تہ: اِذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَا اِنَّا هَا هُنَا قَاعِدُوْنَ (معنيٰ:- اي موسيٰ عليه السلام تون ۽ تنهنجو رب وڃي لڙو اسان هت ئي ويٺا آهيون) پر سائين ! اسان هيئن ٿا چئون. اِذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَا اِنَّا مَعَكُمَا مُقَاتِلُوْنَ

(يعني توهان ۽ توهانجو رب لڙو ۽ اسان بہ توهان سان گڏ لڙنداسين) سائين ! ان الله جي ذات جو قسم جنهن توهان کي سچو نبي ڪري موڪليو آهي. جيڪڏهن توهان اسان کي ڪنهن ڏکئي ميدان ۾ لڙڻ جو حڪم ڪندؤ، تہ اتي بہ اسان جو توهان سان پورو پورو ساٿ هوندو .

حضور ﷺ جن:- (نهايت خوش ٿيندي) دوستو! مشورو ڏيو.

حضرت سعدبن معاذ رضہ:- سائين شايد توهان انصار (مديني وارن) صحابن کان پڇڻ چاهيو ٿا؟

حضور جن:- هائو

حضرت سعد رضہ:- سائين اسان توهان تي ايمان آندو، توهان کي سچو سمجهيو ۽ توهان جي پيغام کي خدائي پيغام مڃيو آهي. اسان توهان سان واعدو ڪري چڪا آهيون تہ هر حڪم تي لبيڪ چونداسين. توهان جيئن حڪم ڪريو اسان ضرور مڃينداسين. ان الله جو قسم جنهن توهان کي حق جو نبي ڪري موڪليو آهي. تہ جيڪڏهن توهان اسان کي حڪم ڪندؤ تہ ڪنهن وڏي درياءَ ۾ ٽپو ڏيو تہ اسان ڍر نہ ڪنداسون ۽ انصار سان هڪ

به پوئتي نه هتندو. سائين! جيڪڏهن توهان سياڻي اسان کي دشمن جي مقابلي جو حڪم ڪندؤ ته اسان کي انشاء الله جنگ ۾ ثابت قدم ڏسندؤ. اسان جنگ ۾ اهڙا ڪارناما ڏيکارينداسون جو توهان جون اکيون مبارڪ ٺري پونديون.

حضور جن:- (نهايت خوشيءَ مان) مبارڪ اٿو. رب جو هُوَئين واعدو آهي. ته سوپ انشاء الله اسان جي آهي. پر آءُ ته جڻ اکئين ڏسان پيو ته ابوجهل هن جاء تي مرندو، اميه هن جاء تي قتل ٿيندو، عتبه هتي تباه ٿيندو، حارث هن جاء تي ماريو ويندو. (حضور جن پنهنجي هٿ واري لڪڻ سان زمين تي اشارو ڪندا ڏسيندا پيا وڃن. ائين ڪيترن مشرڪن لاء ٻڌايائون ته هن، هن جاء تي مرندا. ۽ ٿيو به ائين،اهي مشرڪ انهن جاين تي ئي مئا. (۱) (اهو سندن معجزو هئو.) رات ٿي ته حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت زبير بن العوام رضه ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضه کي بدر جي جاء ڏانهن موڪلين ٿا. جيئن اهي نئي جٽا دشمن جي خبر چار لهي اچن. هنن کي هڪ کوهه تان پاڻي ڀريندي به مشرڪ نظر اچن ٿا. ۽ ٻنهي کي ٻڌي حضور ﷺ جن وٽ حاضر ڪن ٿا. حضور ﷺ جن انهن ٻنهي مشرڪن کان سوال جواب ڪن ٿا.

حضور جن:- قريشين جي خبر ٻڌايو؟

مشرڪ:- خدا جو قسم ته هو هن جبل جي پريان آهن.

حضور جن:- ڀلا ڪيٽا ماڻهو آهن؟

مشرڪ:- ڪيتيا ته اسان به ڪونه آهن.

حضور جن:- ڀلا روزانه ڪاڻ لاء ڪيترا اٺ ڪُهندا آهن

مشرڪ:- هڪ ڏينهن نو اٺ ٻئي ڏينهن ڏهه اٺ.

حضور جن:- بس اهي ماڻهو نون سون ۽ هڪ هزار جي وچ ۾ هوندا ڀلا ٻڌايو ته چڱا مڙس ڪهڙا ساڻ اٿن.

مشرڪ:- عتبه بن ربيعه، شيبه بن ربيعه، ابوالبختري، حڪيم بن حزام، نوفل بن خويلد، حارث بن عامر، طعيمه بن عدي، نضر بن حارث، زمعه بن الاسود، ابوجهل بن هشام، اميه بن خلف، حجاج جا ٻئي پٽ نبيهه ۽ منبه،

---

(۱) سيرت ابن هشام ج اول

سهيل بن عمرو، عمرو بن عبدودّ

حضور جن؛- (پنهنجي صحابن ڏي نهاريندي) هي ته مڪي پنهنجا سڀ توهان ڏي موڪلي ڏنا آهن. (١)

بدر جي جنگ رمضان شريف جي ١٧ تاريخ سن ٢ هجري مطابق ٢ جنوري ٦٢۴ع جمع جي ڏينهن صبح کان شروع ٿي ٻپهريءَ تائين جنگ ختم ٿي وئي.

انتقام

بدر جي جنگ وارن چند ڪلاڪن ۾ مسلمان سپاهين مشرڪن جون ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيون. مشرڪن جا ستر کن ماڻهو ته ڪُتي جي موت ماريا ويا هئا. ٧۴ کن وري قيد ڪيا ويا.

ابوجهل (جنهن کي حضور ﷺ جن هن امت جو فرعون سڏيو آهي.) مڪي ۾ حضرت ابن مسعود رضہ کي هڪ ڪمان هٽي رتو رت ڪري وڌو هو، اهو به بدر جي ميدان تي پهتو هو. جنگ ڪندي ڪندي پنهنجي پلاند پاڙڻ لاءِ هيڏي هوڏي واجهائي رهيو هو. اوچتو سندس نظر ٻن ننڍن ڇوڪرن تي پوي ٿي. ٻئي ڄڻا معوذ ۽ معاذ جوش جذبي سان لڙي رهيا آهن. ائين ڪندي انهن ٻنهي ڇوڪرن(ٻائرن) گڏجي ابوجهل تي حملو ڪري ڏنو. اهائي گهڙي هئي ته ابوجهل رتو رت ٿي زمين تي ڪريو. حضرت ابن مسعود رضہ به اوڏانهن ڊوڙيو. ابوجهل ايجا جيئرو هئو. ان ڪري سندس سيني تي چڙهي وينو. ٿوري گهٽي گفتگوءَ کان پوءِ حضرت ابن مسعود رضہ پنهنجو پلاند ڪيو يعني ابوجهل جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي. ان کان واندو ٿي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندي پنهنجي ڪارگذاريءَ جو اطلاع ڏنو. حضور ﷺ جن اهڙي مبارڪ خبر ٻڌندي ئي نعره تڪبير جو آواز بلند ڪيو. سيني صحابن سڳورن به حضور ﷺ جن سان آواز ملايو. سندن الله اڪبر جي آواز سان جنگ جو ميدان گونججي ويو. (٢) حضور ﷺ جن ٻه رڪعتون شڪراني جي نماز ادا ڪئي ۽ ابوجهل جي تلوار ۽ ٻيو سامان حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کي ڏيڻ فرمايائون.

حضرت عمار بن ياسر پنهنجي ستائيندڙن مان عامر بن الحضرمي ۽ حارث

(١) سيرت ابن هشام ۽ بلال مؤذن الرسول ﷺ (١) وعدالحق

بن زمعہ ۽ أحد بن عَمر کي بدر ۾ قتل ڪيو.

حضرت صهيب رضہ بہ گهڻا سال مشرڪن هٿان مارون کاڌيون هيون.ان بدر جي ميدان ۾ پنهنجي ويرين مان عثمان بن مالڪ ۽ هشام بن ابي حذيفہ ۽ حارث بن منبہ کي قتل ڪيو.

حضرت عبدالله بن سهيل رضہ کي سندس پيءُ اسلام آڻڻ سبب هٿ پير ٻڌي اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪندو هو. بدر جي ميدان ۾ حضرت عبدالله پنهنجي پيءُ مشرڪ کي قتل ڪيو.

مطلب تہ مشرڪ جيتوڻيڪ هزار کن هئا. ۽ هٿيار بند هئا. سوار بہ هئا ۽ سندس مقابلو صرف ٣١٣ نهٿن پيادن مسلمانن سان ٿيو هو. پر مشرڪ بدر جي جنگ ۾ ائين قتل ٿيا ۽ ائين قيد ٿيا جو ڄڻ صفا نڌڻڪا هئا.

حضرت بلال رضہ جو مخالف خلف جو پٽ اميہ بہ ان بدر جي جنگ ۾ وائڙن وانگر بي مقصد ڪجهہ وکون ڪٽي رهيو هو. پنهنجي دوستن ۽ مائٽن، مشرڪن جا لاش ڏسي اميہ ۽ سندس پٽ ٻئي صفا مايوس ٿي ويا آهن. هو ڪجهہ جيئڻ چاهين ٿا پر اهڙي واٽ هنن کي نظر ئي نٿي اچي جتان هو ڀڄي نڪرن. سندن منهن سُسي ويو آهي ۽ دل ئي دل ۾ ڏاڍا ملول آهن.

ايتري ۾ اميہ جي نظر حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ تي پئجي وڃي ٿي. جيڪو ڪجهہ زرهون جيڪي هن کي جنگ جي ميدان مان هٿ آيون آهن کنيو وڃي پيو. حضرت عبدالرحمٰن رضہ اميہ جو جاهليت واري زماني ۾ گهاٽو دوست پڻ هئو. اميہ کي ڪجهہ بچي وڃڻ جي اميد نظر اچي وڃي ٿي. حضرت عبدالرحمٰن کي سڏ ڪري ٿو.

اميہ:- او عبد عَمرو! حضرت عبدالرحمٰن رضہ اهڙي نالي سڏڻ سبب اميہ کي ڪوبہ جواب نٿو ڏئي ۽ اهڙي معاهدي جو تفصيلي ذڪر مٿي گذري چڪو آهي. اميہ کي اهو معاهدو پوءِ ياد آيو ۽ وري سڏ ڪري ٿو.

اميہ:- او عبدالله

حضرت عبدالرحمٰن رضہ:- (اميہ ڏي نهاريندي) ڇو ڪهڙو ڪم آهي؟

اميہ:- دوست اچ، اچي اسان ٻنهي پيءُ پٽ کي قيدي بنائي وٺي هل، جيئن قتل ٿيڻ کان بچي وڃون.

حضرت عبدالرحمٰن رضہ:- مونکي تہ غنيمت ۾ هي زرهون هٿ

آيون. آهن آءُ اهي پهچائي اچان.

اميہ:- انهن زرهن کي ڪٽي ڦٽو ڪر! تون اسان کي قيدي بنائي وٺي هل.
توکي انهن زرهن کان بہ وڌيڪ ملي ويندو حضرت عبدالرحمٰن رضہ زرهون
ڦٽي ڪري اميہ جي ٻانهن ۾ هڪ هٿ ۽ اميہ جي پٽ جي ٻانهن ۾ ٻيو هٿ
وجهي قيدي بنايو ڪاهي هلي ٿو.

اميہ:- (ٿڪ سبب آهستي هلي ٿو ۽ حضرت عبدالرحمٰن کان پڇي ٿو) اهو ڪير آهي، جيڪو ڪلندو ٿو وڃي؟

حضرت عبدالرحمٰن رضہ:- اهو اٿئي حضرت حمزه بن عبدالمطلب،
جونٺو سجاٽينس ڇا؟

اميہ:- يار! ان اچ ڪري ———— اوي آهي. (١)

حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضہ اميہ ۽ ان جي پٽ کي وٺي اچي رهيو
هو تہ مٿن حضرت بلال رضہ جي نظر پئجي وڃي ٿي. حضرت بلال رضہ وري
بہ چتائي ڏسي پڪ ڪري ٿو تہ ڇا واقعي ساڳيو اميہ آهي جيڪو اڳ ۾
مڪي ۾ عذاب ڪندو هو، وڙهندو هو، رسو ڳچيءَ ۾ وجهي گهلرائيندو هو،
ڳرا ڳرا پٿر سيني تي رکائيندو هو؟

بس ٿوري گهٽي توجہ ڪرڻ سان پڪ ٿي وڃيس ٿي تہ سچ پچ اميہ ۽
ان جو پٽ علي آهي. ڏاڍيان چوي ٿو اڄ چڱو هٿ آيا آهن. تڪڙيون وڪون
ڪٽي اميہ جي ويجهو پهچي هڪل سان چوي ٿو هي ڪافرن جو رئيس اميہ بن
خلف اڄا بچيو ٿو وڃي. اڄ اهو بچي ويو تہ مون ۾ گهٽتائي آهي. ائين چئي
تلوار کي لوڏي ٿو.

حضرت عبدالرحمان:- نہ بلال نہ. ائين نہ چوءِ هي تہ منهن جا
قيدي آهن.

حضرت بلال رضہ:- نہ نہ، لَا نَجَوْتَ اِنْ نَجَا (اڄ مون کان بچي ويو
تو پوءِ مون ۾ گهٽتائي آهي.

---

(١) جو تہ بدر جي جنگ ۾ ابوسفيان جي پٽ حنظلہ ۽ ربيعه جي ٻنهي پٽن عتبہ ۽ شيبہ ۽
طعيمہ بن عدي، عقيل بن الاسود، ابوقيس بن وليد، اسود بن عبدالاسد، نبيہ بن الحجاج
کي حضرت حمزه رضہ قتل ڪيو هو ۽ عائذ بن السائب کي بہ حضرت حمزه رضہ زخمي
ڪيو هو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ مري ويو هو.

حضرت عبدالرحمن:- آءٌ ڇاپيو ڇوان ٻڏين ڪونہ ٿو ڇا؟

حضرت بلال رضہ:- (وڏي واڪي) اي مجاهدو هي ڪفر جو منڍ اميہ بچيو ٿو وڃي.

حضرت بلال رضہ جي هڪل تي ڪي مجاهد اميہ جي چوڌاري گڏ ٿي ويا. اميہ هيو ڪو چارو نہ ڏسي منٿون ڪرڻ لڳي ٿو. پر حضرت بلال رضہ تي اميہ جون منٿون ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيون ڪن. وري بہ مجاهدن کي هڪل ڪري چوي ٿو. اڃا بيٺا آهيو. ڇڏيوڻ ٿا. حضرت عمار بن ياسر رضہ تلوار جو وار ڪري اميہ جي پٽ عليءَ کي قتل ڪري ٿو ڇڏي. اميہ کان ايڏي رڙنڪري ٿي جو حضرت عبدالرحمن بہ عوف جو ڇوڻ آهي تہ اهڙي رڙ مون اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٻڌي هئي.

حضرت عبدالرحمن رضہ:- (اميہ مان بہ هٿ ڪڍي ٿو ۽ ان ڏي نهاري چوي ٿو) هاڻي پنهنجو بچاءَ پاڻ ڳول. آءٌ نٿو بچائي سگهان.

اميہ:- يار اٿين نہ ڪر ڪجهہ تہ ڪوشش ڪر، رڳو جيئندان ملي وڃي.

حضرت بلال:- (اميہ تي تلوار جو وار ڪندي) ڇا جو جيئندان اڳيان ڏينهن تو ڪان وسري ويا؟ ۽ اميہ حضرت بلال رضہ جي تلوار سان ڍيري ٿي پوي ٿو.

حضرت عبدالرحمن:- (حضرت بلال رضہ کي ڏوراپو ڏيندي) يار! مون زرهون بہ ڦٽي ڪيون، هي قيدي بہ تو ماريا. آءٌ تہ ٻنهي پاسن کان خالي ٿي ويس.

حضرت بلال:- اي دوست! الله تعاليٰ توکي ان جي عيوض ڪجهہ وڏيڪ عطا فرمائيندو.

حضرت ابوبڪررضہ:- بلال! مبارڪ هجئي. (١)

حضرت بلال رض:- خير مبارڪ. بس مڙئي الله جا احسان. حضرت رسول الله ﷺ جن بدر جي جنگ ختم ٿيڻ تي حڪم فرمايو تہ قتل ٿيل ڪافر بدر جي ميدان واري ٻئي کوهہ ۾ ڦٽا ڪيا وڃن. ٻين مشرڪن جا مڙهہ تہ کوهہ ۾ اڇلايا ويا. پر حضرت بلال رضہ جي دشمن اميہ جو لاش ايترو سڄي ويو هو، جو سندس جسم تان زره لهي ئي نہ پئي سگهي ۽ مسلمانن اميہ جي گوشت کي ڪوري ان جي زرهہ لاهي ان تي اتي ئي مٽان مٽي وارائي ڇڏي.

---

(١) سيرت بلال رضہ

حضور ﷺ جن جو خزانچي بلال رضہ

جڏهن حضرت رسول الله ﷺ جن مدينہ منوره ۾ پهتا ۽ سندن ٻڌايل دين اسلام وارو الاهي پيغام آزاديءَ سان هيڏي هوڏي پکڙيو. تڏهن کيترن ماڻهن جون دليون ان هدايت جي روشن سج جي ديدار لاءِ واجهائڻ لڳيون، ۽ ارد گرد جا ماڻهو مدينہ منوره ۾ حضور جن سان ملڻ يا کانئن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پهچڻ لڳا. انهن ٻاهران آيل مهمانن جي خدمت چاڪري ڪرڻ، انهن جي کاڌي پيتي ۽ رهائش جو انتظام ڪرڻ حضرت بلال رضي الله جي هٿ ئي هوندو هو. اها خدمت هو تمام سهڻي نموني سان ادا ڪندو هو. کاڌي پيتي جي انتظام ڪندي ڪيس ٻيو ڪجهہ نہ سجهندو هو تہ پڇاڙي ڪٿان اڌارو وٺي قرض ڪٽي بہ نون آيل مهمانن جي چڱي طرح آڌر ڀاءُ ڪندو هو. (١) ڪڏهن ڪڏهن تہ حضور ﷺ جن جي زيارت لاءِ ڪي اهڙا غريب بہ اچي سهڙندا هئا. جن ڪي انگين پوري اگهڙي بہ نہ هوندي هئي. پوءِ حضرت بلال رضہ ڪٿان نہ ڪٿان اهڙن مسڪينن لاءِ ڪپڙن جو بلو بہ ڪري وٺندو هو. پوءِ ڪٿي غنيمت مان يا ٻين هدين سوکڙين مان اهو قرض ادا ڪري ڇڏيندو هو.

•

حضرت عبدالله الهوزني فرمائي ٿو تہ مون حضرت رسول الله ﷺ جن جي بانگي حضرت بلال رضہ سان حلب ۾ مليس، کانئس حضور ﷺ جن جي گذر سفر، خرچ پکي بابت پڇيم، حضرت بلال رضہ ٻڌايو تہ حضور ﷺ جن وٽ ڪو اهڙو مستقل انتظام تہ هوندو ئي ڪونہ هو. اهو آءٌ ئي هوس جو حضور ﷺ جن کي نبوت ملڻ کان وٺي سندن رحلت تائين ان خدمت تي مقرر هوندو هوس. جيڪو بہ ماڻهو حضور جن وٽ ائين رحم جوڳي حالت ۾ پهچندو هو

---

(١) سيرت بلال رضہ

تہ، رسول الله ﷺ جن مونکي حڪم ڏيندا هئا. جيئن ڪتان نہ ڪتان ڪا چادر هٿ ڪري ان ڪي پارايان يا ڪو ڪاڏو هٿ ڪري ان جي آڏو پيش ڪريان. (١)

•

بدر جي جنگ جو لڙجهڪو ٿيو. مشرڪ هڪڙا تہ مئا، ٻيا قيد ٿيا. ٽين پڇي جان ڇڏائي، تہ مسلمانن، انهن ڀاڄ ڪائيندڙ مشرڪن جو سامان سهيڙڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪئي مشرڪن جيءُ قيمتي ڪيل ياانهن جي ڪيرايل سامان گڏ ڪيائون تہ ڏيڍ سؤ ڪن اٺ، ڏهہ گهوڙا، ڪيترا هٿيار، چمڙي جا بسترا ڪجهہ ٿانو ٿپا گڏ ٿي ويا. (٢) جيئن تہ مسلمانن جي باقاعده لڙيل جنگ جڻ پهرين جنگ بدر ئي هئي. ان ڪري هنن کي اها خبر نہ هئي تہ اهو غنيمت ۾ هٿ آيل سامان ڪيئن تقسيم ٿيندو. (٣) هر هڪ مجاهد جي دل ۾ اهو خيال اچي رهيو هو تہ ان غنيمت واري سامان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ان وٽ ضرور هجي جيئن بدر ۾ فتح حاصل ڪرڻ جي نشاني هن وٽ موجود هجي. خاص ڪري جن مجاهدن ہہ ہہ چار چار مشرڪ ماريا هئا (٤) انهن جي تمنا هئي تہ اسان جن جن مشرڪن کي ماريو آهي انهن جو سمورو سامان اسان وٽ ئي بطور نشاني هجي تہ سٺو.

پر حضرت رسول لله ﷺ جن حڪم فرمايو تہ سمورو سامان سُئي ڌاڳي سميت آٽي ڪٺو ڪيو. پوءِ جيئن الله تعاليٰ ان متعلق حڪم ڪندو ائين ئي تقسيم ڪبو.

سامان گڏ ٿي بس ٿيو تہ الله تعاليٰ جو حڪم نازل ٿئي ٿو.

وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا غَنِمۡتُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ فَاَنَّ لِلّٰہِ خُمُسَہٗ وَلِلرَّسُوۡلِ وَلِذِی الۡقُرۡبٰی وَالۡیَتٰمٰی وَالۡمَسٰکِیۡنِ وَابۡنِ السَّبِیۡلِ.

۽ ڄاڻو تہ جيڪي غنيمت جو مال توهان کي هٿ اچي تہ ان مان پنجين پتي الله ۽ رسول الله ۽ مٽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي.

---

(١) سيرت بلال رضہ (٢) ڪتاب محمدرسول الله ﷺ

(٣) جو تہ رسول الله ﷺ کان اڳ گذريل نبين ۾ سندن امت لاءِ غنيمت جو مال حلال نہ هوندو هو. آسمان کان باهہ لهندي هئي ۽ اهو سامان ساڙي ويندي هئي.

(٤) بدر جي جنگ ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ ١٢ مشرڪن کي قتل ڪيو هو.

الله تعالٰي جي ان حڪم نازل ٿيڻ کان پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن غنيمت جي مال جو پنجون حصو ڪڍي حضرت بلال رضہ جي حوالي ڪيو، جيئن بوقت ضرورت مسافرن تي خرچ ڪندو رهي، باقي چار پتيون مجاهدن ۾ تقسيم ڪيون. (١)

•

هڪ ڏينهن حضرت رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪرن ٿا ته حضرت بلال رضہ تي نظر پئجي وڃين ٿي. سندس اڳيو ڪارڪن جي هڪڙي ڍڳڙي پيل ڏسن ٿا.

حضور جن:- بلال اهو ڇاهي؟

حضرت بلال:- سائين! هي ڪارڪون آهن، سياٽي لاءِ گڏ ڪري رکيون اٿم. متان ڪو مهمان مڙو اچي.

حضور جن:- بلال! اٿ! اڄ جو اڄ مسڪينن تي خرچ ڪري ڇڏ، متان اهو گڏ ڪرڻ توکي آخرت ۾ نقصان ڏئي ۽ سياٽي جا ياڳ سياٽي سان. جنهن مالڪ اڄ رزق ڏنو آهي اهو سياٽي به ڏيندو. (٢)

رمضان شريف جا روزا پورا ٿيا. عيد جي نماز لاءِ صحابي سڀ گورا گڏ ٿيا. حضور ﷺ جن نماز کان پوءِ خطبو پڙهيو، وعظ ڪيائون. واعظ ڪندي کين خيال آيو ته شايد صحابياڻين سڳورين تائين اهو وعظ وارو آواز نه پهتو هوندو انهن کي به نصيحت ڪرڻ گهرجي. ان خيال ايندي ئي پاڻ سڳورا منبر تان لهي، حضرت بلال رضہ کي ساڻ ڪري عورتن جي جماعت ڏي روانا ٿين ٿا. مايون به اڳيئي حضرت رسول الله ﷺ جن جي واعظ ٻڌڻ لاءِ حضرت ڪثير بن الصلت الڪنديءِ جي گهر ۾ گڏ ٿيون ويٺيون هيون. حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ جي ڪلهي تي هٿ رکي ٽيڪ ڏئي بيٺا ۽ وعظ شروع ڪيائون. وعظ ۾ هيءُ آيت پڙهن ٿا:

يَـٰٓأَيُّهَا النَّبِيُّ إِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنَاتُ يُبَايِعْنَكَ عَلَىٰٓ أَن لَّا يُشْرِكْنَ بِاللَّهِ شَيْـًٔا وَلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِينَ وَلَا يَقْتُلْنَ أَوْلَـٰدَهُنَّ وَلَا يَأْتِينَ بِبُهْتَـٰنٍ يَفْتَرِينَهُۥ بَيْنَ أَيْدِيهِنَّ وَأَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِينَكَ فِى مَعْرُوفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللَّهَ ۖ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝ (ممتحنہ)

---

(١) بلال مؤذن الرسول ﷺ صہ ٦٤ (٢) بلال مؤذن الرسول ﷺ صہ ٦٥

اي نبي ﷺ جنهن وقت توهان وٽ مؤمنياڻيون حاضر ٿين ۽ هن تي بيعت ڪرڻ لاءِ ته: الله سان شرڪ نه ڪنديون ۽ نڪو چوري ڪنديون، نڪو زنا ڪنديون، ۽ نه وري پنهنجي اولاد کي قتل ئي ڪنديون. نه وري ڪو من گهڙت زناڪاريءَ جو بهتان هڻنديون ۽ توهانجي بي فرماني نه ڪنديون نيڪيءَ جي ڪمن ۾. ته پوءِ توهان انهن کان بيعت وٺو ۽ انهن لاءِ بخشش جي دعا به گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ مهربان ۽ ٻاجهارو آهي.

ان آيت جي پڙهڻ کان پوءِ حضور جن فرمايو.

حضور جن:- اي عورتن جي جماعت ! دوزخ ۾ گهڻو ڪري مايون وينديون.

بي بي اسماء بنت يزيد:- (اٿي بيهندي) سائين ڇو ڀلا مايون گهڻيون دوزخ ۾ وينديون؟

حضور جن:- ڇو ته توهان لعنت گهڻي ڪنديون آهيو (مال متاع تي، ڏور ڏڱي تي، ٻار ٻچي تي) ۽ مڙسن جي مخالفت ڪنديون آهيو.

بي بي اسماءُ:- پوءِ سائين ! آهي ڪو بچاءَ جو پاڳو؟

حضور جن:- (بچاءَ ڳوليو ٿيون ته) صدقو خيرات گهڻي ڪريو.

رسول الله ﷺ جن جي اهڙي نصيحت کي ٻڌندي صحابياڻين سڳورين، پنهنجي ڳهن ڳٽن ڏي هٿ وڌايا. هوڏانهن حضرت بلال رضه پنهنجي چادر جو هڪ پلاند هيٺ وڇائي فرمائي ٿو. ڪٽي اچو.

مـاين سڳورين وڇايل ڪپڙي ۾ ڇلا، منڊيون، واليون پنڙا، لاهي اڇلايا. حضـور ﷺ جن جي خزانچي بلال رضه اهي صدقه ۾ مليل ڳهه ڳٽا ميڙي سهيڙي حضور جن سان گڏ واپس وريو. (١)

●

حضرت رسول الله ﷺ جن ذات الرقاع جنگ تان موٽندي سمورن سپاهين جي پٺيان اچي رهيا هئا. واٽ تي ڪين ڪجهه پر پرو رستي ۾ اٺ سوار سامهون نظر آيو جيڪو اٺ کي ڇهبڪ سان سٽي ڪٽي رهيو هو. ڪڏهن ناڪيليءَ ۾ پيل رسي کي ڇڪ ڇڪان ڪري رهيو هو. ته من اٺ تکڙو هلي. ويجهو اچي ڏٺائون ته حضرت جابر بن عبدالله هڪ ڏبرڙي اٺ تي سوار

(١) عمدة القاري ج ٦

سيني سپاهين کان پوئتي پيل، اٺ کي تکڙي ڊوڙائڻ ۽ پين صحابن سڳورن کي پهچڻ لاءِ به ڀي فائدي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هڪ ته اٺ اڳ ئي ڪمزور هئو پيو سفر جو سٽيل، مسافرين جو ماريل. سو وک وک تي ڏاڍو ڏرمائي رهيو هو. حضور جن وٽس پهچي فرمائڻ تا.

حضور ﷺ جن:- جابر ! خير ته آهي؟

حضرت جابر رضه:- سائين اٺ بنهه ٿڪجي پيو آهي. ان ڪري آهستي آهستي پيو ٿو پنڌ ڪي ڏوريان.

حضور ﷺ جن:- چڱو جابر ! اٺ کي هشاءِ ته سهي.

حضرت جابر رضه:- (اٺ کي هشائيندي) اجهو سائين ڏاڍو هشايو اٿم.

حضور ﷺ جن:- (پنهنجي اٺ تان لهي) جابر ڪنهن وڻ مان چهبڪ ته ڀني ڏي !

حضرت جابر رضه:- (لڪڻ ڀني) اجهو سائين هيءُ چهبڪ به آندم.

حضور ﷺ جن:- (اٺ کي هلڪا هلڪا پنهنجن هٿن مبارڪ سان ٻه ٽي چهبڪ هڻي) آءُ جابر هاڻي چڙهه اٺ تي.

حضرت جابر رضه فرمائي ٿو ته خدا جو قسم اٺ اهڙو ته تکو ٿي ويو جو رسول الله ﷺ جن جي اٺ کان به اڳ پيو ڪڍيو وڃي. پر آءُ اجهان اٺ کي جهليان پيو جيئن حضور جن جي اٺ کان پوئتي هلي.

حضور ﷺ جن :- جابر ! اٺ کپائيندين ته ڪونه؟

حضرت جابر رضه:- سائين ! هي توهان جي ملڪيت آهي. وڪڻان جو آءُ هي اٺ توهان کي مفت ڏيان ٿو.

حضور ﷺ جن:- ائين مفت نه. باقي پئسين ڏين ته وٺان ٿو.

حضرت جابر رضه :- چڱو ! سائين پئسين وٺندؤ ته پوءِ ٻڌايو ته گهڻا پئسا ڏيندؤ؟

حضور ﷺ جن:- هڪ درهم وٺندين؟ (١)

حضرت جابر رضه:- نه سائين (اٺ ان کان به وڌيڪ لهي)

حضور ﷺ جن:- ڀلا هڪ اوقيه وٺندين؟ (٢)

حضرت جابر رضه:- اوقيه ته سٺي بها آهي پر ايتري قيمت سان

---

(١) درهم پائلي تور چانديءَ جي برابر هوندو هو.

(٢) اوقيہ اداڻ تہ لہ چانديءَ جي قيمت جي برابر آهي.

سائين جن ناراض تہ نہ ٿيندا؟

حضور ﷺ جن:- بلڪل نہ.

حضرت جابر رضہ:- چڱو سائين ! سودو ٿيو. پر مدينہ منوره تائين چڙهي منهنجي ٿيندي.

حضور ﷺ جن:- اٺ انهن پئسن ۾ منهنجو ٿيو، تون ڀلي مديني تائين چڙهيو هل.

حضرت رسول الله ﷺ ۽ حضرت جابر رضہ ائين ڪي هڪلينداهلندا به رهن ٿا ۽ ڪچهري به ڪندا ٿا هلن.

حضور ﷺ جن:- جابر ! پرڻيو به آهين ڪين نہ؟

حضرت جابر رضہ:- هائو سائين پرڻيو به آهيان.

حضور ﷺ جن :- رنڙ ڪين ڪنواري؟

حضرت جابر رضہ:- سائين رنڙ.

حضور ﷺ جن:- ڇو ڀلا ڪنواريءَ سان شادي نہ ڪيئي؟

حضرت جابر رضہ:- سائين ! منهنجو ابو (حضرت عبدالله رضہ) احد جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويو ۽ پٺيان ست نياڻيون ڇڏي ويو. ان ڪري رنڙ زال پرڻيو آهيان جيئن منهنجين ڀينرن جي سينڌ سرمون بہ ڪري خدمت چاڪري بہ ڪري.

حضرت جابر رضہ فرمايو تہ حضور ﷺ جن مون کان اڳي پهتا. آءٌ ٻئي ڏينهن مسجد نبويءَ وٽ آيس. حضور جن مسجد جي دروازي وٽ ئي مليا. فرمايائون.

حضور ﷺ جن:- جابر پهچي وئين؟

حضرت جابر رضہ:- هائو سائين.

حضور ﷺ جن:- چڱو اٺ اتي ٻڌي ڇڏ ۽ تون مسجد ۾ وڃي ٻہ رڪعتون نماز پڙهہ.

حضرت جابر رضہ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي مسجد ۾ ئي ويهي رهي ٿو. هوڏانهن حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي خزانچيءَ حضرت بلال رضہ کي سڏي حڪم فرمائن ٿا. تہ وڃي جابر رضہ کي هڪ اوقيہ چانديءَ جو اٿلائيندو توري ڏي.

حضرت جابر رضہ اٺ وڪٽي چاندي وٺي موٽيو پٺي آيو تہ پٺيان حضرت رسول الله ﷺ جن ڪيس سڏ ڪيو. حضرت جابر رضہ دل ئي دل ۾ سوچيندو پٺي موٽيو تہ شايد ھي سودو حضور ﷺ جن موٽائيندا الائي ڇا؟ ۽ حضرت جابر رضہ سودي ۾ خوش ھو. ان ڪي موٽائڻ نہ پيو چاھي. حضور جن وٽ آيو تہ فرمايائونس تہ: جابر ھي اٺ بہ تون ڪاھي وڃ، پئسا بہ توکي آيا ۽ اٺ بہ توکي. اھو اٺ حره واري ڏينھن تائين حضرت جابر رضہ وٽ رھيو، پوء اٺ مري ويو. (١)

●

ھڪ ڏينھن مديني منوره جي ھڪ يھوديءَ جي ڪن تي ھر روز وانگر حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه جي بانگ جو آواز پيو. آواز ٻڌندي ئي ٻهري وڃي ٿو. سوچي ٿو تہ: ھڪ دفعو نہ ٻہ دفعا. ھيءَ گهڙيءَ گهڙيءَ بانگ آھي ڪين اسان يھودين تي بلال چيڙ ڪٽي ٻڌي آھي. وري ھڪ بانگ ۾ اشھد ان محمداً رسول الله ٻہ دفعا ٿو چوي. ان ڦشريءَ ڪان تہ مسلمان مڪي ۾ سٺا ھٺا. ۽ بلال، اميہ جو ٻانھو ٻلو ھئو. ڪنھن مڙس جو ھن ڪي ھٿ لڳي ئي ڪونہ ٿو.

اھڙيون سوچون ڪندي يھودي اٽڪلون تاڙي ٿو. جيئن بلال رضہ ڪي ڪنھن نہ ڪنھن طرح سان زير بار ڪري ملول ۽ مايوس بنائي سگھي. ضرورت ايجاد جي ماءُ آھي وانگر ھڪ اٽڪل سوچي حضرت بلال رضہ جي لنگھہ وٽ ٻيھي ھن جي اچڻ جو انتظار ڪري ٿو.

ھوڏانھن حضرت بلال رضہ ڪي رسول الله ﷺ جن ڪنھن مسڪين جي ٻر ڪھور لهڻ لاءِ حڪم ڪن ٿا ۽ حضرت بلال رضہ پاڻ وٽ ڪجهہ بہ موجود نہ ڏسي، اوڌر تي ڪاڏي خريد ڪرڻ لاءِ بزار جو منھن ڪري ٿو ۽ يھودي جيڪو اڳ ۾ ئي سندس تاڙ ۾ ھو، ساڻس ملي ٿو. خوشامد ڪندي ھيڏانھن ھوڏانھن جون ڳالهيون ڇيڙي ٿو.

يھودي:- (خوشامد ڪندي) يار تنھنجي بانگ ٻڌي ٻدن مان سيسراٽيون نڪري ويندين آھن. تنھنجو آواز بہ ڪوھين ٿو ٻڌجي.

حضرت بلال رضہ:- خاموشيءَ سان ٻڌي رھيو آھي.

---

(١) سيرت ابن ھشام● الصحيح البخاري ● البدايہ والنھاية

يهودي:- يار بلال! ڀي تہ خبر ڏي، ڀين ڪيترن ڪان ڪنڌو ڪٺندو تو وتين، مون ڪان ڪڏهن ٻہ گھرين ٿي ڪونہ! ڪا ڪاوڙ آهي ڇا؟ (ڪجھہ مرڪي ٻہ ٿو)

حضرت ٻلال رضہ:- بس ڀئي هنڌان ٿي ڪم تي ويندو آهي.

يهودي:- اهو تہ ظاهر آهي. رهجي ڪنهن جي ٻہ ڪانہ ويندي. پر تون ماٺهو ڏسجين ٿو پلو ان ڪري منهنجي روح سٽ ڪاڏي آهي تہ تون گراهڪ ٿي منهنجو بنجين. اوڌر سوڌر ٻہ مونڪان ڪٽين.

حضرت ٻلال رضہ:- (گھڙي ڪن ماٺ ڪري پوء) چڱو اڳتي ائين ٿي ڪبو.

يهودي:- آءٌ توسان سڀ سهولتون ڪندس جيترو ٻہ گھرندين اوترو ڏيندس ۽ ان وقت ٿي ڏيندس. پر .... هڪ ڳالھہ اٿئي. جو اسان يهودي آهيون ڄڻ پئسي جا پٽ. سو اسان قرض پڪو ڪنهن ڳھہ رکڻ ڪان سواء ڏيندائي ڪونہ آهيون. پر ....

حضرت بلال رضہ:- جيڪڏهن مون وٽ ڪجھہ ڳھہ رکڻ لاء هجي تہ پوء آءٌ قرض جيڪر ڇو کڻان؟

يهودي:- (ڪلندي مذاق ڪندي) چڱو جي صفا ائين آهين تہ ٻہ قرض تہ وٺي ويندو ڪر. پوء نہ تہ تون ٿي وينو آهين. (ٺهڪ ڏيندي) وقت تي قرض نہ مليو تہ ڪٽي توکي ٿي ٻانهن ڪان جھلبو. پوء سائين بلال ساڳيو......... ساڳيو ٻانهو.

حضرت بلال رضہ:- يهوديء جا اهڙا اکر ٻڌي ڪجھہ سوچ ۾ پئجي ويچي ٿو.

يهودي:- بلال ! ڇا جي ٿو ڳڻتي ڪرين. تون تہ هوئين وقت ڪان اڳ پئسا ڏئي ويندين. باقي وهم ڇاجي لاء ٿو ولوڙين. آءٌ تہ ائين پوڳ وينو ڪريان. تون ڪو فڪر نہ ڪر.

حضرت بلال رضہ:- چڱو ! ائين ٿي ٺيڪ آهي اڄ ٿي ڪجھہ اٽو وغيره گھرجي. آءٌ توکي مهيني پوري ٿيڻ ڪان اڳ ۾ پئسا ڏئي ڇڏيندس.

يهودي:- (ڪلندي) چڱو جيئن تنهنجو حڪم. پر مقرر وقت تي پئسا نہ مليا تہ پوء جيئن اڳھاڙو ٻڌئي. (يهودي اهڙي لهجي ۾ چوي ٿو جيئن پوڳ

جو يوڳ سايان جي ساييان.)

يهودي قرض ڏيڻ مهل ڏاڍو خوش هئو. دل ۾ سوچي رهيو هو ته هي مسڪين مسلمان ڪٿان وقت تي قرض ادا ڪري سگهندو. مهينو گذري ته بلال کي ٻانهن کان جهلي اچي ٿو پاڻ وٽ ويهاريانس.

مهيني گذرڻ ۾ اڃان چار ڏينهن پيا ٿي هئا ته يهودي ٻين مشرڪن واپارين سان گڏجي حضرت بلال رضہ جي تلاش ۾ آيو. حضرت بلال رضہ به بانگ لاءِ تيار ٿي رهيو هو ته يهودي به اچي مسجد نبويءَ وٽ پهتو.

يهودي:- (منهن ۾ سونهن وجهندي) بلال! خبر اٿئي ته باقي ڪيترا ڏينهن وڃي بچيا آهن؟

حضرت بلال رضہ:- وقت اچي ويجهو ٿيو هوندو.

يهودي:- باقي چار راتيون آهن، پوءِ آءُ گهٽ نہ ڪندس. حضرت بلال رضہ اونهين سوچن ۾ غرق ٿي ويو ٿو. ته انجام مطابق يهوديءَ کي پئسا ڏيڻا به ضروري آهن. في الحال ته پئسا آهن به ڪونہ.

سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ حضرت بلال رضہ ان قرض جي احوال اورڻ لاءِ حضرت رسول الله ﷺ جن کي ويجهو ٿيو. عرض ڪرڻ لڳو:

سائين! جنهن يهوديءَ کان قرض ورتو هوم اهو اچ مونکي هيئن ڊيڪَ ڏئي ويو آهي. صفا ماٺيپي کان ٿي چڙهيل آهي. قرض گهرڻ جو به ڪو سليقو ٿيندو آهي. مون وٽ ان وقت پئسا ڪونہ هئا نہ ته آءُ ان وقت ٿي ٻوٽ تي هٽانس ها. سائين جن اجازت عطا فرمائين ته آءُ مدينہ منوره کان ٻاهر ڪِن دوستن وٽ وڃي احوال ڪريان ۽ ڪجهہ اڌارا پئسا وٺي يهوديءَ جو قرض لاهيان، نہ ته يهوديءَ جو قرض جڻ جوانيءَ جو موت. حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي ڪوبہ جواب نٿا ڏين. خاموشيءَ سان ويٺا ٿي رهن ٿا.

حضرت بلال رضہ پنهنجي جتي، ڍال، تلوار وغيره ٺيڪ ٺاڪ ڪري ٻهراڙيءَ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ٿي حضرت بلال رضہ کي سڏ ٿيو. سڏ ڪنايائين ته ڪو ماڻهو چئي رهيو هو ته بلال رضہ کي حضرت رسول الله ﷺ جن سڏي رهيا آهن. حضرت بلال رضہ تڪڙو تڪڙو حضور جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿئي ٿو. ۽ اتي ڏسي ٿو ته چار اٺ سيڌي سامان جا پريل بيٺا آهن.

حضرت بلال رضہ:- جيءَ سائين ! ياد فرمايو اٿو؟

حضور جن:- هائو ان ڪري سڏ ڪرايم جو هي اٺ فلاڻي طرف کان آيل آهن، انهن تي لڏيل سامان، اناج، ڪپڙو وغيرہ هٽيڪو ڪر، يهوديءَ جو قرض بہ لاهہ ۽ ڏس ڪنهن ٻئي جو بہ قرض هجي تہ ڏئي ڇڏ.

حضرت بلال رضہ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو ۽ ٻاهر نڪري وڏي واڪي اعلان ڪرڻ لڳو تہ جنهن جو بہ حضور ﷺ جن تي قرض هجي اهو اچي وٺي. ۽ سڀ کان پهريائين حضرت بلال رضہ يهوديءَ جو قرض لاٿو. پوءِ ٻيا قرض لاهي ڪجهہ پئسا خيرات بہ ڪيا. پر شام جو اچا وٽس ٻہ اوقيہ ڪن سون جا بچيا. شام جو حضور جن حضرت بلال رضہ کان پڇيو ٻئي:

حضور ﷺ جن:- بلال ! ڪر خبر ! سامان سڙو سڀ نيڪال ٿي ويو. ڪين اچا ڪجهہ بچيو؟

حضرت بلال رضہ:- سائين توهان تي جيڪو بہ قرض هئو اهو سڀ ادا ٿي ويو.

حضور ﷺ جن:- مونکي اهو ٻڌاءِ تہ تو وٽ بچت ڇا آهي؟

حضرت بلال رضہ:- سائين ٻہ اوقيہ سون جا بچت آهن.

حضور جن چگو ! آءُ جيسين پنهنجي گهر وڃان. ان کان اڳ ۾ مون کي انهن ٻن اوقين کان راحت ڏيار (يعني خرچ ڪري ڇڏ).

حضور ﷺ جن:- (سومهڻيءَ جي نماز پڙهي پوءِ وري پڇن ٿا) بلال ڪر خبر ! بچت رقم جو ڇا ٿيو؟

حضرت بلال رضہ:- سائين ! ڪوبہ اهڙو حاجتمند مونکي هٿ ڪونہ آيو. ان ڪري رقم اچا جيئن آهي تيئن پئي آهي. رسول الله ﷺ جن اهو ٻڌي اها رات گهرئي نٿا وڃن ۽ مسجد نبويءَ ۾ سمهي رهن ٿا. ٻئي ڏينهن شام جو هڪڙا ٻہ محتاج حضرت بلال رضہ کي ملي وڃن ٿا ۽ رقم انهن جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي. وري بہ سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کان رقم جي باري ۾ پڇن ٿا.

حضرت بلال رضہ:- سائين ! الله سائينءَ ان رقم کان توهان کي راحت بخشي آهي.

حضور ﷺ جن:- الحمدلله.

ائين فرمائي پنهنجي گهر تشريف فرما ٿيا. (١)

●

حضرت رسول الله ﷺ حنين جي جنگ تان موٽيا، ۽ جعرانہ وٽ پهچي جنگ مان هٿ آيل غنيمت وارو سامان مجاهدن ۾ ورهائڻ لڳا. حضرت بلال رضہ پنهنجي چادر جي هڪ پلاند ۾ چانديءَ جا سڪا جهليو بيٺو هو ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن بلال رضہ جي جهوليءَ مان مٺيون ڀريندا ماڻهن کي ڏيندا پيا وڃن تہ ايتري ۾ بنو تميم جو هڪ ماڻهو آيو. (جنهن کي ذوالخويصره چوندا هئا) اهو چوڻ لڳو.

ذوالخويصره:- يا رسول الله ورهاست انصاف سان ڪريو. (ائين رياءُ نہ ڪيو.)

حضور ﷺ جن:- تنهنجي لاءِ هلاڪت هجي، برباد ٿين شال، آءٌ جيڪڏهن انصاف نہ ڪندس، تہ ٻيو ڪير انصاف ڪندو؟

حضرت عُمر رضہ:- (جوش ۾ اٿندي) سائين مون کي ڇڏيو تہ آءٌ ان منافق جو ڪنڌ ڪپي وجهان.

حضور ﷺ جن:- الله جي پناهہ. ماڻهو چا چوندا تہ هاڻي پنهنجا صحابي بہ مارائي ٿو.

اي عُمر! اهڙا ماڻهو نمازون تہ ڏکيون پڙهندا آهن تان جو توهان پنهنجن نمازن کي انهن جي نمازڪان گهٽ سمجهندؤ ۽ هنن جي روزن کي توهان پنهنجن روزن کان وڌيڪ سمجهندؤ. اهي قرآن شريف تہ پڙهندا پر قرآن شريف انهن جي ڳاتهڙيءَ کان هيٺ نہ لهندو. دين اسلام مان ائين لنگهي ويندا آهن جيئن تير ڪنهن شڪار مان ٽپي وڃي ۽ ان تي ڪو نشان بہ نہ رهيل هجي. (٢)

●

حنين جي جنگ مان هٿ آيل غنيمت واري مال مان حضرت رسول الله ﷺ جن يزيد بن ابي سفيان کي هڪ سؤ اٺ ۽ چاليهہ اوقيہ ڏنا ۽ چاليهہ اوقيہ حضرت بلال رضي الله عنہ توري يزيد کي ڏنا . (٣)

---

(١) سيرت بلال رضہ، بلال مؤذن الرسول ﷺ، البداية والنهاية

(٢) البدايہ والنهاية (٣) قادة فتح الشام

ربيع الاول نائين هجريءِ ۾ حضرت رُويفع بن ثابت جي گهر ۾ سندس مائٽ مهمان ٿيا. ۽ صبح جو حضرت رويفع پنهنجن مائٽن کي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ڪري ٿو. وفد جو اڳواڻ ابو الضباب گوڏا پيچي حضور جن جي آڏو ويهي ٿو. ٿوري ڪچهريءَ ڪانپوءِ رُويفع جا سڀ مائٽ مسلمان ٿين ٿا. حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو تہ هنن کي ڪجور جو چڱو خاصو ذخيرو ڪٺي ڏئي. (١)

•

خيبر واري ڏينهن حضرت رسول الله ﷺ جن ابوسفيان، عُيينہ ۽ اقرع کي سخا ڪندي ڪجهہ رقم ڏني، تڏهن عباس بن مرداس صحابيءَ حضور جن جي تعريف ۾ هڪ عربي شعر چيو. ان ۾ چئي ويو تہ عُيينہ ۽ اقرع کي گهڻو ڪجهہ مليو، پر مون کي حضور جن ڪجهہ بہ نہ ڏنو. تڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تنهنجي زبان بہ بند ڪريون ٿا.

پوءِ حضرت بلال رضي الله عنه کي سڏ ڪري فرمايائون تہ توکي جڏهن چوان تہ عباس جي زبان ڪپ (تقطع لسانہ) تڏهن تون عباس کي پاڻ سان وٺي وڃجانءِ ۽ هڪ ڪپڙن جو وڳو ان کي ڏجانءِ (اهي اکر حضور جن حضرت بلال کي پنهنجي منهن چيا جيئن ٻيا نہ ٻڌن)

پوءِ حضور ﷺ جن فرمايو: يا بلال ! هن عباس کي وٺي وڃ. فاقطع لسانہ. يعني وڃي هنجي زبان وڍ. ان جو ٻيو مطلب هي بہ آهي تہ هن کي ڪجهہ ڏئي هن جي زبان کي بند ڪر. اهي اکر ٻڌي حضرت بلال،عباس بن مرداس جي هٿ کان وٺي ڇڪي هلڻ لڳو. هوڏانهن حضرت عباس سمجهي نہ سگهيو ۽ سخت پريشان ٿيو. حضور جن کي چوي پيو. سائين منهنجي زبان وڍي؟ وري صحابن ڏي نهاري چوي پيو اي مهاجرو ڇاهي منهنجي زبان وڍي؟ ائين هر هر چوي پيو. هوڏانهن حضرت بلال هن کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. حضرت بلال ٻڌايس تہ هل تہ توکي ڪپڙن جو وڳو ڏيانءِ. پوءِ هو هليو ۽ وڳو ورتائين.(٢)

•

تبوڪ جي جنگ کي غزوه ذوعسره يعني تڪليف ۽ تنگيءَ واري جنگ

---

(١) سيرت بلال رضي الله عنہ (٢) طبقات ابن سعد ج ٣ ص ٢٧٣

ٻه ڇيو ويندو آهي. ڇو ته جهڙا هئا ڏينهن گرم اهڙو هئو سفر پرانهون.
حضور ﷺ جن جملي ٢٧ جنگيون پنهنجي سرپاڻ لڙيون ۽ تبوڪ جي جنگ انهن جنگين ۾ آخري جنگ هئي. صحابه سڳورا ٽيهه هزار ڪن جنگ تي هليا هئا ۽ ٻئي سامان سان گڏ کاڌي پيتي جي به ڪافي کمي هئي.

هڪ رات جو حضرت عِرباض بن ساريه ٻڪ ڪان نڍال ٿي حضور ﷺ جن وٽ حاضر ٿيو ته مٿان حضرت جعال بن سُراقه ۽ عبدالله بن معقل مُزني رضي الله عنهما به حضور جن وٽ اهڙي شڪايت ڪرڻ لاءِ پهچي ويا ۽ پنهنجو حال اچي اوريائون.

رسول الله ﷺ جن ڦيريائين ته پنهنجي تنبوءَ ۾ بي بي ام سلمه رضه وٽ آيا. پر اتي ڪابه کاڌي پيتي جي شيءِ نه ڏسي واپس موٽيا ۽ حضرت بلال رضه کي گهرايائون.

حضور ﷺ جن:- بلال! ڏس ته کاڌي جي ڪاشيءِ آهي.
حضرت بلال رضه:- سائين سڀ ختم ٿي چڪو آهي.
حضور ﷺ جن:- وري به وڃي جاچي ڏس من ڪجهه هٿ اچي.
حضرت بلال رضه:- حاضر سائين.

ائين چئي حضرت بلال رضه اٿيو ۽ ڪتل ڪان خالي ٿيل چمڙي جي ڳوترين کي اٿلائي پٿلائي جاچڻ لڳو ته من ڪا ڳڙي ڳوترين ۾ رهجي به وئي هجي. ان ڳولا ۾ حضرت بلال رضه ڪامياب ويو ڪنهن ڳوتريءَ مان هڪ ڪتل جي ڳڙي ۽ ڪنهن مان ٻه ڳڙيون ڪيندو ويو. جملي ست ڳڙيون هٿ ڪري حضور ﷺ جن وٽ حاضر ٿيو.

رسول الله ﷺ جن هڪ ٿانءُ گهرايو. اهي ڪتل جون ڳڙيون انّ ٿانءُ ۾ رکي مٿان پنهنجو مبارڪ هٿ رکيائون ۽ فرمايائون ته اچو ۽ هاڻي بسم الله پڙهي کائو!

حضرت عرباض رضه فرمايو ته اسان ٽن ڄڻن کائي ڍؤ ڪيو ۽ ڪتل ڏي ڏٺوسين ته اوتريون ئي هيون جيتريون منڍ ۾ هيون. حالانڪ اسان مان هر هڪ انڪل پنجاهه پنجاهه ڳڙيون ته ضرور کاڌيون هونديون.
اسان ٽن ڄڻن بس ڪئي ته حضور ﷺ جن حضرت بلال رضه کي حڪم فرمايو ته هي بچيل ڳڙيون کڻي ڪنهن ڳوتريءَ ۾ سانڍي رک.

وري ٻئي ڏينهن حضور ﷺ جن حضرت بلال رضه کان اهي ڪالهوڪيون ڳڙيون گهرائي هڪ ٿانءَ ۾ رکي، اتي ويٺل ڏهن، ڇٽن صحابن سڳورن کي کائڻ لاءِ حڪم فرمايائون ته: بسم الله پڙهي ڪ ـو! انهن ڏهن ئي صحابن سڳورن ڪائي ڍؤ ڪيو. پوءِ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو ته: آءٌ پنهنجي پالڻهار کان حياءُ ڪريان ٿو. ورنه ته هنن ڪتل جي ڳڙين کي مدينه منوره ڏي ڪٽي هلون ها ۽ پنهنجن ڀين ساٿين کي به کارايون ها. ۾ (اهو توڪل جي خلاف آهي.) ائين فرمائي هڪ نينگر کي اهي ڪتر جون ڳڙيون ڏئي ڇڏيائون جنهن کائي ختم ڪري ڇڏيون. (١)

●

حضرت رحيل الجعفي رضه مسلمان ٿي سرور ڪائنات ته جن جي ديدار ڪرڻ لاءِ مدينه منوره ۾ پهتو. ۾ هو سفر ڪري ان وقت پهتو جنهن وقت حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي مزار مقدس ۾ دفن ٿي چڪا هئا. پوءِ حضرت رحيل کي حضرت بلال رضه پاڻ وٽ رهايو ۽ ان جي مهماني وغيره ڪئي. (٢)

●

اشعث بن حسن حضور ﷺ جن وٽ ڪِنده قبيلي جا ڏهه ڄڻا وٺي حاضر ٿيو. مسجد نبويءَ ۾ گهڙيا ته انهن جي ڪلهن تي حيره جون چادرون رکيل هيون. جن جا پَلوَ پٽ جا ٺهيل هئا. جن تي سونهري زريءَ جو چلڪندڙ پرت پريل هيو. رسول الله ﷺ جن انهن ڪنده وارن همراهن کي اهڙين چادرن سان ڏسي فرمايو ته: ڇو ڀلا! اڃان مسلمان نه ٿيا آهيو ڇا؟

ڪنده جا ماڻهو:- ڇو سائين ! اسان ته مسلمان ٿيل آهيون.

حضور ﷺ جن:- پوءِ به هن قسم جون چادرون پايو ٿا وتو؟

ڪنده جاماڻهو:- سائين هن قسم جون چادرون جيڪڏهن ناجائز آهن ته، اسان لاهي ڦٽي ٿا ڪريون. (ائين چئي ڪلهن تان چادرون لاهي ڦٽي ڪن ٿا).

حضور ﷺ جن:- (حضرت بلال رضه کي گهرائيندي) هنن مهمانن جي خدمت چاڪري ڪر ۽ انهن کي ڪجهه تحفا سوکڙيون به ڏي.

---

(١) البداية والنهاية ج ٦ صفحو ١١٨ (٢) اسد الغابه ج ٢ صفحو ١٧٣

حضرت بلال رضہ:- حاضر سائين ! (ائين چئي ڪنده قبيلي وارن ڪي ڪجھ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏئي ٿو)

حضور ﷺ جن:- (ڪنده وارن کان پڇندي) ابا توهان مان ڪو رهجي ته ڪونہ ويو؟

ڪنده جا ماڻهو:- سائين ! باقي ڇوڪرو رهجي ويو آهي. جيڪو سوارين وٽ ڇڏي آيا هئاسون.

حضور ﷺ جن:- (ان نينگر کي گهرائي) پٽ تنهنجوبہ ڪو ڪم ڪار؟

نينگر:- سائين ! جيئن هنن سان ڀلايون ڪيون اٿو تيئن موں سان بہ مهرباني ڪرڻ فرمايو.

حضور ﷺ جن:- چؤ پٽ ! ڪهڙو ڪم اٿئي؟

نينگر:- منهنجي بخشش لاءِ دعا فرمايو.

حضور ﷺ جن دعا گهري. پوءِ ان وفد کي ڳوٺ واپس ورڻ جي اجازت عطا فرمائي. (١)

●

بني سعد جو وفد حضرت رسول الله ﷺ جن سان دست بيعت ٿيڻ لاءِ مدينہ منوره ۾ پهتو. مسجد نبويءَ ۾ پهتا تہ ان وقت حضور ﷺ جن جنازي جي نماز پڙهائي رهيا هئا. وفد وارا ماڻهو پاسائتا ٿي ويهي رهيا، جيئن رسول الله ﷺ جن واندا ٿين تہ ساڻن ملاقات ڪن.

حضور ﷺ جن:- (نماز جنازه کان واندا ٿي) بني سعد جا همراهو ! توهان اڃا مسلمان نہ ٿيا آهيو ڇا؟

بني سعد:- سائين اسان مسلمان ٿيا آهيون.

حضور ﷺ جن:- پوءِ توهان جنازي نماز ۾ شامل نہ ٿيئو؟

بني سعد:- سائين ! اسان سمجهيو تہ جيسين بيعت نٿي ڪجي تيسين اسان جي نماز جائز ٿي نہ آهي.

حضور ﷺ جن:- بس جيڪو مسلمان ٿي ويو. اهو هٿ هٿ تي رکي دست بيعت ٿئي يا نہ ٿئي مسلمان آهي. ڪجھ ڏينهن بنو سعد وارا رسول الله ﷺ جن وٽ رهيا، قرآن پڙهيا ۽ دين اسلام جا مسائل سکيا. جڏهن

---

(١) سيرت بلال رضہ

موڪلائڻ لڳا تڏهن رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو تہ هر هڪ مهمان کي چانديءَ جا ڪجهہ سڪا خرچ پکي لاءِ ڏئي. بنو سعد وارا اهي سڪا وٺي وطن واپس وريا. (١)

●

جعرانہ کان بني ثعلبہ قبيلي جا چار ماڻهو ائين هجريءَ ۾ رسول الله ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيا. پاڻ سڳورن انهن جي مهماني ڪئي ۽ انهن کي ڪجهہ ڏينهن ٽڪايو. جڏهن موڪلائڻ واري ڪن پيا، تڏهن رسول الله ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي فرمايو تہ جيئن ٻين وفدن کي راه خرچ لاءِ ڪجهہ پئسا ڏيندو آهين. ائين بني ثعلبہ جي چئني همراهن کي بہ ڪجهہ ڏي. حضرت بلال رضہ هڪ ڳوٿري ڪڍي آيو ۽ پنج پنج اوقيہ هر هڪ کي ڏنائين پوءِ بنو ثعلبہ جو وفد پنهنجي ڳوٺ موٽيو. حالانڪ واپسيءَ وقت وٽن انهن حضرت بلال رضہ جي ڏنل پنجن پنجن اوقين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. (٢)

●

هجرت جي ڏهين سال حضرت رسول الله ﷺ جن وٽ محارب قبيلي وارن جو وفد آيو. جملي ڏهہ ڄڻا ڪن هئا. اهي مدينہ منوره ۾ بي بي رملة بنت الحارث وارن جي اوطاق ۾ اچي ٽڪيا. حضرت بلال رضہ صبح ۽ شام جو انهن جي سار سنڀال لهڻ ايندو هو. (٢) يعني صبح ۽ شام جي ماني هنن کي ڏئي ويندو هو.

●

ذوالجوشن الضبا بي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿئي تو.

ذوالجوشن:- سائين! مون توهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ابن القرحاء (گهوڙو) آندو آهي اهو قبول پوي.

حضور ﷺ جن:- مون کي تہ ڪا ضرورت ڪانہ آهي. هاڻي باقي بدر جي جنگ مان هٿ آيل ڪجهہ زرهون آهن. گهوڙي جي عيوض ۾ اهي وٺين تہ پوءِ ڪٿي گهوڙي کي جهليان.

(١) سيرت بلال رضہ (٢) سيرت بلال رضہ (٣) البداية والنهاية ج ۵ صفحو ٨٩

ذوالجوشن:- نہ سائين آءُ گهوڙو ائين ڏيڻ آيو آهيان، وڪڻڻ نہ آيو آهيان.

حضور ﷺ جن:- ائين تہ آءُ پنهنجي لاءِ گهوڙي جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿو ڪريان.

ذوالجوشن:- توهان جي مرضي.

حضور ﷺ جن:- اي ذوالجوشن ڀلا اجا مسلمان نٿو ٿين. جيئن دين ۾ بہ اڳرائي ڪرڻ وارو ٿي پوين؟

ذوالجوشن:- نہ سائين.

حضور ﷺ جن:- ڇو ڀلا؟

ذوالجوشن:- اجا توهان جي قوم جوئي مرحلو هلي پيو ٿو.

حضور ﷺ جن:- اجا انهن جو ڪهڙو مرحلو آهي. اهي تہ (بدر ۾) شڪست کائي چڪاآهن.

ذوالجوشن:- اها خبر تہ مون بہ ٻڌي آهي.

حضور ﷺ جن:- ڀلا نيٺ تون ڪيئن مسلمان ٿيندين؟

ذوالجوشن:- جڏهن توهان ڪعبي کي فتح ڪيو تڏهن.

حضور ﷺ جن :- چڱو ! تون ائين بہ انشاء الله ڏسندين.

ان کان پوءِ حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي سڏ ڪري فرمائڻ پيا. بلال ! هن همراه ڪان ڪپڙو وٺي ان ۾ سنيون ڪارڪون ٻڌي اچ ۽ کيس ڏئي ڇڏ. (١)

●

سلامان قبيلي وارن جا ست ڄڻا شوال ڏهين هجريءَ ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ مسلمان ٿيڻ لاءِ حاضر ٿيا. انهن جي خدمت چاڪريءَ لاءِ اول تہ حضرت ثوبان رضہ کي حڪم فرمايائون ۽ ٽن ڏينهن جي ٽڪڻ کان بعد جڏهن وفد موڪلائڻ لڳو. تڏهن حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو تہ پنج پنج اوقيہ چانديءَ جا هر هڪ کي ڏئي. (٢)

انهن وفدن جي اچڻ ۽ حضرت بلال رضہ جي هٿان انهن کي خرچ پڪو ملڻ ۽ انهن جي خدمت چاڪريءَ مان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ حضرت بلال رضہ

---

(١) اسد الغابہ في معرفة الصحابہ ج ٢ صفحو ١٣٩ (٢) سيرت بلال رضہ

جڻ رسول الله ﷺ جو وزير ماليات هو.

اهڙي هڪ حديث حضرت علي ڪرم الله وجهه جن ڪان به روايت ٿيل آهي جنهن مطابق حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مون ڪان اڳ بہ جيڪي به پيغمبر سڳورا گذريا آهن انهن مان هر هڪ کي ست وزير ۽ رفيق هوندا هئا . پر مون کي اهڙا وزير چوڏهن ڏنا ويا آهن:

(١) حضرت حمزه رضه (٢) حضرت جعفر رضه (٣) حضرت علي رضه (۴) حضرت حسن رضه (۵) حضرت حسين رضه (٦) حضرت ابوبڪر رضه (٧) حضرت عمر رضه (٨) حضرت حذيفه رضه (٩) حضرت سلمان رضه (١٠) حضرت مقداد رضه (١١) حضرت عمار رضه (١٢) حضرت بلال رضه (١٣)حضرت ابن مسعود رضه (١۴) حضرت ابوذر رضه (١)

حضور ﷺ جن جو دربان بلال رضه

حضرت بلال رضه نه رڳو رسول الله ﷺ جن جو وزير ماليات يا خزانچي هو، پر هو حضور جن جي دروازي جو دربان به هو. ڪو به ٻاهريون ماڻهو سرور ڪائنات ﷺ جن سان ملاقات ڪرڻ چاهيندو هو ۽ حضور جن اندر گهر هوندا هئا ته در کڙڪائي حضور جن کي اطلاع ڏيڻ ۽ ڪائن اجازت گهري ان نئين ماڻهوءَ جي ساڻن ملاقات ڪرائڻ، حضرت بلال رضه جوئي ڪم هوندو هو.

●

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جڏهن پنهنجي ڀيڻ بي بي فاطمه رضه ۽ پنهنجي ڀيڻيوئي حضرت سعيد رضه کي مسلمان ٿيڻ سبب سٽي، ڪٽي،وڙهي، ماري رتو رت ڪري ٿڪو ۽ ساٿو ٿي پيو، تڏهن مجبور ٿي سختيءَ وارو پاسو ڇڏي نرميءَ وارو پاسو اختيار ڪري ٿو.

حضرت عمر رضه:- چڱو ڀيڻ فاطمه ! ادي ناهين؟ اهو صحيفو مون کي به ڏي ته ڏسان ته ڇا لکيل اٿس جيڪو توهان پڙهيو پئي.

بي بي فاطمه:- خوف سبب ڪوبه جواب ڪونه ٿي ڏئي ....

---

(١) اسد الغابه في معرفة الصحابه ج اول صفحو ٢٨٧ ۽ ج چوٿون صفحو ۴١٠

حضرت عمر رضہ:- پيڻ منهنجي منت کي نٿي ڏسين؟ ڏيکار اهو صحيفو تہ ڏسان تہ محمد (ﷺ) توهان کي ڇا ٿو سيکاري جو توهان اهڙا نڏک ٿي ٿا ويو جو ڪا مار مصيبت بہ توهان تي اثر نٿي ڪري.

بي بي فاطمہ رضہ:- توکي صحيفو ملندو تہ تون ڦاڙي ڇڏيندين.

حضرت عمر رضہ:- مون کي قسم آهي تہ آءٌ نہ ڦاڙيندس.

بي بي فاطمہ رضہ:- ڇگو ادا ! تون وهنجي سهنجي اچ تہ پوءِ توکي صحيفو ڏيانئي.

حضرت عمر رضہ:- (ٻاهر نڪري وهنجي سهنجي اچي ٿو) هاڻي ڏيو صحيفو.

صحيفو وٺي حضرت عمر فاروق رضہ پڙهي ٿو.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ، وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يُحْيِيْ وَ يُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝ (١)

ترجمو:- الله تعالىٰ جي تعريف ۽ واکاڻ هر آسمان جي ۽ زمين جي مخلوق ڳائي ٿي. اهو غالب ۽ حڪمت وارو آهي. آسمان ۽ زمين جي حڪومت ان جي آهي ۽ اهو جياري، ماري ٿو. ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي.

آيتون پڙهندي جڏهن هن آيت تي پهتو: **اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ** (معنىٰ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو.) تڏهن حضرت عمر فاروق رضہ جي زبان مان آواز نڪري ٿو: واهہ جو هي پاڪ ڪلام آهيءِ واقعي مسلمان ٿيڻ گهرجي، ايمان آڻڻ گهرجي .

حضرت خباب رضہ کي ساڻ ڪري حضرت رسول الله ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ نڪري ٿو. ان مهل حضور جن صفا جبل جي پرسان ارقم صحابيءَ جي گهر ۾ تشريف فرما هئا. ساٿن صحابن جي جماعت بہ گڏ هئي. حضرت بلال رضہ دروازي جي ٻاهران دربان بنيو بيٺو هو.

حضرت عمر رضہ:- (حضرت بلال رضہ وٽ پهچي) آءٌ حضور ﷺ جن سان ملڻ گهران ٿو.

حضرت بلال رضہ:- ترسو ترسو تہ آءٌ حضور ﷺ جن کي ٻڌايان ۽

---

(١) سوره حديد

اهڙي اجازت وٺان.

حضرت عمر رضہ:- ها.

حضرت بلال رضہ:- حضرت ارقم جي گهر وٽي حضور ﷺ جن کي ٻڌائي ٿو) سائين ! ٻاهر خطاب جو پٽ عمر بيٺو آهي، تلوار هٿ ۾ اٿس. اندر اچڻ ۽ ملاقات ڪرڻ جي اجازت ٿو گهري.

حضور ﷺ جن:- عمر نيڪ ارادي سان آيو هوندو. ڇڏينس ته ڀلي اندر اچي.

حضرت حمزه رضہ:- سائين چڱي ارادي سان آيو هوندو ته نيڪ، نه ته تلوار به سندس هوندي منڍي به سندس.

حضرت عمر رضہ حضور ﷺ جن جي آڏو پهچي خاموش بيهي ٿو رهي.

حضور ﷺ جن :- عمر ! ڀيو ته خير آهي؟ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

حضرت عمر رضہ:- (ڪجهه ڏڪندي) سائين ! مسلمان ٿيڻ.

رسول الله ﷺ جن ته اڳ ۾ ئي اهڙي دعا پئي گهري. ۽ حضرت عمر رضہ جي واتان اهڙا اکر ٻڌي نعره تڪبير بلند ڪيائون ۽ ٻين صحابن سڀني ايڏو ته زور سان الله اڪبر جو نعرو هنيو جو مڪي جا جبل ان آواز سان گونجي ويا. (١)

●

حضرت رسول الله ﷺ جن عورتن جي جماعت ۾ وعظ فرمايو **تصدقن ولو من حليکن** (يعني خيرات گهڻي ڪريو ڀيو نه هجي ته پنهنجن ڳهن ڳٺن مان ئي ڪريو)

بي بي زينب رضہ حضرت عبدالله بن مسعود جي گهر واري، خيرات ڪرڻ ته گهري پئي پر دل ۾ خيال آيس ته منهن جو مڙس عبدالله ۽ ان جا ٻيا ياتي به غريب آهن. ڇو نه اها خيرات واري رقم خاوند تي خرچ ڪريان. ان خيال ايندي ئي حضرت عبدالله سان مشورو ڪري ٿي، جيئن حضور ﷺ جن کان وڃي اهو مسئلو پڇي اچي. پر حضرت عبدالله بن مسعود رضہ اهڙي سوال پڇڻ کان انڪار ڪري ٿو. لاچار بي بي زينب رضہ پاڻ حضور جن جي دروازي تي آئي،اتي اڳ ۾ ئي انصار جي هڪ مائي به اهڙي قسم جي مسئلي

---

(١) الفاروق ۽ سيرت بلال رضہ

پڇڻ لاءِ بيٺي هئي ۽ حضرت بلال رضہ دروازي تي دربان بنيو بيٺو هو.

بي بي زينب:- بلال ! تون وڃي رسول الله ﷺ جن کان مسئلو پڇ تہ هڪ عورت پنهنجي مڙس يا مڙس جي ھين غريب ياتين تي صدقہ ۽ خيرات خرچ ڪري سگهي ٿي. پر بلال ! اسان جو نالو نہ ڪٽجانءِ.

حضرت بلال رضہ حضور ﷺ جن کان مسئلو پڇي ٿو.

حضور ﷺ جن:- ڪير ٿو اهڙو مسئلو پڇي؟

حضرت بلال رضہ:- سائين هڪ زينب ۽ ٻي ....

حضور ﷺ جن:- ڪهڙي زينب ؟

حضرت بلال رضہ:- سائين زينب حضرت عبدالله بن مسعود جي گهر واري.

حضور ﷺ جن:- وڃي مسئلو ٻڌائينس تہ مڙس تي خرچ ڪرڻ سان عورت کي ٻہ ثواب ملندا، هڪ صدقي جو ثواب ٻيو مٽي مائٽيءَ جي ڳنڍڻ جو. (۱)

●

موتہ جي جنگ ۾ حضرت جعفر طيار (حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو ڀاءُ) شهيد ٿيو تہ ان جي گهر وارن ياتين ڏي حضور ﷺ جن اول پنهنجي دربان حضرت بلال رضہ کي موڪليو ۽ پوءِ پاڻ بہ اوڏانهن تشريف فرما ٿيا ۽ انهن کي فرمايائون تہ اڄ کان پوءِ منهنجي ڀاءُ (جعفر رضہ) تي ڪوبہ نہ روئي. (۲)

●

تبوڪ جي جنگ جي موقعي تي حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ حضور جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو.

حضرت ابوموسيٰ رضہ:- اي الله تعاليٰ جا پيارا نبي، منهنجن دوستن مونکي موڪليو آهي جيئن انهن لاءِ سواريءَ جو انتظام ڪيو وڃي تہ هو بہ تبوڪ جي جنگ تي هلن.

حضور ﷺ جن:- خدا جو قسم مون وٽ ڪابہ سواري نہ آهي.

حضرت ابوموسيٰ اشعري رضہ ڏکويل ٿي پنهنجن ساٿين ڏانهن موٽيو. پر ٿوري گهڙي مس گذري تہ حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي دربان حضرت

---

(۱) الصحيح البخاري (۲) غنية الطالبين ۾ سنن ابي دائود جي حوالي سان.

بلال رضہ کي موڪليو جيئن هو حضرت ابوموسيٰ رضہ کي وٺي اچي، حضرت بلال رضہ مذڪور صحابي سڳوري کي سڏي آيو، ۽ حضور ﷺ جن حضرت سعد رضہ صحابيءَ کان ڇهہ اٺ خريد ڪري حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ کي ڏنا جيئن هو پنهنجن ساٿين سميت انهن تي چڙهي تبوڪ جي جنگ لاءِ نڪري. (١)

●

اٺينءَ هجريءَ ۾ حضرت رسول الله ﷺ جن مڪي کي فتح ڪرڻ لاءِ نڪتا. رمضان شريف جو مهينو هئو. حضور جن روزا بہ رکندا پئي هليا. هڪ ڏينهن عسفان جاءِ کان ڪجهہ اورتي ٿي هئا تہ سج لٿو. اجا سج جي ٽڪي اکين کان غائب ٿي مس ٿي تہ حضور ﷺ جن پنهنجي خادم حضرت حضرت بلال رضہ کي فرمائڻ لڳا:

حضور ﷺ جن:- بلال ! اٺ تان لهي مون کي سَتون (٢) ٺاهي ڏي تہ روزو کوليان.

حضرت بلال رضہ:- سائين اجان سُجَهندو بيٺو آهي؟

حضور ﷺ جن:- بلال ! تون لهہ مون کي ستون ٺاهي ڏي.

حضرت بلال رضہ:- سائين اجا تہ سجهندو بيٺو آهي؟

حضور ﷺ جن:- ڇڱو تون لهي مونکي ستون ٺاهي ڏي.

حضرت بلال رضہ:- سائين ! هيتري سوجهري ۾ (ڏينهن ڏٺي جو) روزو کوليندؤ؟

حضور ﷺ جن:- بلال ! تون لهي ستون ٺاهہ. (اوڀر طرف اشارو ڪندي) جڏهن هن طرف کان رات جا نشان ظاهر ٿي وڃن تہ روزيدار کي روزو کولڻ گهرجي. (٣)

●

سرور ڪائنات ﷺ جن خيبر فتح ڪري پنهنجن ساٿين سپاهين سميت مدينہ منوره ڏي واپس وري رهيا هئا. رات جو بہ سفر پئي ڪيائون تہ ڏينهن جو بہ ڏونگر پئي ڏوريائون. وادي القريٰ وٽ پهتا تہ ڳپل رات گذري چڪي

---

(١) الصحيح البخاري (٢)ڪڻڪ ٽڙڪائي ڪٽي سفر ۾ ڪٽندا هئا. ان کي ستون چوندا هئا. سَتُن ۾ تورو پاڻي ۽ ڪجهہ مناهَہ ملائي سفر ۾ کائيندا هئا.

(٣) بذل القوه ۽ الصحيح البخاري.

هئي. صحابن سڳورن اوجاڳي سبب اوجهرائيون ڪائيندي حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو:

صحابي سڳورا:- سائين! ڪجھ ساهي پٽجي اک ڪوڙي ڪجي (ننڊ ڪجي).

حضور ﷺ جن:- ننڊ ڪجي پر سيني کي ننڊ وٺي وڃي ته پوءِ فجر جي نماز لاءِ ڪير جاڳائيندو؟

حضرت بلال رضه:- سائين! آءٌ ڪٽي جاڳان ٿو. توهان سڀ ننڊ ڪريو نماز لاءِ آءٌ اٿاريندس.

حضور ﷺ جن ۽ سندن سڀ ساٿي سوارين تان لهي پيا. هڪ سفر کان ساٿا ٿيل ڀيو اوجاڳي جا ستيل. سو هنن جي رڳو سمهڻ جي دير هئي. اجا پاسو ورايائون ئي مس ته گهريءَ ننڊ ۾ پئجي ويا.

هوڏانهن حضرت بلال رضه به پنهنجي ننڊ ڦٽائڻ لاءِ ڪڏهن نماز ۾ مشغول ٿئي ٿو، ته ڪڏهن چڪر ڪاٽڻ ۽ ذڪر ڪرڻ ۾. هن جي ڪچهريءَ ڪرڻ وارا سڀ ساٿي ستا پيا آهن، ته وقت ته ڪنهن به نموني پاس ڪرڻو آهي.

ڪجھ وقت کان پوءِ پنهنجي ويٺل اٺ کي ٽيڪ ڏئي، اوير مهڙ ڪري، ياڪ ڦٽڻ جي انتظار ڪرڻ لاءِ، ويهي رهي ٿو. جيئن پرھ ڦٽي ته فجر جي بانگ ڏئي ساٿين کي سجاڳ ڪري. ائين نهاريندي نهاريندي حضرت بلال رضه جون اوجاڳيل اکيون وڏيڪ اوجاڳي جي سٽ سهي نه سگهيون ۽ حضرت بلال رضه به ننڊ ۾ نهوڙ جي ويو.

حضور ﷺ جن ۽ سندن سڀ ساٿي، حضرت بلال رضه سميت تيسين ننڊ ۾ رهيا جيسين سج جو تڙڪو تپي هنن کي ڪوسو ڪرڻ لڳو.

سڀ کان اول حضور ﷺ جن ننڊ مان جاڳن ٿا ۽ اول حضرت بلال رضه کي ننڊ مان اٿارن ٿا.

حضور ﷺ جن:- بلال اهو ڇا ڪيئي؟ (تو جو چيو پئي ته آءٌ جاڳان ٿو)

حضرت بلال رضه:- (ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿندي) سائين! فداڪ ابي وامي (ابو امان گهوريان) بس! جنهن ذات توهان کي ننڊ ڏني ان مونکي به ننڊ ۾ نهوڙيو. پر سائين! اڄ جهڙي ننڊ مونکي ائين ڪڏهن به نه آئي

هوندي.

حضور ﷺ جن:- بس ! انسان جو روح الله تعالىٰ جي قبضي ۾ آهي. جڏهن ڪڏي ۽ جڏهن گهري ته واپس فرمائي. ائين فرمائي رسول الله ﷺ جن ٻين صحابن سڳورن کي به اٿارن ٿا ۽ فرمائن ٿا ته: هتان کان ٿورو اڳتي هلي نماز پڙهو ۽ ٿورو اڳيرو هلي، حضرت بلال رضه کي فرمايائون ته بلال ! بانگ ڏي ته نماز پڙهون. حضرت بلال رضه بانگ ڏني ۽ تڪبير چئي، حضور ﷺ جن نماز پڙهائي. سلام ورائي صحابن سڳورن کي سمجهائيندي فرمايائون ته جڏهن به ائين نماز وسري وڃي ته جڏهن به ياد اچي تڏهن نماز پڙهجي. ڇو ته الله تعالىٰ فرمايو آهي أَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ (معنىٰ جڏهن نماز ياد اچي تڏهن پڙهو)

●

حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضه کي حڪم فرمايو ته: جلد تيار ٿي اچ، دومة الجندل تي چڙهائيء لاء جيڪو لشڪر موڪلٽو آهي، ان جو امير توکي بنائي موڪلٽو آهي.

حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضه ويو ۽ هڪ ڪاري سوٽي ڪپڙي جو پٽڪو ٻڌي تيار ٿي موٽيو. حضور ﷺ جن هن کي پاڻ وٽ ويجهو گهرائي پَٽڪي متعلق فرمايو ته پٽڪو ائين ته ٺٺو نهي ۽ سندس پٽڪو لاهي ٻيهر پنهنجن هٿن مبارڪن سان پَٽڪو ٻڌائونس ۽ پٽڪي جو ترو ننڍو ڇڏيائون. حضرت عبدالرحمٰن رضه جي مٿي تي پٽڪو ٺاهي ٻڌي فرمايائونس ته: عوف جا پٽ ! پٽڪو ائين ٻڌبو آهي. ڏس ته ڪهڙو نه سهڻو ٿو لڳي.

ان کان پوء حضور ﷺ جن حضرت بلال رضه کي حڪم فرمايو ته جهنڊو کڻي حضرت عبدالرحمان کي ڏي. حضرت بلال رضه جهنڊو کڻي ڏنو.

حضرت عبدالرحمان رضه:- الله تعالىٰ جا احسان جنهن مون جهڙي ٻانهي کي نوازيو.

حضور ﷺ جن :- اي ابن عوف اهو (جهنڊو) وٺ ۽ وڃي الله جي رستي ۾ لڙو. ڪافرن کي قتل ڪيو پر ٺڳي نه ڪجو. ڪوٽ نه ڪجو. ڪنهن ٻار کي به نه مارجو. ڪنهن جو نڪ چپ نه ڪپجو.

---

(١) البداية والنهاية

حضرت عبدالرحمٰن رضہ حضرت بلال رضہ کان جھنڊو وٺي دومة الجندل ڏانهن روانو ٿي ويو. (١)

●

حضرت ابي عبدالرحمٰن الفهري رضہ فرمايو: حنين جي جنگ واري ڏينهن گهوڙي تي چڙهي رسول الله ﷺ جن وٽ آيس. پاڻ سڳورا پنهنجي تنبوءَ ۾ هجن. مون اچي السلام عليڪ ورحمة الله چيو. حضور جن سلام جو جواب ڏئي حضرت بلال رضہ کي سڏ ڪيو.

حضرت بلال رضہ:- لبيڪ وسعديڪ (جيءُ سائين) صدقي ٿيان.

حضور ﷺ جن:- منهنجي گهوڙي کي تہ سنج.

حضرت بلال رضہ:- حاضر سائين.

حضرت بلال رضہ ہہ وهاڻيون پاڻ ۾ ملايل ڪٺي آيو انهن ۾ ڪاہر پريل هئو. وهاڻيون مٿان لسڙيون تہ هيون پر منجهن ڪا ٺٺر ٺانءُ نہ هئي. حضرت بلال رضہ انهن وهاڻين سان گهوڙي کي سنجي بيهاريو. حضور جن تنبوءَ مان نڪري گهوڙي تي چڙهي مون سان گڏ هليا. (٢)

●

حضرت انس رضہ فرمايو تہ : رسول الله ﷺ جنگي خيبر کان مدينہ منوره تائين پهچڻ ۾ ٽي ڏينهن لڳي ويا. واٽ تي هڪ جاءِ تي حضور ﷺ جن بي بي صفيہ رضہ سان شادي ڪئي. ان خوشيءَ ۾ ڪاڏي جو انتظام ہہ ڪيائون. ماڻهن کي دعوت ڏيڻ آءُ ويس. ڪاڏي ۾ مانيءَ گوشت تہ هيو ئي ڪونہ باقي حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون تہ چادر وڇاءِ. هن چادر وڇائي ان تي ڪجهہ ڪتل ڪجهہ پنير ڪجهہ گهہ رکيو ويو. (٣)

●

حضرت وهب بن عبدالله رضہ فرمايو تہ مون حضور ﷺ جن کي ڳاڙهي چمڙي جي تنبوءَ ۾ ڏٺو. ۽ مون ڏٺو تہ حضرت بلال رضہ حضور جن لاءِ وضوءَ جو پاڻي کڻي بيٺو هو. حضور جن وضو ڪن پيا تہ ماڻهو ڪرنڊڙ پاڻي جهٽي پنهنجي بدن کي مکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر جيڪا هن

---

(١) سيرت ابن هشام ج ٢ ۽ البداية والنهاية ج ٥ صفحو ٢٢٠

(٢) البداية والنهاية ج ۴ صفحو ٣٣١ (٣) البداية والنهاية ج ۴ صفحو ١٩٦

کنهن کي اهو پاڻي مبارڪ نہ پئي هٿ اچي سگهيو تہ ٻئي جي آلن هٿن تي هٿ لائي پنهنجي بدن کي مکي رهيو هو.

مون ڏٺو تہ حضرت بلال رضہ حضور جن جي ڪندري (ٻرڇي) کڻي آيو ۽ انکي زمين تي کوڙيائين. حضور ﷺ جن تنبوءَ مان نڪتا تہ ڪين ڪجهہ ڳاڙهن ليڪن وارا ڪپڙا پاتل هئا. حضور جن ٻرڇيءَ جي سامهون بيهي ٻہ رڪعتون نماز ماڻهن کي پڙهائي ۽ ٻرڇيءَ جي هن پاسي کان ماڻهو يا جانور گهمي رهيا هئا. (١)

●

حضرت حارث البڪري ٿو فرمائي تہ آءٌ علاء بن الحضرميءَ جي دانهن کڻي حضور جن سان ملڻ لاء مدينہ منوره ۾ پهتس. ڏٺم تہ مسجد ماڻهن سان ڪچا ڪچ ڀريل هئي ۽ ٻاهر هڪ ڪارو جهنڊو ڦڙڪي پيو. ۽ حضرت بلال رضہ تلوار ڪلهي ۾ لٽڪايو رسول الله ﷺ جن جي آڏو (خادم بنيو) بيٺو هو. پڇا ڪيم تہ هي ماڻهو ڇو گڏ ٿيا آهن. جواب مليو تہ: رسول الله ﷺ جن حضرت عمرو بن العاص رضہ کي لشڪر ڏئي ڪنهن طرف موڪلي رهيا آهن. (٢)

●

بيبي ام الحصين رضہ فرمايو تہ آءٌ حجہ الوداع واري ڏينهن رسول الله ﷺ جن سان گڏ هيس. ان ڏينهن مون حضرت اسامہ ۽ حضرت بلال رضہ کي ڏٺو. هڪڙو انهن مان حضور جن جي ڏاچيءَ جي مهار وٺيو پئي هليو تہ ٻيو وري مٿي ڪپڙو ٽنگي حضور ﷺ جن تي ڇانو ڪرڻ لاء پاڇو ڪري رهيو هو. ايئن پٿرين ڇٽڻ واري پوئين پٿر تائين هنن کي ڏٺم. (٣) ٻي هڪ روايت مطابق حضرت بلال رضہ ڏاچيءَ جي مهار جهليو پئي هليو ۽ حضرت اسامہ رضہ ڇانو ڪري رهيو هو. (۴)

ان کان سواء ٻيون بہ ڪيتريون ئي خدمتون حضرت بلال رضہ جي حوالي هونديون هيون مثلاً: صفون سڌيون ڪرڻ وغيره.

طبقات ابن سعد ۾ آهي تہ حبش جي بادشاہ نجاشيءَ حضرت رسول الله

---

(١) الصحيح البخاري (٢) البداية والنهاية ج ۵ صفحو ٨۴

(٣) البداية والنهاية ج ۵ صفحو ١٨٧ (۴) البداية والنهاية ج ۵ صفحو ١٩٦

ﷺ جن ڏانهن تي لنيون هديہ طور موڪليون هيون. انهن مان هڪڙي پاڻ ڪنيائون. ٻي حضرت علي رضہ کي ۽ ٽين حضرت عمر بن الخطاب رضي الله عنہ کي ڏنائون. جيڪا لٺ حضور جن پنهنجي لاء پسند ڪئي هئي. اها حضرت بلال جي حوالي هوندي هئي. عيدن جي موقعي تي لٺ هٿ ۾ ڪٺي حضور جن سان گڏ هلندو هو ۽ نماز واري جاء تي سندن آڏو اها لٺ کوڙيندو هو.

حضور ﷺ جن ڪان پوء اها ساڳي لٺ ڪٺي حضرت بلال رضہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي آڏو هلندو هو ۽ عيدگاهہ ۾ هن جي آڏو نماز لاء اها لٺ کوڙيندو هو.

استادي

ثعلب قبيلي جو جبار نالي هڪ ماڻهو حضرت رسول الله ﷺ جن وٽ پهتو. جڏهن مسلمان ٿيو تڏهن حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو تہ ان کي دين اسلام جي تعليم ڏئي ۽ سندن اهو اصول هوندو هو، جو جڏهن بہ ڪو نئون مسلمان ٿيندو هو تہ حضور ﷺ جن ان جي لاء ديني تعليم جو بندوبست ڪندا هئا. (٢)

سرداري ۽ سروري

چيو ويو آهي تہ ابو البشر آدم عليہ السلام آهي. سيد العرب (والعجم) حضور اقدس ﷺ آهن. حضرت سلمان رضہ سيني فارسين جو سردار آهي. اهڙي طرح رومين جو سردار صهيب رضہ ۽ حبشين جو سردار حضرت بلال حبشي رضہ آهي. سيني شهرن جو سردار مڪو مڪرم آهي. سيني وادين ۾ پلاري وادي بيت المقدس آهي. ڏينهن جو سردار جمعي جو ڏينهن، راتين جي سردار قدر واري رات آهي. ڪتابن جو سردار قرآن شريف ۽ پٿرن جو سردار حجر اسود، کوهن جو سرادر زمزم جو کوهہ آهي (٣).

---

(١) طبقات ابن سعد ج ٣ صفحو ٢٣٥ (٢) محمد رسول الله ﷺ. صفحو ٣٥٨

(٣) غنية الطالبين. صفحو ٣٥٩

حضرت بلال رضہ کي مبارڪ

حضرت رسول الله ﷺ جن حنين جي جنگ تان موٽندي جڏهن جعرانہ وٽ پهتا (مڪي ۽ مديني جي وچ تي هڪ جاءِ آهي) ساڻن گڏ حضرت بلال رضہ بہ هو. اتي هڪ اعرابي آيو. (اعرابي ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ کي چئبو آهي.)

اعرابي:- يا رسول الله ! توهان مون سان جيڪو وعدو ڪيو هو اهو اڃا پورو نہ ڪندؤ ڇا؟

حضورﷺ جن:- مبارڪ اٿئي.

اعرابي:- چاجي ٿا مبارڪ ڏيو، اهڙين سڪٽين مبارڪن تي ڪيئن خوش ٿيان؟

حضور ﷺ جن:- (ان اعرابيءَ تي ڪجهہ رنج ٿيندي ۽ حضرت ابوموسيٰ ۽ حضرت بلال رضہ ڏي مهڙ ڪندي) هن اعرابيءَ منهنجيءَ ڏنل مبارڪ کي موٽايو آهي. توهان ٻئي مبارڪ قبول ڪيو.

ٻئي صحابي:- جيءُ سائين بيشڪ قبول ڪئي سين.

حضرو ﷺ جن:- ڪنهن پيالي ۾ پاڻي ڪٽي اچو.

صحابي:- (پاڻيءَ جو پيالو آڻيندي) اجهو سائين.

حضور ﷺ جن:- (ان پيالي ۾ پنهنجو هٿ منهن ڌوئي، ان ۾ پنهنجي گرڙي وجهندي) اچي هي پاڻي وٺو. ان مان ڪجهہ پيئو بہ ۽ ڪجهہ منهن تي بہ وجهو.

ٻنهي صحابن سڳورن ائين ئي ڪيو. پر اڃا پيالو ورتائون ئي مس تہ پٺيان تنبوءَ مان بي بي ام سلمہ (ام المومنين رضي الله عنها) آواز ڪيو تہ: ڪجهہ پنهنجي ماءُ لاءِ بہ بچائجو. حضرت بلال رضہ ۽ حضرت ابو موسيٰ رضہ ڪجهہ پاڻي بچائي حضرت بي بي ام سلمہ رضہ ڏانهن موڪليو. (۱)

حضرت بلال رضہ کي پارت

حضرت مڪحول رضہ فرمايو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت بلال

---

(۱) البداية والنهاية ج ۴ صفحو ۳۶۰

رضہ کي فرمايو تہ بلال ! سومر جو روزو سدائين رکندو ڪجانء، ڪڏهن بہ نہ ڇڏجانء ڇو تہ: ان ڏينهن تي آءٌ ڄائو آهيان. ۽ ان ئي ڏينهن تي مون ڏي (پهريون) وحي آيو ۽ ان ئي ڏينهن تي مون هجرت ڪئي. (١)

ٽي ڪارڙا حبشي

هڪ دفعي حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٽي ماٺهو رنگ جا ڪارا آهن باقي ڏاڍا ڀلا آهن.

(١) حضرت لقمان (حڪيم) (٢) حضرت بلال رضہ (٣) مهجع (رسول الله ﷺ جن جو غلام)

اها حديث علامہ زرقانيء پنهنجي ڪتاب المختصر المقاصد ۾ آندي آهي.

---

(١) اسد الغابہ ج ١ صفحو ١٨

مکي ڏانهن

حضرت بلال رضہ پنهنجي گذريل ڏينهن کي ياد ڪندي، فڪر جي اٿاهہ سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻڻ لاءِ پاسائيتو ويهي سوچن ۾ گم ٿي ويجي ٿو تہ ڪيئن نہ اڳ ۾ هو هڪ غلام هئو. اميہ جي هٿان مارون کائيندو هو، ابوجهل هن کي گهلرائيندو هو. ڪيئن نہ عتبو ننڊن ٻارن کي مٿس ٻچ ڪري تڪليفون ڏياريندو هو.

وري هجرت کي ياد ڪندي سوچي ٿو تہ: ڪيئن نہ پنهنجي پياري وطن مکي مڪرمہ کي ڇڏي ، مديني منوره ڏي آيو هو. واڻ تي حضرت عمار رضہ ۽ حضرت سعد رضہ سان ڪيل ڪچهرين کي ياد ڪندي مديني ۾ پهچڻ شرط تيل بخار کي ياد ڪري ٿو. وري بدر جي جنگ وارو گذريل نقشو پنهنجي ذهن تي آڻيندي خوش بہ ٿئي پيو تہ ڪيئن نہ هن جا سڀ ستائيندڙ مري ڳري بدر جي ٻٽي کوه ۾ ختم ٿي چڪا هئا.

اهڙيون پراڻيون يادون دهرائيندي سوچي ٿو تہ: هاءِ جيڪر هو ٻيهر مکي شريف وڃي ها، ڪعبة الله جو ديدار ڪري ها. صفا مروي تي ڊوڙي ها. مکي جي گهٽين ۾ آزديءَ سان گهمي ڦري ها.

ڀلا نہ هوندو مکي ۾ اميہ نہ اميہ جو پٽ جيڪي هن کي روڪيندا، نہ هوندو ابوجهل ۽ نہ ان جا ساٿي جيڪي هن تي ڪاوڙ ڪندا. نہ هوندو عُتبو ۽ شيبو جو هن کي وڙهندا.

خيال ڪري ٿو تہ جيڪر هن کي پر هجن تہ پل ۾ اڏامي، اوڏي مهل ئي وڃي مکي ۾ پهچي. پر حضرت بلال رضہ کي في الحال اها خبر بہ نہ آهي تہ ڪو مکي جو ديدار اڪئين ئو ڏسجي ۽ هو انهن سوچن بدران سچ پچ مکي جي گهٽين ۾آزاديءَ سان گهمندو ڦرندو ۽ ڪعبة الله تي چڙهي وڏي واڪي بانگ ڏيندو ۽ اتي نمازون ادا ڪندو.

حضور ﷺ جن جو خواب

هڪ ڏينهن حضرت رسول الله ﷺ جن مسجد نبويءَ ۾ ويٺا هئا ۽ سندن چوڌاري سندن پيارا صحابي سڳورا ويٺا هئا. پاڻ پنهنجو خواب ٻڌائين ٿا تہ: اسان مسجد الحرام ۾ ويا آهيون ۽ ڪعبة الله جو طواف ڪيو اٿئون.

حضرت بلال رضہ اهڙو حضور جن جو خواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. چو تہ هن کي يقين آهي تہ: سرور ڪائنات ﷺ جن جو مبارڪ خواب ضرور سچو ٿيندو. ۽ دلي تمنا پوري ٿيندي. حياتي هوندي تہ انشاء الله مڪي شريف کي هلي ڏسبو.

ان خواب کان پوءِ حضور ﷺ جن تياري ڪئي،صحابي سڳورا بہ تيار ٿيا. ڪعبة الله جي زيارت لاءِ سڀ روانا ٿيا. پر جڏهن ثنية المرار جاءِ وٽ پهتا. تڏهن حضور ﷺ جن جي مبارڪ ڏاچي قصويٰ اڳتي هلڻ کان نابري واري ويهي رهي. پاڻ فرمايائون تہ هن ڏاچي کي ان ذات هلڻ کان جهليو آهي، جنهن هاٿين جي حملي کي ڪعبة الله آڏو ناڪام ڪري ڇڏيو هو.

نيٺ صلح حديبيہ ٿيو ۽ حضور ﷺ ۽ سندن ساٿي في الحال مڪي شريف جي زيارت ڪرڻ کان سواءِ ئي واپس مديني ڏي موٽيا.

حضرت بلال رضہ موٽندي ڳڻتيون ڪندي پئي موٽيو تہ الائي ڪڏهن اهو ڏينهن ايندو جو هو مڪي کي وري ڏسندو.

هند جو خواب

مڪي شهر ۾ صبح جو سوير ابوسفيان جي گهر ۾ سندس گهر واري هند جيئن ننڊ مان سجاڳ ٿي، تيئن من ۾ مونجهہ ۽ ملولائپ محسوس ڪرڻ لڳي. هن جي اندر ۾ آنڌمانڌ ۽ بي قراري هئي. نيٺ پنهنجي مڙس ابوسفيان کي سڏي چوڻ لڳي تہ:

هند:- اي خاوند! مون رات هڪ خواب ڏٺو آهي تہ مڪي جي حَجون پاڙي مان ڇڻ رت جي ڇروهي هلي آهي. ۽ اها ڇروهي وڃي خندمہ تائين پهتي آهي. ان خواب مونکي ڊيڄاري ڇڏيو آهي. (ائين چئي هند هڪ دم هڙي پري ٿي)

ابوسفيان:- واقعي خواب ڊيڄاريندڙ آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ محمد

(ﷺ) مکي تي حملو ڪندو ۽ رتو ڇاڻ ڪندو.

هند:- تي سگهي ٿو. (وري هڪ ڏُرهڙي پيري ٿي.)

ائين سوچيندي هند ويتر ڳڻتيءَ ۾ پئجي وڃي ٿي. ڇو تہ هن کي پنهنجا ڪيل پراڻا ڪرتوت ياد پون ٿا. تہ ڪيئن نہ هن احد جي جنگ ۾ مسلمانن جي لاشن جا ڪن ۽ نڪ ڪپي ڌاڳي ۾ پوئي هار ٺاهي جبير جي غلام وحشيءَ کي ڏنا هئا. ۽ ڪيئن نہ هن نالائقي ڪندي احد جي جنگ ۾ حضرت امير حمزه رضہ جو مبارڪ پيٽ چيري جيرو ڪڍي ڏندن سان چٻاڙيو هو.

هند پنهنجا اهڙا ڪڏا ڪرتوت ياد ڪري وري راتوڪي ڏٺل خواب کي ياد ڪري ٿي ۽ ڳڻتين ۾ ڳري ٿي. سندس منهن جو رنگ مٽبو سٽبو رهي ٿو. ڇو تہ هن کي پڪ آهي تہ مسلمانن مڪو فتح ڪيو تہ مون کان انتقام ضرور وٺندا. الائي ڪهڙو حال ٿيندو؟ (١) هند کي خواب ڏٺي ايجا ڪجهہ ڏينهن مس گذريا تہ رمضان شريف جي مهيني ۾ حضرت رسول الله ﷺ جن مکو فتح ڪيو.

---

(١) محمد رسول الله صفحو ٥٩٢

حضرت بلال رضہ مڪي ۾

حضرت رسول الله ﷺ جن ۽ سندن ساٿين کي جنهن مڪي مان لوڏيو ويو هو ۽ لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو هو، جن لاءِ مڪي ۾ جيئڻ تنگ ڪيو ويو هـو اهي ساڳيا صحابي ۽ سندن آقا ١٩ رمضان شريف اٺين هجريءَ ۾ جمع ڏينهن مڪي ۾ فاتحانہ انداز سان داخل ٿيا. (١) موسم جي لحاظ کان اهو جنوريءَ جو مهينو هو. (٢)

حضور ﷺ جن پنهنجن ساٿين سميت ثنية العليا جي پاسي کان مڪي ۾ داخل ٿيا هئا. حضور جن ان وقت قصوئي ڏاچي تي چڙهيل هئا. ڪين لوهي زرهہ پاتل هئي ۽ لوهو خود (ٽوپلو) مٿي تي هئو. ان جي مٿان ڪارو پٽڪو ٻڌل هو. سندن زبان مبارڪ تي هي آيتو تہ جاري هيون اِنَّا فَتَحْنَالَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا (٣)

حضور ﷺ جن صحابن کي ساڻ ڪري ڪعبة الله جو طواف ڪيو. حضرت بلال رضہ بہ ساٿن گڏ هو. جڏهن رڪن يمانيءَ کان لنگهيا تڏهن خوش ٿيندي نعرہ تڪبير بلند ڪيائون. صحابن سڳورن ايترو تہ زور سان الله اڪبر چيو جو مشرڪن جون وايون وِلوِليون ٿي ويون. مشرڪن مان گهڻا تہ مڪي کي چڌي ۾ پرو پهاڙين تان چڙهي مسلمانن جي ڪارروائين کي ڏسي رهيا هئا. حضرت بلال رضہ ڪنهن مهل مسلمانن جي جوش ۽ جذبي واري نعرہ تڪبير کي ڏسي رهيو هو تہ ڪنهن مهل مشرڪن کي ڏسي دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهيو هو. ڇو تہ هن جي دل ۾ جيڪا ڪعبة الله جي ڏسڻ جي تانگهہ سالن کان سانديل هئي اها هن جي تمنا اڄ الله تعاليٰ پوري ڪئي هئي.

حضرت بلال رضہ ڪعبي ۾ اندر

حضور ﷺ جن ڪعبة الله جو طواف پورو ڪري زم زم جو پاڻي پي مسجد الحرام ۾ پاسائتو ٿي ويٺا . سندن پاسي ۾ حضرت بلال رضہ تلوار

(١) بذل القوة (٢) محمد رسول الله ﷺ (٣) البداية والنهاية ج ۴ صفحو ٢٩٣

هٿ ۾ جهليو (محافظن وانگر) بيٺو هو. پاڻ حڪم فرمايائون تہ ڪعبي جي ڪنجيدار عثمان بن طلحہ کي سڏي اچو. حضرت عثمان بن طلحہ يڪدم حاضر ٿيو. پاڻ ان کان ڪعبي جي ڪنجي وٺي درڪولي اندر گهڙيا (١)

حضور ﷺ جن سان ڪعبة الله ۾ اندر حضرت بلال رضہ، حضرت اسامہ بن زيد رضہ ۽ عثمان بن طلحہ رضہ بہ گڏ گهڙيا. پوءِ حضور جن اندران ڪعبة الله جو در بند ڪري ڇڏيو جيئن ٻيو ڪوبہ اندر نہ اچي سگهي. (٢)

حضور ﷺ جن ڪعبي شريف ۾ ٻن يمني ٿنڀن جي وچ ۾ بيهي ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي. سلام ورائي هيڏي هوڏي ڪعبي جي ڀتين ڏي نهارڻ لڳا. ڪين عجب لڳي رهيو هو. ڇو تہ ڪعبة الله جون ڀتيون بتن ۽ مورتين سان ڀريون پيون هيون. ٻئي پاسي ملائڪن جون هٿ ٺوڪيون تصويرون ڀتين تي چاپيون ويون هيون ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي شڪل تي پٿرن جا گهڙيل بت ايا ڪري بيهاريا ويا هئا. انهن جي هٿن ۾ ڪجهہ تير ڏنا ويا هئا، جيئن مشرڪ انهن تيرن سان ڪٿا (پُڪا) وجهي سگهن.

حضور ﷺ جن اهو لقاءُ ڏسي فرمائڻ لڳا تہ مشرڪن تي الله تعاليٰ جي مار پوي جن اسان جي ڏاڏي ابراهيم عليه السلام سان ڪهڙي نہ جٺ ڪئي آهي. نہ تہ ڪاڏي حضرت ابراهيم عليه السلام جي توحيد واري تعليم ۽ ڪاڏي هي بت ۽ ازلام. ائين چئي هيءَ آية سڳوري پڙهڻ لڳا.

مَا كَانَ اِبْرَاهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَانَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ●

ترجمو: حضرت ابراهيم عليه السلام نڪو يهودي هئو نہ ڪو عيسائي هئو. پر هو تہ پڪو مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نہ هو.

ان بعد حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي لٺ مبارڪ سان هڪ هڪ بُت کي چوڪ ڏيندا ڪيرائيندا بہ وڃن پيا ۽ چوندا وڃن پيا:

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ، اِنَّ الْبَاطِل كَانَ زَهُوْقًا.

ترجمو: چؤ تہ حق آيو باطل ڀڳو. بيشڪ باطل جو ڪم ئي ڀڄڻ آهي. گهڻن تاريخ دانن جو چوڻ آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن ڪعبة الله

---

(١) الصحيح البخاري ۽ سيرة ابن هشام (٢) الصحيح البخاري

جي اندر سڄي عمر مبارڪ ۾ رکيو اهو هڪ دفعو فتح مڪي واري ڏينهن ئي داخل ٿيا هئا. نه ان کان اڳ ۾ نه ان کان پوءِ. (۱) ڏسو ته ان موقعي تي به حضرت بلال رضہ حضور جن سان ڪعبة الله ۾ اندر ڪڏ هو.

حضور ﷺ جن بت ڀڃي ڪعبة الله جو دروازو کولي ڪعبي جي در جي چائٺ تي مٿي بيهي تقرير ڪرڻ لڳا:

الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ معبود نه آهي. اهو هڪ آهي۽ان جو ڪوبہ شريڪ نه آهي۽ان الله پنهنجا ڪيل واعدا سڀ پورا ڪيا. ان الله پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) جي مدد ڪئي ۽ ان مخالفن کي شڪست ڏني. خبردار! هر قسم جو نسلي، قبائلي ۽ خانداني شرف سڀ بيڪار آهي. انسان سڀ حضرت آدم عليه السلام مان پيدا ٿيا آهن. ۽ آدم عليه السلام مٽيءَ مان پيدا ٿيو (۲).

حضرت بلال رضہ ڪعبي جي ڇت تي

فتح مڪي واري ڏينهن ٻپهريءَ جو ٽائيم ٿيو ته حضور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنو ته ٻپهريءَ جي بانگ ڪعبة الله جي ڇت تي چڙهي ڏئي. حضرت بلال رضہ مٿي چڙهيو بانگ شروع ڪيائين.

الله اڪبر ، الله اڪبر.

الله اڪبر ، الله اڪبر.

مڪي جي مشرڪن جي ڪن تي بانگ جو آواز پهتو ته سندن نظرون ڪعبة الله جي ڇت ڏانهن کڄي ويون. اندر ئي اندر ۾ ڪامي وڃن ٿا. هوٺئن ڪري ته ڪجهه به نه پيا سگهن پر چميگوئيون خوب ڪري رهيا هئا.

عتاب بن اسيد:- چا محمد (ﷺ) کي اهڙي ڪاري ڪلوٽ (نعوذبالله) کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو ئي هٿ ڪونہ آيو، جنهن کان بانگ ڏياري ها؟

حڪم بن عاص (مشرڪ):- سچ پچ ته اها هڪ وڏي صدمي جهڙي ڪارروائي آهي جو بنو جمح (اميہ) جو هڪ غلام ائين ڪعبي جي ڇت تي چڙهي ۽ وات ڦاڙي بانگون ڏيندو وتي.

ابوسفيان:- بس يار آءُ ته ڪجهندس ئي ڪونہ ڇو ته نبيءَ (ﷺ) کي نه خبر پوندي ته پوءِ ....

---

(۱) بذل القوه (۲) محمد رسول الله ﷺ (ڪتاب)

عتاب بن اسيد:- يار يلا ياڳ ٿيا ابي سائين اسيد جا، جنهن اڄوڪي ڏينهن ڏسڻ کان اڳ ۾ ئي لاڏاڻو ڪيو، ۽ هھڙو ڏکوئيندڙ ڏينهن نہ ڏٺو.

هڪڙو مشرڪ:- ڏس تہ ! چڙهيو ڪٿي آهي؟ ڇا ڪارو غلام ۽ ڇا ڪعبي جي ڇت؟

ٻيو مشرڪ:- ڇڏنيس! ڇڏنيس! جيڪڏهن اها ڪعبي جي بي ادبي الله تعاليٰ کي نہ وڻندي تہ پاڻهي بلال کان انتقام وٺندو.

۽ ڪمزور مشرڪ وري پري کان ئي حضرت بلال رضہ جا ڇيارا ڪڍڻ لڳا. (١)

مطلب تہ مشرڪن جا جيترا هٿا ماڻهو اوترا هٿا وات، جيترا هٿا وات اوتريون هيون ڳالهيون. هو اندر ئي اندر ۾ جلندا پچندا رهيا. هوڏانهن حضرت بلال رضہ جي بانگ حي علي الفلاح، حي الفلاح. الله اڪبر الله اڪبر. لا الٰه الا الله تي پهتي.

حضرت بلال رضہ ان وقت ڏاڍو خوش هو. ڇو تہ ڪڏهن اهو وقت هو جو ڪعبو تہ ڇا؟ مڪي جي گهٽين ۾ بہ آزاديءَ سان گهمي نہ سگهندو هو. پر اڄ هن جي قسمت اهڙي تہ چمڪي هئي جو ڪعبي ۾ اندر گهمي تہ سندس مرضي ۽ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي بانگ ڏئي تہ سندس هٿ ڪان وٺڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هو.

ڪن تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضور ﷺ جن عمرة القضا جي وقت (جيڪو ستين هجريءَ ۾ ڪيو هئائون) بہ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايو هو تہ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي بانگ ڏئي ۽ حضرت بلال رضہ ان ڏينهن بہ ڇت تي بانگ ڏني هئي. (٢)

هڪ دفعي حضرت عبدالله بن عمر رضہ حضرت بلال رضہ وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن ڪعبة الله ۾ اندرڪهڙي جاء تي نماز پڙهي هئي. حضرت بلال رضہ حضرت ابن عمر رضہ کي اها جاء ٻڌائي هئي. ان کان پوءِ حضرت ابن عمر رضہ جڏهن بہ ڪعبة الله ۾ اندر داخل ٿيندو هو تہ دروازي جي سامهون سڌو هليو ويندو هو. ۽ سامهون واري پٽ کان ٽي هٿ

---

(١) (ڪتاب) محمد رسول الله ﷺ صفحو ٦٢٥ (٢) البداية والنهاية

ڪن پري بيهي نماز پڙهندو هو ۽ ٻڌائيندو هو تہ مون کي حضرت بلال رضہ ٻڌايو هو تہ هيءَ اها جاءِ آهي، جتي حضور ﷺ جن فتح مڪي واري ڏينهن نماز پڙهي هئي. (١)

اها جاءِ ٻن ٿنين جي وچ ۾ هئي، ۽ انهن ڏينهن ۾ ڪعبي جي ڇت ڇهن ٿنين تي بيٺل هئي، ٽي هڪ قطار ۾ هئا ۽ ٽي ٻيءَ قطار ۾ هئا. ان جاءِ تي نماز پڙهڻ سان نمازيءَ جي پٺي سڌو سنئون ڪعبي جي دروازي ڏي ٿيندي هئي. (٢)

(١) سيرت ابن هشام ج ٢ صفحو ٤١٣ (٢) الصحيح البخاري

حضرت بلال رضہ جي ڀاءُ جي شادي

مسجد نبويءَ ۾ مجاهدن لاءِ ڪجهہ خرچ پڪو تقسيم ٿيو تہ ٻين سان گڏ حضرت بلال رضہ بہ پنهنجو حصو ورتو. ونڻ ڪان پوءِ سوچ ۾ آهي تہ اهو سامان سڙو ڪاڏي ڪري. ڀلا ! نہ هن ڪي گهر گهاٽ، نہ زال نہ ٻار ۽ نہ اوطاق يا ڀانڊو. ائين سوچيندي حضرت بلال رضہ ڪي حضور ﷺ جن جي ڪيل نصيحت ياد اچي وڃي ٿي. حضور ﷺ جن جا اهي نصيحت ڀريا اکر حضرت بلال رضہ جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا،جن سان هن ڪي فرمايو هئائون تہ:

يَا بِلَالَ مُتْ فَقِيْرًا وَّلَا تَمُتْ غَنِيًّا

اي بلال هن دنيا مان وڃين تہ مسڪين ٿي وڃجانءِ شاهوڪار ٿي نہ وڃجانءِ.

حضور جن جا اهي اکر ياد ڪري، حضرت بلال رضہ مديني منوره ۾ نڪتو، جيئن ڪو غريب مسڪين ڏسي تہ خيرات ڪري ڪجهہ هلڪائي ڪري. اڃا ڪجهہ قدم مس کنيائين تہ پنهنجو ڀاءُ خالد بن رباح ملي ٿو وڃيس.

حضرت بلال رضہ:- ادا ڪٿان پيو اچين؟

حضرت خالد:- يمن ڪان پيو اچان.

حضرت بلال رضہ:- اوڏانهن ڪيئن ويا هئو؟

حضرت خالد:- ويو هوس مٽي مائٽيءَ لاءِ .

حضرت بلال رضہ :- پوءِ ڪجهہ منهن سر نظر آيو ڪين نہ؟

حضرت خالد:- منهن سرڪان اصل سٺوڪم ٿيو آهي. يمن ۾ هڪڙن سان مٽي مائٽيءَ جي ڳالهہ چوريم. هنن منهنجو اصل نسل، ڪٽنب قبيلو پڇيو. مون هنن ڪي ٻڌايو تہ آءٌ حبشي آهيان، مڪي ۾ ڄائو آهيان آءٌ حضرت بلال بانگي جو ڀاءُ آهيان.

هنن چيو تہ چگو ! جيڪڏهن حضرت بلال رضہ پاڻ هلي ايندو ۽ اسان کي چوندو تہ اسان توسان مِني ڪنداسون. مون اهو سودو سستو سمجهيو ۽ آيس پئي توهان کي وٺڻ، ٻيو ڪل خير.

حضرت ٻلال :- چگو آءٌ هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر حضور ﷺ جن کان اجازت وٺڻ مناسب آهي.

حضرت بلال رضہ اهڙي اجازت وٺي ياءُ سان گڏجي يمن روانو ٿيو. رات جي وقت وجي ان ڳوٺ ۾ پهتا، جتي حضرت خالد سان مٽي ڪرڻ وارا ماڻهو ويٺل هئا.

حضرت خالد جي مرضي هئي تہ رات جو ئيءَ درڪڙڪائي همراهن سان ملجي. پر حضرت بلال رضہ ائين مناسب نہ سمجهيو ۽ رات گذاري صبح جو اٿي هنن سان مليا. حضرت بلال رضہ احوالن ڏيندي ٻڌايو تہ: هي آهي منهنجو ياءُ خالد. طبيعت جو ڪجهہ اهنڊ آهي. توهان هن کي سگ ڏيو تہ سٺو، نہ تہ توهان جي مرضي. انهن ماڻهن حضرت بلال رضہ جي ياءُ هجڻ سبب حضرت خالد کي سگ ڏنو. پوءِ حضرت بلال رضہ پرپاسي واري مسجد ۾ آيو. (١)

حضرت بلال رضہ جي شادي

حضرت بلال رضہ يمن ۾ ان مسجد شريف ۾ ئي ويٺو هو تہ يمني مسلمان جيڪي نماز لاءِ پهتا هئا، هن کان حالن احوالن پڇندي پڇن ٿا تہ توهان شادي ڇو نہ ٿا ڪريو. شادي ٻہ تہ دين جو حصو آهي. اڳي تہ ڪٽي توهان غلاميءَ ۾هئا پر هاڻي تہ آزاد آهيو.

حضرت بلال رضہ گهڙي کن سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ هاڪار ڪندي مشورو پڇي ٿو تہ ڀلا ڪٿان منهنجي شادي ٿي سگهي ٿي؟ هن کي ٻڌايو ويو تہ اهڙا ڪيئي گهر آهن، جتان توهان جي شادي ٿي سگهي ٿي. پر في الحال تہ توهان هندالخولانيہ جي ماڻهن سان ملي ڏسو.

حضرت بلال رضہ اتان مسجد مان اٿي هِندَ جي ڀائرن وٽ پهتو ۽ هنن کي احوالن ڏيندي ٻڌايائين تہ آءٌ بلال بن رباح آهيان. حضرت رسول الله ﷺ جن جو صحابي ۽ حبشي غلام آهيان. آءٌ اڳ ۾ گمراهہ هوس، پر الله تعاليٰ

---

(١) بلال مؤذن رسول الله ﷺ

مونکي هدايت نصيب ڪئي. مسلمان ٿيس. اڳ ۾ غلام هوس پوءِ الله تعاليٰ مونکي آزاديءَ جي نعمت نصيب ڪئي. آءٌ هاڻي شادي ڪرڻ چاهيان ٿو (پڪيءَ پير ۾ سيڪو پتر هنڊو آهي) سو ماڻهن مونکي توهان سان ملڻ جو مشورو ڏنو آهي.

جيڪڏهن توهان مونکي پنهنجو مٽ بڻائيندؤ ته آءٌ الله تعاليٰ جو احسان سمجهندس. پر جيڪڏهن توهان کي ائين مناسب نظر نه اچي ته پوءِ الله تعاليٰ توهان کي به خوش رکندو. هِندَ جي ڀائرن حضرت بلال رضه کي هدايو ته اسان کي ٿوري مهلت ڏيو جئين اسان حضرت رسول الله ﷺ جن کان تنهنجي باري ۾ مشورو ڪري وٺون.

حضرت بلال رضه اتان اٿي مدينه منوره ڏي هليو اچي ٿو. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ، بي بي هند الخولانيه جا ڀائر، حضور ﷺ جن وٽ پهچن ٿا. سلام ورائي ويهي رهن ٿا. ۽ حال احوال ڏين ٿا.

هند جا ڀائر:- حضرتا ! اسان پنهنجي ڳوٺ هئاسون ته اتي حضرت بلال رضه آيو ۽ اسان کان اسان جي ڀيڻ جو سڱ گهريائين. اسان توهان جي مشوري لاءِ ترسياسون. هاڻي حضور جن جيئن حڪم فرمائين.

حضور جن:- بلال ته بهشتي آهي توهان کي بلال جهڙو ٻيو ڪهڙو ماڻهو ملندو؟

حضور ﷺ جن جي اهڙي مشوري سان حضرت بلال رضه جي شادي بيبي هندالخولانيه سان ٿي وئي. (١)

لبيڪ اللهم لبيڪ

فتح مڪي کان پوءِ مڪو شريف مسلمانن جو پنهنجو ملڪ ٿي ويو هو. نه هئو دشمن جو خطرو نه وري ڪو روڪ ٽوڪ ڪرڻ وارو. نه رهيو هو مڪي ۾ هبل نه وري هبل جا پوڄاري. مڪو ته مڪو پر ان جي آس پاس مان ئي بتن ۽ بتن جي پوڄارين جا لاهه ڪڍيا ويا هئا.

حضور ﷺ جن تي حج جي فرضيت جون آيتون اڳ ۾ ئي نازل ٿي چڪيون هيون، پر مختلف مشغولين سبب پاڻ سڳورا ڏهينءَ هجريءَ تائين حج تي نه وڃي سگهيا هئا.

---

(١) بلال مؤذن رسول الله ﷺ

حضور ﷺ جن ڏهين هجريءَ ۾ ٢٦ ذوالقعدة تي مديني منوره کان روانا ٿيا. ساڻن عربي، عجمي، قريشي حبشي وغيره صحابي سڳورا تمام گهڻي تعداد ۾ گڏ هئا. ٨ ذوالحج تي حضور جن منيٰ ۾ پهتا. ان سفر ۾ به حضور ﷺ جن جي ڏاچيءَ قصويٰ کي مهار کان جهلي ڪاهڻ وارو ۽ هر وقت تي نماز لاءِ بانگ ڏيڻ وارو حضرت بلال رضہ ئي هئو. (١) ۽ طبقات ابن سعد ۾ آهي ته حضرت بلال رضہ منيٰ جي ميدان ۾ هڪ، لڪڙو کڻي ان تي ڪپڙو وجهي حضور جن تي ڇانو ڪيو بيٺو هو. (٢)

حضرت بلال رضہ ڏي شينهن جا سلام

حضرت انس رضہ کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت سفينہ بن عيينہ کي حضرت معاذ بن جبل رضہ ڏي هڪ خط ڪڻي وڃڻ لاءِ يمن موڪليو. اهو صحابي جڏهن رستي ۾ هڪ جاءِ تي پهتو ته ان کي وچ رستي تي هڪ شينهن ويٺل نظر آيو. اول ته حضرت سفينہ شينهن کان ڊنو پٺي پر پوءِ دل جهلي شينهن کي چوڻ لڳو ته آءٌ حضرت رسول الله ﷺ جن جو هڪ خادم آهيان. آءٌ سندن خط کڻي يمن ڏي (حضرت معاذ بن جبل رضہ ڏي) وڃان پيو. شينهن اهو ٻڌي غر غر جو آواز ڪندو رستي کان پري ٿي ويو ۽ حضرت سفينہ رضہ خيريت سان اچي يمن پهتو. وري جڏهن واپس وريو تڏهن به هن کي ائين رستي جي وچ ۾ شينهن ويٺل نظر آيو. وري به حضرت سفينہ ان کي چيو ته آءٌ حضرت رسول الله ﷺ جن جو خادم آهيان. آءٌ حضرت معاذ بن جبل کي حضور جن جو خط ڏئي يمن کان واپس موٽيو پيو وڃان. وري به شينهن غر غراهٽ ڪندو رستي کان پري ٿي ويو. جڏهن حضرت سفينہ رضہ حضور جن وٽ پهچي شينهن وارو احوال ٻڌايو، تڏهن حضور جن فرمايو ته: توکي خبر آهي ته توکي شينهن ڇاپئي چيو؟ حضرت سفينہ رضہ فرمايو ته سائين مونکي خبر نہ آهي.

پاڻ فرمايائون ته پهرئين دفعي شينهن توکان پڇيو ته ابوبڪر، عمر، عثمان، علي (رضوان الله عليهم اجمعين) ڪيئن آهن؟ ۽ واپسيءَ تي توکي چيائين ته منهنجي طرفان حضرت ابوبڪر رضہ، عمر رضہ، عثمان رضہ، علي

---

(١) البداية والنهاية (٢) طبقات ابن سعد ج ٢ صفحو ١٧٧

رضہ، سلمان رضہ، صهيب رضہ، ۽ بلال رضہ کي سلام چئجانء. (١)

حضرت بلال رضہ کي صدمو

حضرت بلال رضہ سومهڻيءَ جي بانگ ڏني ته صحابي سڳورا مسجد شريف ۾ نماز پڙهڻ لاءِ گڏ ٿيندا ويا. نماز جو وقت ٿيو ته جماعتين جون نظرون هر هر، حضور ﷺ جن جي مبارڪ حجري جي دورازي ڏي ڏسڻ لڳن ٿيون. هن کي انتظار آهي ته الائي ڪهڙي مهل ٿا حضور ﷺ جن تشريف فرما ٿين.

جيئن جيئن گهڙيون وڌيڪ گذرنديون ٿيون وڃن. تيئن تيئن صحابن سڳورن جي دل ۾ فڪر ۽ پريشاني پيدا ٿيندي وڃي ٿي. ڇو ته هن کي اڳيئي خبر آهي ته حضور ﷺ جن کي ڪجهه ڏينهن کان بي خوشائي پئي رهي آهي. (ڪين مٿي مبارڪ ۾ سور رهيو پئي.)

ڪجهه انتظار کان پوءِ حضرت بلال رضہ وري به حضور ﷺ جن جي حجري جي دروازي تي آيو. هميشه وانگر نماز جي اطلاع ڏيڻ لاءِ دروازو کڙڪائي ٿو. گهڙيءَ کن ۾ بي بي بريره رضہ (حضور جن جي ٻانهي) ٻاهر نڪري ٿي.

حضرت بلال رضہ:- سائين جن کي ٻڌايو ته ٻاهر ماٺهو. سندن انتظار ۾ آهن ته اچي نماز پڙهائين.

حضرت بي بي بريره رضہ اندر وڃي ٿي ۽ حضور ﷺ جن وٽ ان وقت حضرت بي بي فاطمة الزهرئي ۽ حضرت بي عائشہ رضہ ٻئي ويٺيون هيون، بي بي بريره رضہ حضور ﷺ جن کي ٻڌائي ٿي.

بي بي بريره رضہ:- سائين ٻاهر حضرت بلال رضہ نماز لاءِ حضور ﷺ جن کي سڏي رهيو آهي.

حضور ﷺ جن:- ماڻهن اڃا نماز نه پڙهي ڇا؟

بي بي بريره رضہ:- نه سائين توهان جو انتظار اٿن.

حضور ﷺ جن:- چڱو! مون لاءِ مخضب (پيالي) ۾ پاڻي رکو.

اڃا حضور ﷺ جن لاءِ پاڻي رکيوئي مس ويو ته حضور جن تي بي هوشي طاري ٿي وڃي ٿي. گهر ۾ ڪجهه روئڻ جو آواز ٿئي ٿو. حضرت بي بي خاتوُن جنت ۽ بي بي عائشہ رضہ ٻئي مايوس ٿي وڃن ٿيون. ايتري ۾ حضور ﷺ جن ڳالهائڻ لڳن ٿا.

---

(١) سيرت بلال رضہ صفحو ١٩٦

حضور ﷺ جن:- ماڻهن نماز پڙهي ڪين نہ؟ (بيـبـيـن سڳورين کي فرمائين ٿا) ڇگو مخضب (پيالي) ۾ پاڻي رکو تہ وهنجان. پاڻي رکيو ويو حضور جن غسل فرمائي نماز لاءِ روانہ ٿيڻ وارا ئي هئا تہ ٻيهر مٿن مرض جو غلبو ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورا بيهوش ٿي ويا. گهڙيءَ کان پوءِ هوش ۾ آيا ۽ پڇڻ لڳا تہ: ماڻهن نماز پڙهي ڇڏي ڪين نہ؟ ڪين ٻڌايو ويو تہ حضور جن جي انتظار ۾ آهن، جيئن اچي پاڻ نماز پڙهائن. حضور جن وري بہ پاڻي آڻڻ لاءِ فرمائين ٿا. پاڻي رکيو ويجي ٿو ۽ پاڻ وهنجي سنهنجي نماز لاءِ ٻاهر نڪرڻ وارائي هئا تہ وري بہ بي هوش ٿي وڃن ٿا. گهڙي کن کان پوءِ اٿـيـا تہ پڇيائون تہ ماڻهن نماز پڙهي ڇڏي ڪين نہ؟ ڪين ٻڌايو ويجي ٿو تہ: نہ سائين توهان جي انتظار ۾ آهن.

بي بي فاطمہ رضہ :- سائين توهان ٻاهر نہ نڪرو. نماز پڙهائڻ لاءِ ٻئي ڪنهن کي ئي حڪم ڪريو تہ اهوئي نماز پڙهائي.

حضور ﷺ جن:- ابوبڪر رضہ کي چئو تہ نماز پڙهائي.

بي بي عائشہ رضہ:- سائين هو تہ دل جو ڏاڍو نرم آهي. نماز ۾ روئي نہ ويهي؟ حضرت عمر رضہ کي حڪم ڪريو تہ اهو نماز پڙهائي.

حضور ﷺ جن:- توهان عورتون انهن عورتن وانگر آهيو، جن حضرت يوسف عليه السلام کي آزمائش ۾ وڌو هو. توهان منهنجي حڪم کي ڏسي حضرت ابوبڪر رضہ کي چئو تہ نماز پڙهائي.

بي بي بريره رضہ:- (دروازي تي ايندي) بلال ! حضور جن فرمائن ٿا تہ حضرت ابوبڪر رضہ کي چئو تہ نماز پڙهائي.

حضرت بلال رضہ غمگين نگاهن سان هيڏي هوڏي نظر ڦيرائي ٿو. پر هن کي حضرت ابوبڪر رضہ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي ۽ دل ۾ سوچي ٿو تہ: حضرت ابوبڪر رضہ تہ دل جو ڏاڍو نرم ماڻهو آهي. اهو مصلي تي بيٺو تہ رڳو روئڻ ۾ پورو هوندو. ائين سوچيندي هن جي نظر حضرت عمر رضہ تي پئجي وڃي ٿي. هو ان کي ئي نماز پڙهائڻ لاءِ چوي ٿو. ۽ حضرت عمر رضہ وري ائين ٿو سمجهي تہ شايد حضور جن منهنجي لاءِ ئي چوائي موڪليو آهي. ائين خيال ڪندي نماز پڙهائڻ لاءِ مصلي تي بيٺو. تڪبير حضرت بلال رضہ چئي ۽ نماز شروع ٿي.

حضرت عمر فاروق رضہ جي الله اکبر واري آواز ٻڌڻ سان ئي حضور ﷺ جن پرکي ويحن ٿا تہ هي حضرت ابوبکر رضہ جو آواز ئي نہ آهي. تڪڙ ۾ دروازي مبارڪ تي بيهي فرمائين ٿا. لَاْ لَاْ يَاْبَى اللهُ ذَالِكَ وَالْمُسْلِمُوْنَ. يَاْبَى اللهُ ذَالِكَ وَالْمُسْلِمُوْنَ. اَيْنَ اَبُوْبَكَرٌ، اَيْنَ اَبُوْبَكَرٌ ؟

ترجمہ :- نہ،ان کان الله تعاليٰ بہ انڪار ٿو ڪري ۽ مسلمان بہ. ان کان الله تعالي بہ انڪار ٿو ڪري ۽ مسلمان بہ، حضرت ابوبکر ڪٿي آهي؟ (اهو نماز پڙهائي)

حضرت عمر رضہ يڪدم سلام ورائيندي حضرت بلال رضہ ڏي ڏوراپي واري نگاهہ سان ڏسي ٿو.

حضرت بلال رضہ:- مون کي حڪم تہ حضرت ابوبکر رضہ لاءِ ٿيو هو، پر اهو نظر نہ آيو تہ مون توهانکي ئي ڪٿي چيو.

حضرت عمر رضہ :- (ڪمال آهي) مون وري ائين سمجهيو تہ شايد حضور ﷺ جن مون کي ئي حڪم ڪيو آهي. مون کي اڳ ۾ اهڙي خبر هجي ها تہ آءٌ اهڙي جرئت نہ ڪريان ها.

ايتري ۾ حضرت ابوبکر رضہ پهچي ويحي ٿو. حضرت بلال رضہ کين حضور جن جو حڪم ٻڌائي ٿو. حضرت ابوبکر رضہ نماز پڙهائڻ لاءِ اڳتي وڌيو، نماز شروع ٿي. هوڏانهن حضور ﷺ جن بہ فرحت محسوس ڪري وهنجي سهنجي مسجد ڏانهن روانا ٿيا. سندن هڪ پاسي حضرت علي ڪرم الله وجهہ، ٻئي پاسي حضرت عباس رضہ هئا. حضور ﷺ جن انهن جي ڪلهن تي ٽيڪ ڏئي مسجد نبويءَ ۾ داخل ٿيا.

صحابہ، حضور ﷺ جن جو اچڻ محسوس ڪري ڏاڍو خوش ٿين ٿا. هنن جون نظرون حضور جن کي ڏسڻ لاءِ منتظر هيون. حضرت ابابکر رضہ حضور ﷺ جن جي اچڻ کي محسوس ڪري پوئتي هٽڻ جي ڪري ٿو. جيئن مصلي تي حضور ﷺ جن اچن. پر حضور جن سيني کي اشاري سان فرمائن ٿا تہ سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هجي ۽ پاڻ حضرت ابابکر رضہ کان ٿورو اڳيرو ٿي سڄي پاسي کان ويهي نماز پڙهائن ٿا. حضرت ابوبکر رضہ حضور جن جي اقتدا ڪري رهيو هو. ۽ صحابہ سڀ ورا وري حضرت ابوبکر رضہ جي اقتدا ڪري رهيا هئا. ائين نماز پوري ٿي. نماز پوري ڪري سڀ

صحابي سڳورا حضور ﷺ جن کي ويجهو ڏسڻ لاءِ سرڪندا ويجها ٿيندا ٿا وڃن. ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا هئا، شايد ڪين اها خبري نہ هئي تہ حضور جن جي اها آخري نماز هئي جيڪا پڙهي پنهنجي گهر تشريف فرما ٿيندا تہ وري نماز پڙهائڻ لاءِ ٻاهر نہ ايندا. اهڙي خبر هجين ها تہ سندن خوشي غم ۾ گم ٿي وڃي ها. (١)

ان سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضہ حضور ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ ئي سترهن نمازون مسجد نبويءَ ۾ پڙهايون.

حضور ﷺ جن جي وفات

سومر جي ڏينهن فجر جو حضرت بلال رضہ بانگ ڏني، نماز جو وقت ٿيو تہ حضرت ابوبڪر رضہ نماز پڙهائڻ شروع ڪئي. صحابہ جون سڌيون صفون نماز ۾ مشغول ئي هيون تہ اوچتو حضور ﷺ جن پنهنجي دروازي مبارڪ تي لٽڪيل ڪپڙي جي پردي کي پري ڪري جماعت کي نماز ۾ مشغول ڏسي مرڪڻ لڳا. (شايد حضور ﷺ جن کي سندن شاگردن جي نماز جي ادائگي ۽ صبر ۽ تحمل خوش ڪري رهيو هو.)

اول تہ صحابن سڳورن محسوس ڪيو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن شايد نماز لاءِ ٻاهر نڪري رهيا آهن، ۽ حضرت ابوبڪر رضہ تہ مورڳو مصلي مبارڪ تان پوئتي هٽڻ لڳو. پر حضور جن فرمايو تہ: توهان نماز پوري ڪريو. ائين فرمائي دروازي وارو پردو وري لٽڪائي ڇڏيائون. (٢)

حضور ﷺ جن جي ان ديدار ۽ مرڪڻ صحابن سڳورن جي دلين ۾ ڪجهہ سڪون ۽ اطمينان آڻي ڇڏيو هو. هو سمجهڻ لڳا هئا تہ بس هاڻ شايد حضور ﷺ جن جي مبارڪ طبيعت تندرستيءَ ڏانهن مائل آهي. اجهو ٿا بلڪل چاڪ چڱا ڀلا ٿي صحابن وٽ تشريف فرما ٿين.

پر ان ئي ڏينهن سج اڃا ٿوروئي مس چڙهيو هو تہ اوچتو حضور ﷺ جن جي حجره مبارڪ مان آهستي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ٻيني صحابن سڳورن جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. جلدي ئي حضرت عباس رضہ حجري کان ٻاهر نڪتو. صحابہ هن کان حضور ﷺ جن جي احوال پڇڻ لاءِ سندس چوڌاري مڙي وڃن ٿا. هو ٻڌائي ٿو تہ: بس الله تعاليٰ بي پرواهہ آهي.

---

(١) البدايہ والنهاية ۾ بلال مؤذن رسول الله ﷺ (٢) البدايہ والنهاية

حضور جن چئي رهيا آهن: اِنَّ لِلْمَوْتِ سَكَرَاتٌ، اَللّٰهُمَّ اَعِنِّی عَلٰی سَكَرَاتِ الْمُوْتِ. (ترجمو: بيشڪ موت لاءِ سڪراتون به هونديون آهن. اي الله موت جي سڪرات مهل تون منهنجي مدد ڪر)

ائين ٻڌندي صحابن سڳورن جي اکين آڏو اونده ڇانئجي ويجي ٿي. اکين مان لڙڪ وهڻ لڳن ٿا. مايوسي ۽ مونجهه محسوس ڪن ٿا. ڪنهن ڪان به ڪو ڳالهه نڪري نٿو سگهي. خاموشي ئي خاموشيءَ ۾ جهرندا جهڄندا رهن ٿا. ايتري ۾ حضرت رسول الله ﷺ جن جي دعا جي مقبوليت جي خبر آئي جنهن ۾ پاڻ فرمايو هئائون: بِالرَّفِيْقِ الْمَلَاءِ الْاَعْلٰی . (اي الله مونکي هاڻي مٿين سنگت جي ملاقات نصيب فرماءِ). يعني حضور ﷺ جن رحلت فرمائي مٿين ڪچهريءَ سان ملي چڪا هئا.

اهڙي اوچتي خبر جنهنجي ٻڌڻ لاءِ صحابه سڳورا اڃا تيارئي نه هئا، ان سان صحابن جا هوش هواس گم ٿي ويا. نهايت غمگينيءَ جي حالت ۾ ارمان ۽ ڳڻتيءَ جا ڳوڙها ڳاڙي، هنجون هاري رهيا هئا.

ڪي ته پنهنجي ان والهانه عشق ۾ اهڙا محو ٿي ويا جو هو اهڙي خبر ڪي ميڻ لاءِ تيارئي نه پئي ٿيا. هڻ ڪي ائين سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته ڪو حضور ﷺ جن ائين هڻ ڪي ڇورو ڇڏي، غمن ۾ ڳڏي هتان لڏي، راهه رباني وٺي راهي ٿي ويندا.

اهڙن عاشقن مان هڪڙي يعني حضرت عمر فاروق رضه تلوار ڪنئي، ان کي ڦيرائيندي چئي رهيو هو: جيڪو به هيئن چوندو ته حضور ﷺ جن وفات ڪري ويا آهن ته آءُ ان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندس. ڪجهه وقت کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضه جي سمجهائڻ تي ان به تسليم ڪيو ته واقعي ڇورا بنجي چڪا آهيون.

حضرت بلال رضه به انهن ڳڻتين ۾ ڳرندڙن مان هڪ هئو. هو روئي به رهيو هو ته سوچي به رهيو هو ته اڳتي هن جو وقت ڪيئن گذرندو؟ ڪنهن سان ڪچهريون ڪندو؟ ڪنهن جي چهري مبارڪ کي ڏسي دلي سڪون حاصل ڪندو. انهن ويچارن ڪندي بانگ جو ٽائيم به ٿيو. حضرت بلال رضه اٿيو. ڇلندڙ اکيون، دهڪندڙ دل ،منجهيل ۽ مايوس چهرو. الله اڪبر. الله اڪبر چئي جڏهن اشهد ان محمدرسول الله تي پهتو ته ڪانئس بي اختيار هڪ

اوچنگار نڪري وڃي ٿي. پوءِ ته سڀ صحابي سڳور اچي روئڻ لڳا.

پر آخر حضرت بلال رضہ ۽ ٻيا سڀ صحابي آخري رسول حضرت محمد مصطفےٰ ﷺ جن جا پڙهايل شاگرد هئا، هو صبر ۽ سور سهڻ جو سبق به سکيل هئا. حضرت بلال رضہ پنهنجي وجود تي ڪنٽرول ڪندي بانگ پوري ڪئي. (١)

ٻئي ڏينهن حضرت بلال رضہ پنهنجي آقا ۽ پياري نبي عليه الصلواة والسلام جن ڪي سندن مزار مبارڪ ۾ لاهڻ وقت به ٻين صحابن سان گڏ هئو ۽ لوڙهہ لتڻ مهل پاڻيءَ جي ڪلي ڪلهي ۾ ڪيو مٽيءَ تي پاڻي به ڇڻڪاري رهيو هو ۽ روئي به رهيو هو. (٢)

بانگ ڏيڻ کان انڪار

حضور ﷺ جن پنهنجي مقدس مزار ۾ آرامي ٿيا ۽ مسلمانن جي دلين کي ان غم کان وڏيڪ ڪو ٻيو صدمو شايد نہ رسيو هو. ڪجهہ وقت ته صحابن سڳورن جون مٽيون منجهيل رهيون. بلڪل ويڳاڻا رهيا. سندن اکين آڏو ڇڻ اونده ڇانيل رهي. پر وقت نيٺ سڀ ڪجهہ سيکاري ٿو. ٿوري ئي وقت ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ خلافت جو خطبو پڙهيو، تقرير فرمائي. حضرت بلال رضہ ان تقرير وقت به مسجد شريف ۾ پاسائتو ڪنڌ هيٺ ڪيو، سوچن ۽ ويچارن ۾ گم ويٺو هو. هو پنهنجي گذريل وقت کي ياد ڪري ماٺ ميٺ ۾ نير وهائي رهيو هو. پنهنجي ٻانهپ واري زماني کي، مارڪٽ کائڻ واري وقت کي، شعب ابي طالب ۾ ڪاٽيل ٻکن کي، هجرت واري سفر کي، مدينہ منوره ۾ آيل تپ کي، بدر جي جنگ ۾ اميہ کي قتل ڪرڻ کي، احد ۾ پهتل تڪليف کي، فتح مڪي واري ڏينهن کي ۽ ڪعبة الله جي ڇت تي ڏنل بانگ کي ۽ اهڙ ن ٻين واقعن کي يادڪري تمنائون ڪري رهيو هو ته جيڪر اهي گذريل ڏينهن وري موٽي ملن. پر گذريل وقت يلا ڪيئن ٿو موٽي اچي؟

وري پنهنجي مرجهايل دل ۽ کو ماٺيل طبيعت کي آٿت ڏئي ٿو ۽ سوچي ٿو ته وقت ته گذارڻو آهي. جيڪڏهن حضور ﷺ جن رحلت فرمائي ويا آهن ته سندن خالق الله تعاليٰ ته زنده آهي، حضور ﷺ جن جو ٻڌايل دين

(١) بلال مؤذن رسول الله ﷺ (٢) البدايہ والنهاية

اسلام تہ موجود آهي، قرآن شريف بہ باقي آهي، ان ڪري خوشيءَ يا ناخوشيءَ صبر ڪرڻو ئي پوندو.

هوڏانهن بانگ جو وقت بہ ٿي ويو هو. هڪ صحابي سڳورو چوڌاري نظر ڦيرائي حضرت بلال رضہ کي ڳولي ٿو. مٿس نظر پوندي ئي وٽس هلي اچي ٿو.

صحابي:- بلال ! بانگ جو وقت ٿي ويو آهي.

حضرت بلال رضہ:- هاڻي ڪنهن کي بانگ لاءِ چئو، مون بانگ چوڻ کان بس ڪئي.

حضرت ابوبڪر رضہ:- (پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪرندي) بلال ڪٿي آهي؟

حضرت بلال رضہ :- (خليفة المسلمين جي سامهون ايندي) جيءَ سائين اجهو بلال.

حضرت ابوبڪر رضہ:- بلال ! بانگ ۾ دير ڪئي اٿئي؟

حضرت بلال رضہ:- سائين آءٌ بانگ نہ ڏيندس ٻيو ڪو چوي.

حضرت ابوبڪر رضہ:- چو ڀلا؟

حضرت بلال رضہ:- سائين جيڪڏهن توهان مون کي الله خاطر غلاميءَ مان آزاد ڪيو هو تہ پوءِ مون کان اهڙو سوال ڪري مونکي جهوريو نہ. پر جيڪڏهن توهان مون تي احسان ڪري مونکي آزاد ڪيو هو تہ پوءِ ڀلي پڇو.

حضرت ابوبڪر رضہ:- مون تہ توکي الله جي رضا خاطر آزاد ڪيو هو.

حضرت بلال رضہ:- تہ پوءِ آءٌ اڳتي بانگ نہ ڏيندس. هاڻي ڪنهن کي حڪم ڪريو تہ بانگ ڏيندو ڪري. (١)

حضرت بلال رضہ جي انڪار سبب ان کان پوءِ حضرت سعد بن عائذ (جنهن کي سعد القرظ بہ چوندا هئا) بانگ ڏيندو هو. (٢)

جهاد جي طلب

مدينہ منوره ۾ ماڻهن جي هلچل لڳي پئي هئي شام ملڪ جي طرف جهاد تي وڃڻ لاءِ سڀ ڪو مجاهد تياريءَ ۾ لڳو پيو هو. ان لشڪر جو

---

(١) بلال مؤذن رسول الله ﷺ (١) اسدالغابہ ج ٢

امير حضور ﷺ جن پاڻ حضرت اسامہ بن زيد ١٩ سالہ نوجوان کي مقرر ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ حضور جن جي ان اوچتي جدائي سبب حالتون سازگار نہ هيون. پر حضرت ابوبڪر رضہ خليفہ رسول الله، حضور ﷺ جن جي ڪيل فيصلي کي برقرار رکي ان لشڪر کي حضرت اسامہ بن زيد جي سپہ سالاريءَ ۾ روانو فرمائي رهيو هو.

مجاهد سفر جي تيارين ۾ مشغول هئا. ڪو سواريءَ کي سنجي رهيو هو، تہ ڪو خرجيڻ ۾ ضروري سامان سڙو وجهي رهيو هو، ڪو تلوارن کي تکو ڪري رهيو هو تہ ڪو ڍال کي ٺاهي رهيو هو. ايتري ۾ حضرت بلال رضہ بہ مختصر تياري ڪري حضرت ابوبڪر رضہ جي سامهون حاضر ٿئي ٿو. اچا ماڻ ڪيو بيٺوئي هو تہ حضرت ابوبڪر رضہ هن کان پڇي ٿو.

حضرت ابوبڪر رضہ:- بلال ! ڪاڏي؟

حضرت بلال رضہ:- آءُ ان لاءِ آيو آهيان تہ مون کي جهاد لاءِ اجازت ملي، جيئن آءُ بہ حضرت اسامہ رضہ جي لشڪر سان روانو ٿي وڃان.

حضرت ابوبڪر رضہ:- بلال کي تہ اتي ئي رهڻو آهي.

حضرت بلال :-سائين ! حضور ﷺ جن جي جدائيءَ هٿي منهنجا ڳچ ڳاري وڌا آهن. رات ڏينهن پيو ٿو ان صدمي ۾ ڳَٽيون ڪريان. ان ڪري مون ارادو ڪيو تہ پلا جهاد تي وڃان ۽ سڄي حياتي جهاد لاءِ وقف ڪريان.

حضرت ابوبڪر رضہ:- پر تو ۾ تہ مونکي ڪم آهي. صلاحن ۽ مشورن لاءِ تنهنجو هت هجڻ ضروري آهي.

حضرت بلال رضہ:- اي رسول الله ﷺ جا جاءِ نشين مون پنهنجي آقا کان ٻڌو هو، جو فرمائن پيا تہ بهترين عمل، الله تعاليٰ جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ آهي. ان ڪري مون اهو فيصلو ڪيو آهي تہ حياتيءَ جا باقي ڏينهن جهاد ڪندي گذاريندس.

حضرت ابوبڪر رضہ:- جيئن تہ آءُ خليفة المسلمين آهيان ان ڪري منهنجو بہ تہ توتي حق آهي ۽ منهنجي مرضي اها آهي تہ تون هت رهہ! في الحال ٻاهر نہ وڃ.

حضرت بلال رضہ:- جيئن توهان جو حڪم .

حضرت ابوبڪر رضه، حضرت عمر فاروق رضه، حضرت بلال رضه ٽئي ڄڻا، حضرت اسامہ رضه جي لشڪر کي روانو ڪري واپس مديني منوره ۾ اچن ٿا.

حضرت بلال رضه مدينه منوره ۾ ته رهيو پر هن جي دل ٻنهه نه پئي لڳي. ڇو ته اڳ ۾ هن جا رات ڏينهن حضور ﷺ جن جي خدمت چاڪريءَ ۾ گذرندا هئا. حضور جن جي آڏو گوڏا ٻيجي ويهڻ ۽ نماز لاءِ حضور جن جي آڏو بانگ ڏيڻ,نماز لاءِ حضور ﷺ جن کي اطلاع ڏيڻ لاءِ در کڙڪائڻ، مصلو وڇائڻ، وضوءَ لاءِ حضور جن جي آڏو پاڻي ڀري رکڻ. نماز مهل آڏو ڪُندري ڪوڙڻ وغيره وندر سان وقت گذرندو هو. پر هاڻي جڏهن حضرت بلال رضه، حضور ﷺ جن کي مدينه منوره ۾ نه پئي ڏٺو، تڏهن قدم قدم تي هن کي اکين آڏو اونده ٿي ڇانئجي وئي. پل پل تي سندس اکين مان نار وهي پئي هليا.

حضرت بلال رضه ان ملولائپ جو اهو علاج سمجهيو هو ته مجاهدن جي قطارن ۾ بيهي جهاد ڪري دل وندرائي، پر في الحال حضرت ابوبڪر رضه جي حڪم کي ائين ٺڪرائي ڇڏڻ هن نامناسب پئي سمجهيو.

حضرت بلال رضه جي فضيلت

حضرت رسول الله ﷺ جن جي رحلت کان پوءِ ڪيترائي قبيلا دين اسلام کي ڇڏي مرتد بنجي ويا هئا، ۽ ڪن ته زڪواة ڏيڻ کان به انڪار ڪيو هو. شايد هنن دين اسلام کي عارضي دين سمجهيو هو. پر حضرت ابوبڪر رضه جن جي لڳاتار محنتن ۽ جنگين سان اهڙن مرتدن کي ماري مات ڪيو ويو هو.

جڏهن ان قسم جي جنگين جو سرشتو ڪجهه تڏو ٿيو ۽ مدينه منوره ۾ جنگين کان واندا ٿيل مسلمان گڏ ٿيڻ لڳا. تڏهن هڪ چانڊوڪيءَ رات ۾ پٿريلي زمين تي سامري قبيلي جا ڪي مسلمان پاڻ ۾ ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. ڪڏهن ڪهڙي ڳالهه تي نڪتي، ته ڪڏهن ڪهڙي. هر ڪنهن ويٺل ان ڪچهري ۾ ڪجهه نه ڪجهه حصو ورتو پئي. ڳالهين ڪندي ڪچهريءَ جو رخ حضرت بلال رضه ڏي ڦريو.

هڪ مسلمان:- واقعي حضرت ابوبڪررضه جو شان تمام وڏو آهي. پر منهنجي خيال ۾ هڪ ٻيو صحابي سڳورو آهي جيڪو ساڻس شان ۾ پهچي ويندو.

ٻيو مسلمان:- اهو ڪير ٿي سگهي ٿو؟

پهريون مسلمان:- حضرت بلال رضہ.

ٻيو مسلمان:- اهڙي ڳالهہ نہ ڪر، حضرت ابوبڪر رضہ سان وري ڪيئن شان ۾ پڄي سگهندو؟

پهريون مسلمان:- حضرت بلال رضہ تي امتحان تمام گهڻا ۽ سخت آيا. اهڙا امتحان آيا جو ٻئي ڪنهن بہ مسلمان تي اهڙا امتحان نہ آيا هوندا.

ٻيو مسلمان:- حضرت ابوبڪر رضہ تي ان ڪان بہ وڌيڪ ڏينهن آيا. مشرڪن ان کي رتو رت ڪري ڇڏيو هو. سندس منهن ۽ وات مان رت ريلا ڪري وهي رهيو هو ۽ هو بي هوش بہ ٿي ويو هو. پر هن جي پختي عزم ۾ ترَ جيترو بہ لوڏو نہ آيو هو.

پهريون مسلمان:- اهو سچ آهي برابر شروع اسلام ۾ تہ سيني صحابن سڳورن تي اهڙا ڏينهن آيا. سيني سٺو مقابلو ڪيو پر حَضرت بلال رضہ تي سيني ڪان سخت ڏينهن آيا. هو پنهنجي موت کي اکئين ڏسندو هو. پر سندس ايمان ۾ ذري برابر بہ لچڪ نہ ايندي هئي.

حضرت ابوبڪر رضہ کي پنهنجا مٽ مائٽ هئا. جن ڪان ظالم مشرڪ ڪجهہ ڊڄندا هئا ۽ هن کي وڌيڪ ستائڻ ڪان پاسو ڪندا هئا. پر حضرت بلال رضہ تہ هڪ ڪافر جو غلام هو. هن کي نہ مِٽ نہ مائٽ، نہ عزيز نہ اقارب، نہ دانهن ٻڌڻ وارو نہ ترس کائڻ وارو.

ٻيو مسلمان:- اهڙيون آزمائشون تہ ڪيترن صحابن سڳورن تي آيون، ڪو رڳو حضرت بلال رضہ تي نہ آيون. حضرت ابوبڪر رضہ جو هجرت جي وقت رسول الله ﷺ جن سان گڏ نڪرڻ بہ ڄڻ اکئين ڏٺي موت جي منهن ۾ وڃڻو هئو. جڏهن تہ اهو يقين بہ هو تہ مشرڪ پيڇو ضرور ڪندا. پر هن ان وقت سوريءَ کي بہ سيج پٽي سمجهيو ۽ ان هجرت ۾ گڏ هلڻ کي هو پنهنجي خوش نصيبي ۽ ڀاڳ جي ڀلائي سمجهي رهيو هو.

پهريون مسلمان:- ان ڪان مون کي انڪار نہ آهي. پر مصيبت جو انديشو ۽ مصيبت ۾ پوڻ ۾ فرق آهي. ائين تہ حضرت عمار رضہ کي بہ گهڻ تڪليفون ڪونہ آيون. پر ان ڪان ڪنهن ڪنهن وقت نامناسب اکر چورايا ويندا هئا. پوءِ ڪٿي الله تعاليٰ ائين ڪرڻ جي اجازت ڏيندي فرمايو تہ: **اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّ بِالْاِيْمَانِ.** معنيٰ: ان ماڻهوءَ تي ڪابہ ميار نہ آهي جنهنجي دل ۾ ايمان تہ پڪو آهي پر ان ڪان زوري اهڙا ناشائستہ اکر چورايا

وچن جن جي چوڻ تي هو ناخوش آهي.

پر حضرت بلال ! سائين! بلال هو. اهڙي رخصت هوندي بہ احد احد چوڻ کان نہ گسو. ڳرا پٿر بہ ڇاتيءَ تي کنيائين، ڳچيءَ ۾ گهوگها سٺائين ڏنپ ڏنائين. پر مشرکن کي خوش ڪرڻ جهڙو هڪ اکر بہ ڪڏهن نہ چيائين.

(جـي لــوڻ لڳن لائـيـن، چيري چيري چــم،
مـون ڪر اڳي نہ ڪـيو، اهڙو ڪوجهو ڪــم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارن سـين)
(شاهہ)

ٻيو مسلمان:- دوست! تون حد کان وڌي ٿو وڃين. حضرت ابوبڪر رضہ ئي آهي جنهن کي حضور ﷺ جن پنهنجي مصلي تي بيهي نماز پڙهائڻ جو حڪم ڪيو هو.

پهريون مسلمان:- ان کان مونکي انڪار ئي نہ آهي. پر حضرت بلال رضہ بہ تہ رسول الله ﷺ جن جو خزانچي ۽ خادم هئو.

ٻيو مسلمان:- آءٌ تہ چوان پر حضرت عمر فاروق رضہ ۽ ٻين صحابن سڳورن جو بہ اهو نظريو آهي تہ سيني صحابن سڳورن ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جو شان سڀ کان مٿي آهي. تڏهن تہ سندس بيعت ڪري ڪيس پهريون خليفة المسلمين بڻايو اٿن.

پهريون مسلمان:- حضرت عمر فاروق رضہ جو قول شايد توکان وسري ويو آهي. جو فرمائيندا هئا تہ اَبُوْبَكَرٌ سَيِّدُنَا اَعْتَقَ سَيِّدُنَا معنيٰ ابوبڪر اسان جو سائين آهي ۽ اسان جي سائينءَ (بلال) کي آزاد ڪيو هئائين. هن تہ ٻنهي کي سائين ڪوٺيو آهي. ايتري ۾ ڪنهن ٻاهرئين ماڻهوءَ جي اچڻ جي آهٽ ٻڌي ڪچهري ۾ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. اهو نئون آيل ماڻهو حضرت بلال رضہ هو. ان کي ڏسندي ڪچهريءَ وارا ڪجهہ ڳالهائڻ بدران هڪ ٻئي کي ميچون ڏين ٿا ۽ حضرت بلال رضہ انهن اشارن مان سمجهي وڃي ٿو تہ ڪجهہ ڳالهہ ضرور آهي.

حضرت بلال رضہ:- ڇا ڳالهہ آهي؟ اڳهاڙو ڳالهائڻ جو آواز آيو پئي. آءٌ آيو آهيان تہ ماٺ ميٺ ۾ رڳو وينا ٿا اشارا ڏيو؟

ويٺل مسلمان:- اسان توهان جي درجي ۽ فضيلت جي باري ۾ بحث

ڪري رهيا هئاسون.

حضرت بلال رضه:- آءُ تہ حبشي آهيان، ڪالهہ ڪالهوڻو ڏينهن آهي جو ٻانهو هوس ۽ حضرت ابوبڪر رضه آزاد ڪيو هوم.

ٻيو مسلمان:- سائين ماڻهو تہ چون ٿا تہ حضرت بلال رضه ابوبڪر رضه جيترو شان رکي ٿو.

حضرت بلال رضه:- (ڪاوڙ ۾) ماڻهو بہ عجيب آهن. اهو نٿا سوچين تہ آءُ بہ تہ ابوبڪر رضه جي نيڪين مان هڪ نيڪي آهيان (١).

ٻيهر جهاد لاءِ تياري

حضرت بلال رضه کي جيتوڻيڪ جهاد لاءِ نڪرڻ جو ڏاڍو شوق هئو. پر هو پنهنجي مٿان حضرت ابوبڪر رضه جي ڪيل احسانن ۽ پراڻي دوستيءَ کي ياد رکي، پاڻ هريترو ٿي ائين بنا موڪل جي وڃي نہ پئي سگهيو.

نيٺ حضرت ابوبڪر رضه جڏهن راهہ رباني اختيار ڪري لاڏاڻو فرمايو، تڏهن حضرت بلال رضه کي پنهنجو شوق پورو ڪرڻ ۽ جهاد لاءِ نڪرڻ آسان نظر آيو. ۽ اهڙي اجازت وٺڻ لاءِ خليفة المسلمين حضرت عمر فاروق رضه جن وٽ حاضر ٿيو ٿو.

حضرت بلال رضه:- اي خليفة المسلمين مونکي هاڻي اجازت ڏيو جيئن آءُ مجاهدن سان ملي انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي لڙان.

حضرت عمر رضه:- نہ نہ، هرگز نہ. بلال! تون هت هج مونکي بہ مشورن وٺڻ جي ڪري تنهنجي سخت ضرورت آهي.

حضرت بلال رضه:- سائين! آءُ هاڻي هت رهي نٿو سگهان مونکي هرو ڀرو مجبور نہ ڪيو وڃي.

حضرت عمر رضه:- توهان جو ڀلا ڪهڙي پاسي وڃڻ جو ارادو آهي.

حضرت بلال رضه:- آءُ شام وڃڻ چاهيان ٿو. جتي حضرت ابوعبيده بن الجراح جي لشڪرسان ملڻ چاهيان ٿو.

حضرت بلال رضه کي اجازت ملي، تہ تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهر اچي ٿو. ۽ پنهنجي گهر واري بي بي هندالخولانيہ کي بہ سفر لاءِ تيار ڪري شام ڏانهن روانہ ٿين ٿا. رات يا ڏينهن، جهڙ يا مينهن ۾ هنن جو سفر جاري رهيو.

---

(١) بلال مؤذن رسول الله ﷺ

ڏوريندن جو ڏيھہ آھي، سو سفر ڪندي اچي شام ۾ حضرت ابو عبيده بن الجراح جي لشڪر وٽ پھچن ٿا.

جنھن وقت حضرت بلال رضہ لشڪر ۾ پھچي ٿو. ان وقت مجاھدن جي ڀھڪندڙ چھرن کي ڏسي مسلسل فتوحات جون خبرون ٻڌي ۽ فتح ٿيل علائقن کي پسي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي آڏو سجدو ڪندي شڪر ادا ڪري ٿو.

ان وقت مسلمانن جو لشڪر يرموڪ فتح ڪري چڪو ھو، ۽ بيت المقدس تي چڙھائي ڪرڻ لاءِ سانباھا ڪري رھيو ھو. بيت المقدس ان وقت عيسائين جي ھٿ ۾ ھئو.

بيت المقدس جي فتح

عيسائين جا پوڙھا پادري پاڻ ۾ گڏ ٿي بيت المقدس ۾ حلقو ٺاھيو ويٺا آھن. وچ تي بائيبل جا پراڻا پنا ڪليا پيا آھن. سندن منھن ۾ مايوسي واري مونجھہ ۽ ملولائپ ظاھر آھي. جن پادرين کي ڳتي ڪجھہ وڏيڪ آھي اُھي ڪنھن مھل گھنج پيل نرڙ تي آڱر ھڻي ڀڳھر جا ڦڙا پنھنجي آڏو ڪيرائي رھيا آھن.

ڪجھہ وقت تہ پنا اٿلايا پٿلايا ويا، ڪيئي بحث ڪيا ويا، ھڪ ٻئي کي رَدَ ڪَدَ ڏنا ويا. پر پوءِ ھڪ ڪراڙي پادريءَ سيني جي چو ٻول کي ماٺ ڪرائي بائيبل جي ھڪ پني تي ھٿ رکي پڙھڻ ۽ سمجھائڻ شروع ڪيو.

اجھو ! ھتي لکيل آھي تہ بيت المقدس کي فتح ھنن وصفن ۽ ھنن مھانڊن وارو ماڻھو ڪندو، ۽ اسان مان ڪي دوست وڃي مسلمانن جي اڳواڻ کي ڏسي اچن تہ واقعي اسان سان اھڙين وصفن وارو ماڻھو لڙي ٿو يا ڪو ٻيو.

ڪن جاسوسن کي عيسائين موڪليو. جن حضرت ابوعبيده بن الجراح رضہ (سپہ سالار) کي ڏسي، موٽي اچي پوڙھن پادرين کي مبارڪ ڏني تہ اھي وصفون ھن جرنيل ۾ آھن ٺي ڪونہ.

عيسائن جا ٻوٿ في الحال سرھا ٿي ويا. سندس جيءَ ۾ خوشيءَ جي لھر ڊوڙي وئي. سندن فڪرفرحت ۾ بدلجي ويو. حضرت ابوعبيده رضہ ڏي خط موڪليو ويو تہ بيت المقدس جي فتح توھان کي ٿيڻي ٺي نہ آھي. ھھڙن پارن پٽن وارو حاڪم ٺي ان کي فتح ڪري سگھي ٿو.

حضرت ابوعبيده بن الجراح رضہ معلوم ڪري ٿو تہ عيسائين جي پادرين جا ٻڌايل پار پتا حضرت عمر رضہ خليفة المسلمين ۾ سڀ آهن.جو نہ انهن کي هٿ آندو وڃي جيئن بنا ڪنهن قتل و غارت جي بيت المقدس فتح ڪري سگهجي.

حضرت عمر رضہ اهڙي نياپي پهچندي ئي بيت المقدس پهچي ٿو ۽ بيت المقدس آسانيءَ سان فتح ٿي وڃي ٿو.

بيت المقدس ۾ بانگ

ٻپهريءَ جي نماز جو وقت ٿيڻ وارو هو. مسلمان پنهنجي خليفة المسلمين سميت بيت المقدس جي مسجد اقصيٰ ۾ موجود هئا. سڀني جا چهرا چنڊ وانگر چمڪي رهيا هئا. فتح سبب خوش ٿي رهيا هئا. حضرت بلال رضہ حضرت عمر رضہ جي سامهون ويٺو هو. ۽ مسلمانن گڏجي گهر ڪئي تہ اڄ هن خوشيءَ جي موقعي تي ٻپهريءَ جي بانگ حضرت بلال رضہ ڏئي.

حضرت ٻلال رضہ:- نہ نہ، آءٌ بانگ نہ ڏئي سگهندس.

حضرت عمر رضہ:- بلال ! هيترن سارن صحابن جي منٿ کي ڪٽي مڃ! ۽ آءٌ بہ توکي ايلاز ڪريان ٿو تہ اڄ بانگ ڏئي اسان کي حضور ﷺ جن وارو زمانو ياد ڏيار.

حضرت بلال رضہ:- سائين ! هونئن تہ مون پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ آءٌ حضور جن ڪان پوءِ بانگ نہ ڏيندس پر اڄ توهان ۽ ٻين صحابن سڳورن جي حڪم کي مڃيان ٿو ۽ بانگ ڏيان ٿو.

حضرت بلال رضہ بانگ چوڻ لاءِ هڪ مٿانهين دڪي تي چڙهيو، بانگ شروع ڪيائين.

الله اڪبر، الله اڪبر ..... الله اڪبر ..... الله اڪبر

اشهد ان لا اله الا الله اشهد ان لا اله الا الله

بس ! اهو آواز صحابن سڳورن جي ڪنن تائين پهتوئي مس تہ سندن ذهنن تي حضرت رسول الله ﷺ جن وارو زمانو تري آيو،سندن حالت بدلجي وئي.

اشهد ان محمد رسول الله ، اشهد ان محمد رسول الله. جو آواز حضرت بلال رضہ اچاريوئي مس تہ صحابن سڳورن ۾ روڄ راڙو شروع ٿي ويو.

حضرت ابوعبيده رضہ ۽ حضرت معاذبن جبل رضہ تہ بنھہ بيھوش ٿي ڪري پيا. حضرت عمر رضہ بہ روئيندي اٻاڻيءَ ۾ پھچي ويو. حضرت بلال رضہ جي ڏاڙهي مبارڪ بہ ڳوڙهن سان آلي ٿي وئي. مطلب تہ ھڪ بہ صحابي سڳورو روئڻ کان واندو نہ ھئو. ھر ھڪ حضور ﷺ جن واري زماني کي ياد ڪري جھڄي رهيو ھو، بيحال ٿي رهيو ھو.

حضرت بلال رضہ اول تہ ارادو ڪيو تہ بانگ اڌ ۾ ڇڏي رڳو روئڻ ۾ ئي مشغول ٿي وڃي، پر ھن دل کي آٿت ڏيندي بانگ پوري ڪئي، پوءِ حضرت عمر رضہ ٻپھريءَ جي نماز پڙهائي. (١)

حضرت بلال رضہ جي شڪايت

حضرت بلال رضہ حضرت عمر رضہ کان ڪجھہ ڏينھن اڳ ۾ بيت المقدس پھتو ھو. ھن کي مسلمان فوجين جو نت نانگر ۽ عملدارن جي شاهاڻي رھڻي ڪھڻي، سندن کاڌا ۽ اٿڻي ويھڻي ڪجھہ مٿيل نظر اچي رهي ھئي.

حضرت بلال رضہ عملدارن جي اھا حالت ڏسي حضرت عمر فاروق رضہ کي دانھن ڏيڻ کان رهي نہ سگھيو.

فوجي عملدارن ۽ سپاهين جي روبرو حضرت بلال رضہ حضرت عمر رضہ جي آڏو دانھن ڏيڻ لاءِ اٿيو ۽ فرمائڻ لڳو تہ: سائين ! مسلمان فوجي آفيسر ھت ھن ملڪن ۾ پکين جا گوشت ۽ ميدي جون سنھڙيون ڊٻڙيون کائن ٿا. جيتوڻيڪ ٿي سگھي ٿو تہ ڪٿي عام مسلمانن کي رکي ماني بہ نہ ملندي ھجي !.

حضرت عمر رضہ جون نظرون آفيسرن ڏي نھارڻ لاءِ مٿي ٿيون. ڄڻ کائن سوال ڪري رھيو ھو، تہ ڇا واقعي حضرت بلال جي دانھن درست آھي؟

آفيسرن جواب ڏنو تہ، "سائين ! ھن ملڪن ۾ ڪتل ۽ جوَنِ کان بہ اھي ھئي شيون سستيون ملي سگھنديون آھن، ان ڪري اسان بہ مجبور آھيون."

حضرت عمر رضہ اھڙو جواب ٻڌي خاموش رهيو. (٢)

حضرت خالد رضہ جي معزولي ۽ حضرت بلال رضہ

حضرت عمر رضہ پنھنجي خلافت واري دور ۾ ھڪ شام جو ھڪ

(١) بلال مؤذن رسول الله (٢) الفاروق

گهڻيءَ مان لنگهي رهيو هو ته ڪيس هڪ مسلمانن جي ڪچهريءَ مان ٻڌڻ ۾ آيو:

"هي سڀ مسلمانن جون سوڀون حضرت خالد بن وليد ٿي ته ڪري ٿو. خالد نه هجي ته شايد هڪ فتح به نه ٿي سگهي ۽ حضرت خالد لاءِ حضرت رسول الله ﷺ جن ٿي جنگ موته ڪان پوءِ فرمايو هو:

اِنَّ خَالِداً سَيْفٌ مِنْ سُيُوْفِكَ فَاَنْتَ تَنْصُرُهُ ـ

معنيٰ: اي الله خالد تنهنجي تلوار آهي. تون ان جي مدد فرمائجانءِ. سو يار! سچ پچ خالد آهي به دلير مڙس ۽ هي سموريون فتوحات ٿين ٿي ان جي سپهه سالاريءَ جي ڪري ٿيون.

حضرت عمر رضہ اهڙا اکر ٻڌندي ڪچهريءَ جي پر سان لنگهي ته ويو، پر سندس دل ۾ اهو سوال ڊوڙندو رهيو ته ڇا مسلمانن کي اهو وهم آهي ته فتح ۽ سوڀ حضرت خالد رضہ جي سپه سالاري جي ڪري ٿئي ٿي. هو اهو نٿا سوچين ته حضرت خالد رضہ جي مسلمان ٿيڻ کان اڳ به ته مسلمانن کي فتحون ٿينديون هيون. پوءِ اُهي ڪنهن جي ڪري ٿينديون هيون؟ اهڙي خيال ايندي ئي ارادو ڪري ٿو ته حضرت خالد رضہ کي سپه سالاريءَ تان لاهي عام سپاهي بنايو وڃي، جيئن ان قسم جا ماڻهو ڏسن ته پوءِ به مسلمانن کي سوڀ ٿئي ٿي ڪين نه؟

حضرت عمر رضہ وري سوچي ٿو ته سچ پچ ائين ڪرڻ گهرجي ڇو ته حضرت خالدرضہ لشڪر جي خرچ پکي جي حساب ڪتاب موڪلڻ ۾ به ڏاڍو سست ثابت ٿيو آهي. ورنه ته حضرت ابو عبيده بن الجراح، حضرت عمرو بن العاص ۽ ٻيا به ته سپهه سالار آهن. پر اهي لشڪر جي خرچ پکي جو سمورو حساب ڪتاب باقاعدگيءَ سان موڪليندا رهندا آهن ۽ حضرت خالد رضہ موڪلي ٿي ڪونه. غفلت به ڪنهن حد تائين ٿيندي آهي. ان ڪري هن کي معزول ڪرڻ ٿي گهرجي.

پر وري حضرت عمر رضہ پنهنجي ننڍپڻ واري زماني کي ياد ڪري ٿو. حضرت خالد رضہ سان سندس پراڻي دوستي هئي، ٻئي ڄڻا ننڍپڻ ۾ پاڻ ۾ ڪُشتي ڪيڏندا هئا، پڇريون ڪٽندا هئا، زور آزمائيندا هئا. اهڙن خيالن ايندي حضرت عمر رضہ جو حضرت خالد رضہ جي معزول ڪرڻ وارو ارادو مٽجي وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن ڪنهن پڪي ماڻهوءَ حضرت عمر رضه کي ٻڌايو تہ اشعث شاعر، حضرت خالد رضہ جي مدح ۾ هڪ شعر چيو، جنهن سبب حضرت خالد رضہ ان کي ڏهہ هزار درهم انعام طور ڏنا آهن.

حضرت عمر رضہ اهڙي خبر ٻڌندي سخت ناراض ٿيو ۽ حضرت ابوعبيده بن الجراح رضہ ڏي خط لکيو تہ حضرت خالد رضہ کي سندس پٽڪي سان ٻڌي پوءِ ڪائنس پڇيو وڃي تہ هن اهي ڏهہ هزار درهم ڪٿان خرچ ڪيا. جيڪي هن اشعث کي ڏنا آهن؟ جيڪڏهن هن بيت المال مان ايترا پئسا خرچ ڪيا آهن. تہ پوءِ اها خيانت ٿيندي ۽ جيڪڏهن هن پنهنجي کيسي جا پئسا خرچ ڪيا آهن،تہ پوءِ تہ هن ڏاڍو وڏو اسراف ڪيو. ٻنهي صورتن ۾ هن کي سپهہ سالاريءَ تان لاٿو وڃي.

اهو خط حضرت بلال رضہ کڻي حضرت ابوعبيده بن الجراح رضہ وٽ پهتو. خط پهچڻ شرط حضرت خالد رضہ کي قنسيريہ علائقي مان گهرايو ويو. هن کي خليفة المسلمين جو خط ڏيکاريو ويو. ان خط سان حضرت خالد رضہ وڏي مونجهاري ۾ مبتلا ٿي پيو. ڪوبہ جواب ڏئي نہ سگهيو. ٻيا مسلمان هن جي ايڏي پريشانيءَ کان ڏاڍا متاثر ٿي رهيا هئا.

سيني جون نگاهون هيٺ زمين تي کتل هيون. حضرت ابو عبيده رضہ بہ خاموش ويٺو رهيو. ۽ ٻئي ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڳالهائڻ جي جرئت نہ پئي ٿي.

ايتري ۾ حضرت بلال رضہ اٿي بيهي ٿو ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ حضرت خالد رضہ کان سوال ڪري ٿو:

اي خالد ! تون اشعث شاعر کي ڏهہ هزار درهم مسلمانن جي بيت المال مان ڏنا هئا. ڪين پنهنجي کيسي مان؟

حضرت خالد رضہ بلڪل خاموش هئو. سندس جُوهہ زمين ۾ هئي. ٻيا بہ سڀ ماٺ ۾ هئا.

حضرت بلال رضہ، حضرت خالد رضہ ڏي وڌيو. سندس پٽڪي ۽ ٽوپيءَ کي لاهيندي چوي ٿو تہ خليفة المسلمين تنهنجي لاءِ هيئن حڪم ڪيو آهي. حضرت خالد رضہ جي پٽڪي سان هن کي ٻڌي. وڏي آواز سان پڇي ٿو.

هاڻي ٻڌاءِ تہ ! تو اشعث شاعر کي اهي ڏهہ هزار درهم ڪٿان ڏنا؟

حضرت خالد رضہ:- اهي پئسا مون پنهنجي ذاتي پئسن مان ڏنا هئا.

حضرت بلال رضہ:- اهو جواب ٻڌي حضرت خالد رضہ کي ڇوڙي ڏنو. سندس ٽوپي سندس مٿي تي رکي ڏنو. مٿائنس پٽڪو بہ پنهنجي هٿن سان ٻڌي ڏنو ۽ فرمائي ڏنو.

اسان اميرالمؤمنين جي اطاعت بہ ائين ڪندا آهيون ۽ پنهنجي ڀائرن جي عزت بہ هيئن ڪرڻي آهي.

مسلمانن جي دلين تي عجيب ڪيفيت طاري آهي.دين اسلام جي برابري ڏسي عجب ڪائي رهيا آهن تہ ڪاٿي هڪ فوجي جرنيل ۽ ڪاٿي هڪ سپاهي حضرت بلال رضہ. پر حضرت خالد رضہ قصور سبب هيڏي سزا ڏسندو رهي ٿو ۽ ڪجي ڪجهہ نٿو سگهي، نہ وري ڪنهن کي اهڙي جرائت ٿي آهي جو حضرت بلال رضہ جو ڪٿي هٿ جهلي ۽ چوي تہ هي ڇا ٿو ڪرين؟ ڪنهن جو ٿو پٽڪو لاهين، ڪنهن کي ٿو ٻڌين؟

وري عجب تہ حضرت خالد رضہ جي للٰـهيت تي آهي، جو هو اهڙي سزا تي بہ مجال جو ڪٿي اکر ڪڇي. پر هو دل ۾ سمجهي رهيو هو تہ: اسان جو لڙڻ، وڙهڻ، عزت وارو ٿيڻ يا عزت جو خيال ٿي نہ ڪرڻ سڀ الله خاطرآهي. ان ڪري حضرت خالد رضہ سپہ سالاريءَ تان لهي وڃڻ کان پوءِ بہ هڪ سپاهيءَ جي حيثيت سان لڙندو رهيو. رسي ويهي نہ رهيو. (١)

حضرت بلال رضہ ۽ قسطنطنيہ

قسطنطنيہ جي عيسائن وٽ جيتوڻيڪ اسي هزار کن فوجي هئا. هوڏانهن حضرت عمرو بن عاص رضہ صرف پنج هزار سپاهي وٺي قسطنطنيہ کي فتح ڪرڻ لاءِ نڪتو هو. مسلمانن جي مسلسل لڳاتار سوڀن سبب مشرڪن ۽ عيسائين جا حوصلا بلڪل پست ٿي چڪا هئا. ان ڪري حضرت عمرو بن عاص رضہ جي لشڪر جڏهن قسطنطنيہ ۾ بہ چار نعره تڪبير جوش ۽ جذبي سان هنيا تہ عيسائي ڳالهين ڪرڻ لاءِ آماده ٿي ويا. هڪ ايلچيءَ کي حضرت عمرو بن العاص رضہ ڏانهن موڪلين ٿا. جيئن اهو ان مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ ڪي ڳالهيون ٻوليون طيءِ ڪري. ايلچي حضرت عمرو بن العاص رضہ وٽ پهچي ٿو.

---

(١) سيرت بلال رضہ

ايلچي:- مسلمانن طرفان هڪ فصيح بليغ سردار اسان جي بادشاهہ ڏانهن موڪليو وڃي. جيئن ڪا ڳالهہ ٻولهہ طئي ٿي سگهي.

عمرو بن عاص رضہ:- (اتي ويٺل مسلمانن ڏي نهاريندي) ڪير آهي جيڪو خوشيءَ سان قسطنطينيہ جي بادشاهہ سان ڳالهين لاءِ وڃي؟

حضرت بلال رضہ:- جيڪڏهن اجازت هجي تہ آءٌ تيار آهيان.

حضرت عمرو بن عاص رضہ:- توهان جي عزم ڪي جس آهي. جيتوڻيڪ حضور ﷺ جن جي جدائيءَ توهان کي ملول ڪري وڌو آهي، پر وري بہ توهان جي اهڙي همت آهي، ۽ آءٌ توهان کي مبارڪ ڏيان ٿو. پر هيو ڪو عربيَ النسل وڃي ها تہ سٺو.

حضرت بلال رضہ:- خدا جي واسطي مون کي ئي موڪليو وڃي، عربي النسل ڇا تہ عجمي ڇا؟ آءٌ عربي ڄاڻان ٿو. آءٌ ئي مناسب آهيان، آءٌ پاڻهي ڳالهائيندس.

حضرت عمرو بن عاص رضہ:- چڱو سائين ! توهان جي مرضي. اسان جي طرفان تہ ڪابہ روڪ ڪانہ آهي. ڀلي توهان ئي وڃو. الله تعاليٰ تي ڀروسو رکي بي ڌڙڪ ٿي ڳالهائجو.

حضرت بلال رضہ:- انشاء الله ائين ئي ٿيندو.

حضرت بلال رضہ عيسائي ايلچيءَ سان گڏجي نڪتو. سَروُ قَدُ، ڳاڙهيون اکيون، سينو ڪشادو، رنگ پڪو، ڊگهي شامي قميص پاتل، اوني ڪپڙي جو وڏو پٽڪو مٿي تي، هڪ ڪلهي ۾ تلوار ۽ ٻئي ڪلهي ۾ ذاتي سامان سڙي جي ٻوٽري پيل، هٿ ۾ لٺ ڪٽي هليو.

اڃا ٿورو پنڌ مس هليا تہ ايلچيءَ ڳالهايو.

ايلچي:- توهان هتان ئي موٽي وڃو تہ سٺو آهي. ڇو تہ اسان جو بادشاهہ ڪنهن عربي سردار سان ئي ڳالهائڻ چاهي ٿو. ان ڪري توهان جي هلڻ ۾ اسان جي توهين آهي.

حضرت بلال رضہ:- هيو ڪهڙو سردار هلي؟ توکي خبر آهي تہ آءٌ ڪير آهيان.

ايلچي:- مونکي ڀي تہ خبر ڪانہ آهي، باقي مسلمانن جي لشڪر ۾ توهان کي ڇون پيا تہ توهان عربي النسل نہ آهيو.

حضرت بلال رضہ:- آءٌ آهيان بلال . حضرت رسول الله ﷺ جن جو خاص ٻانهو ۽ خادم ۽ خزانچي. آءٌ توهان جي بادشاھہ سان سٺي طرح ڳالهائي سگهندس. ائين ڪندي قسطنطينيہ دربار جي ٻاهران پهچن ٿا ۽ ايلچي حضرت بلال رضہ کي ٻاهر بيهاري اڳ ۾ پاڻ بادشاھہ وٽ وڃي احوال ڪري ٿو تہ: مسلمانن مان هڪ ڏکو ڪارو حبشي توهان سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. شايد هُنَ اها حرڪت چاڻي واڻي ڪئي آهي جو اسان تي هُنَ جي اک ئي نٿي ٻڏي.

بادشاھہ ايلچيءَ هٿان حضرت بلال رضہ کي واپس ڪرائي ڇڏي تہ جيئن ڳالهيون سپہ سالار سان ئي ٿي سگهن. (١)

حضرت عمر رضہ سان اختلاف

جڏهن عراق ۽ شام فتح ٿيا، تڏهن ڪيترن صحابن سڳورن حضرت عمر فاروق رضہ کان مطالبو ڪيو تہ هنهي ملڪن جون زمينون مسلمانن ۾ تقسيم ڪيون وڃن، جهڙي طرح حضرت رسول الله ﷺ جن خيبر کي فتح ڪرڻ کان پوءِ اتي جون زمينون مسلمانن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيون هيون. ان مطالبي ڪرڻ وارن صحابن سڳورن جي اڳواڻي حضرت بلال رضہ ۽ حضرت زبير بن العوام رضہ ڪري رهيا هئا ۽ اهو مطالبو ايڏو تہ زور وٺي ويو جو حضرت عمر رضہ دعا گهرندو رهندو هو تہ: اي الله تون مونکي حضرت بلال رضہ ۽ ان جي ساٿين جي ڪاوڙ کان بچاءِ جانءِ.

هوڏانهن حضرت عمر رضہ جي مرضي هئي تہ عراق ۽ شام جون زمينون اتي جي رهواسي ماڻهن کي ئي ڏنيون وڃن ۽ مسلمان صرف ڍل وٺندا رهن. نيٺ حضرت عمر رضہ پنهنجي ان فيصلي جي فائدي ۾ قرآن شريف جي سورة حشر جون ڪجهہ آيتون مثلاً: مَا اَفَاءَ اللهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ. وغيره پڙهيون ۽ عراق ۽ شام جي زمينن تي ڍل مقرر ڪري اتي جي مقامي (رهندڙ) ماڻهن کي ئي ڏنيون. مسلمانن ۾ تقسيم نہ ڪيون. ڪن مسلمانن جو خيال هو تہ عمواس ۾ جيڪا وبا پکڙجي وئي هئي اها حضرت عمر فاروق رضہ جي دعائن سبب الله تعاليٰ موڪلي هئي.

---

(١) سيرت بلال رضہ

(٢) تفسير مظهري ج ۴ صفحو ٢٩٢

حضرت بلال رضہ کي ڏوراپو

حضرت بلال رضہ جيئن ئي شام ملڪ ۾ پهتو هو. تيئن مجاهدن جي صف ۾ شامل ٿي ويو هو. پوئتي مدينہ منوره ڏي موٽڻ جي ڪري ئي نہ پيو. پلا موٽي تہ ڪنهن ڏي موٽي. هن کي گڏريل وقت يعني حضور ﷺ جن واري زماني جي موٽي اچڻ جي تہ اميد ئي ڪانہ هئي. ان ڪري سالن جا سال مدينہ منوره ۾ آيو ئي نہ هو.

هڪ رات جو جيئن حضرت بلال رضہ ننڊ پيو هو تہ هن کي خواب ۾ حضور ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿي. حضور ﷺ جن ان کي چئي رهيا هئا: اي بلال ! ايتري بيوفائي؟ ايڏي جدائي؟ تون مديني منوره ۾ ڇو نٿو اچين؟

حضرت بلال رضہ ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿيو. پر هن جي ڪنن ۾ حضور جن جي فرمان وارو آواز گونججي رهيو هو. اي بلال ! ايتري بيوفائي؟ ايڏي جدائي؟ تون مديني منوره ۾ ڇو نٿو اچين؟ حضرت بلال رضہ ڏکويل دل سان ۽ زبان حال سان چئي رهيو هو تہ: نہ سائين ! نہ. واقعي منهنجي غلطي آهي جو ايترو وقت مديني منوره کان پري رهيو آهيان. سائين مون ائين بيوفائي سبب نہ ڪيو آهي، پر توهان جي جدائي جي صدمي کي نہ سهندي ڪيو آهي. اي سائين ! مون توهان کي هڪ پل لاءِ بہ وساريو نہ آهي. سائين ! اجهو آءٌ مديني منوره بہ جلدي حاضر ٿيان ٿو. ائين هو پنهنجن خيالن ۾ چئي رهيو هو.

حضرت بلال رضہ جون ننڊ مان اکيون کليون تہ وري آرام جي ڪن ئي نہ پيون. رات جو اجان گهڻو حصو رهيو پيو هو. اهو حصو هن کي ائين ئي پڇي گذارڻو هو. سندس لوچ پوچ تي سندس گهر واري بيبي هند بہ جاڳي پئي.

بيبي هند:- ڇو خاوند! خير تہ آهي؟ ائين بيقرارن وانگر پيا ٿا پاسا ورايو.

حضرت بلال رضہ:- آءٌ مدينہ منوره وڃڻ چاهيان ٿو.

بي بي هند رضہ:- ڇو پلا ! اڄ اوچتو خيال آيو اٿو؟

حضرت بلال رضہ:- بس آءٌ مدينہ منوره پهچي حضور ﷺ جن جي مزار شريف جي زيارت ڪندس .

بي بي هند رضہ:- پر صبح تہ ٿئي.

حضرت بلال رضہ:- صبح بہ الائي ڪيڏي مهل ٿيندو. اڄ رات بہ ڏکي ٿي پئي آهي.

انتظار وارو صبح بہ دير سان ٿيو. صبح ٿيندي ئي حضرت بلال رضہ سواري سنبيري ٻارين ٻچين نڪتو. سڄي واٽ سوچيندو پئي آيو ۽ پراڻو وقت ياد ڪندو پئي آيو تہ هي اهوئي ساڳيو رستو آهي. جنهن تان اڳ بني جمح جي قافلن سان گڏ شام ايندو هوس ۽ موٽندو هوس. ان وقت ۾ ۽ اڄوڪي وقت ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي ! رڪي رڪي هن کي راتو ڪو خواب ياد اچي رهيو هو. جيئن جيئن مدينہ منوره ويجهو ايندو پئي ويو تيئن تيئن هن کي پراڻا واقعات ۽ گذريل زمانو ياد ايندو پئي ويو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها روڪڻ سان بہ نہ پئي رڪيا.

حضرت بلال رضہ مدينہ منوره ۾ پهتو، حضور ﷺ جن جي مزار مبارڪ وٽ آيو مٿن ڪان بيهي روئي بہ ٿو ۽ چپ بہ چوري ٿو تہ آهستي آهستي چوي ٿو:

السلام عليڪ يا رسول الله
السلام عليڪ يا رسول الله

نوٽ:- حضرت رسول الله ﷺ جن جو پاڪ فرمان آهي تہ مَنْ صَلّٰى عَلٰي عِنْدَ قَبْرِيْ سَمِعْتُہٗ وَمَنْ صَلّٰى عَلٰي نَائِيًا اَبْلَغْتُہٗ معنيٰ: جنهن ماڻهوءَ منهنجي قبر وٽ سلام ۽ صلواة پڙهي تہ آءٌ پاڻ سلام ٻڌندو آهيان، جيڪو مزار مبارڪ ڪان پري پڙهندو آهي تہ اها صلواة ۽ اهو سلام مون تائين پهچايو ويندو آهي. ان ڪان سواءِ حضرت ابن مسعود رضہ ڪان هڪ حديث بيان ٿيل آهي تہ اِنَّ لِلّٰہِ مَلَائِکَةً سَيَّاحِيْنَ فِي الْاَرْضِ يُبَلِّغُوْنَ مِنْ اُمَّتِيْ اَلسَّلَامُ معنيٰ:- الله تعاليٰ جا ڪي ملائڪ هميشہ زمين ۾ گهمندڙ هوندا آهن، جيڪي منهنجي امت جي پڙهيل درود ۽ سلام کي مون تائين پهچائيندا آهن.

حضرت بلال رضہ پاڻ تي قابو پائيندي سلام پڙهي ٿورو پاسائتو مسجد نبويءَ ۾ ويهي پراڻيون يادگيريون دهرائي رهيو هو تہ ايتري ۾ ڪجهہ پرو آواز ٻڌائين اڙي ! اڄهو بلال رضہ.

ٻيو لهنگر:- ڪٿي آهي بلال رضہ؟

پهريون لهنگر:- هو نہ ويٺو آهي مسجد نبويءَ ۾ ناني جي مزار جي پرسان.

حضرت بلال رضہ ان آواز تي واجهائي ٿو تہ سندس نظرون ٻن شهزادن حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما تي پون ٿيون. حضرت بلال رضي الله عنہ تڪڙو اٿيو. سندس اکين مبارڪن مان ڳوڙها تہ تہ ڪيو هڪ ٻئي پٺيان ڪري رهيا هئا. تڪڙو وڃي ٻنهي صاحبزادن کي ڀاڪر پائڻ ۽ چمين ڏيڻ ۾شروع ٿيو ۽ چئي رهيو هو تہ: توهان جي ڏسڻ سان مونکي حضور ﷺ جون وڏيڪ يادگيريون اچن ٿيون.

حضرت امام حسن رضہ:- ايترا ڏينهن ڪيڏانهن ويا هئا؟

حضرت بلال رضہ:- شام ويو هوس.

حضرت اما حسن رضہ:- هت ڪيڏي مهل پهتا آهيو؟

حضرت بلال رضہ:- ٿورو وقت ٿيو آهي جو هت آيو آهيان.

حضرت امام حسن رضہ:- توهان رات ڪٿي اسان وٽ ترسو.

حضرت بلال رضہ:- جيئن حڪم توهان جو.

حضرت بلال رضہ کي ٻئي صاحبزادا مسجد شريف وٺي هلن ٿا.

حضرت امام حسين رضہ:- ناني سائينءَ جي رحلت کان پوءِ توهان جي بانگ اسان نہ ٻڌي آهي. دل چوي ٿي تہ اڄ توهان بانگ ڏيو.

حضرت بلال رضہ:- ائين ئي ڪبو.

حضرت بلال رضہ بانگ واري جاءِ تي پهتو. بانگ شروع ڪيائين:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ

ان آواز ٻڌڻ سان مدينہ منوره ۾ ٿرٿلو پئجي ويو ٿو، ماڻهو نڪري پون ٿا. اول تہ هو سوچين ٿا تہ شايد ڪو خواب ٿا لهون، پر .... آواز اچي ٿو.

اَشْهَدُ اَن لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ . اَشْهَدُ اَن لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ماڻهن جون وڪون تڪڙيون مسجد ڏي کڄن ٿيون. سوچين ٿا تہ حضرت بلال رضہ تہ شام هئو، هتي ڪيڏي مهل پهتو؟

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

حضرت بلال رضہ جو مٺڙو آواز ماڻهن کي حضور ﷺ جن وارو زمانو ياد ڏياري رهيو هو. ننڍا وڏا مسجد شريف ۾ پهچي وڃن ٿا. کي تہ روئڻ ۾ رڌا پيا هئا.

حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ، حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ

سيني مسلمانن جي زبان مان جواب نڪتو لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّتَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ.
حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ
اَللهُ اَكْبَرُ، اَللهُ اَكْبَرُ. لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ

بانگ پوري ٿي. حضرت بلال رضہ روئيندو هيٺ لٿو. سڀ مسلمان سندس چوڌاري مڙي وڃن ٿا. ساڻس ملن ٿا. حالي حوالي ٿين ٿا. (١)

حضرت بلال رضہ جي وفات

حضرت بلال رضہ ڀ چار ڏينهن مديني منوره ۾ رهي، واپس شام ملڪ لاءِ روانو ٿيو. ۽ هڪ قافلي سان گڏجي شام پهتو. اتي هن ڪجھ مرض محسوس ڪيو. سندس جسماني ڪمزوري وڌندي پئي وئي. سندس گهر واري سندن خدمت چاڪريءَ لاءِ حاضر هئي. نيٺ هڪ ڏينهن حضرت بلال رضہ فرمائي ٿو تہ هاڻي جدائيءَ جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. آءٌ اکيون ٻوٽيان ٿو تہ منهنجي آڏو منهنجن دوستن جو تصور ڦري رهيو آهي جڻ هو مونکي سڏي رهيا آهن. غَدًا نُلْقِي الْاَحِبَّۃَ؛ سڀاڻي انشاء الله پنهنجي دوستن سان وڃي ملبو.

ٿيو بہ ائين. حضرت بلال رضہ ٻئي ڏينهن وفات فرمائي. ان وقت سندن عمر مبارڪ ٦٣ سال هئي. اسدالغابہ ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ سترهين يا ارڙهين هجريءَ ۾ حضرت بلال وفات ڪئي ۽ حلب جي شهر ۾ سندن وفات ٿي، باب الاربعين وٽ دفن ڪيا ويا.

علامہ ذهبيءَ لکيو آهي تہ حضرت بلال ويهين هجريءَ ۾ وفات ڪئي ۽ باب ڪيسان وٽ دفن ٿيو. والله اعلم

جيئن تہ حضرت بلال رضہ کي ابا عبدالڪريم معنيٰ عبدالڪريم جو پيءُ، يا ابا عبدالله معنيٰ عبدالله جو پيءُ يا ابا عُمر معنيٰ عُمر جو پيءُ ڪري ڪوٺيو ويندو هو. ان مان سمجھ ۾ اچي ٿو تہ کين اولاد بہ هئو. پر اسدالغابہ لکيو آهي تہ کين ڪوبہ اولاد ڪونہ هئو.

صحابن سڳورن جي احوالن، سندن قربانين، سندن ثابت قدمي، سندن پاڪ پرمٺ محبت ۽ للٰهيت وارن واقعن ۾ اسان مسلمانن لاءِ ڪيئي نصيحت جا سبق آهن. الله تعاليٰ شال اسان سيني مسلمانن کي سندن نقشي قدم تي هلائي. آمين (٢)

اٰخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ.

---

(١) اسد الغابہ ج ١ (٢) سير اعلام النبلاءِ ج ١ صفحو ٣٥٩

امدادي كتاب

(۱) ازالة الخفاء	حضرت شاه ولي الله
(۲) اسد الغابه في معرفة الصحابه	ابن الاثير
(۳) البداية والنهاية	الحافظ عماد الدين اسماعيل بن كثير
(۴) بذل القوه	مخدوم محمد هاشم ٹھٹوي
(۵) بلال مؤذن الرسول ﷺ	عبدالحميد جوده السحار
٦) تفسير ابن كثير	الحافظ عماد الدين اسماعيل بن كثير
(۷) تفسير كوثر	مولانا محمد صديق حيدر آبادي
(۸) تفسير مظهري	قاضي ثناء الله پاني پتي
(۹) حادي الارواح	شمس الدين ابن قيم الجوزية
(۱۰) الدرر المنتثره	علامه جلال الدين السيوطي
(۱۱) سيرت بلال رضه	ڈاكٹر محمد عبدالله چغتائي
(۱۲) سيرت بلال رضه حبشي	مولانا عاشق الاهي
(۱۳) السيرة لابن هشام	ابومحمد عبدالملك بن هشام
(۱۴) الصحيح البخاري	امام محمد بن اسماعيل بخاري
(۱۵) عمدة القاري شرح بخاري	قاضي بدرالدين عيني
(۱٦) غنية الطالبين	الشيخ عبدالقادر جيلاني
(۱۷) الفاروق	علامه شبلي نعماني
(۱۸) فتاوىٰ عالمگيري	عالمگير جي كوشش سان ٺهيل
(۱۹) فيض الباري شرح البخاري	محمد انور شاه الكشميري
(۲۰) قادة فتح الشام	محمود شيت خطاب
(۲۱) كوكب غزوه بدر	بخشي ميسوري مدني
(۲۲) ماهنامه معارف	مولانا عبدالخالق كنڊياروي
(۲۳) محمد رسول الله ﷺ	شيخ محمد رضا قاهره
(۲۴) لمختصر المقاصد الحسنه	الامام محمد بن عبدالباقي الزرقاني
(۲۵) مشكواة المصابيح	الشيخ ولي الدين محمد بن عبدالله
(۲٦) النبي الخاتم	سيد مناظر احسن گيلاني
(۲۷) وعدالحق	ڈاكٹر طٰهٰ حسين
(۲۸) سير اعلام النبلاء	شمس الدين الذهبي

مهراڻ اڪيڊمي جا سيرت صحابہ رضہ ۽ سيرت صحابيات رضہ تي ڇپايل ڪتاب

☆ صديق اڪبر رضہ — 200/=
.... سيد علي مير شاهہ

☆ الفاروق (سيرت حضرت عمر فاروق رضہ) — 140/=
.... علامہ شبلي نعماني / انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ

☆ حضرت ابوبڪر صديق رضہ — 48/=
.... خليق مورائي

☆ ٽي روشن ستارا (سيرت ابن عمر رضہ، ابن عباس رضہ ۽ ابن مسعود رضہ) — 40/=
.... سيد علي مير شاهہ

☆ سعد بن ابي وقاص رضہ — 24/=
.... سيد علي مير شاهہ

☆ سعد بن معاذ رضہ — 24/=
.... سيد علي مير شاهہ

☆ حسن رضہ ۽ حسين رضہ — 60/=
.... سيد علي مير شاهہ

☆ شهادت حسين رضہ — 30/=
.... مولانا ابوالڪلام آزاد / عبدالحليم هاليپوٽو

☆ حضرت بلال رضہ — 56/=
.... مولانا محمد قاسم سومرو

☆ اصحابي سڳورا ۽ پيارا — 30/=
.... عبدالقدير ڪاڇون

☆ پاڪ بيبيون — 30/=
.... قمر ميمڻ

☆ نبيءَ جون نياڻيون — 16/=
.... محمد رمضان مهيري

☆ عظيم عورتون — 36/=
.... انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ

☆ رسول الله ﷺ جا اصحابي سڳورا رضہ — 120/=
.... پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي

☆ سيرت ذوالنورين (سيرت حضرت عثمان غني رضہ) — 120/=
.... رفيق دلاوري مترجم: انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ

مهراڻ اڪيڊمي جا حديث پاڪ تي ڇپايل ڪتاب

- ✧ تجريد صحيح بخاري (جلد ١) =/225
  .... مترجم: مولانا دين محمد وفائي رحہ
- ✧ تجريد صحيح بخاري (جلد ٢ ۽ آخري) =/225
  .... مترجم: مولانا دين محمد وفائي رحہ
- ✧ تجريد صحيح بخاري (مڪمل هڪ جلد ۾) =/400
  .... مترجم: مولانا دين محمد وفائي رحہ
- ✧ ڪلامِ رسول صلی اللہ علیہ وسلم .... سيد گل محمد شاهہ بخاري =/120
- ✧ درسِ حديث .... سيد گل محمد شاهہ بخاري =/100
- ✧ چونڊ حديثون .... علي نواز پناڻ / صبغت الله ڀٽو =/64
- ✧ موتي مٽيادار .... مولانا امير الدين مهر =/60
- ✧ هدايت جا هيرا .... مولانا واحد بخش خلجي =/12
- ✧ حديث پاڪ ۽ ٻارڙا .... خالد ڀٽي =/30
- ✧ چاليهہ حديثون .... مولانا محمد اسماعيل عودوي رحہ =/16
- ✧ پيغمبري حديثون .... سيد گل محمد شاهہ بخاري =/60
- ✧ هاديءَ جون هدايتون .... فضل محمد عمراڻي =/36
- ✧ محبوب ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي مجلس ۾ =/60
  .... محمد سليمان طاهر انڊڙ
- ✧ رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جون وصيتون =/36
  .... مولانا ابو مسعود اظهر ندوي / مترجم: برڪت الله ڀٽو
- ✧ قدسي حديثون .... سيد گل محمد شاهہ بخاري =/130
- ✧ مشڪوٰة شريف (جلد ١ ـ ايمان جي ڪتاب کان حج جا مناسب تائين) زير طبع
  .... سنڌي ترجمو: مولانا رفيع الدين چنہ
- ✧ نبوي دعائون .... سيد گل محمد شاهہ بخاري =/190

هر گهر لاءِ انمول ڪتاب

١. قوت العاشقين	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	36,00 رپيا
٢. پاڪ بيبيون	قمر ميمڻ	30.00 رپيا
٣. ڪامياب زندگي	انجنيئر عبدالمالڪ	40.00 رپيا
٤. چونڊ حديثون	علي نواز پناڻ صبغت الله ڀٽو	36.00 رپيا
٥. درس حديث	سيد گل محمد شاه	40.00 رپيا
٦. جيون ساٿي	منصور ويراڳي	40.00 رپيا
٧. نبيءَ جون نياڻيون	محمد رمضان مهيري	14.00 رپيا
٨. هدايت جا هيرا	مولانا واحد بخش خلجي	06.00 رپيا
٩. اسلام ۽ جديد طب	ڊاڪٽر جاويد اختر شيخ	12.00 رپيا
١٠. هاديءَ جون هدايتون	فضل محمد عمراڻي	24:00 رپيا

رابطي لاءِ پوسٽ باڪس ٥٧٣٥ ڪراچي
يا
واڳڙودر شڪارپور